
لال لهوءَ جي سرگم تي
( ناول )
سجاد اختر تالپرُ

# لال لهوءَ جي سرگم تي

(ناول)

سجاد اختر ٽالپرُ

يوٿ پبليڪيشن
حيدرآباد
2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# حق ۽ واسطا


ڪتاب جو نالو ............................ لال لهوءَ جي سرگم تي
ليکڪ ........................................ سجاد اختر ٽالپرُ
ڇاپو پهريون ............................... مئي 2017ع
ڇپيندڙ........................................ يوٿ پبليڪيشن حيدرآباد
قيمت ......................................... 600 رپيا

# ارپڻ

آئون هيءَ پنهنجي پهرين ادبي ڪاوش نانءُ ڪريان ٿو سنڌي ٻولي جي، جنهن مونکي ادب پڙهايو ۽ لکڻ جو ڏانءُ ڏنائين ۽ انهن مُعلمن جي جن مونکي پنهنجي ٻولي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاري.

**سجاد اختر ٽالپر**

03023086744

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”لال لهوءَ جي سرگم تي“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هن ناول جو ليکڪ **سجاد اختر ٽالپر** آهي.

سجاد اختر ٽالپر جهڙا لکاري تمام گهٽ آهن جن جي لکڻين جو مقصد ڌرتيءَ سان پيار ۽ مقصد سان انسيت آهي. ناول ”لال لهوءَ جي سرگم تي“ تي پڻ هڪ اهڙو شاهڪار ناول آهي جنهن جي سٽ سٽ ڌرتي سان پيار ۽ غلاميءَ سان نفرت سان پريل آهي. ناول جي وڏي ڪاميابي تسلسل ۽ روانيءَ جو نه ٽٽڻ آهي ۽ ڪهاڻي پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ ڪٽي هلي، سجاد اختر ٽالپر جي ناول ۾ اها خوبي موجود آهي ۽ ناول پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ ڪٽي هلي ٿو، ڪٿي به بوريت جو احساس ٿيڻ نه ٿو ڏئي، جڏهن ته ناول جي اهم ڳالهه منظر ڪشي آهي جيڪا پڻ هن ناول ۾ لاجواب ٿيل آهي

هي ڪتاب **يوٿ پبليڪيشن حيدرآباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# پنهنجي پاران

چا لکان .......... ؟؟؟ ڪنهن لاءِ لکان..........؟؟؟ ڇو لکان............؟؟؟ محبتن جي اُپٽار ڪريان يا حسينن جي حسين نيڻن ، لبن ، زُلفن جي قصيده پڙهان يا مافوق الفطرت جا خيال ڏيئي ، اک پور سان مسئلا حل ٿيڻ جو فلسفو ڏيان يا انهن حقيقتن جو ذڪر ڪريان جيڪي اسان جي زندگي ۾ روزمره طور تي ٿينديون رهن ٿيون. بيشڪ ادب لطيف جذبن جي اظهار جو نالو آهي تہ اُن سان گڏوگڏ سماج اندر پيدا ٿيندڙ نا انصافين کي وائکو ڪري، نئين حقيقي دُنيا جو گس بہ ڏسيندڙ آهي ، بلڪُل ائين جئين اياز چئي ويو آهي تہ

ڊئوبنا ڊولا ، ساڃاھ ناهي سونهن جي.

جڏهن اسين سڀ ( اڪثريت ) پيڙائن ، دردن ۾ گهاريندا هُجون جڏهن اعليٰ ۽ ارفع نظريا يرغمال بڻجي چُڪا هُجن ، جت قانون اميرن جي ٻانهي بڻيو بيٺو هُجي تہ اُتي پوءِ پڙهيل لکيل هوندي ، مُنهن تي ٻوٽاڙا ٻڌيو ، خاموش تماشائي بڻيو ويٺا هجون تہ پوءِ اسين پاڻ سڀ کان وڏا ڏوهاري آهيون هن سماج جا ، هن سماج جي ماڻهن جا ۽ انهن ماڻهن جا بہ جن دُنيا ۾ امن ۽ انصاف لاءِ لکين درد سَنا ، تڪليفن مان گُذريا ۽ سماج اندر صحتمند رويا پيدا ڪيا ، هنن جيڪي ٻوٽا لڳايا آهن تن جا اسين رکوالا آهيون ۽ اسين انهن جي لڳايل انهن ٻوٽن کي پنهنجن ذهنن مان سرجيل لفظن جا پاڻي ڏيئي آبياري ڪندا رهنداسون ۽ ڪو وقت اهڙو ايندو جو هن ڪائنات ۾ امن ، سڪون ، مُحبت ۽ سچائي جو بول بالا هوندو ان اُميد سان اسان پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ اهڙو ادب تخليق ڪري وڃون جيڪو خيالي پُلائُن کان آجو ، حقيقي نظرسان سامهون نظر ايندڙ منزلن جا ڏس ڏي ، مُنهنجي هيءَ پهرين ڪوشش آهي تنهنڪري لازمي آهي تہ هن تمام گهڻيون ڪميون ۽ ڪوتاهيون هونديون جن جي اُميد اٿم تہ دوست ۽ پڙهندڙ ضرور نشاندهي ڪندا جئين

آئنده وري اھڙين غلطين کان بچي سگھان ۽ پنھنجي قلم کي اوھان جي مدد سان اھڙي سگھ ڏيئي سگھان جنھن سان آئون پنھنجي وطن جي ماروءَ ماڻُھن لاءِ ڪُجھ ڪري سگھان

اوھانجو پنھنجو

**سجاد اختر ٽالپر**

ڳوٺ مير يار مُحمد ٽالپُر

تعلقہ ڏگھڙي

# پيش لفظ

ڪنهن لکڻيءَ سان انصاف ڪرڻ انتهائي ڏکيو ڪم آهي. اهو ڪم وري تڏهن انتهائي ڏکيو ٿيو پئي جڏهن ليکڪ بہ گمنام هجي. ائين ئي سجاد اختر ٽالپر بہ منهنجي لاءِ نئون ئي اوپرو نالو هو. منهنجي اها بدقسمتي چئبي جو مون هن مهل تائين سندس ڪابہ لکڻي ناهي پڙهي، جنهن ڪري سندس لکڻين جي فني ۽ فڪري لوازمات سميت سندس شخصي پهلوئن کان بلڪل اڻ واقف هوس، پر هن وقت بہ ڪيس نہ سڃاڻان. فقط ساڻس فون تي انتهائي مختصر ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي. پر چوندا آهن تہ لکڻي پاڻ ئي ڳالهائيندي آهي ۽ پنهنجو معيار ٻڌائيندي ان ڪري اهڙيون لکڻيون ڪنهن بہ تعارف جون محتاج ناهن هونديون، جيئن سجاد اختر ٽالپر جو هي ناول ”لال لهو جي سرگم تي“ آهي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ حيدرآباد کان پياري دوست زاهد ٻبر فون تي حڪم ڪيو تہ هو سجاد اختر ٽالپر نالي ڪنهن ليکڪ جو ناول موڪلي رهيو آهي ان تي پيش لفظ لکي موڪل. مان ڪيس انڪار تہ نہ ڪري سگهيس، پر ذهن ۾ ناول بابت هزار سوال هئا، سڀ کان وڏيڪ تہ ناول بور ڪندڙ تہ نہ هوندو؟ پر جڏهن ناول جو مسودو ليپ ٽاپ تي کوليم تہ اصل تاڪ لڳي ويا تہ سجاد اختر ٽالپر جهڙا ليکڪ اڃا تائين لِڪا ويٺا آهن ۽ انهن جي لکڻين کان سنڌ جو عوام محروم آهي ان ڪري شاباس آهي زاهد ٻبر کي جنهن سجاد اختر ٽالپر جهڙي بهترين ناول نگار کي اسان جي سامهون آڻي نروار ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ اڪثريت اهڙين لکارين جي آهي جيڪي پنهنجي روح جي تسڪين لاءِ لکندا آهن انهن جون لکڻيون پنهنجي ذات تائين محدود آهن پر سجاد اختر ٽالپر جهڙا لکاري تمام گهٽ آهن جن جي لکڻين جو مقصد ڌرتيءَ سان پيار ۽ مقصد سان انسيت آهي. ناول ” لال لهوءَ جي سرگم تي“ تي پڻ هڪ اهڙو شاهڪار ناول آهي جنهن جي سٽ سٽ ڌرتي سان پيار ۽ غلاميءَ سان نفرت سان ڀريل آهي.

ناول جي وڏي ڪاميابي تسلسل ۽ رواني‌ءَ جو نہ ٽٽڻ آهي ۽ ڪهاڻي پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ کڻي هلي، سجاد اختر ٽالپر جي ناول ۾ اها خوبي موجود آهي ۽ ناول پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ کڻي هلي ٿو ڪٿي بہ بوريت جو احساس ٿيڻ نہ ٿو ڏئي، جڏهن تہ ناول جي اهم ڳالهہ منظر ڪشي آهي جيڪا پڻ هن ناول ۾ لاجواب ٿيل آهي جنهن ڪري هڪ دفعو ناول هٿ ۾ کڻڻ بعد پڙهي پورو ڪرڻ کانسواءِ هٿ نہ ڪيڏڻ تي دل چوي ٿي، جيڪا سجاد اختر ٽالپر جي ناول جي ڪاميابيءَ جي چٽي نشاني آهي. ناول جي ٻين پڙهندڙن جي راءِ کانسواءِ مان ان ڪري اڳواٽ ئي اها راءِ ان ڪري ڏيان ٿو جو ناول منهنجي پسنديده صنف آهي ۽ اهو ئي ناول وڻندو آهي جنهن ۾ تسلسل هجي، روانگي هجي ۽ منظر ڪشيءَ سان گڏ ڪردارن سان نياءُ هجي، ائين ئي سجاد اختر ناول جي مرڪزي

ڪردارن سانول ۽ راڌا سان ڀرپور نڀايو آهي ۽ انهن کي تاريخ ۾ امر ڪري ڇڏيو آهي. ناول ”لال لهوءَ جي سرگم تي“ ڌرتيءَ سان پيار ڪندڙ ۽ غلاميءَ کان نفرت ڪري پورهيت دوست سماج اڏيندڙ جانثارن جي تاريخ آهي جن ٿر جهڙي ڏکئي علائقي ۾ پنهنجي جانين جي پرواهه نه ڪندي انگريز سامراج سان گڏ سماج جي گندين ريتن رسمن، دين ڌرم جي نفرت ۽ اوچ نيچ خلاف ويڙهه وڙهن ٿا ۽ هڪ نئين تاريخ کي جنم ڏين ٿا.

سنڌي لکڻين ۾ اڪثريت روئڻ پٽڻ، رومانس، مايوسي ملندي آهي پر سجاد اختر جي ناول جي ڪنهن به سٽ ۾ توهان کي مايوسي، روئڻ پٽڻ نه ملندو جنهن ڪري پڙهڻ سان ماڻهو جي دل باغ بهار ٿيڻ سان گڏ حب الوطنيءَ جو جذبو جاڳي پئي ٿو رومانس ۾ به پاڪيزگي ملي ٿي ۽ پڙهندڙن کي ڀرپور اُتساهه ملي ٿو جيئڻ لاءِ جستجو جي نئين واٽ ملي ٿي. سماج جي اوڻائين جي نشاندهي ملي ٿي. سانول سميت موهن، موتي، هنميت، وشني، جيت جهڙا پورهيت دوست ۽ ڌرتيءَ تان سر گهوريندڙ ڪردارن ۽ پنهنجي وطن ۽ ماڻهن سان غداري ڪندڙ سمنگ، نائون مل، ٽيڪ چند جهڙن ڪردارن کي بهترين نموني وائکو ڪيو ويو آهي.

سجاد اختر ٽالپر جو هي ناول هڪڙي ڪهاڻي ناهي پر هڪ تاريخ آهي جيڪا هن ننڍڙي ناول ۾ سموهڻ جي ڀرپور ۽ ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي اميد ته سندس ناول پڙهندڙن کي هڪ تاريخ ۽ محب وطن ڪردارن جي ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ سياسي شعور ۽ سمجهه پيدا ڪرڻ ۾ ڪاميابي ماڻيندو.

زاهد راڄپر _ نوشهروفيروز
03002845176
2017_04_25ع

# مهاڳ

## پڙهندڙ ئي اصل منصف آهن

مير سجاد اختر ٽالپر تمام گهڻي محنت سان نور نچوئي هي ناول لکيو آهي، جنهن جو نالو هن رکيو آهي " لال لهوءَ جي سرگم تي". اڄ کان شايد چار پنج مهينا اڳ آءٌ محترم رسول بخش پليجي صاحب جي گهر ويس ته بائيڊنگ ٿيل رجسٽر نما ڪتاب اُتي ڪنهن ٽيبل تي پيل ڏٺم، جنهن تي هٿ سان وڏن اکرن ۾ "لال لهوءَ جي سرگرم تي" لکيل هو. ان هيٺيان ننڍن اکرن ۾ ناول لکيل هو. ان جي هيٺيان لکيل هو تحرير سجاد اختر ٽالپر. ڪتاب ڪٽي ڪوليم ته هٿ سان لکيل فيئر ڪاپيءَ جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي هئي، ٽائيم پاس ڪرڻ جي ارادي سان پڙهڻ شروع ڪيم ته مون کي ڪجهه ڪجهه مزو ڏنائين. پوءِ روزانو پليجي صاحب جي گهر ويندو هئس اهو ڪتاب ڪڏهن ڏهه ڪڏهن پندرهن صحفا پيو پڙهندو هئس. ائين ڪي هڪ سئو ڪن صفحا آءٌ پڙهي ويو هوندس، هڪ ڏينهن ساڳئي نموني پليجي صاحب جي گهر آءٌ اهو ڪتاب پڙهي رهيو هئس ته ڪنهن مهل مير سجاد اختر اچي نڪتو. ملياسين خوش خير آفيت ڪان پوءِ مون کي چيائين ته ڪتاب پيو پڙهين ڇا؟ مون چيومانس "هائو يار، پليجي صاحب سان جيستائين ملاقات ٿئي تيستائين ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ پڙهان پيو" تنهن تي مون کي چوڻ لڳو "ڪيئن ٿو لڳي؟" مون چيو مانس " ٿورو ٿورو مزو ڏئي پيو" تنهن تي مون کي چيائين "يار ڪتاب پليجي صاحب کي ڏنو هئم ۽ کيس عرض ڪيو هوم ته ڪتاب تي ڪجهه لکي ڏيوم پر اتفاق سان جڏهن ڪان مون ڪتاب ڏنو اٿس پليجي صاحب جي صحت ٺيڪ ناهي. سو پانيان ٿو ته مشڪل پڙهي ۽ ڪجهه لکي ڏئي. هاڻي توهان مهرباني ڪري ڪتاب کي پڙهو ۽ پوءِ مون کي مشورو ڏجو ۽ رهنمائي ڪجو مون چيس آءٌ ڪوشش ڪريان ٿو. وري هفتي کن ڪان پوءِ مليو چيائين "يار ڪتاب ڏيان سان پڙهجان ۽ رهنمائي به ڪجو ۽ به اکر به لکي ڏجو" مون دل ۾ چيو ته "آئون ايڏو عالم ۽ اديب ته آهيان ڪونه. جو وينو ڪتابن تي مهاڳ يا پيش لفظ لکان ۽ پوءِ منهنجي مهاڳ يا پيش لفظ لکڻ جي ڪري ڪتاب جي ويليو وڌي وڃي. پر وري سجاد جي دل رکڻ لاءِ چيو مانس ته ڪوشش ڪندس. اهڙو هلڪو ڦلڪو ڪچو ڦڪو واعدو ته سجاد سان ڪري وينس پر اتفاق اهڙو ٿيو جو آءٌ ايترو مصروف ٿي ويس ۽ پڻ ڪجهه مسئلن، پريشانين جو شڪار ٿيس جو مون کي ڪتاب پڙهڻ جو ٽائيم به نه ملي جي ٿورو گهڻو ٽائيم ملي ته دل نه چوي جو ڪٽي پڙهان. منهنجي پڙهڻ جي رفتار صفا سست ٿي ويئي ان وچ ۾ پنج، ست دفعا سجاد سان ملاقاتون ٿيون. ڪڏهن گس هلندي، ته ٽي دفعا مون وٽ هلي به آيو. هر ملاقات ۾ آءٌ مياري مُنهنجو ڪنڌ هيٺ. بهرحال آخري ملاقات جنهن کي به اٽڪل هفتو ڏهه ڏينهن ٿيا هوندا ان ۾ هفتي

جو ساڻس واعدو ڪيو هوم. اڄ 23 جنوري 2016ع تي ڪتاب پڙهي پورو ڪيو اٿم. هاڻي جڏهن ان ڪتاب بابت لکڻ جو مرحلو آيو آهي ته سخت پريشان ٿي پيو آهيان. مون هيستائين ڪو به اهڙو ڪتاب نه ڏٺو آهي جنهن جي شروعاتي صفحن تي نالي وارن ليکڪن، اديبن، شاعرن يا دانشورن جا لکيل مهاڳ، پيش لفظ يا به اکر موجود نه هُجن. انهن مهاڳن، پيش لفظن ۽ ٻن اکرن جي مواد ۾ اڌ کان وڌيڪ ان ڪتاب جي مواد مان چونڊ ٽڪرن جو هوندو آهي باقي اڌ مواد ان ڪتاب ۽ لکندڙ جي شخصيت جي تعريفن تي مشتمل هوندو آهي. اڄ ڏينهن تائين مُنهنجي نظر مان اهڙو ڪو ڪتاب نه گذريو آهي جنهن جي مهاڳ، پيش لفظن ۽ ٻن اکرن ۾ ان ڪتاب تي حقيقت پسنديءَ واري ڇنڊ ڇاڻ ۽ تنقيد ڪيل هُجي. ڪتابن جا مهاڳ، پيش لفظ، به اکر يا ديباچا ڪڏهن کان لکجڻ شروع ٿيا يا ڪهڙي ضرورت تحت لکجڻ شروع ٿيا ان جي مون کي پڪي پختي خبر ڪونهي. مون کي اها به خبر ڪونهي ته ان بابت ڪا تحقيقات ٿيل آهي يا نه. جيڪڏهن ڪا تحقيقات ٿيل آهي ته اُن ۾ ڇا ظاهر ۽ ثابت ٿيو آهي. ان بي خبريءَ جي باوجود آءُ جيڪا ڳالهه ڪرڻ چاهيان ٿو اها ضرور ڪندس پوءِ ڀلي ان کي ڄٽڪي يا ٻاراڻي ڳالهه سمجهيو وڃي. اُها هيءَ ته ڪهڙي ضرورت جي ڪتابن جا ديباچا، مُهاڳ، پيش لفظ ۽ به اکر لکجڻ ضروري ٿي پيا ان بابت مُنهنجو اندازو هي آهي ته موجوده دور جي انسانن جي گهڻائي جي ريتن، روايتن، روين ۽ هليءَ چليءَ کي ڏسي اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته انسان ذات جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي اڄ تائين جي سمورن دؤرن جي انسانن جي گهڻائي وڏين توڙي ننڍين ڳالهين ۽ مسئلن بابت گهٽ کري ڪوڙ کي پسند ڪندي ۽ ان تي اعتبار ڪندي خود پاڻ ڪوڙ کي ڪتب آڻيندي آئي آهي. ماضيءَ جي تاريخ ۾ اهڙا سوين هزارين مثال موجود آهن ته اهڙي ماحول ۾ جنهن به ماڻهو سچ ٿي ڳالهايو ان سان ان دؤر جي مختلف مذهبن جي مذهبي ماڻهن، حاڪمن ۽ ٻين طاقتور ڌرين اهڙيون ته عقوبتون ٿي ڪيون جو ڏسندڙن کي ڏندين آڱريون اچي ٿي ويون. انهن ۾ بوعلي سينا، ابوالقاسم احمد جو پٽ ابن رشد ۽ ڏرتي گول آهي جو سچ ڳالهائڻ وارو پيٽا گورس وغيره شامل آهن. ان ڪري صورتحال اها وڃي بيٺي ته ان خوف جي ڪري ماڻهو نئين ڳالهه ڪرڻ کان ڊڄندا هئا تنهن ڪري مروج ۽ چالو ڪوڙ ٻڌندا، ان تي اعتبار ڪندا ۽ پاڻ به ڪوڙ استعمال ڪندا رهندا هئا. اڄ ايڪويهين صديءَ ۾ به صورتحال ذري گهٽ ساڳي آهي. اڄ به جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن وارڊ جي ڪائونسلري کان وٺي ملڪ جي صدارت يا وزارت اعظميٰ جي چونڊ لاءِ فارم ٿو ڀرائي ته ان کي ٻه به ماڻهو تصديق ڪندڙ ۽ تائيد ڪندڙ جي صورت ۾ ضرور گهُرجن. جي اهي نه هوندا ته سندس فارم رد ٿي ويندو. ان ڪانسواءِ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي اکين اڳيان ڏينهن ڏٺي سندس پيءُ، پٽ، ڀيءُ يا ٻيو ڪو عزيز ڪي ماڻهو قتل ڪن ۽ هو ان ڳالهه ۾ تر جيترو به ڪوڙ نه ڳالهائي پر جيڪڏهن وٽس به يا ٽي اکين ڏٺا شاهد نه هوندا ته سندس فرياد کي نه پوليس وٽ نه ڪورٽ ۾ سچو ۽ مڃيل سمجهيو ويندو. انهن مثالن مان اها ڳالهه ثابت ٿي ٿئي ته عام هلي چلي وارين حالتن کي ڇڏيو پر سرڪاري ۽ عدالتي سطح تي به بنيادي طرح اهو تصور طئه ڪيل

آهي ته ماڻهو گهڻو ڪري ڪوڙ ڳالهائيندو هوندو تنهن ڪري ان جي سچائپ ڪندڙ ان جي ڳالهه جي تصديق ڪرڻ وارا ضرور گهرجن. موجوده دؤر ۾ ان جي ڪيتري ضرورت آهي يا نه آهي اهو هڪ الڳ بحث آهي پر اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته سچ اڄ به گهٽ ٿو ملي ۽ ڪوڙ گهڻو ٿو هلي، ان جو به سبب اهو ئي آهي ته هن ايڪويهين صديءَ جو ماڻهو به سچ ٻڌڻ، برداشت ڪرڻ، مڃڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. اهو ئي سبب آهي جو سچ پسند ماڻهن کي سچ ڳالهائڻ کان ڏيڃاري روڪيو ويو آهي جنهن جو نتيجو اڄ تائين هي آهي ته پاڻ مان هر هڪ جي سچي ڳالهه تي به سرڪاري ۽ عدالتي سطح تي به ڪو به اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ان ڪانسواءِ اهو به ممڪن آهي ته اڳئين دور ۾ ڇاڪاڻ ته سائنس ايتري ترقي نه ڪئي هئي ۽ ڪميونيڪيشن جو تمام وڏو گيپ هو ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته ڪي اهڙا واقعا ٿيا هجن جو هڪڙن علائقن يا ملڪن جون لکتون ڪن ماڻهن ڪٿي ٻئي علائقي ۾ اصل لکندڙ جي بجاءِ پنهنجي نالي سان ظاهر ڪيون هجن ۽ اهڙن واقعن جي ظاهر ۽ ثابت ٿيڻ بعد اهو ضروري قرار ڏنو ويو هُجي ته هر لکت بابت ڪن ساک وارن، دانشورن ۽ ليکڪن جي تصديق هجڻ گهُرجي. اهو ته آهي تمام آڳاٽي زماني بابت هڪڙو اندازو. هينئر سائنس تمام گهڻي ترقي ڪري چُڪي آهي. ڪميونيڪيشن تمام گهڻي تيز آهي. هن دؤر ۾ اهو امڪان تمام گهٽ آهي ته ڪو ماڻهو ٻين جي لکتن يا ڪتابن کي پنهنجي نالي تي ڇپائي ڇڏي. پر ڇاڪاڻ ته لکت بابت ڪنهن ناليواري، ساکائتي ماڻهوءَ جي تصديق جي رسم هلندي اچي اها اڄ تائين جاري آهي. خبر ناهي هيمش يا الائي ڪيترو عرصو جاري رهندي، تنهن ڪري انهن ۽ ڪجهه ٻين سببن جي ڪري ڪتابن جي شروعات ۾ لکيل مهاڳن، پيش لفظن ۽ ٻه اکرن بابت اسان وٽ سنڌ ۾ ٻه رايا موجود آهن. هڪڙن پڙهندڙن جو خيال آهي ته جيئن ته مهاڳن، پيش لفظن ۽ ٻن اکرن ۾ ان ڪتاب جو نچوڙ ڪتاب جي مواد جي چونڊ ٽڪرن ۾ مهاڳ، پيش لفظ، يا ٻه اکر لکندڙ معتبر لکندڙن جي تبصرن ۽ راين جي صورت ۾ موجود هوندو آهي. تنهن ڪري پڙهندڙ جڏهن نالي وارن ليکڪن، اديبن ۽ دانشورن طرفان ڪتابن تي ڏنل راءِ ۽ ڪيل تبصري سان گڏ ڪتاب جي مواد جا اهم ترين ٽڪرا پڙهي ڇڏين ٿا ته پوءِ اهڙي صورت ۾ ٿي سگهي ٿو ته گهڻن پڙهندڙن جو سڄو ڪتاب پڙهڻ جو شوق ۽ جذبو بلڪل ماٺو ٿي وڃي ٿو تنهن ڪري ان ڳالهه جو وڏو امڪان موجود آهي ته پڙهندڙ اصل ڪتاب يا بلڪل پڙهن ئي نه يا جيڪڏهن پڙهن ته بي توجهي ۽ بي ڌياني ۽ بي دليءَ سان، جيڪڏهن ان ڳالهه ۾ حقيقت آهي (جنهن جو غالب امڪان موجود آهي) ته ان صورت ۾ اصل ڪتاب لکندڙ جي محنت رائيگان ٿيو وڃي ڇاڪاڻ ته سندس اصل ڪتاب پڙهندڙ پڙهن ئي ڪونه ٿا. هو مهاڳن، پيش لفظن ۽ ٻن اکرن جي صورت ۾ ڪتاب جو اصل جوهر معلوم ڪريو سمجهيو وڃن. ٻين ڪجهه پڙهندڙن جو هي به خيال آهي ته ڪيترا پڙهندڙاِن امڪان جي پيش نظر ته متان جذبو ۽ تجسس گهٽجي ۽ ماٺو ٿي وڃي تنهن ڪري هو پيش لفظ، مهاڳ ۽ ٻه اکر نٿا پڙهن. پڙهڻ شروع ئي ليکڪ جي اصل مواد کان ڪن ٿا. اها ٻئي ڳالهه آهي ته مون به پنهنجي ڪتاب

“سياست جا روپ بهروپ” جو مهاڳ، پيش لفظ ۽ به اکر پنهنجي پسند جي شخصيتن کان لکرايا. ان جي باوجود مون کي مٿين ٻنهي خيالن جي قطعي صحيح يا غلط هجڻ کان قطئہ نظر منجهن ڪافي منطق ۽ وزن نظر اچي ٿو. تنهن ڪري جيتوڻيڪ سجاد اختر جي لکيل هن ناول “ لال لهوءَ جي سرگم تي” جي مواد ۾ ڪافي تعريفي ۽ تنقيدي جيڪي نقطا موجود آهن انهن تي تنقيدي يا تعريفي تجزيو يا رايو ڏيڻ کان پرهيز ڪندي پڙهندڙن تي ڇڏيندس تہ هو ئي مون کان وڌيڪ منصف آهن. اهي ئي فيصلو ڪن تہ سجاد اختر ٽالپر جي ناول مان انهن ڪهڙو اتساهہ حاصل ڪيو. منجهن ڪيترو جذبو وڌيو ۽ ڪين ڪهڙا خيال وڻندڙ يا اڻ وڻندڙ لڳا. بهرحال ڪتاب بابت آءُ فقط ايترو چوندس تہ انگريز راڄ جي دور جي سنڌ جي ٿر واري علائقي جي سنڌي ماڻهن جي هڪڙي ننڍڙي قومي، عوامي، سامراج مخالف انقلابي جدوجهد تي هي ناول لکيل آهي جنهن ۾ انقلاب ۽ گوريلا جدوجهد ۾ هندو ۽ مسلمان گڏجي مذهبي عقيدي، ڇوت ڇات، ننڍ وڏائي کان هٽي ڪري پنهنجي مقصد جي جدوجهد ڪندي شڪستون کائيندي، مارجندي، ڪُٽجندي، لڙندي ۽ دشمن کي ماريندي ۽ ننڍيون ننڍيون سوڀون حاصل ڪندي نظر اچن ٿا. ڪتاب جي نئين ۽ وڻندڙ ڳالهہ هي لڳي تہ ناول جا ٻہ مکيہ ڪردار راڌا هندواڻي ۽ سانول مسلمان هئا، هو هڪ ٻئي کي بي انتها پسند بہ ڪن ٿا ۽ هڪ ٻئي جو احترام بہ ڪن ٿا، ارادي جا ايترا تہ مضبوط آهن جو زماني جي مخالفتن ۽ پروپيگنڊائن کان بي نياز ٿي هلندا رهن ٿا. ان سان گڏ سجاد اختر وڏو ليکڪ آهي، وچولو ليکڪ آهي يا ننڍو ليکڪ آهي. ان جي هن ڪتاب لکڻ کان اڳ قيمت يا قدر ڪيترو هو، ڪتاب لکڻ کان پوءِ ڪيترو وڌي ويو ان تي پنهنجا ڄاڻا يا عالماڻا رايا ۽ تبصرا ڪرڻ کان بہ پاسو ڪندي آءُ ايترو ئي چوندس تہ سجاد اختر ٽالپر تمام وڏي سخت محنت ڪئي آهي، جيڪا هر ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ ناهي ان لاءِ آءُ کيس جس بہ ڏيندس ۽ مُبارڪباد بہ ڏيندس.

**عبدالقادر رانٹو**

03003797958

# ناول

سانول ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پيو هو. مٿان رات بہ اچي پنهنجو سفر پورو ڪيو هو. هندو مُسلم فساد پنهنجي عروج تي هئا . سانول کي بہ قتل ڪرڻ لاءَ ، تيز ڌار وارا خنجر کڻي آيا هئا ، جن کان بچندي،هو ڀڳو هو.پر تڏهن بہ ڪافي ضربون جسم تي لڳي ويون هئس، جن مان ڪافي رت وهي چڪو هو. جنهن جي ڪري، سانول جي رفتار گهٽبي پئي ويئي، نيٺ آخرڪار بيهوش ٿي ڪِري پيو.
صبح جي شروعات مندر جي گهِنڊ سان شروع ٿي.
ايشور جِيءَ، جِي جئي-" "
ڪا ڇوڪرِي ڀڄن ڳائڻ لڳي، ڳائڻ وارِي جي گلي ۾ ايترو تہ سوز هو. جو اُتي پوڄا پاٺ تي ويٺل ماڻهو جهومي جهومي "هو هو هو....." ڪرڻ ۾ محو هُئا ڀڄن ختم ٿيڻ تي سڀني ياترين(عقيد تمندن) پنهنجي پنهنجي حال سارو - ايشور ديوتا جي اڳيان دانُ رکندا ٿي ويا ڪُجهہ ئي گهڙين ۾، مندر ۾ سانت ٿي ويئي.
" راڌا -! "
مندر جي پوڄاري، پنهنجي نينگريءَ کي سڏ ڪيو.
" جِيءُ باپو جِيءَ-"
راڌا، ايشور ديوتا جي اڳيان پيل دانَ ميڙيندي وراڻي.
" آئون ڦول کڻڻ ٿو وڃان -"
پوڄاري مندر جي وڏي دروازي کان نڪرندي چيو.
"جِيءُ باپو-."
راڌا ايشور جي استان کي صاف ڪيو۽ ايشور جي بُتُ کي ڏُڌ جي بالٽي سان اشنان ڪرائڻ لڳي
" راڌا ـ او راڌا ڌِيءُ ـ!"
راڌا -، اکين اڳيان هٿ ڏيئي وڏي واڪي وراڻي
" " جِيءُ باپو-!
" اري ـ هتي ڪو نينگر ، زخمي پيو آهي - ."
مندر جي پوڄاري ، سانول کي بيهوش جبل جي ٽڪرين جي ٻوٽن ۾ پيل ڏسي ڌِيءُ کي سڏ ڪيو
راڌا ايشور جي ڏُڌ کي ڇڏي ، ڊوڙي اچي ، پنهنجي پيءُ وٽ پُهتي
"هائي - ڀڳوان-"!
سانول جي زخمن تي ماڪوڙين جا ميڙاڪا هُئا ، راڌا هڪدم پنهنجي اوڍڻ سان ـ ، ماڪوڙين کي هٽائڻ لڳي ۽ مندر جي پوڄاري، ٻنهي کي صافُ ڪيو۽ سانول کي مندر ۾ کڻي آيا.

” باپو- ، ڪنهن بي رحم ، ڪيئن نہ بيدردي سان ماريو آهي - ، ڇي ڇي ڇي ، ائين تہ ڪير حيوان کي بہ نہ ٿو ماري“

راڌا ڦٽن کي نم جي گرم پاڻي سان صافُ ڪري ، پٽيون ٻڌندي ، پنهنجي پيءُ کي چيو

” راڌا ڌِيءَ - ، ان ۾ بہ ايشور ديوتا جو ڪو راز رکيل هوندو ، نہ تہ - ، هيڙي ويراني ۾ هيءَ گهايل ، پاڻ کي ڪيئن ملي ها؟ “

“باپو - ، هيءُ شڪاري بابو تہ ڪونہ ٿو لڳي -” .

راڌا سانول جي حُلئي ۾ ڪپڙن کي ڏسندي ، پنهنجي مُنهن انومان ڪيو.

پوڄاري اُٿندي چيو.

” لڳي ائين ٿو امان ، آئون ڦول ڪٽڻ لاءِ وڃان ٿو ، تون انهي ڪم مان واندي ٿي ، ايشور جي بُت کي اشنان (وهنجاري) ڪرائي ڇڏجان. “

راڌا سانول مٿان چادر ڏيندي چيو.

“ها ، باپو”.

وڏي پوڄاري جي وڃڻ ڪانپوءِ - ، سانول واري ڪم مان واندي ٿي ، ايشور جي بُتُ کي اشنان (وهنجارڻ) ڪرائڻ لڳي ۽ گڏوگڏ ايشور جي شان ۾ ڪو ڀُڄن بہ ڳائي رهي هُئي.

هيءُ مندر ، ڪارونجهر جبل جي وچين چوٽي تي واقع هو ، جتي راڌا ۽ سندس پيءُ همنيت رهندا هُئا ، اڪثر هتي عبادت لاءِ ڳوٺ ۽ علائقي جي ماڻهُن ڪانسواءِ ، ٻاهرين ڏورانهين علائقن جا ياتري (عقيدت مند) بہ ايندا رهندا هُئا ، بارش جي پاڻي کي ذخيرو ڪرڻ لاءِ مندر جي اڳيان تلاءُ نهيل هو جيڪو اڪثر پاڻي سان ڀريل رهندو هو ۽ تلاءُ جي چئني ڪُنڊن تي تُلسي جي ٻوٽي پوکيل هُئي ، راڌا وارن جو ڪمرو جبل جي مٿاهين چوٽي جي اُتر طرف هو ۽ ايشور جو استان راڌا وارن جي ڪمري جي ڏکڻ طرف ٿورو مٿاڇري تي هو ۽ تلاءُ وري ٻنهي کان هيٺ ڇڙ تي جبل جي قدرتي نهيل هنج ۾ هو ، تلاءُ وٽ پهچڻ لاءِ ڏاڪڻيون نهيل هيون ۽ تلاءُ جي چوطرف هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ پيڊليون (صندليون) پُڻ جُڙيل هيون. ايشور جي بُتُ کي اشنان (وهنجاري)ڪرائي - ، راڌا پاڻ بہ اچي ، تلاءُ وٽ اشنان (وهنتي) ڪري ، ڪپڙا مٽايا ۽ مٽي اچي پِپر جي وڻ هيٺيان رامائڻ پڙهڻ لڳي.

“راڌا ! ”

راڌا کي ڪنهن پري کان سڏ ڪيو.

راڌا رامائڻ مان اک ڪڍي ، مٿي نهاريو تہ موهن اچي ويجهو پُهتو هو.

“نمستي ڪاڪا”.

“ اوم نمستي - ، هي ، پنهنجو همنيت ڪٿي آهي؟ ”

“باپو - ! ، باپو تہ ايشور ديوتا لاءِ گُل ڇنڻ ويو آهي. ”

“. اڇا - ، چلو خير آهي ، تون ڀل رامائڻ پڙهہ ، آئون تيسين انتظار ڪري ٿو وٺان”

" جيءُ ڪاڪا ........, ڪاڪا ڪو لسي پاٽي ـ "
"نہ نہ امان ـ"
راڌا مطمئن ٿي ، وري رامائڻ پڙهڻ لڳي.
ڪُجهہ ئي دير ۾ همنيت بہ گُل ڪٽي آيو پر موهن رامائڻ ٻُڌڻ ۾ ايترو تہ محوَ هو، جو همنيت جي اچڻ جي خبر ئي نہ پيس.
" موهن ـ ، آئون تہ چوين ٿو تہ راڌا ڪان رامائڻ پڙهڻ سکي وٺ ، آخر جو ڪم ايندئي ـ پر تون آهين جو سيئنين کي ڇڏين ئي نہ ٿو ـ "
موهن کلندي، سلام ورايو ـ
"نمستي مهاراج"
"اوم نمستي اوم نمستي "
۽ ايشور ديوتا جي اڳيان گُل پکيڙڻ لڳو
"مهاراج ، اوهان کي سيٺ سڏايو آهي."
موهن ڪُجهہ توقف رکي چيو
ٿوري دير خاموشي ڪانپوءِ ، پنهنجن هٿن کي ، کُلهي تي پيل ٽوالڙي سان اُگهيندي همنيت وراڻيو ـ
" موهن بابا ، سيٺ کي وڃي چئو تہ ڀڳوان جي گهر جا دروازا سيني لاءِ کُليل آهن ـ جڏهن مرضي پويس هليو اچي ، هاڻ مونکان اها دنياداري نٿي پُڄي ".
" مهاراج چڱو ٿا ڪريو. نہ تہ مون جيان جهنجهٽ ۾ پئجي ويندئو."
موهن ، همنيت جي ڳالهہ جي تائيد ڪندي چيو
صبح کان تاڙي جي تنوار ۽ مور جي مياٺو مياٺو ٻُڌي موهن وراڻيو ـ
" مهاراج لڳي ٿو تہ اڄ سيان ۾ ورشا ٿيندي ، آگهم بہ آهي ، اُتر بہ پيو ٿو لڳي ۽ صبح کان تاڙي جي تنوار پئي ٿئي ۽ مور بہ وتو رڙي ـ"
همنيت پنهنجي واڻيل کٽ ، پنهنجي ڪمري جي اڳيان رکي ، جتي سج جي اُلهڻ ڪري ڪمري جي ڇانءُ اچي ويئي هُئي ، مهاراج همنيت کٽ تي ليٽندي وراڻيو ـ
"ڀڳوان ڪو ڪرپا ڪري ـ ، نہ تہ اڳين سال جيان لڏ پلاڻ گهٽي ٿيندي ـ"
راڌا بہ رامائڻ ، ٽيپي ـ ، پنهنجي پتا ڏانهن هلي آئي.
ڪاڪا ، خير سان پنڌ ڪيو اٿئو؟ " "
موهن ، راڌا جي مٿي تي هٿ رکندي چيو ـ
" هائو ڌيءُ ـ ، خير سان ئي آيو هُئس ، بس سيئنين جا آهن حُڪم ـ ، سي پيا بجا آڻيون ـ چڱو مهاراج ، هاڻي اجازت ڏيو ، بس ايشور اڳيان اسان جهڙن اَياڻن جي بخشش پيو گهُرجين "
موهن وڃڻ لڳو تہ راڌا چيس ـ

” ڪاڪا ، وري جڏهن اچجو تہ مون لاءِ پُستڪ وٺيو اچجو. ڇو تہ پڙاڻو پُستڪ ، زبون ٿي ويو آهي ، باپو ڪي ڇئي ، پڇن نئين پُستڪ تي لکرائي وٺان —“

موهن ويندي ويندي، هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي ويو.

سانول کي هوش آيو تہ پيڙا جي ڪري ڇينگهڻ لڳو، ڇينگهڻ جو آواز ٻڌي، پيءُ ۽ ڌيءُ ، ٻئي ڪمري ۾ هليا آيا.

“راڌا ـ، پاڻي ڪٽي اچ ـ”

راڌا ڀوڪڙي پائي ، ٻاهران دلي مان پاڻي جو لوٽو ڀري آئي ، همنيت سانول جو چهرو ٿورو مٿي ڪري ، پاڻي جا ٻہ ڍُڪ ، سانول کي پيئاريا ـ. سانول نقاهت ۽ ڪمزوري۾اکيون کوليو ، نهاريو تہ هن ڏٺو هڪ پوڙهو ڳاڙهي لونگي سان ، مٿي تي وڏو تِلڪ ، عنبر جي خوشبوءَ ، ڌوتي پاتل ۽ ساڻ وڏين چيراوين ڪارين اکين ، ننيڙي وات ، سنهي ڊيگهي سُهڻي نڪ مٿان ، وڏي موڪري نرڙ تي ، وڏي ڳاڙهي بنديا سان ڪا ڇوڪري بيٺل آهي ، اهو لقاءُ ڏسي ، سانول سمجهي ويو تہ هووري بہ هُندن جي قبضي ۾ آهي يعني وري بہ موت جي مُنهن ۾ آهي ، مايوسي ۾ اکيون پوري ، ليٽي پيو ، راڌا پنهنجي پيءُ کي ڪن ۾ آهستگي سان چيو ـ،

“باپو، پل اجان آرام ڪري ـ”

همنيت ، ڌيءُ جي ڳالهہ ٻُڌي ، هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ۽ ٻئي وري ٻاهر نڪري آيا ـ، سانول ، هنن جي وڃڻ شرط ، اکيون کوليو ، وري بہ اردگرد جي شين جو جائزو وٺڻ لڳو

ڪُجهہ ڪاٺ جون پيٽيون ، ڪجهہ ڦڪين ڪُٽڻ جا اوزار ، جاري تي پيل ڪُجهہ ڪتاب ، هڪ اڌ ٽوال، ڪُجهہ ڪپڙا تنگيل ، هڪڙو ٿيلهو، ڪُجهہ ديوتائُن جا ننڍا ننڍا بُتُ پيل هُئا تہ ڪُجهہ ٿانءُ ٿپا ۽ ڪُجهہ هنڌ بسترا پيل هُئا.

سانول ، اهو سڀ ڪُجهہ ڏسي ، پوءِ ۽ پريشاني گاڏڙ ڪيفيت ۾ هُتان ڀڄڻ لاءِ اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سندس جي نريل ڦٽن مان پيڙا جون شديد لهرون اُڀريون ، جنهن جي ڪري، سانول ڪان دردناڪ رڙ نڪري ويئي ۽ ڪڙيون ٻڌل ڦٽن مان هڪ پيرو وري گند ۽ رت رسڻ لڳو، رڙ جو آواز ٻُڌي ، راڌا ۽ همنيت ، ڀوڙي اندر آيا ، جتي سانول پيڙا وچان رڙي رهيو هو ، همنيت هڪدم ، پنهنجي ويدڪ (حڪيمي) ٿيلهي مان ، هڪ ٻوٽي ڪڍي، سانول جي نڪ اڳيان رکيائين تہ سانول کي چند گهڙين ۾ ، آرام اچي ويو، تيسين ٻاهر ڪنوٽين جا تجلا ۽ گوڙ جو آواز ويجهو اچي چڪو هو، همنيت ۽ راڌا ، ڪمري ڪان ٻاهر نڪري آسمان ڏانهن نهارڻ لڳا

” راڌا ـ ، گهڙي ڪن ۾ ورشا شروع ٿي ويندي ، تنهنڪري تون ڀوڙ ڪري، گئوماتا کي سامهين ڇني ۾ بيهاري گاهہ پنو وجهي اچ ، جي ورشا پئجي ويئي تہ ڏاڍي تڪليف ٿيندي “

راڌا پيءُ جو حُڪم ٻڌي، ٻوڙي وجي، گئوماتا کي سامهين چني ۾ ٻيهاري، گاهه پنو وڌو مس تہ وڏ ڦڙي سان بارش شروع ٿي ويئي. اهڙي تيز بارش ۾، راڌا ٻوڙي پنهنجي ڪمري تائين پُهچندي پُهچندي، سڄي وهنجي وئي هُئي

" باپو، ڏاڍي تيز ورشا آهي، مس مس ڀڳوان ڪا ڪرپا ڪئي آهي، هاڻي مُلڪ ۾ پال پلايون ٿي وينديون. "

ٻہ هوءَ پنهنجن وارن ۾ ساڙهي مان پاڻيءَ نپوڙي ڪڍڻ لڳي

همنيت پنهنجي ڪتاب، آٿر ويد مان، پاٺ ڪوليندي چيو-

" هائو امڙ، ڀڳوان تہ هميشہ پنهنجن بندن ۽ خلق تي ڪرپا ڪندو رهي ٿو پر بندو من جو ميرو آهي ..........، امان ڏيئو تہ روشن ڪري وٺ، ورشا جي ڪري اونداهہ ٿي ويئي آهي، هاڻي تہ نظر بہ گهٽ ٿي پئي آهي. "

راڌا وارن کي ڪاٺ جي ڪنگهي ڏيندي وراڻي -

" جيءُ باپو"

راڌا، وارن کي ڪنگهي ڏيئي، ڏيئو ٻاري، اُن تي شيشي جو ڍڪ چاڙهي ڇڏيو، جئين واءُ جي ڪري اُجهامي نہ وڃي، بارش زور سان هُئڻ ڪري جبل سڄو وڳو پئي، ڪنهن ڪنهن وقت وِڄ جي چمڪاٽ سان گڏ گوڙ جو زبردست نڪاءُ ٿي ٿيو.

"روٽي ڪائيندو.........! "

راڌا جو اهو پهريون سوال، سانول ڪان هو، جيڪو ڪُجهہ دير پهرين هوش ۾ آيو هو. سانول راڌا جي سوال جي موٽ ۾، ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي، هوءُ بہ سانول ٽن راتين ۽ ٻن ڏينهن جو بُکايل هو ۽ ڪاڏي نہ ملڻ ڪري بہ ڪافي ڪمزور ٿي پيو هو. راڌا پيتل جي گول ٿالهي ۾، ڪُجهہ چانور، ڪجهہ روٽيون ٻاجهر جون، ٽامي جي ننڍڙين وٽين ۾ دال، چٽڻي، ساڻڍاٽو ۽ پيتل جي وڏي گلاس ۾ کير ڪڻي اچي، سانول جي اڳيان رکيائين تہ همنيت، آٿر ويد ۾ نشان رکي، اُن کي بند ڪري اچي ،سانول کي ٽيڪ ڏيئي، مٿي ڪندي، بہ ويهاڻا ڏيئي ويهاريو ۽ سانول کي ماني کارائڻ لڳو تيسين راڌا، پيءُ طرفان ڏنل ٻوٽِين کي ڪُٽي، انهن جو مرهم ٺاهي ورتو، جئين سانول ماني مان فارغ ٿيو تہ راڌا، سندس جي ڦٽن کي، نم جي نيم گرم پاڻي سان چڱي طرح، ڌوئي، صاف ڪري سُڪائي، انهن تي ٺهيل مرهم جو ليپو ڪري ڇڏيو، مرهم لڳڻ سان ئي، سانول کي بہ پيڙا ۾ آرام محسوس ٿيو. راڌا، سانول جي مرهم پٽي مان واندي ٿي، پنهنجي پيءُ لاءَ ماني ڪڻي آئي.

"تو ماني ڪاڌي آهي؟"

همنيت، آٿر ويد مان اک ڪڍي، راڌا ڏانهن نهاريندي پُڇيو-

"نہ باپو، آئون گيتا جو ورد ڪري، پوءِ روٽي ڪائيندس "

سانول کي پهرين جيڪو خوف پيدا ٿيو هو، سو هنن جي وهنوار کي ڏسي، ڪافي حد تائين گهٽجي ويو هو. هو ليٽيو ليٽيو، چونري جي ڇت کي گهوري رهيو هو. ڪجھ دير ۾ راڏا جو سُريلو آواز، سانول جي ڪنن ۾ سُرن جو امرت رس گهولڻ لڳو. راڏا جئين جئين گيتا پڙهندي ٿي ويئي ته سانول جي من ۾ انڌ ماڻڌ مچندي ٿي ويئي، راڏا گيتا پڙهڻ کانپوءِ، اُن جو ترجمو پڙهڻ لڳي ته سانول ائين محسوس ٿي ڪيو ته گيتا به قرآن مجيد جيان ئي بُرائين کان تنبيهه ٿي ڪري ۽ بُرائين خلاف جنگ جوتڻ جو درس ڏي ٿي، ٻاهر برسات جو زور ٽُٽي ويو هو پر اجان جهڙ ڦڙجي سنهي ڦوهار هلندڙ هُئي، ڪنوٽن جي به چمڪاٽ ڪنهن ڪنهن وقت، اوله اُتر جي ڪنڌ طرف هينيان هئي، گوڙ جو پري ڪنهن وقت ڪو هلڪو ڊهيل آواز آيو ٿي نه ته بس، بارش جي ڪري فضا ۾ خُنڪي پيدا ٿي ويئي هُئي ۽ رات به پنهنجا پَرَ پوري طرح سان پکيڙي چُڪي هُئي.

رات واري بارش، جبل کي ڌوئي، پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏيو هو. فضا ۾ حبس وڌي ويو هو. همنيت ۽ راڏا به آرتي واري پوڄا پاٺ کان واندا ٿي، سانول وٽ آيا هُئا، جيڪو پُڻ، هنن جي آرتي، مندر جي گهنڊ ۽ هنن جي سُريلي آواز سان پڄنن واري

عبادت جي ڪري سُجاڳ ٿي چڪو هو. سانول پنهنجو چهرو ڌوئي، اُگهي ورتو ته راڏا نيرن ڪڻي اچي اڳيان رکيو. همنيت، هيٺ زمين تي پيڊلي (ڪاٺ جي صندلي) تي ويهي ناشتو ڪيو ۽ سانول، مٿي کٽ تي ئي نيرن جا ٻه گره هنيا، راڏا ٻنهي جا ٿانءُ ٿپا کڻڻ آئي ته سانول چيو۔

"ٻڌو......!"

راڏا جا ٿانءُ کڻي، چونري کان ٻاهر پئي نڪتي، تنهن جو سانول جو سڏ ٻُڌو ته وراڻي ـ

"ڀڳوان جي ڪرپا، جو اوهان ڳالهايو ته سهي"

"مونکي هتي گهُٽ پئي ٿئي، آئون ٻاهر نڪرڻ ٿو چاهيان......."

سانول ڏاڍي نماڻائي ۽ عاجزي سان چيو۔

راڏا موٽ ۾ پنهنجي پيءُ کي سڏ ڪيو.

"باپو.........باپو اندر اچي مزمان جي کٽ ٻاهر ڪيدرايو"

همنيت، جيڪو نيرن کائي، گئو ماتا کي کاڌو پيتو کارائڻ لاءِ ويو هو. سو ڌيءُ جو سڏ ٻُڌي چونري ۾ هليو آيو ۽ اچي سانول کان حال احوال پُڇڻ لڳو

"پُٽ، هاڻي طبيعت ڪئين آهي؟ "

سانول وراڻيو۔

"پيڙا ۾ هاڻي گهڻو آرام آهي ـ"

راڏا پنهنجي ڳالهه وري ورجائيندي وراڻي ـ

" باپوـ، مزمان جي کٽ ٻاهر کڻي هلون، هتي مونجهارو ٿو ٿيس، هونءَ به باپو رات واري ورشا کانپوءِ، حبس ويتر وڌي ويو آهي "

همنيت ۽ راڌا ، ريڙهي سيڙهي ، سانول جي ڪٽ ڪي ٻاهر ڪڍيو
سانول ندامت ۾ وراڻيو۔
” ڪاڪا ، مُنهنجي ڪري ، اوهان تڪليف ۾ پئجي ويا آهيو ، آئون جئين هلڻ جهڙو ٿيس تہ هتان هليو ويندس “
همنيت ، راتوڪي برسات سبب وهندڙ چشمي ڏانهن نهاريندي وراڻيو۔
” پُٽ ، آڪاش ڪان وني پاتار تائين ، ڀڳوان هر شيءَ ۽ هر رنگ ۾ وسي ٿو ۽ جيڪو ڀڳوان جي پيدا ڪيل هر شيءَ ۽ رنگ سان پيار نہ ٿو ڪري ، اهو جڻ ڀڳوان کي ناراض ٿو ڪري ۔ ، اصل ڀڳوان جو راضپو ، ڀڳوان جي پيدا ڪيل ۔ ، هر شيءَ سان مُحبت ۽ خدمت ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿو “
تيسين راڌا ، سانول لاءِ ڪاڙهو ، ڪاڙهي ڪٽي آئي
” راڌا ۔ ، منهنجي خاص پوڄا پاٺ ڪرڻ جو وقت ٿئي پيو ۔ ، آئون پوڄا لاءِ وڃان ٿو ، تون مزمان وٽ ئي رهجان ، متان ، موتي ڏانهن جبل نڪري وڃين “
راڌا فرمانبرداري ڪندي وراڻي ۔
“نہ باپو آئون ڪيڏانهن ڪونہ وينديس”
همنيت پنهنجي ڪمري مان ٿالهي ۾ ڪُجھ سيندور ، ڪوپرو ، مٺائي ۽ اگربتيون ڪٽي ، چاڙهين تان چڙهي ايشور جي آستان ڏانهن هليو ويو
“مزمان اوهانجو نالو ڇا آهي ؟ ”
راڌا معصوميت مان ، سانول کان پُڇيو۔
سانول ، جواب ڏيڻ بجائي ، راڌا کي ڇتائي ڏسندو رهيو
راڌا ،سانول کي ائين ڇتائي ڏسندي ڏٺو تہ شرمائيندي وراڻي ۔
“ائين گهوري ڇا ٿا ڏسو!؟ ”
سانول مُرڪي چيو۔
“ڪجھ بہ نہ!!!”
“اوهان کي ڪنهن زخمي ڪيو؟ ”
وري سوال ڪيائين پر سانول ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو راڌا پنهنجي سوال جو جواب نہ ٻُڌي پاڻ ئي جواب ڏيندي چيو۔
“ڇا بہ هُجي پر جنهن بہ اوهان کي زخمي ڪيو آهي سو انسان آهي ئي ڪونہ! ”
راڌا جي ڳالھ ٻُڌي ، سانول هڪ ڊگهو ٿڌو ساهُ کنيو ۽ وراڻيائين ۔
“مونکي پاڻي پئيارينديئو”
راڌا هونءُ ڪري ، پاڻي ڪٽي آئي ۽ پوءِ گئو ماتا کي ٻئي پاسي ٻڌي، اُن جي وٿاڻ کي صاف ڪرڻ لڳي ، جيڪو ڪالهوڪي بارش ڪري گپ ڪري ويو هو.

برسات پورڻ ڪري، سڄو ڪارونجهر جبل ڌوپجي، صاف ٿي ويو هو ـ ڪارونجهر جي چوٽين مان، اڃان تائين برسات وارو پاڻي رَسي رهيو هو. حالانڪي برسات ڪي پئي، ٻه پهر گُذري چُڪا هُئا، مندر جي سامهون واري چشمو به وهڻ شروع ٿي ويو هو جنهن جو پاڻي مندر واري تلاءُ ۾ به اچي پوندو هو. آسمان تي اڃان به ڪڪر ڇانيل هُئا ۽ واءُ به بلڪل بند هوـــ. مندر جو مور سامهون پپر جي وڻ هيٺيان ڇوڳو ڪري رهيو هو

سانول ڪنڌ ورائي وري مندر ڏانهن نهاريو جيڪو بارش پورڻ ڪري وڌيڪ صاف ٿي ٻَڪِي پيو هو. پوڄا پاٺ لاءِ برهمڻ آباد ۽ آس پاس جي علائقن ڪان ماڻهو اچڻ شروع ٿي ويا هُئا، ايسيتائين همنيت ـ پنهنجي خاص پوڄا ڪان فارغ ٿي اچي ويو هو.ماڻهو ايشور جي مندر جي سامهون ٺهيل چبوتري تي ويهڻ شروع ٿي ويا هُئا راڌا به گئو ماتا واري ڪم مان فارغ ٿي، وهنجي سهنجي، ڪپڙا مٽائي، مٿي تي تِلڪ هڻي، ايشور جي آستان تي پُهچي ويئي هُئي، راڌا جي اچڻ شرط، مهاراج همنيت شلوڪ ٻُڌائڻ شروع ڪيا.

سانول پنهنجي ڳوٺ ۾، سيني ڪان ڳڀرو جوان هو. ملهه ۾ ته سندس جي پوري علائقي ۾ هاڪ هُئي، ڳوٺ ۾ اڪثر هر راند ۾ حصو وٺندو هو. يتيم ته هو اڳ ئي هو، انهي ڪري هو شاهه جي گهر ۾ رهندو هو ۽ اُن جي ٻني ٻاري ۽ گهر جو ڪم ڪار ڪندو هو. ڪُجهه مهينن ڪان هندو مُسلم فسادن مُنهن ڪڍيو هو جتي مُسلمانن جي اڪثريت هُئي اُتي مُسلمانن، هُندن ڪي ٿي ماريو ۽ جتي هندن جي اڪثريت هُئي ته اُتي وري هندن تي مُسلمانن ڪي ماريو. اها ڪنهن ڪي به خبر ڪانه هُئي ته هو هڪٻئي ڪي مارينَ ڇا لاءِ پيا، هُتي هندن، شاهه ۽ اُن جي خاندان ڪي ماري. ساڙي ڇڏيو هو ته سانول ٻي ڪا راهه نه ڏسي، وٺي ڀڳو هو ۽ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڪوشش به ڪندو رهيو. ڪافي دير بلوائين سان مزاحمت ڪرڻ ڪري، ڪافي زخم لڳا هُئس، تڏهن به هنن ڪان جان بچائي، ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات لڪندو ۽ ڀڄندو رهيو هو. زخمي هُئڻ ڪري هُن جبل ۾ لڪڻ تي چاهيو پر هو مندر جي ڀر ۾ بيهوش ٿي ڪِري پيوهو.

پوڄا پاٺ ڪري، همنيت ۽ راڌا، ٻئي سانول وٽ هليا آيا ـ. راڌا پيءُ ڪي موڙهو آڻي ڏنو، همنيت پنهنجي ٻُت ڪي ٿوالڙو ويڙهي، موڙهي تي ويهي رهيو

” پُٽ هاڻي پنهنجي خبر چار ڏي. ڪٿان آيو آهين؟ ڪنهن زخمي ڪيو اٿئي........؟ “

همنيت، سانول ڪان پُڇا ڪئي .......سانول جي ذهن ۾ هيڪر ته آيو ته سڀ ڪُجهه سچ ٻُڌائي ڇڏي پرٻئي ساعت بجلي جي تيزي جيان خيال آيس ته جي سچ ٻُڌائيم ته پوءِ موت يقيني اٿم..................!

همنيت سانول ڪي سوچ ۾ ٻُڏل ڏسي چيوـــ

” تون اُلڪو نه ڪر، مونڪي خبر آهي ته تون مُسلمان آهين، ڇاڪاڻ ته تنهنجو چهرو ۽ لباس صاف صاف ٻڌائينَ پيا ـ “

سانول ، همنيت جي انهي انڪشاف تي ڇرڪي پيو ۽ هڪدم وراڻيائين ـ
”پوءِ!!!!!!“
همنيت ، سانول جو هٿ ، پنهنجن هٿن ۾ جهليندي ، وڏي پاٻوهہ سان چيو ـ
” ڏرم ، ڪڏهن بہ ظُلم نہ ٿو چاهي .......ڏرم تہ پُٽ من جي شانتي (سُک) جو نالو آهي ، جيڪي بہ ڏرم جي نالي ظُلم ڪن ٿا اُهي دراصل ڏرم کي سمجهن ئي نہ ٿا ـ ، ڏرم تہ امن ، انصاف ۽ مُحبت جو نالو آهي ۽ جنهن دل ۾ اصل ڏرم ناهي تہ اها دل اشانت ( بي سُکي) ئي رهي ٿي. “
سانول ، همنيت جون اهي ڳالهيون ، ٻُڌي ، ڪُجهہ آٿت ۾ آيو ـ
”ڪاڪا ـ ، مونکي تہ ڊپ هو تہ ڪٿي اوهان پي.........................!“
سانول پنهنجو خدشو ، ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ، ظاهر ڪري ڇڏيو ـ
سانول جي اها ڳالهہ ٻُڌي ، همنيت جي پر ۾ ، زمين تي ويٺل راڌا جي چهري تي مُرڪ ڦهلجي ويئي همنيت ،سانول جي خدشي کي اهو چئي ويتر ختم ڪري ڇڏيو تہ ـــ
” پُٽ ، ڊپ ٿوري ڪبو آهي ـ ، مارڻ واري کان تہ جيئارڻ وارو هزار ڀيرا وڏيڪ آهي ، هي تہ ڀڳوان جو گهر آهي ، هي تہ اشانت انسان جي پناهہ گاهہ آهي ـ“
راڌا ، موقعي جي مناسبت ڏسي ، پنهنجي پيءُ سان ، سانول جي شڪايت ڪندي وراڻي
” باپو ـ ، مزمان ، جيئن ڪُجهہ ٺيڪ ٿيو آهي تہ نيرن صفا نہ ڪاڌي آهي ، جي روٽي نہ کائيندو تہ باپو ، ٺيڪ ڪيئن ٿيندو......؟ “
همنيت کلندي ، پنهنجي ڌيءُ جي مٿي تي هٿ رکندي وراڻيو ـ
”کائيندو... ، هن جي روزي پاڻ وٽ ئي لکيل آهي“
راڌا پيار پري شڪايت سان ، سانول کي چيو ـ
”ٻڌو پيا مزمان ـ ، هاڻي روٽي ضرور کائڻي پوندي ، ها......!!“
هوءَ جيتري معصوم هُئي ، ايترو ئي وري ڳوناٽي حُسن جو شاهڪار هُئي
همنيت ، موڙهي تان اُٿي ، چونري ڏانهن ويندي چيو ـ
”اڄ ، ڪالهہ جي نسبت ڏينهن ڪُجهہ تڏيرڙو آهي“
راڌا ،اکين مٿان هٿ ڏيئي هيٺ نهارڻ لڳي ، حالانڪي سج جي روشني نہ هُئي پر هڪ عام عادت جي ڪري ، هُن ائين ڪيو ٿي
”باپو ، هيڏانهن ڪُجهہ ماڻهوءَ پيا اچن ـــ“
ڌيءُ جي چوڻ تي ، همنيت بہ اوڏانهن نهارڻ لڳو ، جيڏانهن راڌا نهاري رهي هُئي ، ڪُجهہ ئي دير ۾ ، اهو ماڻهن جو ٽولو ، همنيت وٽ اچي پهتو ۽ سانول کي ڏسي ، پاڻ ۾ کُسر ڦُسر ڪرڻ لڳا . نيٺ هنن مان هڪڙي همنيت کي سلام ورايو ـ
”مهاراج نمستي “

شايد اهو ماڻهوءَ انهي ٽولي جو چڱو مُڙس هو . مهاراج سلام جو جواب ڏيئي ، انهن ڏانهن سواليہ نگاهن سان نهارڻ لڳو

انهي همراه مهاراج جي سواليہ نگاهن کي سمجهندي چيو۔

“مهاراج ، اوهان سان نويڪلائي ۾ ڳالهائڻو آهي ۔”

همنيت وراڻيو۔

” هي ايشور ڀڳوان جو مندر آهي ، هتي ڪنهن کان ڪُجھ بہ ڪينَ نہ لڪائبو آهي ، تون ڳالھ ڪر....“

هنُ همراه ، ٻين همراهن ڏانهن نهاريو، جڻ انهن کان اجازت وٺندو هجي ۽ چيائين ۔

سيٺ نارائڻ داس ، ايشور ديوتا لاءِ هي مٽيا (روپيا) موڪلي آهي ۽ هُن روپين جي ٿيلهي ، همنيت ڏانهن وڌائي ، همنيت ، ٿيلهي کي هٿ سان ڌڪيندي چيو۔

” ابا ، سيٺ کي وڃي چئو تہ ايشور ديوتا کي ڪنهنجي بہ دانَ جي ضرورت ڪونهي هو پاڻ اوهان جهڙن کي دانَ ڏيندو آهي گهُرندو نہ آهي “

“مهاراج ، سيٺ خوشي مان ڏنا آهن ، مندر جي مرمت ڪرائي ڇڏجو۔”

همنيت وراڻيو۔

“نہ ، اُن جي ضرورت ڪونهي ۔”

همراه پنهنجن ڳُلهن کي مٿي اُڃڪائيندي چيو۔

“جيئن اوهان جي مرضي مهاراج....!”

۽ هو پوءِ ايشور جي مندر ۾ ، پوڄا لاءِ هليا ويا . هنن جي وڃڻ کانپوءِ ، راڌا پنهنجي نڪ کي موڙو ڏيندي چيو۔

” هي ماڻهو تہ مورڳوئي راڪشڪس (شيطان) پئي لڳو..........۽ ها باپو، هي سيٺ هروڀرو دانَ ڏيڻ جي پويان اڇي چو پيو آهي ، هڪ ڏينهن ڇڏيو ٻئي ڏينهن دانَ ڏيڻ جي بهاني ڀڳا اچن .........هونءَ ...! مرمت ڪرائي ڇڏجو“

راڌا جي ان معصومانہ ادا تي سانول مُرڪي پيو ،همنيت چڱي پر ڄاتو ٿَي تہ سيٺ نارائڻ جون هوَس پريون نگاهون ، سندس نينگري راڌا ۾ آهن ،هو پيسن ۽ پنهنجي دولت جو رُعب ويهارڻ لاءِ ، هڪ نہ ٻئي ڏينهن اهو ناٽڪ ڪندو رهي ٿو

” امڙ ، تون اُلڪو نہ ڪر ، هي ايشور ڀڳوان کي رنجائينَ ٿا ۽ پنهنجو پاڻ لاءِ هتي ئي نَرڳ (دوزخ) جوڙين وتا “

راڌا ،پيءُ جي ڳالھ ٻُڌي ، مُرڪي رڌڻي ڏانهن هلي ويئي ، سانول حيرت وچان ٻنهي کي نهاريندو رهجي ويو

راجستان جو وڏو شهر برهمڻ آباد ، اڄ گئو مُکي ميلي جي ڪري ، بارونق لڳو پئي ، هر طرف طرحين طرحين جا دُڪان لڳل هُئا ،مال جا واپاري الڳ ، مال جي پڙي لڳايو ويٺا هُئا تہ منائين وارا وري پنهنجي الڳ بازار سجايو ويٺا هُئا ٻئي پاسي راندين ۽ مدارين جو ميلو متل هو تہ ناچ ڳائڻين جا تنبو ئي الڳ منظر جو ڏيک ڏيئي رهيا هئا پر ميلي ۾ ايترو سپ ڪُجھ هوندي بہ ، اڳ جي نسبت رونق تمام گھٽ هُئي شايد اُن جو سبب تازو شروع ٿيندڙ هندو، مُسلم فساد هُئا ـ

سيٺ نارائڻ جي دُڪان تي بہ ڪافي رش هُئي ، سيٺ نارائڻ داس ، پنهنجن نوڪرن کي دانهون ڪري ڪري گراهڪن ڏانهن متوجھ ڪرائي رهيو هو.

“سيٺ صاحب........!!”

ڪنهن اوچتي سڏ تي ، سيٺ نارائڻ ڪنڌ ورائي ، اوڏانهن ڏٺو جتان سڏ جو آواز آيو هو تہ سامهون پالڪي ۾ سيٺ شرنارٿي ويٺو هو، سيٺ نارائڻ ، سيٺ شرنارٿي کي ڏسي ، اهڙو تہ ٽپ ڏنو ڄڻ ڪاريهر تي پير پئجي ويو هُجيس.

هڪدم وراڻيو ـ

” اڇو اڇو سيٺ صاحب ......، اسان جا تہ ڀاڳ کُليا آهن جو اوهان پاڻ ، اسان ڏانهن پنهنجا پاڳن پريا قدم پري آيا آهيو...!“

۽ اڳيان ٻيٺل ماڻهن کي جلدي جلدي هڪ طرف هٽائڻ لڳو ۽ پنهنجي ڌوتي کي ٻنهي هٿن سان جهلي ، سيٺ شرنارٿي جي پالڪي وٽ پُهتو ۽ هٿ ڏيئي ، سيٺ شرنارٿي کي پالڪي مان هيٺ لاٿو ،سيٺ شرنارٿي .......ڪنن ۾ سونيون واليون ـــ ، اڳيان وڏو نڪتل پيٽ ـــ ، انهي پيٽ مٿان پيل صدري ۾ سون جا ٻٽن لڳل ـــــ ، گلي ۾ ٿُلهي سنڪڙي (زنجير) پيل هئس ، وڏي شان سان هلي ، اچي ، سيٺ نارائڻ داس جي ڪمرا ۽ خاص ۾ ويٺو ، سيٺ نارائڻ داس ، پنهنجن نوڪرن کي ، ڪُجھ خاص هدايتون سيٺ شرنارٿي جي خدمت لاءِ ڏيڻ لڳو

سيٺ نارائڻ داس جو ڪمرا ۽ خاص واقعي سيٺ شرنارٿي جي شان وٽان هو ، عاليشان ، هٿ سان ٺهيل غاليچا وڇايل هُئا ـــ ، در ۽ درين تي بهترين پردا ٽنگيل هُئا تہ مٿان هٿ پکو، جنهن جي ڇوَ تي زري ۽ ٽڪن جو شاندار ڪم ٿيل هو ۽ دلي جا بهترين صوفا سيٽ پيل هُئا ، سيٺ نارائڻ داس ، شراب جي ٻاٽلي(بوتل) مان بہ پيگ پريا.

” سيٺ صاحب ـــ ، هاڻي تہ موقعو بہ آهي ۽ حالتون بہ پنهنجو پاڻ پيون ساٿ ڏينَ ۽ اوهان اڃان تائين ماٺ ڪيو ويٺا آهيو.....؟ “

سيٺ نارائڻ ، پيگ سيٺ شرنارٿي ڏانهن وڌائيندي وراڻيو ـ

” سيٺ صاحب ، مذهبي معاملو آهي ـ ، ڪٿي ونڻ بجاءِ ڏيٺا نہ پئجي وڃن ـ ، انهي ڪري صبر کان پيو ڪم وٺان..“

سيٺ شرنارٿي ، پنهنجي هاٿي جهڙي جسم کي صوفي تي چوريندي وراڻيو ـ

” هيئنر تہ هندو مُسلم فساد بہ عروج تي آهن انهي ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو موقعو ملندئي مذهبي معاملو آهي تہ اهو ڪم بہ هنن مذهبي فسادن ۾ ڪٿي گُم ٿي ويندو. “
سيٺ نارائڻ داس ٻيگ مان ڊُڪ ڀريندي چيو-
” سيٺ صاحب ، اوهان جو چوڻ بجا آهي پر ايڏو وڏو قدم حال فلحال ، آئون ڪٹڻ لاءِ ذهني طور تيار نہ آهيان ۽ منهنجو هيڏو ڪاروبار.............................................“
سيٺ شرنارٿي نارائڻ جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي، ڪاوڙمان وراڻيو___
” آئون پوءِ چا لاءِ ويٺو آهيان ، ڪليڪٽر تائين تہ مُنهنجي رسائي آهي ۽ جي ڪا اوڻيھ ويھ ٿي بہ سهي تہ آئون پاڻهين سنڀالي وٺندس. “
سيٺ نارائڻ داس ، ڪياڙي کنيندي ، ساڳي انداز ۾ چيو-
” پر سيٺ صاحب منهنجو هيڏو وڏو ڪاروبار آهي ، جي ڪُجھ ٿيو تہ منهنجو تہ الھ تلھ ختم ٿي ويندو. “
سيٺ شرنارٿي وٽجي سنجي ، مس صوفي تان اُٿندي، فيصلا ڪُن لهجي ۾ چيو-
” سيٺ اهڙو ڪُجھ ٿيو تہ تُنهنجي ڪاروبار جي ضمانت بہ آئون ڪٹڻ لاءِ تيار آهيان — ، ڪمون ......، اها ٻيتي سيٺ صاحب کي ڏيئي ڇڏ ... ۽ ها نارائڻ ، مونکي ڪم ڪپي ، ٻُڌئي ... هيئنر مونکي دير پئي ٿئي ، آئون هلان ٿو—“
۽ جهڙي شان سان آيو هو اهڙي ئي شان سان هليو ويو، سيٺ شرنارٿي تہ حُڪم ڏيئي هليو ويو هو، نارائڻ داس جي نرڙ تي پگهر جا ڦُڙا چمڪڻ لڳا هُئا . هونءَ سيٺ نارائڻ داس بہ ڪا معمولي شخصيت نہ هُئي ، پنجاهہ جي پيٽي ۾ هلندڙ___ ، ڪنن ۾ سونيون واليون ___ ، مٿي تي گانڌي ڪيپ ___ ، پيٽ نڪتل ___، نڪ تي گول چشمو ٽڪيل ۽ لٽ جي دستاني تي سون جو پاڻي چڙهيل هُئس ۽ پنهنجي دُڪان تان لهي ، جڏهن وڏي شان سان برهمڻ آباد جو چڪر هڻندو هو تہ سيڪو ٻيو نمستي نمستي ڪندو هو . سيٺ نارائڻ داس جو ڪاروبار رُڳي هتي نہ هو پر پوري راجستان ۾ پکڙيل هو ۽ اُپت جو چڱو خاصوحصو بيوروڪريسي کي ڪارائي ڇڏيندو هو
ٽن ڏينهن کان وٺي مهاراج همنيت بيمار هو،موسم جي تڏي هُئڻ ڪري ، زُڪام ۽ بُخار تي ٻيو هُئس ، راڌا لاءِ ٻنهي جي تيماداري ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو هُو، پر تڏهن بہ راڌا هر ممڪن ڪوشش ڪئي ٿَي تہ ڪم ۾ ڪا گنجائش رهجي نہ وڃي ،سانول جا بہ هاٿي گهٽا ڦٽ ڇُٽي چُڪا هُئا.
” سانول بابو— ، هاٿي تہ اوهان جا ڪافي زخم ڇُٽي ويا آهن لڳي ٿو هي مرهم ، اوهان کي چند ڏينهن ۾ نوبنوڪري ڇڏيندو.“
راڌا سانول جي رهيل ڪُجھ زخمن تي مرهم جو ليپو ڪندي وراڻي -
سانول ويهاٽي کي ٽيڪ ڏيئي ، وڏي پاٻوهہ سان وراڻيو___
“راڌا ، هن مرهم ۾ ايڏي شڪتي(طاقت) ٿوري آهي اها تہ اوهان جي هٿن جي شِفا آهي.”

راڌا موٽ ۾ ڪلندي وراڻي ـ
“سچي ، سانول بابو”
سانول ، چاھ سان راڌا ڏانھن نھاريندي چيو ـ
“راڌا ، ڇا چاھ ۾ شڪتي(طاقت) نہ ھوندي آھي؟”
راڌا ، زخم تي پٽي ٻڌندي وراڻي ـ
“الائي..........!”
سانول ، راڌا جي مٿي تي پيار وچان ھلڪي ٿپڙ ھڻندي وراڻيو ـ
“منھنجن ڦٽن کي ــــ ، ڇري تُنھنجي چاھت ٺيڪ ڪيو آھي ـ”
راڌا ، ڄاڻي واڻي ــــ ، اڻ ڄاڻ ٿيندي چيو ـ
” نہ بابو ـ ، ائين ٿوري آھي ـ ، اوھان کي باپو جي ھن ٺھيل مرھمن ٺيڪ ڪيو آھي ، باپو ، ڏاڍي محنت سان ھي مرھم ٺاھيندو آھي ـ“
۽ مرھم پٽي جو سامان کڻي ، پنھنجي پيءُ وٽ ھلي آئي..
“باپو ـ ، ڪاڙھو پيتو ـ؟”
“ھا امان ـ”
ھمنيت وراڻيو ـ
راڌا ، پنھنجي پيءُ جي سيراندي وٽ ويھي ، پيءُ کي مٿي تي زور ڏيڻ لڳي ـ
ھمنيت راڌا کان پُڇيو ـ
“راڌا امڙ ـ ، صبح رامائڻ پڙھي ھُئي ـ؟”
“جيءُ باپو ـ”
“ياتري آيا ھُئا ـ ؟”
“جيءُ باپو ـ”
“ايشور جي بُت کي اشنان ڪرايو ھو ـ؟ ”
“جيءُ باپو ـ”
۽ گئو ماتا کي ـ!؟ “ ”
“جيءُ باپو ـ ، گئو ماتا کي ٻہ گاھُ پنوڙيئي ، وھنجاري ڇڏيو آھي ـ”
“ مھاراج جي ..جئي!”
سيٺ نارائڻ داس سھڪندي چيو ـ
راڌا کي ھمنيت وٽ ڏسي ، سيٺ نارائڻ پنھنجي نوڪر کي ٻاھر موڪلي ڇڏيو ۽ پاڻ اچي ھمنيت جي پاسي ۾ ويٺو ۽ پنھنجي قيمتي رومال سان ، نرڙ تي آيل پگھر کي اُگھڻ لڳو ـ
“اي ڀڳوان ـ ! ڏاڍي گرمي آھي ـ اُف ـ! ”

” سيٺ ، ھيءَ تہ فطرت جو قانون آھي تہ گرمي سردي پاڻ ۾ برابر ھلن ٿيون ۔ ، انھي ڪري اوھان کي ڌيان رکڻ کپي ھا ۔ ، ھيڙي گرمي ۾ اچڻ جو ڪھڙو لاچار ھو۔“
سيٺ نارائڻ ، پنھنجا ھيڊا ڏند ڪڍي ، راڌا ۾ اکيون وجھندي وڏي واڪي وراڻيو۔
” مھاراج ۔ ، اوھان جي خراب طبيعت جو ٻُڌي ، اصل چينَ ئي ڦٽي ويم ، سو صبر نہ ٿيو ، ھليو آيس اوھان کي ڏسڻ.....“
مھاراج ھمنيت ، سيٺ جي ٻُکينَ نظرن کي پنھنجي ڌيءَ جي مٿي محسوس ڪندي ، پنھنجي ڌيءُ سان مُخاطب ٿيندي چيو۔
“امان ، تون وڃي گئو ماتا جي خدمت ڪر۔”
راڌا ، سيٺ کي ڏسندي ئي ، پنھنجي ساڙھي جو پلوءَ وڌيڪ ھيٺ تہ ڪري ڇڏيو ھو پر تڏھن بہ سيٺ نارائڻ داس ڪائي وجھڻ وارين نظرن سان راڌا کي ڏنو پئي ، راڌا ، اُٿي ٻاھر ھلي ويئي ، سيٺ نارائڻ ويندڙ راڌا کي ڏسي ، پنھنجن چپن تي زبان ڦيرائيندي وراڻيو۔
“مھاراج ٻڌو اٿم تہ اوھان وٽ ڪو پرديسي ترسيل آھي ۔”
ھمنيت وراڻيو۔
“ھائو ، ھو زخمي آھي ۔”
“ڪير آھي ۔؟”
“ڇو ، اوھان ڇو پيا پُڇا ڪريو...... اُنھي سان ڪو ڪم اٿوَ ۔!؟”
مھاراج ھمنيت ٿوري تلخ لھجي مان پُڇيو۔
سيٺ نارائڻ ، پنھنجي شرمندگي لڪائيندي ، مُٺل مُرڪ چپن تي آڻيندي چيو۔
“مھاراج ...................ھڪ ڳالھ چوان ، جي ناراض نہ ٿيو تہ......!”
ھمنيت ، سيٺ نارائڻ کي گھوري ڏٺو
سيٺ نارائڻ ، ھمنيت جو جواب نہ ٻُڌي ، پنھنجي گلي ۾ پيل سوني سنگڙي ( زنجير) سان کيڏندي چيو۔
” اوھين مھاراج ، ٻُزرگ ماڻھو آھيو ، اسان کان وڌيڪ سمجھو ۽ دُنيا جي لاھين چاڙھين کان خوب واقف آھيو ، پوءِ بہ اوھان ھڪ اجنبي نوجوان کي مندر ۾ رھايو ويٺا آھيو ۔ ، پنھنجو نہ سھي مندر جو تہ ڪٿي خيال ڪيو ۽ ٻيو اوھان وٽ جوان جماڻ ڇوڪري رھي پئي.............................................“
مھاراج ھمنيت ڪاوڙ وچان ، سيٺ نارائڻ داس جي ڳالھ اڌ مان ڪٽيندي چيو۔
” سيٺ صاحب ، نينگرِي مُنھنجي آھي ۔ ، اوھان کي چنتا ( فڪر) ڪرڻ جي ضرورت ڪانھي ، ۽ ھونءَ بہ مونکي ، پنھنجي نينگرِيءَ تي اعتماد آھي ۽ مون اُن کي ايشور جي آسري ۽ حوالي ڪري ڇڏيو آھي ۔“
سيٺ نارائڻ ، مھاراج ھمنيت جي ڪاوڙ ڏسي ، ڦڪي مُرڪ چپن تي آڻيندي وراڻيو۔

” مون تہ مهاراج مڙيو ئي زماني جي حوالي سان ٿَي ڳالهہ ڪئي ـ ، خير ـ ، آئون تہ ايشور جي مندر جي سيوا ڪرڻ چاهيان ٿو پر اوهين هر ڀيري مون پاران ڏنل دانُ واپس ڪريو ڇڏيو ، الائي اوهان سيوڪار( قبول) نہ ٿا ڪريو يا ايشور ئي اسان کان ناراض آهي.“

” سيٺ صاحب ــ ، ايشور اسان جهڙن جو ڪو مُحتاج ٿوري آهي ، هو تہ اسان جو اَن داتا آهي انهي جي ئي ڪرپا سان اوهان وٽ ايترو ڪُجهہ آهي ، جي سيٺ صاحب ـ ايشور کي خوش ڪرڻو اٿوَ تہ غريبن ۽ مسڪينن جي واهُر ڪريو.“

همنيت ڏيرج سان ، سيٺ نارائڻ داس کي چيو ـ ، جيڪو اهڙي ڳالهہ ٻُڌڻ لاءِ ئي تيار ڪونہ هو ، سو هڪدم ڳالهہ ۽ موضوع کي مٽائيندي وراڻيو ـ

” مهاراج موسم ڪچو لڳو پيو آهي ، انهي ڪري پنهنجي صحت جي لاپرواهي نہ ڪريو ڪنهن سُٺي ويد ( حڪيم) کي ڏيکاريو ـ“

همنيت مُرڪي چيو ـ

” ننڍي وڏي بيماري جي دوا دارون آئون پاڻ ئي ڪري وٺندو آهيان ، وڌيڪ ايشور ڪرپا ڪندو تہ آئون جلد ئي نوبنو ٿي پوَندسُ ـ“

سيٺ نارائڻ کي گرمي اچي تنگ ڪيو هو گرمي جي ڪري سيٺ جي گنج تي پگهر وهڻ لڳو هو ، انهي ڪري پنهنجي چمڪندڙ اچي ڌوتي کي اڳيان کان جهلي اُٿيو ـ

” مهاراج ، هاڻي اجازت ڏيو ـ ، باقي هن بندي ۾ ڪو بہ ڪم پوي تہ بنا ڪنهن ججهڪ جي حُڪم ڪجو ـ“

مهاراج همنيت بہ ادب ۽ اخلاق جي تقاضا کي مدِنظر رکندي ، ڪٽ تان لهي اُٿي بيٺو ـ .سيٺ جيئن ئي ، مهاراج جي چونري مان ٻاهر نڪتو تہ سندس نوڪر ، ڇتي کولي ، سيٺ جي مٿان ڪئي ۽ سيٺ ڏاڪڻين تان لهي ، هيٺ لهي هليو ويو ، همنيت ٻاهر ، اُس جي تپش ۽ لوءَ کي محسوس ڪندي ، پنهنجي ڏيءُ کي سڏي چيو ـ

” راڌا ڏيءُ ــ ، موتي کي سڏي ، سانول جي ڪٽ ڪمري اندر ڪرائي وٺ ، ٻاهر لوءَ پئي لڳي.“

راڌا ، پيءُ جو چوڻ ڪندي ، هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي ، موتي کي سڏڻ هلي ويئي

انگريز سرڪار ، پنهنجي حڪمت عملي ۾ ڪنهن حد تائين ڪاميابي حاصل ڪري ورتي هُئي ، هندستان ۾ صدين کان گڏ رهيل ، ٻن وڏن مذهبن کي ويڙهائي ــ ، انهن کي ڇڙوڇڙ ڪري ، اڪيلو ڪري وڌو هو ، هر مذهب واري انگريزن جا غلط فيصلا بہ ، هڪٻئي جي ضد ۾ قبول ڪيا ٿَي ، انهي ڪري اُهو مُلڪ ، جنهن جي پنج هزار سال پُراڻي تهذيب هُئي ، امن جي حوالي سان ، جنهن ڪڏهن بہ ، ڪنهن مُلڪ تي ڪابہ چڙهائي نہ ڪئي هُئي ـ ، سي هيئنر هڪٻئي جي خون جا پياسا ٿيو پئي گهُميا ۽ مُلڪ جي وڏندڙ خانا جنگي ، گنڀير صورتِحال اختيار ڪري چُڪي هُئي

برهمڻ آباد مان دونهين جا ڪڪر اُڏامڻ لڳا هُئا ـــ ، راڌا ، موتي جي ٻڪرين ۾ رڍن جي واڙي کان جيئن مٿي آئي تہ برهمڻ آباد مان دونهين جا ڪڪر اُڏامندي ڏٺائين تہ ڊوڙي اچي پنهنجي پيءُ وٽ پُهتي ، جيڪو ڪنهن پوٿي ۾ ڪي نشان هڻي رهيو جيڪي شام جوهن کي آرتي تي ٻُڌائڻا هُئا.

"باپو.......باپو، شهر کي باهہِ لڳي ويئي آهي ـــ"

راڌا ، سهڪندي سهڪندي ، پنهنجي پيءُ کي ٻڌايو، همنيت بہ هڪدم پوٿي بند ڪري ، چونري مان نڪري ، اوڏانهن نهارڻ لڳو ، جنهن طرف شهر هو ،دونهين جا ايڪڙ ٻيڪڙ ڪڪر تہ آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا هُئا ، همنيت جي چهري تي پريشاني صاف نظر اچڻ لڳي هُئي

"باپو، خير تہ آهي ـــ"

راڌا شهر ڏانهن ئي ڏسندي پيءُ کان پُڇيو ، همنيت ، راڌا جو سوال ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري ، اندران پنهنجو پوتڙو ڪڍي شهر ڏانهن وڃڻ لڳو تہ راڌا پيءُ کي ٻانهن مان جهلي بيهي رهي

" نہ باپو ـــ ، اوهان نہ وڃو، شهر ۾ الائي ڇا ٿيو آهي ؟ هينئر اوهان جو وڃڻ ٺيڪ ڪونهي ـــ"

همنيت ،راڌا کان پنهنجي ٻانهن ڇڏائيندي ورائيو ـــ

" مون کي ڪُجهہ ڪونہ ٿو ٿئي ، بس تون مزمان جو خيال رکجان ، متان ڪي بدمعاش هتي بہ اچي پُهچن ، آئون گهڙي ڪن ۾ اچان ٿو. "

" سانول بابو ......... سانول بابو ........، باپو کي روڪيو ـــ ، شهر ۾ شايد بلوو ( جهيڙو) ٿي ويو آهي ۽ باپو اوڏانهن ٿو وڃي. "

راڌا رڙ ڪري ، سانول کي دانهن ڏني.

" ڪاڪا ، راڌا صحيح ٿي چئي ـــ ، اوهان هينئر نہ وڃو ـــ ، شهر ۾ هينئر الائي ڪهڙي حالت هُجي ، حالتون ڪُجهہ ٺيڪ ٿين پوءِ هليا وڃجو ـــ"

سانول ڪٽ تي اُٿي ،ويهندي چيو ـــ

"سانول بابو، باپو جو اهڙين حالتن ۾ وڃڻ ٺيڪ ڪونہ هو..................!"

سانول لٺ جي سهاري ، اُٿي چاڙهين وٽ اچي پُهتو ۽ شهر ڏانهن ڏسڻ لڳو ، جيڏانهن همنيت تڪڙو تڪڙو، وڃي رهيو هو ، راڌا بہ سانول سان گڏ ، بيهي شهر ڏانهن ڏسڻ لڳي.

سانول ـــ ، شهر مان ، اُٿندڙ دونهين جي ڪڪرن کي ڏسي ، انومان ڪيندي ورائيو ـ

"لڳي ٿو تہ هتي بہ هندو مُسلم فساد شروع ٿي ويا آهن ـ"

راڌا ، سانول کي چيو ـ

"سانول بابو، ماٺهو پاڻ ۾ ڇو ٿا وڙهن ـ ، جڏهن تہ سيني جو ڀڳوان هڪڙو آهي ـ"

سانول واپس اچي ، ڪٽ تي ويهندي چيو ـ

" راڌا ـــ ، ماٺهو انهي ڪري ٿا وڙهن جو هو ڀڳوان کي پنهنجي پنهنجي ملڪيت ٿا سمجهن. "

راڌا ، معصوميت مان وري پُڇيو ـــ

” بابو ـــ، پوءِ ڀڳوان، ھنن کي چمتڪار ( معجزو) ڪري، پاڻ ۾ ٺاھي ڇو نہ ٿو ڇڏي.“
سانول وراڻيو ـ
“شايد ڀڳوان کان بہ شيطان وڏيڪ طاقتور آھي”
راڌا قدم قدم ھلندي، اچي سانول جي کٽ جي پير ۾ ويھي ٻيئي ۽ چيائين ـ
” سانول بابو، ڪو اھڙو ماڻھو ڪونھي، جو ھنن کي سمجھائي تہ ڀڳوان تہ من ۾ ٿو رھي، ھو سيني جيوت لاءِ ھڪجھڙو آھي.“
سانول، راڌا کي غور سان ڏسندي وراڻيو ـــ
” ڀڳوان تہ اُن جي من ۾ رھي ٿو، جنھن جي من ۾ وشواس رھي ٿو ھي سڀ ڀڳوان کي تہ پوڄين ٿا پر ڀڳوان جي اصل ڏنل درس کان ڪوھين ڏور آھن ھي نقلي پنڊتن، مھاراجن، مُلن، ڀڳتن، پروھتن جي ڏنل اُبتين سبتين معنائن ۾ قائل آھن.“
راڌا، کٽ تي ويھندي چيو ـ
” بابو، ڀڳوان جي پُستڪن ۾ تہ ھميشہ وشواس لاءِ ئي تہ چيل آھي، ھي سڀ پڙھن بہ ٿا ۽ پوءِ بہ وڙھن ٿا. “
سانول چيو ـ
” راڌا، وشواس معني پنھنجو پاڻ کي ٻي جي حوالي ڪرڻ ـ اِن يقين سان تہ ھو پنھنجو پاڻ کان بہ وڏيڪ محفوظ آھي اھو وشواس ھنن مت موڙھن انسانن ۾ نہ آھي ـ انسانن وٽ صرف خالي عبادت ڪرڻ ۽ پوڄا ڪرڻ جي رسم آھي ـــ، بس ـ!!“
راڌا، ڪُلھن کي اُچڪائيندي چيو ـ
” سانول بابو، پوءِ بہ ڀڳوان ۾ وڏي شڪتي ( طاقت) آھي، پاڻھين سڀ ڪُجھہ ٺيڪ ڪري ڇڏيندو “
راڌا جي انھي ڳالھہ تي سانول مُرڪي پيو ۽ ھوءَ اُٿي پنھنجي ڪم ڪار کي لڳي ويئي.
سيٺ شرنارٿي جي ماڻھن ھن علائقي جي مُک ھندو اڳواڻ اويناش کي قتل ڪري، سڄي علائقي ۾ مُسلمانن جي ھٿان اويناش جي قتل جي خبر پکيڙي ڇڏي، جنھن جي ڪري سڄي علائقي ۾ فساد پڙڪي اُٿيا ھُئا.
سيٺ شرنارٿي ۽ سيٺ نارائڻ داس جي ماڻھن انھي قتل کي وڏيڪ واءُ ڏيڻ شروع ڪري ڏنو ھو، جنھن سبب، جھيڙو گھتجڻ بجائي، ويتر وڌي، ڏورانھن علائقن تائين وڃي پُھتو ھو، سالن جون دوستيون ـــــ، محبتون ۽ خوشيون، انھي فسادن جي نظر ٿي ويون ھيون.
موھن جو دل گھُريو دوست احمد بہ اچي موھن جي گھر ۾ پناھہَ ورتي ھُئي ۽ بلوائي، موھن جي گھر اڳيان اچي بيٺا ھُئا.
” موھن ـــ، اھو ڇگو نہ پيو ڪرين ـــ، مُسلي کي ٻاھر ڪڍ ـــ، نہ تہ اسين ھيو قدم ڪٽنداسين.“
بلوائين مان ھڪڙي ڄڻي رڙ ڪري چيو تہ ٻين بہ اُن جي ھا ۾ ھا ملائي، رڙيون ڪرڻ لڳا.

” نہ تہ ڇا ڪندئو.........؟ هان ، ٻُڌايو ٻُڌايو............، احمد ، مُنهنجي گهر ۾ آهي –، پهرين مونکي ۽ مُنهنجي پتني (زال) کي ماريندئو........ ، تڏهن احمد کي ماريندئو. “
موهن پاڻ ، پنهنجي گهر جي دروازي کي ہوڪي ، ٻاهر بيٺو بلوائين کي مُنهن ڏيئي رهيو هو ، هڪڙي بلوائي اڳيان وڌي ، موهن جي ڳلي ۾ هٿ وجهي چيو –
” تون ڇا ٿو سمجهين بي دينا ، مُسلن جا چمچا.............................. “
۽ چِڪي ،موهن کي ميڙ ڏانهن ڪٽي آيو ، ميڙ مان ڪنهن رڙ ڪئي ،
”ماري ڇڏ حرامزادي کي ___!“
موهن ، ايسري جي هٿن کي زور سان جهٽڪو ڏيئي ، پنهنجو پاڻ کي ڇڏايو.
” آئون راجپوت آهيان – ، مُنهنجي پناهُ ۾ آيل ماڻهو ، منهنجي سام آهي ۽ سام مونکي ماري پوءِ وٺندئو. “
موهن جي ڳالهہ ٻُڌي ، ميڙ ۾ پُڻ پُڻ تيز ٿي ويئي.
همنيت ، سڄي شهر جو ماحول ڏسي ، موهن واري گهر ڏانهن آيو ، جتي هيڏو ميڙ گڏ ٿيل هو ، همنيت ، ماڻهن جي ميڙ کي چيريندو ، موهن جي گهر ڏانهن وڌڻ لڳو ، همنيت جي اچڻ سان ميڙ ۾ پُڻ پُڻ وڏيڪ تيز ٿي ويئي ۽ سيڪو مهاراج کي اڳيان وڌڻ لاءِ جاءِ ڏيڻ لڳو.
هڪ نوجوان ، موهن کي ، اکيون ڦوٽاري ۽ مڪو ڏيکاريندي چيو –
” اسين تنهنجو رت پيءَ ويندا سين – ، تون – ، تون انهن قاتل مُسلن جو ساٿاري آهين ، غدار آهين هندو جاتي جو..........................................................“
همنيت ، نينگر جي ڪُلهي تي وجي هٿ رکيو ، نينگر مهاراج کي ڏسي ، پوئتي هٽي ويو ، ميڙ ۾ هڪدم خاموشي ڇانئجي ويئي ، همنيت ، پهرين موهن ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ميڙ ڏانهن نهاريائين ، ميڙ مان هڪڙو ڄڻو اڳيان وڌي آيو –
” مهاراج ، هيءُ هندو جاتي جو ڏوهاري آهي ، هن هڪ مُسلي کي پنهنجي گهر ۾ پناهُ ڏني آهي ۽ هاڻي اسانجي حوالي نٿو ڪري –“
مهاراج ، هڪ ڀيرو ، وري موهن ڏانهن ڏٺو ، جيڪو بيوسي ۽ لاچاري وارين نظرن سان مهاراج همنيت کي ڏسي رهيو هو.
” مهاراج ، آئون احمد کي هنن جي حوالي نہ ڪندس –“
”ڇو ڪونہ ڪندين ____؟ تُنهنجو پيءُ آهي ڇا ؟“
”زبان جهل ننڍو..........، احمد منهنجو پاءُ آهي ۽ نردوش ( بي قصور) آهي.“
ڪيمشي ، مُڪ واءُ ۾ لهرائيندي چيو –
” مُسلا قاتل آهن ....خوني آهن ....۽ اهو احمدو جوئي.............. آهي –“
مهاراج ، بلوائين کي ماٺ ڪري بيهڻ جو اشارو ڪيو ۽ چيائين –

”هينئر توهان سڀ هلو_ , آئون موهن کي سمجهايان ٿو.“
ميڙ ۾ ڀڻ ڀڻ هڪ ڀيرو وري شروع ٿي ويئي , ميڙ ئي مان آواز آيو۔
” فيصلو ڪريو تہ هينئر ئي ڪريو. مُسلي کي اسان جي حوالي ڪريو_“
همنيت غضبناڪ نظرن سان ميڙ ڏانهن ڏٺو, گجگوڙ سان وراڻيو_
” پوءِ پڳوان جا حُڪم مڃڻ ڇڏي ڏيو ۽ پڳوان جي نيڪ ٻانهنَ کي ماري , پنهنجا فيصلا پاڻ ويهي ڪريو. “
ميڙ انهي دڙڪي کان پوءِ آهستي آهستي ٽُٽڻ شروع ٿي ويو ۽ ڪُجهہ ئي دير ۾ ماڻهو سڀ هليا ويا , مهاراج موهن ڏانهن وڌي آيو.
“موهن , هي سڀ ڇا پيو ٿئي ___؟”
موهن , مهاراج همنيت جي انهي سوال تي روئي ڏنو
” موهن بابا , احمد کي هتان ڪڍي وڃ , حالتون احمد کي تو وٽ رهڻ نہ ڏينديون . “
موهن وراڻيو___
” مهاراج , آئون احمد کي ڪونہ ڇڏي سگهندس ___, ڀلي هي بلوائي مونکي ماري ڇڏين _“
همنيت , موهن کي سمجهائڻ واري انداز ۾ چيو___
” موهن ائين تون احمد سان دوستي نہ پر دُشمني پيو ڪرين ___ , هن جي نوجوان نينگري جي لڄ تنهنجي هٿ ۾ آهي ۽ هي بلوائي , احمد کي ڪڏهن بہ ڪونہ بخشيندا , ڇو تہ موهن آئون حالتون ڏسيو پيو اچان , احمد کي رکڻ ۾ نہ تنهنجي ڀلائي آهي ۽ نہ ئي احمد لاءِ ڪو چڱو آهي _“
احمد بہ گوڙ گهنجڻ جي ڪري , ٻاهر نڪري آيو.
“مهاراج , اوهان....!!! ”
“احمد , مهاراج ڇئي ٿو تہ تون هتان هليو وڃ ___ , ٻُڌائي آئون ڇا ڪريان __؟”
موهن , احمد کي ڪُلهن کان جهليندي چيو۔
احمد , مهاراج جي ڳالهہ جي تائيد ڪندي چيو_
” موهن ادا __ , مهاراج صحيح پيو چئي _ حالتون هاڻي اهڙيون نہ رهيون آهن , جو آئون تو وٽ رهي سگهان _ , موهن ادا , جڏهن دلين ۾ هڪٻئي لاءِ ڪُدورتون جنم وٺڻ لڳن تہ پوءِ اُهي اڏوهي جيان سيني رشتن , ناتن کي کايو , چٽ ڪريو وجهن ٿيون . “
موهن روئيندي چيو_
“نہ احمد نہ ...., آئون پنهنجي ڏيئہ کان بغير زنده رهي ڪونہ سگهندس .”
مهاراج , ٻنهي کي اندر گهر طرف وٺي ويندي چيو___
“موهن _ اندر هلو_ , ٻاهر ڳالهائڻ نيڪ ڪونهي .”
احمد جي نينگري , زينب , ڊوڙي اچي موهن کي ڀاڪر پاتو.

“ڪاڪا، ڪاڪا ..، ڇا ٿيو؟”
موهن به زينب کي ڀاڪر پائي، اڇي روئڻ ۾ ڇٽڪيو ــ، موهن کي روئيندو ڏسي، موهن جي زال هيما به سُڏڪا ڀرڻ لڳي.
احمد پنهنجي زال مومل کي چيو ــ
” نيڪ بخت ــ، تون پنهنجو سامان ٻڌي رک، پنهنجو داڻو پاڻي شايد هتان ختم ٿي ويو آهي. “
احمد جي زال پريشان ٿيندي چيو ــ
“زينب جا پيءُ، ڪيڏانهن ويندا سين ...! آس پاس ۾ ته ڪو مٽ مائٽ به ته ڪونهي.”
موهن جذباتي لهجي ۾ چيو ــ
” ادِي ــ، ڪيڏانهن ڪونه ويندئو، احمد جو ته دماغ خراب ٿيو آهي، منهنجي هوندي، اوهان جو هتي ڪو وار به ونگو ڪونه ڪري سگهندو. “
زينب به روئيندي، پنهنجي پيءُ کي چيو ــ
” بابا ــ، آئون ڪاڪا کي ڇڏي ڪيڏانهن به ڪونه ويندس، هتان ڪونه ويندس .... هتان ڪونه ويندس !“
احمد، ڏيءُ جي مٿي تي هٿ رکندي وراڻيو ــ
” موهن تون ته سمجهين ٿو ته حالتون ڪهڙيون آهن، اهڙين حالتن ۾ هتي رهڻ ۾ ڪهڙي دانائي آهي ۽ هونءَ به ادا اسانجو.............................................“
ٻاهر ڪنهن زور سان، ٻاهرين دروازي کي ڌڪ هنيو ۽ ڪجهه دير ۾ گهر جي اڱڻ ۾ پٿر ۽ پٿر ڪرڻ لڳا ۽ ٻاهريان گوڙ جو آواز اچڻ لڳو ته موهن هڪدم ٻاهر نڪري ڏٺو ته ننڍڙا ننڍڙا ٻار جهولين ۾ پٿر ۽ پٿر کنيو، هن جي گهر ڏانهن پيا اُڇلائين ۽ پريان وڏا وري هنن ٻارن کي هُشيون ڏيندا وتن، موهن بيوسي ۾ اندر هليو آيو
زينب ماءُ جي ڀاڪر ۾ مُنهن لڪايو، ڊپ وچان سُڏڪا ڀري رهي هُئي.
“ڪير آهن.........؟؟؟”
مهاراج همنيت پُڇيو ــ
موهن بيوسي مان وراڻيو ــ
“بلوائي....!!!”
مهاراج ٿڌو ساهه ڀريندي چيو ــ
“وري اچي ويا....!!”
“هائو....!”
موهن روئڻهارڪي لهجي ۾ جواب ڏنو ــ
“پوءِ پٿر اُڇلائڻ کان روڪينَ نه ٿو؟”

"پٽڙ ٻار پيا اُڇلائين...!"
سيني جي ڇهرن مان مايوسي صاف ٻَکِي رهي هُئي . مهاراج ٻاهر نڪتو ته اوچتو پٽڙ اچي سندس مٿي تي لڳو۽ پٽڙ لڳڻ سان ئي مٿي مان رت وهڻ لڳو. رت کي وهندو ڏسي، ٻار ڀڄي ويا .
اها فساد جي باهه ، گهڻجڻ بجائي ، ڪيترن ئي علائقن کي وڪوڙي ، پنهنجي گرفت ۾ آڻيندي ٿي ويئي . سيٺ نارائڻ داس به انهي جهيڙي جو پورو پورو فائدو ونندي ، پنهنجن ماڻهن هٿان ، ايشور جي مندر مان  ايشور ديوتا جي مورتي کي پاتل سونا زيور چوري ڪرائي ڇڏيا ـ انهي اوچتي چوري ٿيڻ ڪري، راڌا سخت پريشان هُئي .
" سانول بابو، ڪيڏا نه پاپي آهن ماڻهو. پنهنجي خالق جي اوتارن (بزرگن) جي گهرن مان به چوري ڪندي ڪونه ٿا ڪيٻائين ـــ ، ڇي ڇي ڇي ـــ سانول بابو. جيڪي پنهنجن مهربانن کي ايذائين ٿا ، ڇا اُهي ڪي انسان ليکبا ـ"
" راڌا ، خبر نه ٿي پوي ته ماڻهو ۾ مايا جو ايڏو موهه ڇو آهي ، حالانڪي ڀڳوان کي اهڙين دُنياوي شين جي ڪابه گهرُج ڪونهي ، بس من جي تسڪين لاءِ اسين پنهنجي پياري شيءَ کي سڀ ڪُجهه ارپڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ـ"
ائين ٻئي ڳالهيون ڪندا ڪندا ، مندر اندر هليا آيا ، راڌا ايشور جي مندر ۾ گهڙندي ئي چيو ـ
" سانول بابو، منهنجو ته هاڻ ئي ڊهي پيو آهي ايشور جِي مون کي معاف ڪجان ، مون آياڳي کان غفلت ٿي ويئي ، شايد انهي ڪري ، انهن راڪشڪسن ( شيطانن) کي چوري ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. "
سانول، مندر جي دري مان ڪارونجهر جبل ڏانهن نهاريندي وراڻيو ـــ
" راڌا ، ڀڳوان اسان کي ، پنهنجو مُنصب ڪري موڪليو آهي ، علم ، عمل ۽ عقل ڏنا اٿس ، جئين اسان ڀڳوان جو محبت ۽ امن جو پيغام ، سڄي انسان  ذات تائين پُهچايون  جئين ڀڳوان وٽ سڀ انسان برابر آهن ۽ سيني لاءِ هوا ، پاڻي ۽ ڌرتي هڪجهڙي ۽ هڪ جيتري پيدا ڪئي اٿس ائين اسان کي انسانن مان اهو مت ڀيد ختم ڪرڻ جو ڪم سونپيو اٿس ، راڌا  جي  ماڻهو اهو درس نٿا سمجهن ـ، اهي پنهنجي لاءِ ته هتي هونءُ ئي نرڳ جوڙين ٿا پر ٻين لاءِ به هن ڌرتي کي نرڳ بنايو ڇڏين ٿا ـ"
راڌا ، ايشور جي اڳيان ، هڪ ڏوهاري جيان ڪنڌ جهُڪايو ويني هُئي ، سندس ڪارا ڀنيا وار ، ڪُلهن تان سَرڪي ، سندس ڇهري کي لڪائي ڇڏيو هُئن ، سانول راڌا کي مندر ۾ ئي ڇڏي، پاڻ لٺ جي نڪ ٺڪ ڪندو، چاڙهين تان هيٺ لهي ،تُلسي جي ٻوٽي جي ڀر ۾ ويهي رهيو ۽ پنهنجي عڪس کي، تلاءَ جي پاڻي ۾ ڏسي ، ماضي جي ڌُنڌلڪن ۾ گُم ٿي ويو ـ
هريش ـــ سندس جگري يار ـ ، جنهن سان گڏ ، هميشه پٽن تي بيٺل ٻيرين مان ٻير پٽڻ نڪرندو هو. ماڻهو ٻنهي جي جوڙي کي ، هنجن جي جوڙي ڪري ڪوٺيندا هُئا .بارش ڪانپوءِ ، ترائين ۾ وهنجڻ ۽ ڪنهن سال بارش نه پوندي هُئي ته پاڙي جي ٻارڙن کي گڏي ، اَجرڪ جو جهول ٺاهي ،در در تي وڃي

چوندا هُئا تہ ” ڪارڙو ڪُنيارڙو اَن پاڻي ڏي تہ مولا مينهڙو وسائي “ ۽ جي ڪنهن سال مِينهن گهٽو پوندو هو تہ ٻئي ڄڻا ڪنييون ، پيپون ۽ مورن جا بيضا ڳولڻ لاءِ ، ڀٽن ۾ نڪري پوندا هُئا ، ڪاڪي ڏيووي جي نينگري ڪملا تي تہ هريش اصل جان ڇڏيندو هو ۽ هن ڪي ڳوٺ جي ٻاهران ٿورو پرڀرو واري تلاءَ تي اصل سجو ڏينهن بيهاريو بيٺو هوندو هو جيسيتائين ڪملا ، اچي ڪوهہ تان پاڻي ڀري هلي نہ ويندي هُئي ، پوءِ سجو ڏينهن هريش وتو خوشي جا ڪلام ڳائيندو ۽ جي ڪنهن ڏينهن ڪملا پاڻي ڀرڻ نہ ايندي هُئي تہ هريش جي من جي اُڻ تُڻ وڌي ويندي هُئي ۽ سجو ڏينهن ور ور ڏيئي پيو پُڇندو هو ” سانول، ڪملا ڇو ڪانہ آئي آهي ؟ .....الائي ، نيڪ بہ آهي يا نہ ....!“ آئون چوندو هُئس تہ ” تي سگهي ٿو تہ گهر جو ڪو ڪم تي پيو هُجيس “ تہ چوندو هو تہ ” نہ نہ سانول ......، هُن جي پڪ طبيعت نيڪ ڪونهي ۔ ،نہ تہ هوءَ ضرور اچي ها ـــ ، هل تہ هلي پُڇي اچون.......“ آئون ڪاوڙ مان چوندو هُئس تہ ” چريو ٿيو آهين ڇا هريش ...؟ ڪاڪو ڏيوو ڇا سوچيندو ...؟ ٻاهڙي لچڻين پاڻ بہ هَريا ، موچڙا کائيندين ۽ مونکي بہ موچڙا کارائيندين...!“

ملهن جي مقابلن ۾ مونکي داد ڏيڻ ۽ دانهون ڪري جوش ڏيارڻ ۾ ، هَريو سڀ کان اڳڀرو هوندو هو۔ ، آئون اڪثر ڪري ، سائين جي ٻني ٻاري ۽ گهر جو ڪم ڪار لاهي ، هريش جي گهر اچي سُمهندو هُئس ـ ، هريش جي ماءُ ، مونکي پنهنجو ٻيو پُٽ سمجهندي هُئي ، پر ..........پر انهي هَرئي بہ مون تي خنجرن جا وار ڪيا هُئا ،سالن جو پيار ، ڪيئن نہ ساعتن ۾ تباهہ ۽ برباد ٿي ويو هو......

“سانول.....!”

همنيت جي اوچتي سڏ تي ، سانول جا ماضي سان اُٽيل ڌاڳا ٽُٽي پيا .

جي ڪاڪا “”

راڌا ڪٿي آهي.....؟ “”

” ڪاڪا هوءُ مُسلسل روئيندي پئي وڃي ، انهي چوري لاءِ هوءَ پنهنجو پاڻ کي پئي دوشي سمجهي ۔“ سانول وضاحت سان جواب ڏنو.

“پُٽ ، پنهنجن جا ڏنل زخم آهن ، پيڙا تہ ٿيندي نہ ...! پر راڌا آهي ڪٿي ؟”

سانول مندر ڏانهن هلندي وراڻيو۔

“مندر ۾ ، ايشور جي اڳيان روئيندي وتي . ”

ٿوري دير ۾ ، ٻئي مندر پُهچي ويا ، جتي راڌا ـــ ، ايشور جي اڳيان ، هٿ ٻڌيو ، سُڏڪي رهي هُئي .

“راڌا.....!”

راڌا پيءُ جو ، جو آواز ٻُڌو تہ ڊوڙي اچي ، پيءُ جي ڇاتي سان لڳي ۽ اچي روئڻ ۾ ڇُتڪي .

“راڌا پُٽ .. ، تُنهنجو تہ ڏوهہ ڪونهي جو تون پنهنجو پاڻ کي پئي هلڪان ڪرين ۔”

همنيت پنهنجي ڌيءُ جي مٿي تي هٿ رکندي چيو۔

سانول جيڪو ، همنيت جي پويان ... ٿورو پرڀرو ، مندر جي وڏي دروازي وٽ ، دروازي کي ٽيڪ ڏيو بيٺو هو، تنهن چيو تہ

“ڪاڪا ، راڌا کي روئڻ ڏيو، نہ تہ گهُٽجي گهُٽجي بيمار ٿي پوندي —”

همنيت بہ ماٺ ڪري، راڌا کي پيار وچان ٿپڪڻ لڳو ۽ راڌا روئيندي رهي.

---

رات جا بہ اڃي وڳا هُئا ... موهن ۽ احمد ، وڏي کوهہ واري ٿوهر وٽ بيٺا هُئا ، موهن وقت جو اندازو لڳائيندي چيو۔

“هاڻي تہ اڇڻ گهُرجيس — ، مون هن وقت ئي اچڻ جو چيو هو”

احمد بہ اندازن چيو تہ —

“ها ..... هاڻ تہ واقعي اچي وڃڻ گهُرجيس ، مُنهنجي خيال ۾ اچڻ وارو ئي هوندو.”

آسمان تي تارا ٽِمر ٽِمر ٽِمر ڪري رهيا هُئا ، واريءَ جا جِيت ، پنهنجي مخصوص آواز سان ، هڪبئي کي پنهنجي هُئڻ جو احساس ڏياري رهيا هُئا ، موهن پڪ ڪرڻ لاءِ ، احمد کان وري بہ پُڇيو—

“احمد رات اندر ، تون هيٺ سنڌ ڏانهن نڪري ويندين نہ..............!!!!!!”

احمد وراڻيو تہ —

“ادا ، اندازو تہ اهو اٿم”

” پر سنڌ ۾ بہ تہ مارا ماري هلي پئي ، تون ڪڏانهن ويندين....... ؟ ڪُجهہ سوچيو اٿئي....!“

موهن کي احمد جي فڪر ، اُڻ تُڻ ۾ وجهي ڇڏيو هو

” موهن ادا ، هاڻي جيڏانهن تقدير ڪڍي وڃي ،هيءَ بہ تہ يار تقدير جا رنگ آهن نہ .... ، نہ تہ پنهنجي ئي ڳوٺ ۽ تڏي مان ، ائين آڌي رات جو لوڏيو وڃان ها . “

احمد تقريبن روئڻهارڪو ٿيندي چيو—

موهن اڃان بہ احمد کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هو.

” آئون تہ احمد اڃان بہ چوين ٿو تہ سوچي وٺ ، اڃان بہ وقت اٿئي ، پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪري وٺ ، هتي ئي رهي پئو ، حالتون نيڪ ٿي وينديون ، اڳي بہ اهي جهيڙا جهٽا ۽ جنگون ڪونہ ٿيون آهن ڇا؟ حالتون وري بہ ٺري گهري ساڳين رمزن تي هلي پونديون آهن ۽........۽ تون هتي اڪيلو تہ ڪونہ آهين آئون ۽ هيما تو ساڻ آهيون ۽ اسان جي هوندي ، تنهنجو ڪو بہ وار بہ ونگو ڪونہ ڪري سگهندو ، رُڳي تون ضد ڇڏ ، ڪٿي وتو مُنهنجي گُلن جهڙي نياڻي زينب کي رولیندين....! “

” نہ موهن ، هتي رهڻ ۾ ڪا بہ ڀلائي ڪونهي ـ ، انگريز ، پنهنجي حرفت ۾ پوري طرح ڪامياب ٿي ويا آهن ، حالتون ، موهن ٺهڻ بجائي ويتر بگڙجنديون وڃن پيون ۽ هتي رهي ٽُنهنجي ۽ ڀاڄائي جي جانِ جوکن ۾ وجهان ، اهو ادا مونکان ڪونہ پُڄندو . “

” احمد ائين تہ نہ چئو، توکان سواءِ آئون زنده رهي ڪينَ سگهندس ۽ تون آهين جو...“

موهن جي اکين ۾ لُڙڪ اچي ويا ۽ گلو ڀرجي آيس ، انهي ڪري، انهي کان وڌيڪ ڪُجهہ بہ چئي نہ سگهيو.

ڀريان ڪنهن ڀُچڪار ، ٻنهي جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو، ٻئي ڀُچڪار واري پاسي نهارڻ لڳا تہ ساعت ڪن ۾ ڏڻائون تہ بہ گڏهہ سامهون کان اچي رهيا هُئا .

گڏهن کي ايندو ڏسي ، احمد ، موهن کي چيو ـــ

“موهن تون وڃي ، تو واري ڀاڄائي ۽ زينب کي جهٽ ۾ وٺي اچ .”

موهن ، حسرت ڀرين نگاهن سان احمد ڏانهن نهاريو.

“ادا ، وقت ڪونهي ، تون وڃ”

احمد ، موهن کي ٻانهن مان جهلي ، گهر ڏانهن روانو ڪندي وراڻيو ـ

اوڻتيهہ رات جي اونداهي پنهنجي عروج تي هُئي ، انهي ڪري چئوڦير سخت انڌارو هو ، ڪنهن ڪنهن وقت اوچتو ڪنهن ٽانڊاڻي جيت جي روشني نظر  ٿَي آئِي يا ڪنهن ننيڙي جانور جون اکيون چمڪيون ٿَي نہ تہ بس ...، ڪُجهہ ئي دير ۾ گهران نڪتل اهو مختصر قافلو ، اچي احمد وٽ پُهتو.

“دير ڪيئي ادا...، خير تو هو نہ !”

“ ها ، بس سامان ڪٽڻ ۾ ڪُجهہ وقت لڳي ويو.”

احمد ۽ موهن گڏهن تي سامان ٻَڌڻ لڳا ، رات بہ تڏيري تي ويئي هُئي ۽ وِلهہ ڪِرڻ جا آثار بہ نُمايان نظر اچڻ لڳا هُئا ،زينب سُڏڪي رهي هُئي ، هيما ، زينب کي ماٺ ڪرائڻ ، بجائي پاڻ سارُهي جو پلوءَ ڏئي روئڻ ۾ پوري هُئي ، مومل جي چهري تي ڪنهن اڻ ڄاتل خوف جا آثار ۽ ڏُک جو ريکائون رقص ڪري رهيو هيون ، سيني جا چهرا لٿل ـــ ، ٽڪل ۽ پيڙا ۾ ورتل پئي لڳا ، احمد ۽ موهن ، جلد ئي انهي ڪم مان فارغ ٿي ويا .زينب جي ماءُ ـــ ، ويهُ ““

احمد ، گڏهہ ڏانهن اشارو ڪري چيو ـ

” احمد ، جو ائين چوڻ ، جڻ رُڪيل سيلاب جو بند ٽُٽڻ ـــ ، سڀ اوڇنگارون ڏئي روئي پيا پر سڀ کان وڌيڪ خراب حالت زينب جي هُئي ، احمد ـــ ، موهن کي ڀاڪُر پائي ، وڃڻ جي اجازت گهُري تہ موهن، احمد جو چهرو ، پنهنجي ٻنهي هٿن سان جهلي ، حسرت ڀري لهجي ۾ چيو ـــ

” احمد ادا ، رڻ ۾ روليو پيو وڃين ، اڳيان وري الائي ڪهڙيون حالتون هُجن ، ڪا خبر ڪانهي......؟ “

احمد روئيندي چيو ـــ

” موهن ادا ، اهڙيون نہ ڳالهيون نہ ڪر ـ ، اللهُ چڱي ڪندو ۽ موهن ، جسم نہ جُدا ٿي سگهن ٿا پر ڇا روح هڪٻئي کان الڳ ٿي سگهن ٿا..................؟“

آئون ڪونہ ويندس ......، آئون ڪونہ ويندس.........!““

زينب ، پنهنجي ماءُ کان ڇڏائي ، اچي پنهنجي ڪاڪي موهن جي ڇاتي سان لڳي روئڻ لڳي .

احمد لُڙڪ اُگهيندي وراڻيو ـ

” موهن ، تون ئي پنهنجي ڌيءَ کي سمجهائي تہ هاڻي جُدائي جو وقت ٿي ويو آهي ، هاڻي يا نصيب ملون يا نہ ملون . “

موهن روئيندي چيو ـ

” احمد ، منهنجو تہ هاڻُ ٿو ڦاٽي ـــ ، تون نہ وڃ ـــ ، ڇڏ ضد کي ـ ، هل تہ گهر واپس هلون..! “

” موهن ، دلين ۾ ڪُدورتون پرجي ويون آهن ۽ اڄ انسان ، انسان جي پاڇي کان پيو خوف کائي ، اُتي ڪيئن رهي سگهجي ٿو ادا . “

زينب جي حالت ، روئي روئي خراب ٿي ويئي هُئي .

” زينب جا پيءُ ، هاڻ هل ، نہ تہ مونکان هوش ڇڏائجي ويندا ـــ ، مونکان زينب جي حالت ڏٺي نٿي ٿئي . “

احمد ، زينب کي زوري گڏهہ تي ويهاريو ـ

احمد موهن کي چيو ـ

” موهن ادا ، هاڻي اللهُ واهي ، زندگي رهي ۽ حالتون صحيح ٿيون تہ وري بہ موٽي ملنداسين......، “

” احمد مُنهنجي ، ڌيئڙي جو خيال رکجين ، جي ڪٿي پُهچين تہ پنهنجي خيريت جي خبر ڪيئن نہ ڪيئن ڪري ، مون ڏانهن اُماڻڻ جي ڪوشش ڪجان ـ ، مونکي تہ تون جيئرو ئي ماريو پيو وڃين ادا....؟ “

سيني هڪٻئي کي حسرت ڀرين نگاهن سان آخري ڀيرو ڏٺو ۽ اهو ننڍڙو قافلو ، پنهنجو اصلي ماڳ ڇڏي ، پنهنجي اڻ ڄاڻ منزل ڏانهن روانو ٿي ويو .

سانول هاڻي بلڪُل ٺيڪ ٿي ويو هو ، تنهنڪري روزمره جي ڪمن سان گڏ ، ويدڪ ڪتابن جومطالعو بہ ڪرڻ لڳو هو ،هندو مُسلم فسادن جي ڪري ، مندر ڏانهن ماڻهن جي آمد جو سلسلو بہ گهٽجي ويو هو ، برهمڻ جا ماڻهو بہ سانول سان هري ويا هُئا ۽ اُن کي هڪ ساڌو سمجهڻ لڳا هُئا ، اُن ڪري اُن سان ورتاءُ تمام چڱو ڪندا هُئا ، ٻئي طرف ، هندو مُسلم فسادن ۾ ،ٿاڍُر اچڻ بجائي ويتر تيزي ايندي پئي ويئي ، برهمڻ آباد ۾ ، مُسلمانن جي علائقن کان پڃي آيل هُندن بہ اچڻ شروع ڪيو هو ، ٻي عالمي جنگ تہ ختم ٿي چُڪي هُئي پر پُنيان ، فسادن جي صورت ۾ پنهنجي بقاياجات ڇڏي ويئي هُئي .

سانول ايترو گهڻو پڙهيل ڪونہ هو پر تڏهن بہ ڪُجھ نہ ڪُجھ لکي پڙهي سگهندو هو ۽ سانول جا اُهي گيت ، جيڪي مذهبي مت ڀيد کان آجا ، سماجي ڀلائي جا نظم هُئا ، سي راڌا ، پنهنجي مُترنم آواز ۾ ڳائيندي هُئي، موتي مندر جو مال چاري، شام جو اچي مندر جي اڱڻ ۾ اچي ويهي رهندو هو ۽ راڌا جا اهي گيت ويهي ٻُڌندو هو.

برهمڻ آباد ۾ مُسلمانن جي آبادي، هاڻي وڃي نالي ماتر رهي هُئي ۽ اُهي بہ خوف وچان وچان وڃان جي چڪر ۾ هُئا، مُسلمانن جا ڪيترائي گهر ويرانيءَ جو منظر پيش ڪري رهيا هُئا. اجان تائين برهمڻ آباد تي ڀوَ جو پاڇو هو. ويساک جو مهينو شروع ٿي چڪو هو. ويساک جو مهينو شروع ٿيڻ سان ئي، گئو مَکي ميلي جون تياريون بہ زورشور سان شروع ٿي ويون هيون. ماڻهن جي چهل پهل روزاني ماڻهن جي نسبت وڌي ويئي هُئي ، هيڏن دنگن ۽ فسادن کان پوءِ بہ ، راجستان ، گُجرات ۽ ٿر جا ماڻهو ، گهڻي تعداد ۾ آيا هُئا جنهن ۾ مسلمانن جو بہ وڏو انگ شامل هو ، سانول ، موتي ۽ راڌا ميلي گهُمڻ لاءِ تيار ٿيا هُئا پر مسئلو اهو هو تہ مهاراج همنيت کان ، ميلي گهُمڻ جي اجازت ڪير وٺي .. ؟ موتي ۽ سانول ميڙمنت ڪري ، راڌا کي مهاراج همنيت کان ميلي تي وڃڻ جي اجازت گهُرڻ لاءِ راضي ڪيو راڌا بہ ڊجي ڊجي پيءُ وٽ پُهتي جيڪو اُن وقت پنهنجن پُراڻن ويدڪ ڪتابن تي جِلد چاڙهي رهيو هو.

“باپو.....!”

“هون.....”

“باپو اسين............”

“ها، اسين ! ؟”

باپو، اسين ميلي تي گهُمڻ وڃون....؟ ““

همنيت مُنهن مٿي ڪڍي، راڌا ڏانهن نهاريو راڌا ڀوَ وچان پنهنجون اکيون پوري ڇڏيون همنيت مُرڪندي چيو۔

“ڀلي پُٽ .”

بس راڌا جو اهو ٻُڌڻ ۽ ڊوڙي اچي، سانول ۽ موتي کي خوشي وچان، اجازت ملڻ جي خوشخبري سُڻايائين تہ

“باپو، ميلي تي وڃڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي”

بس پوءِ ڇا، ٽيئي ڄڻا ميلي تي وڃڻ جي تياري ۾ جُٽي ويا. اڄ ميلي جو ٻيهريون ڏينهن هو پر تڏهن بہ ڪافي مَتل هو. ملڪ ۾ لڳل خانہ جنگي جي ڪري، ڪافي واپاري بہ ميلي ۾ ڪونہ آيا هُئا ، اڳين سالن جي بنسبت هيل ميلي تي دُڪان بہ ، گهٽ لڳل هُئا ، موتي پنهنجي مال لاءِ ڳانيون ۽ گهنڊڙيون ورتيون تہ سانول وري مٺائي جا پيسا ڀريا پوءِ ميلي کي خوب گهُمي ڦري ، شام جو واپس ايندي ، راڌا ، سانول کي ڪاپيون ڏيندي چيو تہ

“سانول بابو، هي ڪاپيون وٺو، هنن تي مونکي نوان گيت لکي ڏجو.”
سانول ڪاپيون وٺندي چيو_
” راڏا ، هاڻي مونکي بہ ڪو ڪم ڪار ڪرڻ گهُرجي، هاڻ واندو ويهڻ سٺو ڪونہ ٿو لڳيم _“
موتي ڪلندي وراڻيو_
” ادا سانول ، برهمڻ آباد ۾ ڪاڪي موهن وٽ هليا وڃو، هو اوهان کي ڪو نہ ڪو ڪم وٺي ڏيندو.
“
سانول ، موتي جي انهي ڳالهہ جو ڪو جواب ڏي ئي ڏي، راڏا هڪدم وراڻي _
” نہ نہ ـــ ، سانول بابو برهمڻ آباد نہ وڃجين ..., هو توکي ماري ڇڏيندا .,. هُنن تہ باپو کي بہ پٽر وهائي ڪڍيو هو......! “
سانول راڏا جي مٿي هلڪي ٿپ هڻندي، مُرڪي وراڻيو_
” پوءِ ڪهڙو ٿو فرق پوي، مُنهنجي نہ ڪو اڳيان ۽ نہ ئي پويان ڪوئي روئڻ وارو آهي. “
راڏا چيو_
“ڇو ڪونهن _، آئون ۽ باپو جو وينا آهيون.”
موتي وچ ۾ رڙ ڪندي چيو_
“آئون بہ تہ آهيان، ادا سانول جو ننڍو ڀاءُ......!”
انهي تي ٽيئي ٽهڪ ڏيئي ڪليا، سانول پيار وچان، راڏا کان پُڇيو_
“مُنهنجي پرواهہ اٿئي.”
راڏا ، سانول ڏي ڏسي معصوميت مان ڪنڌ سان هائوڪار ڪندي چيو_
“هائو”
موتي جيڪو هنن کان ڪافي ننڍو هو، سو هنن کان ڪافي اڳيان نڪري ويو هو، تنهن اُتان کان رڙ ڪري، ٻنهي کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪندي چيو_
” ادا سانول ۽ ديدي، ڏسو، آئون هتان ٿو ٽپ ڏيان
جبل جي ننڍي لاهي تان ٽپ ڏنو ۽ بولاٽيون کائيندو، اچي سانول ۽ راڏا جي اڳيان اچي بيٺو
سانول مُرڪندي چيو_
” اڙي چرٻٽ ، اهي چار سامان، جيڪي ميلي تان ورتا اٿئي، سي بہ نہ ڀڃين وجهين”
موتي ڪنڌ سان نهڪار ڪندي چيو_
“نہ نہ...، ڪونہ ڀڄندا ...، اُهي سڀ راڏا ديدي وٽ آهن”
شام مُڪمل طرح ، پنهنجا پَرَ ، پکيڙي چُڪي هُئي، سج جبل وٽان لهندي، آسمان تي پنهنجي لالاڻ ڇڏي ويو هو.
سانول آسمان جو ڳاڙهو سِيندوريءَ رنگ ڏسي وراڻيو_

“راڌا ، آڪاش (آسمان) کي ڏس”

“هونءُ”

راڌا آڪاش (آسمان) ڏانهن نهاريندي جواب ڏنو.

“ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪنهن سُهاڳڻ ، پنهنجي سينڌ ۾ سيندور پريو هُجي.....!”

سانول آسمان ۾ اکيون کُپائيندي وراڻيو

” سانول بابو، اڄ اها لالاڻ ، مونکي بہ ڏاڍي سُٺي لڳندي هُئي پر هاڻي انهي لالاڻ مان بيگناهہ ماڻهن جو ناحقي وهايل رت جو تصور اُڀري ٿو. “

راڌا ، اُداس ٿي ويئي ، سندس چهري تي ڏُک جون ريکائون رقص ڪرڻ لڳيون.

سانول چيو__

۾ ” راڌا ، آڪاش (آسمان) تہ پويتر آهي ، هو انسانن جيان پاپي ڪونهي ، هن جي لالاڻ هميشہ پيار جي بنڌڻن (ڏاڳن) جي علامت هوندي آهي ۽ ويواهہ (شادي) بہ اهڙي پاڪ مُحبت جي بنڌڻن (ڏاڳن) جو نالو آهي ويواهہ (شادي) جي سيندور جوئي رنگ آسمان تي پکڙيو آهي. “

موتي بيزار ٿيندي چيو_

“سانول ادا ، ڪي آسان ڳالهيون ڪريو، هي تہ اوهين الائي ڇا جو ڇا پيا چئو؟”

موتي جي انهي ڳالهہ تي ٻنهي کان ٽهڪ نڪري ويو ، موتي موٽ ۾ ، ڪاوڙ وچان ، ٻنهي جا چيڀارا ڪيڻ لڳو.

موهن جڏهن کان ، احمد کي هتان کان موڪليو هو ، تڏهن کان صفا خاموش ٿي ويو هو ، ڇپن تان مُرڪ ڄڻ رُسي ويئي هئس ۽ رات جو پنهنجي مُنهن الائي ڪيترا ڪلاڪ پيو سُڏڪندو هو.

موهن ، زينب کي پنهنجي ڌيءَ ڪري پاليو هو ، موهن کي تہ ڪوبہ اولاد ڪونہ هو تنهنڪري پاڙي ۾ رهندڙ احمد جي نينگري زينب ، ٻنهي گهرن جي اکين جو تارو هُئي ، احمد بہ زينب کي موهن جي گهر وڃڻ کان ڪڏهن ڪينَ نہ روڪيندو هو ، هوءَ بہ سڄو ڏينهن هيما وٽ يا موهن وٽ پئي راند ڪندي هُئي ، ڪڏهن ڪڏهن ، موهن زينب کي پنهنجن ڪُلهن تي ويهاري ، جبل گهُمائڻ وٺي ويندو هو ۽ پوءِ سڄي واٽ ڪاڪو، پائيٽي کوڙ ساريون ڳالهيون ڪندا هُئا.

احمد تہ سيٺ نائو مل جو مال چاريندو هو ، تنهنڪري زينب کي پڙهائڻ کان عاجز هو پر موهن ، احمد سان وڙهي ، زينب کي مڪتب ۾ ويهاريو هو ، ڪيترن ڇوڪرن ۾ هي هڪڙي نينگري پڙهندي هُئي ، احمد جا سڀ مُسلم توڙي هندو دوست ، احمد کي پيا هر گهڙي چوندا هُئا تہ تون ٿيو آهين چريو جو نينگري وتو پڙهائين ، نينگري تہ آهي پرايو ڌن ، توکي اُن مان کهڙو لاڀ ، موٽ ۾ احمد چوندو هُئن تہ سندس ڪاڪي موهن جو راز اٿس تہ پنج درجا پڙهي پوي پوءِ آئون ڪيئن ٿو روڪي سگهان.

موهن صبح جو ڪم تي وڃڻ کان اڳ ، پنهنجي زال هيما کي ، زينب لاءِ مال پُڙا ۽ مٺائيون وغيره ڏاهڻ جو ضرور چئي ويندو هو. جي ڪڏهن ڪو احمد يا مومل ، زينب کي ڪنهن شرارت تي دڙڪو دابو ڏيندا هُئا تہ زينب ڊوڙي ، موهن يا هيما سان اچي شڪايت ڪندي هُئي ۽ پوءِ موهن يا هيما ، زينب کي پنهنجي گهر ۾ رهائي ڇڏيندا هُئا . هڪ ڏينهن موهن ڪو بيمار ٿي پيو تہ زينب ڏينهن رات هڪ ڪري اهڙي تہ موهن جي خدمت ڪئي جو موهن جلد نو بنو ٿي ويو. موهن بذات تمام گهڻو ضدي هو پر ڪيڏو بہ ڪنهن سان ضد ڇو نہ هُجيس زينب جي چوڻ تي ، هڪدم ضد ختم ڪري ڇڏيندو هو. زينب ۾ ٿي تہ موهن جو موهہ هو.

ايسيتائين جو زينب جوان ٿي ويئي پر ڪاڪي ، ڀائيٽي جو پيار ، اجان بہ اهڙو ئي ٻاراڻو ۽ پُرخلوص هو. جيڪڏهن زينب بيمار ٿي پوندي هُئي تہ موهن ۽ هيما جي اصل ننڊ حرام ٿي پوندي هُئي ، هي حڪيم ـــ ، هو طبيب ـــ ، علاج مٿي علاج ـــ ، ٿهل ٽڪور...................!

پر هاڻ تہ موهن جي حالت اها هُئي جو هو اڪيلو ، ڪنهن ڪُنڊ ۾ وينو رهندو هو ، ڪنهن سان ڪينَ نہ ڳالهائيندو هو ، جي ڪو فرصت جو وقت ملندو هُئس تہ احمد جي قتل چونري ۾ وينو چونري جي ڇت کي گهوريندو رهندو هوــ ، اهو موهن ، جيڪو ڪِلمُڪ جي نالي سان سڃاتو ويندو هو ، سو بظاهر تہ زنده هو پر اندران ٽُٽي ڀُري مري چڪو هو ، هاڻي تہ سيئي ماڻهو موهن کي چريو چريو ڪوٺڻ لڳا هُئا.

زينب ، جڏهن پنج درجا سنڌي جا پاس ڪيا هُئا ۽ گڏوگڏ قُرآن مجيد بہ پڙهي پورو ڪيو هُئائين تہ موهن ۽ هيما خوشي ۾ پئي نہ ماپيا ، پاڙو تہ ڇڏو پر سڄي برهمڻ آباد ۾ مٺائي ورهائي هُئن. هنن پنهنجي پاڙي ۾ پاٺ شالا (اسڪول) وارو ڪم بہ مڪمل ڪري ڇڏيو هو تہ جيئن زينب پنج درجا پاس ڪندي تہ پاڙي جي نينگرڙين کي ويهي پڙهائيندي پر تقدير کي ڪُجهہ ٻيوئي منظور هو ، موهن جا اهي سڀ خواب ، انهن تازن فسادن ڇڪنا چور ڪري ڇڏيا هُئا ، هاڻي هن کي مذهب جي تہ نالي کان ئي بغاوت ٿي ويئي هُئي جو هو ڪڏهن ڪڏهن تہ شراب پِيءُ ايڏو تہ بدمست ٿي پوندو هو جو ڀڳوان کي گاريون ۽ پونبدا بہ ڏيندو هو

شرنارٿي جو ماڻهو ، اڄ مڪمل طرح سان سهي سنيري آيو هو ، هو هيٺ گئو ماتا واري ڪوني وٽ ، تيز زهريلي خنجر سان لِڪو بيٺو هو

همنيت پوڄا پاٺ مان فارغ ٿي ، پنهنجي چونري ۾ هليو آيو ، جتي راڌا ٻهاري پئي ڏني.

"راڌا امان ، سانول نظر نہ پيو اچي ، ڪيڏانهن ويو آهي......؟"

راڌا ، زمين تي پيل ميرن ڪپڙن کي هڪڙي پاسي رکندي چيوـ

"سانول بابو تہ مزدوري لاءِ شهر ويو آهي"

همنيت حيرت مان وراڻيو تہ ـــ

” مزدوري جي وري ڪهڙي ضرورت پئجي ويس ، هتي ڪهڙي شيءَ جي گهٽتائي محسوس ڪيائين جو مزدوري جي ضرورت پئجي ويس..........!“
موت ۾ راڌا مُرڪندي چيو۔
” باپو، هن چيو پئي تہ هروڀرو واندي ويهڻ کان تہ بهتر آهي تہ ڪٿي نہ ڪٿي وڃي مزدوري ڪجي ، اوهان کي تہ خبر آهي هو جيڪا ڳالهہ ڪندو سا ضرور پوري ڪندو، مُنهنجي سوَ منع ڪرڻ باوجود بہ هليو ويو. “
همنيت راڌا کي فڪرمندي سان ڏسندي چيو۔
” هاڻي تہ سنو ويد تي ويو آهي ۽ هٿ ۾ بہ ڏاڍي شفا اٿس ، ٿوري محنت ڪري تہ پنهنجو حڪمت جو ڏنڌو خوب ڀيو هلندس پر هو پوءِ بہ امان مرد ماڻهو آهي مون کي تُنهنجو اُلڪو ڪايو پيو وڃي ، مُنهنجي عمر اُن لهندڙ سج جيان آهي ، جيڪو پنهنجا آخري ڪرڻا ، بيوسي سان ڌرتي تي اُڇلائيندو آهي ، مون کان پوءِ ، تنهنجو ڇا ٿيندو......هتي گهڻن جي نيت صاف ڪونهي ۽ مايا وارا تہ مورڳوئي ڏيءَ تنهنجو مُلهہ پيا ڳڻين ۽ آئون نہ ٿو چاهيان تہ تون ڪنهن اهڙي جي پلوءَ سان ٻڌجي وڃي جو پوءِ سڄي ڄمار سورن ۾ حياتي گهارين ، جي حقيقت پُڇين تہ منهنجي تہ خواهش آهي تہ تون ايشور جي جيڪر داسي بنجي پوين تہ اُن کان بهتر ٻيو ڪو گس ڪونهي ، وڏيڪ پوءِ بہ منهنجو توتي ڪو زوربار ڪونهي ، جيڪو منَ کي چڱو لڳيئي ، اهو ئي فيصلو ڪجين . “
راڌا ڪنڌ جهُڪايو ، پيءُ جي ڳالهہ ٻُڌندي رهي ، جڏهن همنيت پنهنجي ڳالهہ پوري ڪئي تہ راڌا نهايت نيازمندي سان وراڻي ـــ
” باپو آئون تہ شروع ئي کان ايشور جي داسي آهيان ...، سچي پڇو تہ مون کي ويواهہ (شادي) ۾ ڪو چاهہ ڪونهي ۔ آئون تہ هڪ ايشور جي ۽ ٻيو اوهانجي خدمت ڪرڻ چاهيان ٿي . “
همنيت پيار وچان ، راڌا جي مٿي تي هٿ رکيو تہ راڌا جي اکين ۾ بہ لُڙڪ لڙي آيا ، همنيت جو جِيءُ بہ روئڻ لاءِ ڀرجي آيو ، تنهنڪري پُستڪ کڻي چونئري کان ٻاهر نڪري آيو ۽ آمون بہ اهڙي ئي موقعي جي تلاش ۾ هو ، همنيت جئين ئي ، گئو ماتا جي ڇپر کان لنگهيو تہ آمون تيز خنجر سان ، همنيت تي وار ڪري ڏنو ۽ هن ايڏي تيزي ۽ ڦڙتائي سان حملو ڪيو جو همنيت کي سنڀلڻ جو موقعو ئي نہ ملي سگهيو، همنيت جي دانهن تي ، راڌا هڪدم چونئري کان ٻاهر ڀڳي ، ڪنهن اَڻ ڄاڻ ماڻهو کي پنهنجي پيءُ تي اهڙين خنجرجا وارُ ڪندي ڏسي ، راڌا رڙ ڪري ، بيهوش ٿي ڪِري پئي ، آمون بہ راڌا جي رڙ ٻُڌي ، جيئن تڪڙ ۾ پُنيان ڀڳو ، تيئن جبل تان ڀير ترڪي ڀيس ۽ ڪارونجهر جي هيٺيائين ۾ دانهون ڪندو ، پُرزا پُرزا ٿي ، موت جي وادي ۾ گُم ٿي ويو.
اها خبر ، سڄي علائقي ۾ طوفاني واءُ جيان پکڙجي ويئي هُئي تہ مهاراج همنيت کي مندر ۾ گيتا پڙهندي ڪنهن قتل ڪري وڌو آهي ، هُندن ۾ انهي واقعي ڪانپوءِ سخت تاءُ پکڙجي پيو هو ، هندو انتها پسند ليڊرن بہ ، انهي واقعي کي مُسلمانن جي خلاف استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو ، سيٺ

نارائڻ داس ٻہ ، انهي واقعي مان پورو پورو فائدو حاصل ڪرڻ ٿي چاهيو سو هڪدم برهمڻ آباد جي پنچائيت جي چڱن مُڙسن کي گڏ ڪرائي ، انهي واقعي جو ذميوار سانول کي قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو هو پر چڱن مُڙسن جي انهي بيٺڪ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا هُئا ، ڪن جو خيال هو تہ سانول ساڌو ۽ فقير منش ماڻهو آهي ۽ هُن ، هن مندر جي ۽ مهاراج همنيت جي ڪافي سيوا(خدمت) ڪئي آهي سو اهڙو ڪڌو ڪم هو نہ ٿو ڪري سگهي ، انهي ڪري انهي قتل ۾ هو قطعي ملوث ڪونهي ، پر سيٺ نارائڻ داس جي پيٽ ۾ جو سور هو سو سانول کي پنهنجي راهہ تان هٽائڻ لاءِ هو ڪنهن بہ حد تائين وڃڻ لاءِ تيار هو ، هن لاءِ ڏُکئي ۾ ڏکيو ڪم هو مهاراج همنيت کي قتل ڪرڻ ، سو سيٺ شرنارٿي پنهنجن ساٿين هٿان ڪرائي چڪو هو ۽ ڪو ثبوت بہ موجود ڪونہ هو ، انهي ڪري سانول کي انهي قتل واري چار ۾ ڦاسائڻ ، سيٺ نارائڻ داس لاءِ تمام آسان هو ۽ ڪُجهہ وري حالتون بہ سندس ساٿ ڏيئي رهيون هيون .

سيٺ نارائڻ داس ۽ ساٿين جو خيال هو تہ سانول مُسلو آهي ۽ هُن جون لالچ ڀريون اکيون ايشور ديوتا جي سونن زيورن ۽ مهاراج همنيت جي جوان نياڻي ۾ کُتل آهن ۽ سيني کي اها تہ خبر آهي تہ ايشور ديوتا جا سونا زيور پهرين بہ چوري ٿي چُڪا آهن جن جو بہ اڃان تائين ڪو اتو پتو ڪونہ پيو آهي ۽ مٿان وري مهاراج همنيت جو قتل ، انهي مان ثابت آهي تہ اهڙو ڪم ڪو بہ هندو نہ ٿو ڪري سگهي ، اهو صرف ۽ صرف سانول ۽ اُن جي ساٿين جو ئي ڪم آهي ، انهي ڳالهہ تي برهمڻ اباد جا ڪافي چڱا مُڙس سيٺ نارائڻ داس سان مُتفق هُئا، پر ڪو فيصلو ٿي نہ سگهيو هو.

وڳوڙن جي ڪري ، ڪيترائي هُندن جا اُجڙيل ڪُٽنب ، ماتم ڪندا اچي برهمڻ آباد ۾ پُهتا هُئا ۽ ڪيترائي وري مُسلم ڪُٽنب هتان اُجڙي ڀڳا هُئا ۽ سڄي ماحول ۾ ايتري تہ بي يقيني وڌي ويئي هُئي جو ڪٿي ڪي چار ماڻهو گڏ نظر ايندا هُئا تہ ائين پيو پائينبو هو تہ اڄ ڪنهن نہ ڪنهن نينگري جي لڄ لُٽي ويندي يا ڪنهن نہ ڪنهن جو گهر ساڙيو ويندو، انهن وڳوڙن ماڻهن مان ساڃاهہ ڪيڏي ڇڏي هُئي جو مُسلمانن جي آڙ جو فائدو وٺي ، ڪيترائي هندو ، پنهنجن هُندن جي گهرن ۾ گهڙي ، نوجوان نياڻين جون عزتون لُٽڻ ۽ گهر ڦُرڻ ۾ اڳيرا هُئا تہ مُسلمانن وري ، هندن جي آڙ جو فائدو وٺي ، پنهنجن مُسلمانن جي نياڻين جون عزتون لُٽڻ ۽ ڦُرمار ۾ گوءِ کٽي ويا هُئا ، اهڙين خوفناڪ حالتن جي ڪري ، ڪيترن خاندانن پنهنجي ٻارنهن ٻارنهن سالن جي نياڻين جي شادي ، سٺ سٺ سالن جي پوڙهن سان ڪرائي ڇڏيون هيون .

همنيت مهاراج کي قتل ٿئي ، اڄ پندرهون ڏينهن هو ، پر راڌا اڃان تائين پيءُ جي انهي اوچتي وڇوڙي جي ڪري بيمار هُئي ، پيءُ جي صدمي هٽي جهوري وڌو هُئس، بس ڪٽ جهلي ويهي رهي هُئي ، سانول ۽ موتي ، راڌا جي دوا دارون ڪرڻ ۽ ڪرائڻ ۾ ڪينَ نہ گهٽايو هو ، موتي تہ پندرنهن ڏينهن ٿي ويا هُئا جو مال ڪاهي جبل بہ ڪونہ ويو هو ، هو صرف پنهنجي ديدي(ڀيڻ) راڌا جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول هو. سانول بہ راڌا لاءِ ڏاڍو فڪرمند هو سو هينئر بہ راڌا کي دوا دارون ڪارائي ، پاڻ اچي ٻاهر ،

مهاراج همنيت جي پُراڻن ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ لاءِ وينو ئي مس هو جو پوليس وارا سندس مٿان اچي بيٺا . سانول هيٺن اوچتو سپاهين کي ڏسي گهبرائجي، هڪدم اُٿي بيٺو.

” سانول . اوهان جي نالي اسان وٽ اوهان کي گرفتار ڪرڻ جو پتر(وارنٽ) موجود آهي اسين اوهان کي مهاراج همنيت جي قتل جي الزام ۾ گرفتار ڪريون ٿا .

پوليس واري صاحب . پنهنجي ڪڙڪيدار لهجي ۾ جٽڪي حُڪم صادر ڪيو. سانول حيرت ۽ ڏُک گاڏڙ لهجي ۾ وراڻيو-

“ڇا .....!!؟”

پوليس واري صاحب . ساڳئي ڪڙڪيدار لهجي ۾ چيو-

“ها اسان کي مٿان کان حُڪم مليو آهي تہ اوهان کي فورن گرفتار ڪريون .”

۽ سانول کي هٿڪڙيون هڻي . ٽاڻي تي هلڻ لاءِ چئين َ.

سانول عاجزي سان چيو-

“پر آئون پنهنجي پاءُ کي تہ ٻڌايان...........!”

سانول پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري ئي ڪري . تيسين پويان بيٺل سپاهي . سانول کي زور سان ڌڪو هڻندي چيو-

” نہ . اسان وٽ ٽائيم ڪونهي . صاحب بهادر سر جان ايڊورڊ صاحب پاڻ ٿاڻي جي ريسٽ هائوس ۾ اوهانجي گرفتاري جي انتظار ۾ ويٺا آهن . جلدي هل . ڪٿي اسان جي نوڪري تيل نہ ڪرائين . “

ٻاهر گوڙ ٻڌي . موتي بہ چونئري مان ٻاهر نڪري آيو ۽ سانول کي هٿڪڙيون . هٿن ۾ ڏسي . پڇي سانول جي پير ۾ پُڻتو ۽ پُڇيائين –

“ادا ــ . هي ڇا آهي..!!؟”

سانول ايسيتائين پنهنجو پاڻ کي سنڀالي ورتو هو سو وراڻيائين تہ ــ

” موتي . مون کي ڪاڪا جي قتل جي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ونيو پيا وڃن .,. تون ڪوُ اُلڪو نہ ڪر . آئون بيگناهہ آهيان سو جلدي اچي ويندس . بس تون راڌا جو خيال رکجان ۽ دوائون وقت سر ڏِجان . “

پوليس وارا. نيلها ڏيندا . سانول کي وٺي روانا ٿي ويا . موتي ڏسندو ئي رهجي ويو. موتي ڏاڍو پريشان ٿي ويو هو سو ٻئي ڪا ڳالهہ ڪانہ سُجهيس تہ وڃي راڌا کي اُٿاريائين . جيڪا اجان هينئر هينئر دوا کائي سُتي هُئي . راڌا اکيون کولي . اُٿارڻ واري ڏانهن ناگواري نظرن سان نهاري چيو-

“موتي ... تون !”

” ديدي (پيڻ).......هو.......ديدي(پيڻ) او هو پوليس وارا آهن نہ . سي ادا سانول کي هٿڪڙيون وجهي . ڪاڪي همنيت جي قتل جي الزام ۾ گرفتار ڪري. ٿاڻي تي وٺي ويا آهن.......! “

موتي اجان ڪُجهہ وڌيڪ چئي ئي چئي . راڌا پريشاني وچان . ڪٽ تي . اُٿي ويهندي وراڻي ــ

" تون روڪينَ ها نہ ............يا......يا ڪٿي مون کي اُٽارين ها ، هو ... هو موتي ..هو سانول کي ماري ڇڏيندا.....!! "

راڌا اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر بُخار ۽ نقاهت جي ڪري ، اُٿي نہ سگهي ، موتي راڌا کي جهليندي چيو.

" ديدي (ڀيڻ) ــ ، اوهين ٺيڪ نہ آهيو ، آئون ٿو ٿاڻي تي وڃان ، اوهين بس پنهنجو خيال رکجو.. ، ٺيڪ آهي نہ ديدي(ڀيڻ) .. "

موتي ، راڌا کان نڪري سڌو برهمڻ آباد جي ٿاڻي تي پهتو پر موتي کي اُتي بيٺل سنترين(سپاهين) اڳتي وڃڻ کان روڪي ڇڏيو۔

موتي معصوميت مان التجا ڪندي چيو۔

"مُنهنجي ٻي ڏوهي ڀاءُ سانول کي هتي وٺي آيا آهن ، مونکي اُن سان ملڻ ڏيو"

سنتري(سپاهي) رُعب سان وراڻيو۔

"هل هل ...صاحب جي منع ڪيل آهي ، اندر پُڇا ڳاڇا پئي هلي ."

موتي ويچاري ، سپاهين کي گهڻئي ميڙمنت ڪئي پر سپاهين کي پنهنجي نوڪري پياري هُئي تنهنڪري موتي جي هڪ نہ ٻُڌائون ، موتي ٿاڻي تان مايوس ٿي ، سيٺ نارائڻ داس وٽ ، دُڪان تي آيو

"نمستي سيٺ صاحب"

سيٺ نارائڻ داس هڪ اَچاتري نظر موتي تي اُڇلائي ، وري پنهنجي ڪم ڪار کي لڳي ويو ، موتي ڪافي دير دُڪان جي اڳيان بيٺو رهيو پر سيٺ نارائڻ داس هن تي ڪو بہ ڌيان ڪونہ ڏنو موتي کي مُنيان تہ گهڻي لڳي پر سانول جي ڪري ، مجبورن ماٺ رهيو، هڪ بہ ڀيرا سيٺ نارائڻ سان ڳالهائڻ جي بہ ڪوشش ڪيائين پر سيٺ نارائڻ ڇڙٻ ڏيئي ماٺ ڪرائي ٿَي ڇڏيس ، ڪُجهہ دير ڪانپوءِ ڪو ماڻهو آيو ۽ سٺ نارائڻ داس جي ڪن ۾ ڪجهہ چيائين تہ سيٺ نارائڻ هڪدم پنهنجي سوني دستي واري لٺ کڻي تڪڙو تڪڙو اُن همراهہ سان گڏ الائي ڪيڏانهن روانو ٿي ويو، موتي ٻنهي کي ويندو ڏسندوئي رهجي ويو موتي نيٺ مايوس ٿي ، واپس مندر هليو آيو.

"موتي ڇا ٿيو؟"

سانول ڪٿي هو ۽ ڪيئن هو؟ ""

"مليو ڪي نہ ...! "

راڌا ، موتي جي اچڻ شرط ، موتي تي سوالن جو مينهن وسائي ڇڏيو

"ديدي (ڀيڻ) ، سپاهين ملڻ ئي ڪونہ ڏنو، چئينَ اندر پُڇا ڳاڇا پئي هلي ـ"

موتي مايوسي وچان ، پٽ تي ويهندي چيو۔

راڌا ٻي چيني مان پُڇيو۔

ءِ.........ءِ تون ماٹُ ڪري هليو آئين ..ائين نہ ! ””
“نہ ديدي(پيڻ) ، اُن ڪانپوءِ آئون سيٺ نارائڻ وٽ بہ ويو هُئس .”
“توکي ڪهڙي مورک مت ڏني جو تون وڃي سيٺ نارائڻ سان مل .”
راڌا ڪاوڙ وچان ، موتي کي دپ پٽي .
“ديدي(پيڻ) ، ٻي ڪا واهہ بہ تہ ڪينَ نہ هُئم .”
موتي بيوسي وچان چيو۔
” ڪاڪي موهن وٽ وڃين ها ، هو تُنهنجي ڳالهہ کي ڪونہ ٽاري ها ءِ ڪُجهہ نہ ڪُجهہ ضرور ڪري ها . “
راڌا جي چهري مان پريشاني صاف بَکي رهي هُئي ، هينئر راڌا کي ، پنهنجي پيڙا ءِ درد کان وڌيڪ سانول جو فڪر تڙپائي رهيو هو.
موتي ، راڌا جي ڳالهہ جي موٽ ۾ هٻڪندي وراڻيو۔
“ديدي(پيڻ) ، پر هو تہ ......چ ....چر....چريو...ٽ ...ٿي............!”
راڌا ، ڪاوڙ وچان ، موتي جي ڳالهہ ، اڌ مان ڪٽيندي وراڻي ۔
” ڪاڪي موهن کي ڪُجهہ بہ ڪونہ ٿيو آهي ، هو چريو ڪونهي ، هي دُنيا چري آهي هن کي پنهنجن جو ڏُک ڪائي ويو آهي ، موتي هو اندران کان جهُري پيو آهي ، هُنکي پنهنجن جي ضرورت آهي ءِ هُن جا پنهنجا پاڻ آهيون . “
موتي ڪنڌ جهُڪائي ويهي رهيو ، چڻ کي پنهنجي ڳالهہ تي پڇتاءُ ٿي رهيو هُجيس
” موتي ـــ ، انسان ڪو ڀڳوان ڪونهي ، نہ ئي ڪو وڏو اوتار آهي ، هو تہ جذبن ءِ خواهشن جي نوڪ مان ٺهيل هڪ بوتو آهي ، جنهن کي ڀڳوان تراشي ، هيٺ هن ڌرتي تي لاٿو آهي جئين هن وشال ڌرتي تي اسين هڪٻئي جي پرجهلا بڻجون نہ کي هڪٻئي کي قتل و غارت ءِ مايا جي ماپن تورن ۾ خود کي ضايع ڪريون . “
“جيءُ راڌا ديدي(پيڻ) .”
موتي فرمانبردار ٻار جيان راڌا کي چيو
” سانول بيڏوهي آهي ، تون هينئر جو هينئر ڪاڪي موهن وٽ وڃ ءِ اُن کي سڄي ڳالهہ سربستي ڪري ٻُڌائيجان ، هو پاڻهين ڪا نہ ڪا صورت ڪيندو. “
موتي راڌا جي چوڻ تي هڪ ڀيرو وري ، برهمڻ آباد ڏانهن هليو آيو ءِ اچي موهن سان مليو ءِ سڄي ڳالهہ سربستي ڪري ٻُڌايائين ، موهن پهرين تہ موتي کي گهوري ڏسندو رهيو ءِ پوءِ هڪدم اُٿي ، پنهنجي گهر اندر هليو ويو ،موتي هونءَ ئي موهن کان مايوس هو ويتر جو بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي خاموشي سان گهر اندر هليو ويو تہ پڪ سمجهيائين تہ هتان ڪُجهہ ورڻو سرڻو ڪونهي پر موهن ڪُجهہ ئي دير ۾ پنهنجي ڪُلهي تي پوٽڙو رکي ٻاهر نڪري آيو ءِ پاڻ اڳيان ٿيندي ، موتي کي

پنهنجي پويان اچڻ جو اشارو ڪيائين ۽ سڌو ٿاڻي تي پُهتا جتي موهن اُتي بيٺل سنتري(سپاهي) کي چيو–

“مون کي شيام سان ملڻو آهي...!”

“شيام جمعدار.....!”

“ ها –”

“اوهان جو نالو.....؟ ”

“موهن ...موهن راجپوت”

“هتي ترسو...”

سپاهي ائين چئي اندر هليو ويو. موهن فڪرمندي ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلڻ لڳو. موتي خاموشي سان موهن جون حرڪتون ڏسي رهيو هو. ڪُجهہ ئي دير ۾ سپاهي اچي ويو ۽ هنن کي پنهنجي پويان اچڻ جو اشارو ڪيائين ۽ ٻہ ٽي ڪُوليون گُذري ، ٻاهر نم جي وڻ هيٺيان ويٺل شيام وٽ وٺي آيو. موهن کي ايندو ڏسي، شيام احترام اُٿي بيٺو.

“نمستي ڪاڪا.”

“اوم نمستي پُٽ.”

موهن وراڻيو.

“نٿو..............او نٿو. اندران ٻہ ڪُرسيون کڻي اچ.”

نٿو، جهٽ ۾ اندران ٻہ ڪُرسيون کڻي آيو.

“جيءُ ڪاڪا، هاڻي حُڪم ڪريو.”

شيام ايف. آئي. آر جي رجسٽر کي بند ڪندي، موهن ڏانهن متوجهہ ٿيندي چيو–

“شيام، ڇا ايف آئي آر ۾، سانول جو بہ نالو آهي ؟”

موهن ٿوري هلڪي ۽ نرم لهجي ۾ شيام کان پُڇيو

شيام وراڻيو–

“جيءُ ڪاڪا، سانول جو نالو بہ آهي. گهٽ بہ نہ ڪاڪا پر مُک جوبدار طور.”

“ ڪنهن نالو ڏنو آهي؟”

موهن پنهنجي مطلب جي ڳالهہ پُڇندي چيو.

شيام بہ احتياط. ٽيبل تي ٺونٺون رکي ، ڪُجهہ موهن ڏانهن جهُڪندي. تمام آهستگي سان وراڻيو –

” موهن ڪاڪا، هن ڪيس تي ڪڙي نظرداري پئي هلي -. سيٺ نارائڻ داس، اها ثابتي جهلڻ ويو آهي تہ مهاراج جو قتل سانول ئي ڪيو آهي. “

موهن رُڪائي سان وراڻيو–

” هونءُ ........، مون کي پهرين پڪ هُئي تہ اهو ڪڏو ڪم سيٺ نارائڻ داس ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ ڪونہ ڪندو...........شيام تون ڇا ٿو سمجهين ، ڇا سانول اهڙو ڪم ڪري سگهي ٿو!؟ “

شيام اڻ ڄاڻائي ۾ ڳلها اُچڪائيندي چيو۔

” ڪاڪا ، آئون ڇا ٿو چئي سگهان ، پر جي ڪاڪا حقيقت پُڇين تہ مون کي بہ سانول تي شڪ آهي ، ڇو تہ سانول ، مُسلو آهي ۽ هينئر مُسلا، اسان تي ساڙ ڪائين ٿا . “

موهن ، شيام جو جواب ٻُڌي ، اڪين ۾ اڪيون وجهندي چيو۔

” نہ ائين ڪونهي ، سڀ آڳريون شيام هڪ سريڪيون ڪونہ هونديون آهن ، چند ماڻهن جي ڪڙي ڪيل فساد کي سيني مُسلمانن يا هندوئن سان لاڳو نہ ٿو ڪري سگهجي ، ڀلا ٽُنهنجي ڀيڻ زينب جو ڪهڙو ڏوهہ هو ، احمد ڀلا ڪهڙي هندو کي قتل ڪيو هو ۽ ڪهڙي هندو جو گهر ساڙيو هو ۽ هونءُ بہ جي سانول کي مهاراج مارڻو هُجي ها تہ آڳاٽو ماري ، مندر جا سونا زيور ۽ راڌا کي ڪٽي ڪڏهن ڪو رفو چڪر ٿي چڪو هُجي ها . “

شيام چپن تي پنهنجي آڱر رکندي چيو۔

” ش ش ش ...ڪاڪا آهستي، ڀتين کي بہ ڪن ٿيندا آهن ۽ هي ڪيس سر جان ايڊورڊ جي عدالت ۾ پيو هلي، اها تہ اوهان کي هونءُ ئي خبر آهي تہ سر جان ايڊورڊ ڪيڏو نہ سخت ۽ ايماندار جج آهي . “

موهن ، ساڳئي لاپرواهي سان پُڇيو۔

“جان ايڊورڊ ڪٿي آهي ، هتي تہ ماٺار لڳي پئي آهي....”

شيام پن جي ٻيڙي دُکائيندي چيو۔

“هينئر هينئر ، پنج ڏهہ منٽ ٿيا آهن جو وڏي شهر لاءِ نڪري ويا آهن .”

موهن وري بہ شيام کي سمجهائڻ واري انداز ۾ چيو۔

” ڏس شيام ، سانول کي آئون چڱي طرح سُڃاڻان ، تمام شريف ۽ اخلاقي ڇوڪرو آهي صرف مذهب جي بُنياد تي ، اُن کي بُرو نہ ٿو چئي سگهجي، هر ڪنهن کي حق آهي تہ هو پنهنجي مذهب ۾ آزاد هُجي جيسيتائين سيٺ نارائڻ داس جو تعلق آهي ، تنهن کي تہ راڌا کي حاصل ڪرڻ جو پيٽ ۾ سور آهي ، انهي مردُود سيٺ جي بُري نظر راڌا تي شروع کان ئي هُئي ، تڏهن تہ اهو پنهنجو سانول بہ تہ ڪونہ هو، سُرڳواسي مهاراج همنيت جي هن اوچتي وڇوڙي کان پوءِ جي ڪا وڏي رڪاوٽ ، انهي سيٺ نارائڻ داس لاءِ آهي تہ اهو سانول آهي ، مهاراج جي هوندي سانول کي ، شيام مندر ۾ وڏي اهميت حاصل هُئي ان حد تائين جو پنهنجي نياڻي راڌا کي بہ ڪڏهن سانول سان ملڻ کان ڪينَ نہ روڪيائين ، اها ڳالهہ سيٺ نارائڻ داس کان هضم نہ ٿي نيٺ هٿ ٺوڪيو الزام ٺاهي سانول کي ڦاسايائين ، شيام ، آئون سڄي ڄمار انهي سيٺ نارائڻ وٽ ڪم ڪندو رهيو آهيان ، مونکي هن جي

سيني پِرڪارن جي چڱي پت خبر آهي ، مون کي بہ نوڪري مان جواب ڏيڻ پُنيان ، راڌا جي سڱ وارو مُدو ئي تہ هو................................“

موهن ڪُجھہ دير لاءِ ماٺُ ٿي ويو. شايد ڪُجھہ سوچيائين پئي. وري ڳالهائڻ شروع ڪيائين

” سُرڳواسي مهاراج همنيت پنهنجي جئيري ئي پنهنجي نياڻي کي ، ايشور جي حوالي ڪري ڇڏيو هو ۽ شيام توکي تہ خبر آهي نہ ، داسي تي ويواهہ (شادي) ڪرڻ جي منع هوندي آهي پر نارائڻ تہ جنسي بُک ۾ ايترو تہ انڌو ٿي ويو آهي جو انهي پوبتر ڪم کي نظرانداز ڪري ، پنهنجي هوَس مِٽائڻ ٿو گهُري ۽ هن لاءِ جي انهي گُڏي ڪم ڪرڻ لاءِ، جي ڪا رڪاوٽ آهي تہ اهو سانول آهي ــ! شيام جس نہ هُجي انهي مُسلي کي ، جو هو ايشور ديوتا جي ننگ جي حفاظت پيو ڪري. “

موتي حيراني سان ، ڪاڪي موهن کي ڏسي رهيو هو ، جنهن کي هن بہ پين ماڻهن جيان چريو ئي سمجهيو هو پر اڄ جيڪي ڪُجھہ ڏسي ۽ ٻُڌي رهيو هو، اُن تي هُن کي پاڻ يقين نہ اچي رهيو هو.

شيام بہ صفا سنجيده ٿيندي وراڻيوــ

” اڇا ـــ! ....تہ اصل معاملو اهو آهي انهي جو تہ مطلب ڪاڪا اهو ٿيو تہ سانول کي وچ ۾ ڦاسائي ، سيٺ نارئڻ داس پنهنجو اُلو سڌو ڪرڻ ٿو چاهي. “

موهن چيوــ

” ها شيام ، ائين ئي آهي ، جيڪڏهن زينب تُنهنجي پيڻ تي سگهي ٿي ۽ احمد توتي ڪوبہ شڪ نہ ٿو ڪري..، اهو بہ تہ بابا ويساهُ ئي تہ آهي نہ.................................! “

شيام ، ڳالھہ کي چڱي پَر سمجهي چڪو هو سو وراڻيائين تہ ـــ

” ها ڪاڪا بلڪل ، اهو ويساهُ ئي هو ، بس هاڻ توهان فڪر نہ ڪريو ، هتي سانول کي ڪا بہ تڪليف ڪانہ رَسندي ، مون کان جيڪو بہ هن ڪيس لاءِ ٿي سگهيو سو آئون ضرور ڪندس ، باقي سانول بي ڏوهي آهي اهو تہ فيصلو سر جان ايبورڊ ئي ڪندو. “

موهن اُٿندي چيوـ

“بس ابا ، مون کي اهو ئي گهُرجي .......چڱو هاڻي هلون ٿا .”

موهن ۽ موتي تڪڙا تڪڙا ، ٿاڻي مان ٻاهر نڪري آيا ، موهن گهر وڃڻ بجاءِ، موتي سان گڏجي، مندر ڏانهن هليو آيو.

اڄ بہ آسمان تي ڪڪر ڇانيل هُئا، مندر جو مور پر پکيڙيو خوشيءَ وچان نچي رهيو هو هلڪي هلڪي بوندا باندي، ڪنهن ڪنهن وقت پئي ٿي تہ موسم ويتر ٿڌي ۽ خوشگوار ٿي ٿَي پئي. راڌا پريشانيءَ ۾ ڪٽ جي ويجهو ئي، ڪٽ کي جهليو بيٺي، موتيءَ جو بي صبريءَ سان انتظار ڪري رهي هُئي . راڌا ، موتيءَ سان گڏ ڪاڪي موهن کي ايندو ڏسي ڏاڍي خوش ٿي .موهن جيئن راڌا جي ويجهو پُهتو تہ راڌا احترا ماً ، اُن جا پير ڇُهيا ۽ وراڻي ــ

” ڏاڍا ڪمزور ٿي ويا آهيو ڪاڪا ۽ پنهنجي منڪي (نينگري) کي بہ وساري ويهي رهيا تہ باپو جي ديهانت ڪانپوءِ منهنجو ڇا ٿيندو؟ ڪير آٿت ڏيندو ۽ اوهان کي تہ خبر آهي تہ اوهان ڪانسوءِ منهنجو ٻيو ڪير آهي ؟ “

نارائڻ روئڻهارڪي لهجي ۾ ورائيو۔

” ڏيئڙي ، پنهنجي هن ڪاڪي کي معاف ڪري ڇڏ ، آئون امان پنهنجي ئي هوش ۾ ڪونہ هئس ، مون کي بہ تہ منهنجا پنهنجا ڇڏي هليا ويا ، اندر ۾ رُڳا وڍ آهن وڍ ، جيڪي ڏينهن رات پيا ڪڙهن ، امان جي روحن ۽ ضميرن جي دردن جو هُجي ڪو علاج تہ ڪٽي ڪرائجي پر هي تہ هاڻي ازل جا مليل درد آهن جن جي ڪا دارون ڪانهي .“

۽ روئي پيو ، راڌا آٿت ڏيندي ورائي ـــ

” ڪاڪا ، اسين بہ تنهنجا پنهنجا آهيون ۽ جيڪي ويا آهن سي وري ڪهڙي خوشي سان ويا آهن ، ڪاڪا ڪو پنهنجي وطن ۽ پنهنجن پيارن کي خوشي ۾ ڇڏيندو آهي ڇا ؟ بس حالاتن اهڙو اچي وقت بيهاريو آهي جو باپو جهڙي سادي ۽ پرهيزگار سخض کي بہ هنن ، سماج دُشمنن ۽ زوري مذهب جا ٺيڪدار ٻٽيلن قتل ڪري ڇڏيو ڇا اُهي ڪاڪي احمد ۽ ان جي خاندان کي بخش ڪري ڇڏين ها ، ڪاڪا ، هاڻ نہ لاهيو جيڪو ٿيو سو ڀلي لاءِ ئي ٿيو آهي . “

موهن ڪُجهہ دير سُڏڪندو رهيو ۽ سُڏڪندي ئي ورائيائين تہ ـــ

” موتي ، ڇيو پئي تنهنجي طبيعت ٺيڪ ڪونهي ۽ ڇهري مان بہ امان ڏاڍي ڪمزور پئي لڳين . “

راڌا ، ڪاڪي موهن جي اها ڳالهہ ٻُڌي اڻ ٻُڌي ڪندي ورائي ـــ

“ڪاڪا ، سانول لاءِ ڇا ڪيوَ ـــ ؟”

” امان ، انهي ڪُتي ڪم جي پويان ، سيٺ نارائڻ جو هٿ آهي ، هو سانول کي مارائي توسان وهانءُ رچڻ جا خواب پيو ڏسي . “

موهن ڪاوڙ ۽ قربت واري گاڏڙ لهجي ۾ چيو۔

راڌا مُستحڪم ارادي سان اُٿي ، ايشور جي بُت سامهون بيهي ، وڏي واڪي چوڻ لڳي

” ڪاڪا ـــ آئون اڄ هن پوتر ايشور جي اڳيان اوهان کي ساکي ڪندي ، پنهنجي رضا خوشي سان ، ايشور ديوتا جي داسي ٿيان ٿي ، اڄ کان پوءِ مون پنهنجو پاڻ تي ويواهہ(شادي) کي حرام ڪيو ، ڪاڪا ، اوهان مون کي ڪاٺ جي پاڪڙي(جُتي) ۽ گيڙو ڪپڙا وٺي اچي ڏيو . “

ڪاڪي موهن جي اکين ۾ لُڙڪ هُئا ، راڌا جي مٿي تي هٿ رکي چيائين ـــ

“ڏيءَ ، ڀڳوان تنهنجو نگهبان هُجي”

۽ واپس هيٺ ، برهمڻ آباد هليو آيو .

احمد کي ڪوٺڙي ۾ بند ڪري ، واڌو ، گوپال ۽ ششي تنهي ڄڻن ، زينب کي الڳ ڪمري ۾ بند ڪري ، اُن جي لڄ لُٽڻ لاءِ خوب شراب پيتو هو ، انهن مان صرف هڪڙي سُندر ، ان ڪم جي سخت

مُخالفت ڪئي هُئي تہ اُن کي پاڻ کان الڳ ويهاري ڇڏيو هُئن . ان ڪري ڪاوڙ وچان شراب بہ پيئڻ ڪونہ ڏنو هُئنَ . زينب خوف وچان ڏڪي پئي ۽ مُسلسل روئي رهي هئي ۽ انهن کي منتون ۽ ايلاز بہ ڪري رهي هُئي پر هُنن جڻ ڪنن ۾ ڪپهہ وجهي ڇڏي هُئي . جڏهن هُنن خوب شراب پيءُ ورتو تہ پنهنجي ڪم لاءِ زينب واري ڪمري ۾ گهڙيا . زينب هنن تنهي کي اندر ڪمري ۾ ڏسي . وٺي وڏيون دانهون ڪرڻ شروع ڪيون . سُندر کان اهي دانهون سَنيون نہ ٿيون . جهٽ ڪر ڪمري ۾ گهڙي وڏي ڦُڙتائي سان زينب کي ٻاهر ڪڍي ۽ ڪمري جو در ٻاهريان بند ڪري ڇڏيو . هو ٽيئي ڪمري ۾ بند ٿي ويا تہ زور زور سان دروازو وڄائڻ لڳا پر سُندر. احمد ۽ مومل کي ٻي ڪمري مان ڪڍندي چيو ــ .

”چاچا . جيترو جلدي ٿي سگهي تہ هتان نڪري وڃو ــ !“

احمد جي اکين ۾ لُڙڪ اچي ويا . سُندر جي نرڙ تي . بي ساختہ ٿي چُمي ڏنائين

”چاچا . جهٽ ڪريو جهٽ ــ !!!!“

احمد وارا گڏهن تي چڙهي روانا ٿي ويا . سُندر جا دوست . ڪمري جي دروازي کي زور زور سان ڌڪ بہ هڻي رهيا هُئا ۽ سنُدر کي گاريون بہ ڏيئي رهيا هُئا . احمد . پنهنجي لڏي ساڻ . آڌي رات تائين مُسلسل هلندو رهيو ۽ ڪٿي بہ ساهي نہ پٽيائين . احمد پاڻ پيدل هو ۽ زينب ۽ مومل کي گڏهن تي سوار ڪيو هُئائين .احمد اجان تائين . مُسلسل سفر ۾ هو . هن کي اجان تائين ڪا ٽائينڪي جڳهہ هٿ ڪانہ آئي هُئي . احمد کي گسين پنڌين . ڪانہ ڪا رت ۾ ٻُڏل لاش ملندي هُئي . ڪنهن نہ ڪنهن اُجڙيل ۽ سڙيل ڳوٺ کان . هن جو گُذر ٿيندو هو . جتي رت جا ڍُبا . سڙيل ۽ ڳريل انساني لاش ۽ لاشن مان اُٿندڙ بدبوءِ هن جو سواڳت(ڀليڪار) ڪندي ملنديون هيون . احمد بہ نيٺ وڃي هڪ مُسلمانن جي ڳوٺ پهتو . جنهن جي ٻاهران ڪُجهہ نوجوان . پهرو ڏيئي رهيا هُئا . اُتي ڳوٺ جي چڱي مُڙس . هنن کي رهڻ لاءِ هڪ هندو جو گهر ڏيکاريو . جتي بہ ڪيترائي رت جا ڍُبا ــ ٽُٽل چوڙين جا ٽُڪر ـــ پيتين جا ٽُٽل تالا ۽ ڌرمي ديوتائن جي مورتين جا ڀڳل ٽڪر وکريا پيا هُئا . هو گهر ڪينَ نہ پئي لڳو بلڪي ڪو ڪوس گهر مثل هو . احمد اُن گهر ۾ رهڻ کان صاف انڪار ڪندي . ڳوٺ جي چڱي مُڙس کان پُڇيو ــ

”هن گهر ۾ ڪهڙو ڪوس ڪيو اٿئو......!؟“

”ڪُجهہ بہ نہ . بس ڪافرن کي ماري . پنهنجن مُسلمان ڀائرن جو بدلو ورتوسين .“

”صرف قتل........!!!“

احمد ڪاوڙ ۾ طنزيہ لهجي ۾ چيو ــ

مومل ۽ زينب بہ اجرڪ سان مُنهن وڙهيو .اهو نظارو ڏسي رهيون هيون ۽ گهر جي حالت ڏسي . خوف بہ کائي رهيون هيون . ڳوٺ جي چڱي مُڙس . مُرڪي پنهنجن مُڇن کي وٽيندي وراڻيو ــ

” نہ نہ ــ صرف قتل ٿوري ڪيو هو ٻيو بہ چڱو مال هٿ آيو هو. سو مال غنيمت سمجهي ڳوٺ وارن کي ورهائي ڏنم باقي ڪافر جي نندڙي ڇوري کي سالو منڊو ڪٽي ويو ۽ وڏي ڇوري پنهنجو پاڻ کي هٿي ئي ساڙي رک ڪري ڇڏيو هو. “

آخري لفظن تي ڳوٺ جي چڱي مُڙس، ٿورو زور ڏنو. احمد جي بہ ڪاوڙ چوٽ چڙهي چُڪي هُئي.

” اوهين پيغمبر محمّد(صلي الله عليہ وآلہ وسلم) جا پوئلڳ آهيو..........، الله جي دين جا رکوالا.......، اڙي حيف هجنوَ. اوهان تہ الله پاڪ جي شفاف دين کي لڄائي ڇڏيو آهي ............، اوهين مُسلمان تہ ڇا پر اوهان تہ انسان ئي نہ آهيو.........................!“

ڳوٺ جو چڱو مُڙس وات ڦاڙيو، احمد کي ڏسڻ لڳو. گوڙ جو آواز ٻُڌي، ڳوٺ جا ٻيا ماڻهو بہ، احمد ۽ ڳوٺ جي چڱي مُڙس جي چئوگرد گڏ ٿيڻ شروع ٿي ويا هُئا.

احمد ڪاوڙ ۾ چوندو رهيو۔

” ٿُوءَ اوهان جي مُنهن ۾! جن وٽ ڪنهن بيگناهہ نياڻي جي عزت محفوظ نہ هُجي، جن وٽ بيگناهہ ماڻهن کي محض ٻئي مذهب هُئڻ جي ڪري بنا ڪنهن سبب جي قتل ڪيو وڃي، جتي امن ۽ سڪون جو گلو گهُٽيو وڃي ڇو اچي پنهنجي دين کان مُنڪر ٿيا آهيو. اڙي مُحمّد (صلي الله عليہ وآلہ وسلم ) بہ پنهنجن جهادن ۾ ڪنهن بہ بيگناهہ کي ڪينَ نہ ايذايو هو. جڏهن مڪو فتح ڪيائين تہ بہ اُتي جي بيگناهہ ماڻهن کي تحفظ_ڏنائين، نہ ڪي ائين ڪيائين جيئن اوهان ڪيو آهي ..........................................

۽ پنهنجو لڏو ڪٽي، اڳتي روانو ٿي ويو. ڳوٺ جا سيئي ماڻهو بُت بڻيو، احمد کي ويندو ڏسندا رهجي ويا ۽ ڪنهن کي همت ڪانہ ٿي جو هو احمد کي ڪٽي روڪي.

سانول کي ڪُولي ۾ اڄ ٻيو ڏينهن هو. هن نندڙي ڪُولي ۾ هڪ اڌ ڀڳل مٽ جو پيپل هو جنهن کي ڪُولي کان الڳ ڪرڻ لاءِ هڪڙي ڪنڊ ۾ رکي اُن کي سٽي جي ٻوري جو پردو ڏنو ويو هو ۽ اُن مٽ کي انساني حاجت پوري ڪرڻ لاءِ رکيو ويو هو. پريان لوهي شيخن جي دروازي وٽ، هڪ پُراڻو سينواريل پاڻي جو دلو پيپل هو. ڪُولي ۾ ئي حاجت ڪرڻ ڪري حد درجي جي بدبوءِ چئوطرف پکڙيل هُئي ۽ انهي ڪري مکين جا بہ هشام هُئا. سانول کي پهريون ڏينهن ڏاڍو ڏُکيو لڳو ۽ هڪ اڌ اُلٽي بہ ٿيس، پر نيٺ ان بدبوءَ کي سهسائي ويو. ڪُولي ۾ ڪو ڪم ڪونہ هوندو هُئس، تنهنڪري، پنهنجي مُنهن وينو گيت ٺاهيندو هو ۽ پنهنجي مُنهن وينو جهونگاريندو هو. آواز سُريلو هُئڻ ڪري، ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر پهري تي بيٺل سپاهي، هن کان ڪنهن گيت جي فرمائش ڪندا هُئا تہ هو پنهنجا گيت ٻُڌائيندي ڪين ڪيٻائيندو هو. خاص ڪري راڌا تي جوڙيل هي گيت تہ هر گهڙي ڳائيندو هو........

سونهن جي ديوي آهين، سينگار تنهنجو ٿو وٽي
هن آدرشي انسان کي ، پيار تُنهنجو ٿو وٽي

آرسي ۾ ڇهرو تون ، ڏسي ڀلا ڇا ڪندين
ڳچي تنهنجي ۾ پاتل، هار تنهنجو ٿو وٺي،

مُرڪٽي آهين ڇوڪِري، ٿورو مُرڪِي ته ڏيڪار،
صبح شام سانجهي جو، ديدار تنهنجو ٿو وٺي.

گهٽن سپاهين کي ، سانول سان همدردي ٿي پئي هُئي ته اهڙو پيارو، شاعر ۽ حساس ماڻهو قاتل ٿي نه ٿو سگهي ، سو ڪوشش ڪندا هُئا ته سندن ڪان سانول کي ڪا تڪليف نه پُهچي ، خود شيام به ٻه ٽي ڀيرا چڪر تي آيو هو ۽ سانول ڪان حال احوال وٺندو رهيو هو ، تنهنڪري اڄ سانول کي ڪُولي تبديل ٿيڻ جي خوشخبري به ملي هُئي ، تنهنڪري شيام ٻن ٽن سپاهين سان گڏجي ، انهي ڪُولين جي بيرڪ کي ڇڏي ، ٻي بيرڪ ۾ ، هڪ ڇڱيرڙي ڪوٺي ۾ سانول کي اچي رکيو ويو ۽ سانول کي چيائين ته ـ ،
"ڪنهن به شيءِ جي ضرورت هُجي ته هنن سپاهين کي چئجان ."
سانول رُڳي هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو، سانول جو جواب ٻُڌي ، شيام ، سپاهين کي ڪُجهه هدايتون ڏيئي هليو ويو ، سانول انهيءَ نئين ڪُولي ۾ ايندي ئي ڪُجهه سڪون محسوس ڪيو ، ٻيو نه ته به انهي حاجت واري بدبوءَ کان ته جانَ ڇُٽس، جيڪا اُن ڀڳل اڌ گهڙي جي ڪري هُئي ، هن ڪُولي ۾ حاجت لاءِ جاءِ الڳ ٺلهِ هُئي ، صاف هنڌ بسترو سو به کٽ ساڻ ، هڪ اڌ هٿ پکو ۽ صاف سُٿرا مٽ ۽ گلاس پيل هُئا .
جڏهن کان سيٺ نارائڻ داس کي اها خبر پئي هُئي ته راڌا ، ايشور جي داسي بڻجي ويئي آهي ۽ اُن جي مِڻائي به ملي هُئس تڏهن کان ته ٽپ ئي ٽري ويا هُئس انهي خبر ڪانپوءِ ته ، سيٺ نارائڻ داس کان سانول وسري ويو هو، رُڳو راڌا کي حاصل ڪرڻ لاءِ سَٽون سَٽڻ لڳو هو، راڌا جو داسي ٿيڻ ڪانپوءِ ، سيٺ نارائڻ داس جو ڪٿي هٿ پير ڪونه پئي لڳو، سو ٻي ڪا واهه نه ڏسي ، سيٺ شرنارٿي وٽ آيو هو ، جتي نارائڻ داس کي سيٺ شرنارٿي جي نوڪر ، سيٺ جي پيڍي واري دُڪان تي ويهاري ڇڏيو ، جتي چار پنج ڪلاڪ جي ٿڪائيندڙ انتظار ڪانپوءِ ، سيٺ شرنارٿي پنهنجي آرام واري ڪمري مان ٻاهر نڪتو.
"نمستي سيٺ صاحب"
سيٺ شرنارٿي ، نارائڻ جي نمستي جو ڪوبه جواب ڪونه ڏنو ۽ صوفي تي ويهندي چيو ـ
"ها ڳالهه ڪر ـ ، ڇو آيو آهين ؟"

اهڙي رُڪائي سان ڳالهہ پُڇڻ تي ، سيٺ نارائڻ اندرتائين سڙي خاڪ ٿي ويو پر اهو سور پئيندي وراڻيو ـ

“سيٺ صاحب ....هو راڌا جا آهي نہ.........................”

سيٺ شرنارٿي ، سيٺ نارائڻ داس جي ڳالهہ اڌ مان ڪٽيندي وراڻيو ـــ

” مون کو تُنهنجي شادي جو نيڪو ڪنيو آهي ڇا ـــ؟ هوءَ جيڪڏهن داسي ٿي آهي تہ پنهنجي مرضي سان ٿي آهي ، داسي ٿيڻ لاءِ ڪو مون ڇيو هو ڇا ؟ سو آئون تولاءِ انهي سلسلي ۾ ڪُجھ نہ ٿو ڪري سگهان . “

سيٺ نارائڻ اهڙو رُکو جواب ٻُڌي ، صفا وائڙو ٿي ويو ، هن کي سيٺ شرنارٿي مان اهڙي اُميد ڪونہ هُئي .

“سيٺ صاحب ، آئون ٻي ڪهڙي در وڃان ؟ اوهان چاهيو تہ سڀ ڪُجھ ٿي سگهي ٿو.”

سيٺ شرنارٿي ، نارائڻ جي ڳالهہ ٻُڌي ، ڪاوڙ ۾ اکيون ڦوٽاريندي چيو ـ

” آئون ڪو تنهنجو دلال آهيان ڇا؟ جو تُنهنجي شادي ڪرائيندو وتان ........هان ......اُٿي هتان ...هل وڃي پنهنجي ڌنڌي جي ڪري ......متان منهنجي وات مان تنهنجي لاءِ ٻيو ڪُجھ نڪري وڃي......................“

سيٺ نارائڻ داس ڪان بہ نيٺ سهپ ڇڏائجي ويئي

” سيٺ صاحب ، ٻل منهنجو ڪم نہ ڪريو ، نينگر نندي ، جمعا گهٽا ۾ ها اهو بہ ياد رکوتہ اويناش ۽ مهاراج همنيت وارا راز بہ هن بندي جي من ۾ دفن آهن ، ڪٿي اهي راز جا لاشا ٻاهر نڪري ڏپ نہ ڪن . “

سيٺ شرنارٿي پهرين تہ ٻہ ٽي منٽ، سيٺ نارائڻ داس کي گهوري ڏسندو رهيو ، جيڪو پنهنجي ڳالهہ جو ردِعمل ، سيٺ شرنارٿي جي چهري تي ڏسي مُرڪيو پئي .

سيٺ شرنارٿي ، صوفي تان وٺجي ستجي اُٿندي چيو ـ

” سيٺ ، اڄڪلهہ ڌنڌي ۾ مندي پئي هلي ، تنهن اسان کي پاڻ پريشان ڪري وِڌو آهي ، تنهنڪري ڪا ڳالهہ ڏُکي لڳي هجيو تہ ناراض نہ ٿجو ، جيئن ئي ڪا فرصت مليم تہ آئون تو واري ڪم کي بہ ڏسان ٿو ، هينئر ٻل هلو ، ڪُجھ نہ ڪُجھ ڪري ٿا وٺون . “

سيٺ نارائڻ داس ، پنهنجي ڪاميابي تي گُدگُد پئي ٿيو ۽ سيٺ جو آسري وارو جواب ٻُڌي ، ٻاهر نڪري آيو ، هُنجي وڃڻ شرط ، سيٺ پنهنجي خاص ماڻهو کي چيو ـ

“ارجن ، سيٺ نارائڻ داس سُرڳ گهُمڻ ٿو چاهي ، تون ٽڪيٽ جو بندوبست ڪرينس .”

۽ پنهنجي پيڍي جي ڪم ڪار ۾ لڳي ويو .

سر جان ايڊورڊ ، اڄ وري ڪيس جي پيروي لاءِ آيل هو، انهي ڪري اڄ سانول جي سر جان ايڊورڊ وٽ پيشي هُئي، موهن، موتي ۽ راڌا ٽيئي صبح کان ٽاٽي واري ڪچهري واري ڪمري جي ٻاهران موجود هُئا ڇو تہ اڄوڪي پيشي ۾ راڌا جو بہ بيان قلمبند ٿيڻو هو.

موهن ، راڌا جي بيان متعلق پنهنجي راءِ ڏيندي چيو۔

” راڌا ڌيءَ ، تنهنجي اڄوڪي بيان جي وڏي اهميت آهي ، تنهنجو بيان ئي سانول جي زندگي بچائي سگهي ٿو. “

” ڪاڪا ، منهنجو بيان هوڻ ئي سچ تي ٻڌل آهي. قاتل مون پنهنجين اکين سان ڏٺو آهي سو سانول هوڻ ئي بي قصور آهي ، باقي ڪاڪا جي هينئر باپو جو اصل قاتل پيو هُجي ها تہ آئون اُن کي بہ معاف ڪري ڇڏيان ها . “

موهن راڌا جي مٿي تي هٿ رکندي، وڏي پاٻوهہ سان وراڻيو۔

” راڌا ڌيءَ ، مون کي تو مان اها ئي اُميد هُئي ، تو ۾ امڙ ، مون کي پنهنجي ڌيءَ زينب جي خوشبو اچي ٿي ، هوءَ بہ بلڪُل تو جهڙي ڏاهي ۽ ڏِيا وارِيءِ (رحم ڪندڙ) هُئي . “

راڌا مُرڪندي چيو۔

” جيءَ ڪاڪا ، تڏهن تہ اوهان جي ذهن ۽ دل تي پنهنجي پيار جا اڻ مِٽ نشان ڇڏي ويئي آهي . “

موهن ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيو۔

” هائي هائي ..........هينئر الائي ڪٿي هوندي ؟ الائي ڪهڙن حالن ۾ هوندي ،آئون پنهنجي زينب جي باري ۾ سوچيان ٿو تہ امڙ ، مُنهنجو هانءُ ئي ڇڇي پوندو آهي ،ننڊ ئي ڦٽي ويندي اٿم ، پڳوان پنهنجي پناهہ ۾ رکيس شل مُنهنجي حياتي جا ڏينهڙا بہ ڪيس کي ڏيئي ڇڏي۔ “

اوچتو ڪا گاڏي اچي، ڪچهري جي سامهون بيٺي، ڪُجهہ ئي دير ۾ پر واري ٽاٽي ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي جلدي جلدي سنتري(سپاهي) گهوڙن تي چڙهڻ لڳا، موهن وارا بہ هنن کي حيرانگي سان نهاري رهيا هئا موتي، همت ڪري هڪ سپاهي کان پُڇا ڪئي تہ

“صاحب ڇا ٿيو آهي ؟”

سپاهي تڙ تڪڙ ۾ وراڻيو۔

“هن شهر جي معزز سيٺ نارائڻ کي ڪنهن قتل ڪري ڇڏيو آهي.....!!!”

موتي جي مُنهن مان ازخود رڙ نڪري ويئي تہ

” ڇا ....!؟ سيٺ نارائڻ داس قتل ٿي ويو......!!!؟؟”

۽ ڊوڙي اچي موهن کي ٻُڌايائين .

موهن مُرڪي پيو ۽ چيو۔،

” موتي بابا ، جهڙي ڪرڻي ، تهڙي ڀرڻي ........هن جيڪو کوهہ ٻين لاءِ کوٽيو هو ، تنهن ۾ پاڻ ئي ڪِري پيو. “

تيسين شيام بہ ٽڪرو ٽڪرو، موهن ڏانهن آيو ۽ چيائين ـــ ،
” ڪاڪا ، اڄ سانول واري پيشي ڪونہ ٿي سگهندي، سپ سيٺ نارائڻ جي قتل جي سلسلي ۾ تفتيش لاءِ هليا ويندا، وري جي ڪا تاريخ ملي تہ آئون پاڻهين اوهان ڏانهن سنيهو(پيغام) ڪندس “
موهن ويندڙ شيام کي ٻانهن مان جهليندي چيو۔ ،
” شيام، اسان سانول سان مُلاقات تہ ڪري سگهون ٿا نہ ...! “
شيام ڪاڪي موهن واري ڳالهہ ٻُڌي ، ڪُجهہ دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو، ڪُجهہ دير سوچي وراڻيو۔

،
” ٺيڪ آهي ..........روپا او روپا ! “
” جيءُ صاحب ..“
روپي ، شيام کي سليوٽ ڪندي چيو.
” هنن کي سانول سان مُلاقات ڪرائي ڇڏ ـــ. “
ائين چئي ، شيام روانو ٿي ويو
ڪُجهہ دير ۾ روپي سپاهي ، موتي ، راڏا ۽ موهن کي سانول سان ملائڻ لاءِ مُلاقاتي ڪمري ۾ وٺي آيو ۽ سانول کي بہ چند گهڙين ۾ مُلاقاتي ڪمري ۾ وٺي آيو، هنن ٽنهي جي ڳالهائڻ کان اڳ ۾ سانول جي واتان، راڏا جي خيريت معلوم ڪرڻ وارا لفظ نڪري پيا .
” راڏا تون ٺيڪ تہ آهين نہ ....!!! “
راڏا وراڻيو ـــ ،
” ها ، آئون تہ ٺيڪ آهيان ، اوهان پنهنجي ٻُڌايو ؟ “
سانول پنهنجين اکين ۾ آيل لُڙڪن کي اُگهيندي وراڻيو ـــ ،
” ٽُنهنجو مون کي ڏاڍو اُلڪو هو......منهنجي گرفتاري ڪانپوءِ ويتر وڌيڪ بيمار نہ ٿي پوين پر الله جا لک لک شُڪرانا ڪي تون ٺيڪ آهين ۽ هيءُ چا ؟ “
سانول راڏا کي گيڙو رتا ڪپڙا ۽ ڪاٺ جي جُتي پيرن ۾ ڏسي پُڇيو.
راڏا ڪُجهہ چوي ئي چوي، موهن وراڻيو۔ ،
” راڏا ، ايشور جي داسي ٿي ويئي آهي ، هن پنهنجو پاڻ تان ويواهہ (شادي)کي حرام ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي هيءَ بس ايشور ۽ اُن جي ڀڳتن جي خدمت ڪندي، پنهنجي سڄي حياتي گُذاريندي ـــ .
“
سانول مُرڪندي چيو۔ ،
” راڏا ، انهي پويتر(پاڪ) ڪم تي واڌايون هُجنئي ....، ڪير ٿو ڀي ڪنهن لاءِ ، پنهنجون سپ خواهشون ماري، هاڻي تہ مُنهنجو بہ فڪر لهي ويو ، هاڻي جي ڪاڪا ، ڦاهي بہ چڙهي .........................“

راڌا ، هڪدم سانول جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو— ،
” پڳوان نہ ڪري جو اوهان کي ڪُجهہ ٿئي — شُپ شُپ(نيڪ نيڪ) تہ ڳالهايو. ڦاهي چڙهن اوهان جا دُشمن ...“
موهن ڳالهہ کي ٻي رُخ ڏانهن ڦيرائيندي، سانول کان پُڇيو- ،
” هتي ڪا تڪليف تہ نہ اٿئي نہ ابا ...! “
” نہ ڪاڪا ، شيام دادا ، منهنجو هر طرح جو خيال رکي ٿو ڪاڪا راڌا ڪيڏي نہ ڪمزور ٿي ويئي آهي ...! “
سانول ، راڌا ڏانهن نهاريندي، موهن کي چيو.
راڌا سانول لاءِ ، جيڪا ماني گهران ٺاهي آئي هُئي ، اُها سانول کي ڏيندي وراڻي - ،
” آئون تہ نہ ...پر اوهين گهڻا ڪمزور ٿي ويا آهيو. هتي جيل ۾ وري ڪهڙي ماني ملندي هوندي! “
سانول ، راڌا کان ماني وٺندي، موتي کان پُڇيو— ،
” موتي بابا ، تون ڪيئن آهين ؟ “
” دادا .. نيڪ ! “
” مال جي ڏي خبر ! ؟ “
” اهو بہ نيڪ آهي دادا .“
” آئون جڏهن گرفتار ٿيو هُئس ، تڏهن پوري رڍ نيڪ ڪونہ هُئي ... هاڻ ڪيئن آهي ؟ “
” هاڻي نيڪ آهي دادا ، بس ڪُهُني ٿي پئي هُئس ، سو ڪاڪا وارو علاج ڪيم تہ ڪُهُني لهي ويس . “
” اهو بہ چڱو.... راڌا ياتري اچن ٿا ؟ “
” ها ! “
” تون ڀڄن پڙهندي آهين ! ؟ “
” نہ “
” ڇو.... ائين نہ ڪر نہ ..., ڪاڪا جي هميشہ اها خواهش رهندي هُئي تہ ڀڄن صرف تون ڳائيندي ڪر “
” ها ، هاڻي پڙهنديس ، ورت رکان ٿي نہ . تہ پوءِ تان ڇڪڻ جي سگهہ ئي نہ ٿي رهي.“
راڌا جواز پيش ڪندي، فرمانبرداري سان چيو.
سانول هيتري دير جو راڌا ۽ موتي سان ڳالهائي رهيو هو تنهن کي احساس ٿيو تہ هُن ڪاڪي موهن کان تہ ڪو حال احوال ڪونہ پُڇيو آهي ، سو ڪاڪي موهن کان سندس طبيعت جي باري ۾ پُڇيائين — ،
” ڪاڪا ڪيترا نہ هيڻا ۽ ڪمزور ٿي ويا آهيو. طبيعت نيڪ نہ هُئي ڇا ڪاڪا .“

” نہ پُٽ ... بس جيءُ جي جهوراٽن جهوري وڌو آهي ، پيو تُنهنجي ڏاڍي اُڻ تُڻ تي پئي هُئم تہ هڪڙا رشتا اڳ ئي وڃائي چڪو آهيان ، هي تو وارو رشتو بہ وڃائي نہ ويهان ، ان حالت ۾ طبيعت خاڪ ٺيڪ رهندي، هينئر بہ تو واري ڪيس ۾ مس مس ڪُجهہ اڳيرائي ٿي هُئي تہ مٿان وري سيٺ نارائڻ داس جو خون ٿي ويو هاڻي الائي ڇا ٿيندو؟ “

سانول حيرت مان وراڻيو ـــ ،

” ڇا ....!!!؟ ، ڪاڪا ، اوهان هي ڇا پيا چئو ـ ، سيٺ نارائڻ داس قتل ٿي ويو ...! ، ڪيئن ...؟ ، ڪٿي......؟ ، ڪنهن قتل ڪيو.....!!!!؟ “

” پُٽ ، پئسي واري جا سوَ سڄڻ ، سوَ دُشمن ـ ، هي جيڪي دولتمند ماڻهو ، غريب ماڻهن کي ماري ، ڇيپاتي ، پيسا ميڙين ٿا ۽ پنهنجي مايا جي موهہ ۾ ايڏا تہ بدمست ٿي ويندا آهن ، جو ڪنهنجي دانهن ، ڪوڪ بہ ڪونہ ٻُڌن ٿا ، هن بہ پنهنجي مايا جي بدمستي ۾ اچي ڪنهن نہ ڪنهن کي رنجايو هوندو ، بس اُن جي صبر جو پيمانو نيٺ لبريز ٿي پيو هوندو ، هٿي ڪنهن نہ ڪنهن ماري وڌو هوندس ، تنهنڪري بابا ، سياڻا چئي ڪونہ ويا آهن تہ سوَ ڏڪ سونار جا ۽ هڪ ڏڪ لوهار جو ، “

موهن وراڻيو.

سانول ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيو ـ ،

” ڪاڪا ، موت ڪيڏو نہ سستو ٿي پيو آهي جو جنهن کي وڻي ٿو ، سو ماڻهو کي قتل ڪريو ٿو ڇڏي ، “

” ڪاڪا ، هلو هلو ، هاڻي مُلاقات جو وقت پورو ٿي ويو آهي ، “

سپاهي روپي ٿوري ڪڙڪيدار لهجي ۾ چيو.،

سيني سانول ڏانهن نهاريو ، جيڪو مُرڪي رهيو هو.

ٽيئي ڄڻا ، سرنهن جي وڻ هيٺ وينا هُئا ، شام پنهنجا پَرَ ساڙا ڪري ، موڪلائي وڃي رهي هُئي رات بہ پنهنجي گهري اونڌائي ساڻ اچي پُهتي هُئي ، ڏڪڻ جو واءُ ، گهُلڻ ڪري رات ڏاڍي مخموري بڻجي ويئي هُئي .

انهن ٽنهي مان هڪ ڄڻو وراڻيو ـــ ،

” شريف ، آئون چوين ٿو تہ اهڙو موقعو وري هٿ نہ ايندئي ، چوري نہ آهي ....اصل ڳاڙهو تماتو..! وار بہ پورا لڳا پيا اٿس .. “

ٻئي تصديق ڪرڻ لاءِ وڏيڪ پُڇندي وراڻيو ـ ،

” تو پاڻ ڏٺي آهي ڪريم يا ٻئي ڪنهن جي چوڻ تي پيو ڳالهہ ڪرين ـــ ! “

ساڳيو همراهہ ، انگريزي ٻيڙي (سگريٽ) جو سوٽو هڻندي چيو ـ ،

” اُستاد ، آئون پنهنجين هنن ٿواب پرين اکين سان ڏسي آيو آهيان ـ اُستاد چوري جا اُرهہ ڏسي ، مون کي تہ عيدو وارا صوف ياد اچي ويا ...، اصل وات پاڻي پاڻي ٿي ويم ...!! “

اُن همراهہ اهڙو تہ نقشو چٽيو جو، ٻين ٻنهي همراهن کي بي چين ڪري وڌائين.
ٽئين همراهہ، پنهنجن چپن تي زبان ڦريندي چيو_،
” ڪرو، اهو لڏو لٿل ڪٿي آهي ! ؟ “
ساڳئي همراهہ هٿ جو اشارو اُتر طرف ڪندي چيو_،
” او، پنهنجي شهر جي پُراڻي تلاءُ وٽ ! “
ٻئي همراهہ مرڪائہ مُرڪ مُرڪندي چيو_،
” اُتي آهي بہ سُڃ ....! آسي پاسي ۾ ويجهو ڪو گهر گهاٽ بہ ڪونهي. “
ساڳئي ٻيهرين همراهہ تڪڙو ٿيندي چيو_،
” اُستاد، ڇوري وٽ صرف، هڪ پوڙهو ۽ پوڙهي آهن، بس ...! “
پوءِ ٿيون همراهہ اُٿندي وراڻيو_،
” پوءِ دير ڇا جي آهي ...؟ آيل شڪار، عين پنهنجي نشاني تي آهي. “
ٽيئي ڄڻا اُٿي، احمد واري لڏي ڏانهن روانا ٿيا. جيڪو اڄ شام جو وڏي مُسافت ڪري، ٿڪي، ٽُٽي اچي پهتو هو، سو ماني ٽڪي کائي، پنهنجو پاڻ کي مُسلمانن جي علائقي ۾ محفوظ سمجهي، بي فڪر ٿي سُتا هُئا.

لڏي جي ويجهو پُهچي، هڪڙي ڄڻي، پنهنجي وَر مان ڏِگهو ڇُرو ڪڍيو ۽ آهستي آهستي پيرڙا ڪڍي، اچي احمد جي مٿان بيٺو ۽ ڇُرو وڌائي، اهڙي تہ مهارت ۽ ڦُڙتائي سان احمد جو گلو ڪٽيائين جو احمد ڪان رڙ بہ نہ نڪري سگهي، احمد کي مهارت سان ذبح ڪري، ساڳيو همراهہ مومل ڏانهن وڌيو ۽ غور ڪري ڏٺائين تہ پوڙهي آهي يا اُها جنهن جي شڪار لاءِ هي آيا آهن، ماچيس جي تيلي ٻاري، ڏسي ٻڪ ڪرڻ ڪانپوءِ ساڳي ئي مهارت ۽ ڦُڙتائي سان، مومل کي بہ هڪ جهٽڪي ساڻ ذبح ڪري وڌائين ٻيا همراهہ ڪپڙو ڪنيو، زينب جي مٿان تيار بيٺا هُئا بس رُڳي اُستاد جي اشاري ملڻ جي دير هُئي، اُستاد جيئن ئي انهي ڪم مان واندو ٿيو تہ همراهن کي حملي جو اشارو ڏنائين بس اشاري ملڻ شرط، ٻنهي همراهن زينب جي وات تي ڪپڙو وجهي قابو ڪيو، انهي اوچتي حملي زينب کي چرڪائي وڌو، هو چار ۾ ڦاٿل مڇي جيان ڦٿڪڻ لڳي پر ٽن مضبوط مردن جي ٻانهُنَ مان پاڻ کي ڪيئَ نہ ڇڏائي سگهي منٽن ۾ همراهن زينب جي ٻانهن ۽ ٽنگن کي ٻڌي ورتو اُستاد شرفو، ساڳي رت هاڻي ڇُري سان، زينب

ڏانهن وڌيو ۽ زينب کي ٻڌل ٻانهن مان جهلي، جهٽڪي ساڻ اونڌو ڪري وڌائينس ۽ زينب جي چولي جي سڳن کي سيڪنڊن ۾ ڪٽي، چولي زينب جي ٻانهن مان ڦاڙي، ڇڪي اُڇلائي ڇڏيائين ۽ هاڻي زينب هنن جي اڳيان الف اُگهاڙي پيل هُئي، اُستاد شرفو جيئن پنهنجي حوَس مٽائي اُٿيو تہ ڪريم ۽ نواز ڇِتا ٿي پيا، هڪڙو زينب تي چڙهي تہ ٻيو اُن کي ڇڪي پري ڪندي، پاڻ چڙهيو پوي، شريف، تسيتائين باقي ٽڙيل پکڙيل سامان ميڙي، پنهنجي ٽوال ۾ ٻڌو، تنهي ڄڻن زينب جي جسم

تي ايترا تہ ڇَڪ ۾ رانپوتا هنيا هُئا ، جو زينب بيهوش ٿي چُڪي هُئي ، تنهي ڄڻن ، پنهنجي ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ آخر بيهوش پيل زينب کي ٽوڙو هٽي ، اڳتي روانا ٿي ويا .
سانول جي جلدي جلدي پيشي ٿيڻ لڳي هُئي ۽ مٿان سيٺ نارائڻ وارو ڪيس بہ سر جان ايڊورڊ کي سونپيو ويو هو. سانول جي ڪيس ۾ راڌا واري بيان ڪانپوءِ ڪو دم ڪونہ رهيو هو ، ڪيس داخل ڪرائيندڙ پاڻ بہ قتل ٿي چڪو هو. تنهنڪري ڪو فريادي بہ ڪونہ رهيو هو ۽ تفتيش دوران اها بہ ڄاڻ پئي هُئي تہ جنهن وقت مهاراج همنيت جو خون ٿيو هو اُن وقت سانول ، آڏي گام ۾ سيٺ پرمانند جي پانڊي تي ڪم ڪري رهيو هو ، تنهنڪري فيصلو سانول جي حق ۾ ٿي ويو هو ، بس عدالت جي ڪُجھ ڪاغذي ڪارروائي رهيل هُئي، هر پيشي تي موهن ۽ موتي سانول سان ملڻ ضرور ايندا هُئا ۽ راڌا، ايشور جي داسي بڻجي ، مندر ۾ ياترين جي خدمت ۾ مصروف هُئي ، ٿورن ئي ڏينهن ۾ سانول انهيءَ ڪوڙي ڪيس مان آزاد ٿي ويو، سانول جي آزادي سڀ کان گهڻي خوشي موهن کي ٿي هُئي تنهنڪري، موهن، سانول کي ڀاڪُر پائي ڪافي دير روئيندو رهيو، سانول جي آزادي، برهمڻ آباد جي امير طبقي کي تہ ڏاڍي ڏُکي لڳي پر هو سانول جي آزادي کي ايشور جو چمتڪار(معجزو) سمجهي اهو زهر جو ڍڪ پي ويا هُئا، سانول جي آزادي جو ٻُڌي ، برهمڻ آباد جا ڪافي ماڻهو عدالت ٻاهريان گڏ ٿي ويا هُئا، جان ايڊورڊ سانول جو مُسلم هُئڻ سبب پوليس کي خاص هدايت ڪئي هُئي تہ سانول کي سندس گهر تائين خيريت سان پوليس پهري هيٺ پُهچائي اچن، ڇاڪاڻ تہ ممڪن آهي تہ ڪو انتها پسند هندو حملو ڪري سانول کي ڪو نقصان نہ رسائي .
سانول ، موهن ۽ موتي پوليس جي حفاظت ۾ مندر ڏانهن روانا ٿي ويا ، جتي راڌا اڳ ۾ ئي مندر جي گس تي، هنن جي انتظار ۾ بيٺي هُئي ، هوءَ پنهنجي تامي جي ٿالهي ۾ ، آرتي لاهڻ جو سامان، ڪُجھ مناڻ، هڪ ناريل، ٿورو نجو گيھ، سيندور جي ننڍي دٻلي، ڪُجھ گُل ۽ اگربتون ٻاريو بيٺي هنن جي راهہ تڪي رهي هُئي، جيئن ئي سانول وارا ، گهوڙن تان لهي ، راڌا جي ويجهو پُهتا تہ راڌا بنا ڪنهن ڳالهائڻ جي ، سانول جي سامهون آرتي جي ٿالهي، بہ ٽي ڦيرا گهُمائي، ڪُجھ منائي سانول کي کارائي ۽ باقي ٿوري ٿوري منائي سيني کي ورهائي ڏني ۽ پوءِ پاڻ اُها آرتي واري ٿالهي کڻي ، ايشور جي استان ڏانهن هلي ويئي.
” ڇري! “
سانول پيار وچان، ايشور جي استان ڏانهن ويندڙ راڌا کي تمام آهستگي سان چيو
موتي ، جيڪو سانول جي بلڪل پر ۾ بيٺل هو تنهن اهو ٻُڌي چيوــ ،
” دادا ــ اڄ خاص اوهان لاءِ ورت (روزو) رکيو اٿس . “
موهن ،سانول ۽ موتي سان گڏ چونئري ۾ گهڙيندي وراڻيوــ ،
” پُٽ ، صدين پُڄاڻان ، وقت جي هٿان ، ڏاڏو ڏاڏو ٿي پوئيل مالها ڪيڏي نہ وکري ويئي آهي ، انهن اڻ ڄاڻ فسادن، پنهنجن کي پنهنجن جو دُشمن بڻائي ڇڏيو آهي ، هاڻي تہ ايا ائين ٿو لڳي تہ ڄڻ پنهنجا

پاڇا بہ ساٿ ڇڏيندي پيا وڃن. اهڙين مڪروه حالتن ۾ بہ اوهان ٻنهي جو پيار ڇڻ مذهب جي منهن تي چماٽ آهي. جن مذهبن سالن کان جُڙيل دليون ، ساعتن ۾ ٽوڙي پوري وڏيون آهن ، جن پنهنجن پيارن کي پنهنجن جي هٿان مارائي ڇڏيو آهي ، انهن مذهبن کان تہ پُٽ اوهان جو پيار، وڏيڪ اَمر ۽ جٽادار آهي ، جيڪو بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي آهي . “

موهن جي اکين ۾ لُڙڪ پرجي آيا ، شايد زينب ياد اچي ويئي هُئس .

سانول وراڻيو ـ ،

” ڪاڪا ، زندگي ۾ مذهب صرف ان ڪري داخل ٿيو تہ ظُلم ۽ بي انصافي کي ختم ڪجي ۽ اُن وقت جي حالتن پٽاندڙ هنن عالمن ۽ دانائن ، پنهنجا نظريا ۽ خيال پيش ڪيا ۽ ڪاڪا ، اُن وقت بہ مظلومن جو تعداد گهڻو هو، جن کي علم ڏئي ، گڏي ، يڪمُشت ڪري ، هڪ وڏي طاقت بڻايو ۽ جڏهن طاقت پيدا ٿي ويئي تہ انهن ئي مظلومن ۾ طاقت جو گهمنڊ بہ پيدا ٿي پيو پوءِ هنن بہ باقي بڻيل هيڻن ۽ ڪمزورن تي ، زوري زبردستي پنهنجا قانون مڙهڻ شروع ڪري ڏنا ۽ انهن قانونن کي نہ مڃيندڙن کي مارڻ ۽ انهن جي مال، عورتن ۽ زمينن جي ڦُرلُٽ ڪرڻ شروع ڪري ڏني ، تنهنڪري ڪاڪا، دُنيا ۾ انسان جو سڀ کان وڏو مذهب پنهنجي ڪُل ڪائنات سان پيار ڪرڻ آهي ، جيڪا ڪنهن بہ هڪ مذهب جي جاگير نہ آهي ، اُن تي نہ ڪو هندو ٿو دعويٰ ڪري سگهي ، نہ ڪو مُسلمان، نہ ڪو ڪرسچن ۽ نہ ئي ٻيو ڪو مذهب..! “

موهن ، سانول جي ڳلهن تي هٿ رکندي چيو ـ ،

” سانول پُٽ ، ڏس انسان ڪيترو نہ پورو آهي جو ايترڙي بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿي اچيس تہ هو پنهنجي خيالي ٺاهيل سُرڳ (جنت) ۽ نرڳ(دوزخ) جي دوکي ۾ پنهنجي ئي انساني نسل جو خون ڪندو وتي.“

موتي ٻنهي جون ڳالهيون ، پنهنجن ڳلن تي هٿ رکيو، غور سان ٻُڌي رهيو هو. راڌا بہ پنهنجي پوڄا مان واندي ٿي ، هنن ڏانهن ، چونئري ۾ هلي آئي هُئي راڌا ، چونئري ۾ اندر گهڙڻ شرط ، سانول سان مُخاطب ٿيندي چيو ـ ،

” سانول ، اڄ ڪيڏو نہ خوشيءَ جو ڏينهن آهي جو، اڄ ڪوڙ ۽ مِڪر جي شڪست ٿي آهي . “

سانول ، راڌا ڏانهن نهاريندي وراڻيو ـ ،

” راڌا ، دُنيا ۾ هميشہ سچ ۽ حق جي فتح ٿي آهي ، پر جي اهو واقعي هڪ طاقت بڻجي ويڙهہ ڪري تہ ............................ “

موهن وراڻيو ـ ،

” دُنيا ۾ ڪوڙ ۽ مِڪر جي هار تڏهن ٿيندي ، جڏهن شين ، مذهبن ۽ ورهاست تان دعويداري ختم ٿيندي. جيسين ڏاڍي ۽ ظالم کي موچڙو نہ لڳندو. “

سانول چيو ـ ،

" ڪاڪا ، ڪڏهن نہ ڪڏهن اهڙو ڏينهن اچڻو آهي، ڇاڪاڻ تہ سڄي ڪائنات، هميشہ ڦُرڦُر ۾ رهي ٿي ۽ ڦُرڦُر جي ڪري تبديل ٿيندي رهي ٿي ۽ ڇڱيون شيون ۽ بُريون شيون هميشہ ٽڪراءُ ۾ رهن ٿيون ۽ اڳتي بہ رهنديون ، ڪڏهن خير، شر کي قابو ڪندو تہ ڪڏهن شر، خير تي قابض ٿيندو. "

موهن خوشيءَ وچان ، سانول جو نرڙ چُمندي چيو-.

" پُٽ ! تو جهڙا، سپوٽ پُٽ، هن دُنيا ۾ هميشہ پيدا ٿيندا رهن ، جيئن هن دُنيا کي نوان خيال ۽ جذبا ملندا رهن. "

سانول ، موهن جو جُهرين سان ڀريل چهرو، پنهنجن هٿن ۾ جهليندي چيو-.

" ڪاڪا ، زندگي هلندي رهڻ جو نالو آهي، اُن لاءِ تہ جيڪو گُجهہ اسان کان اڳ ظلم ٿيو هو ۽ اڄ جيڪو ظلم ٿئي پيو ۽ اسان جي ايندڙ پيڙهي سان جيڪو ظلم ٿيندو تنهنجو ازالو ڪريون ۽ هن ڌرتي تي پنهنجي حصي جو ڪم ڪري وڃون جيئن ايندڙ پيڙهي اهڙن ظُلمن کان آزاد ٿي نئين سري سان، نئين دُنيا وسائي اڏڻ جهڙي ٿي سگهي. "

موهن ، سانول جو هٿ ، پنهنجن هٿن ۾ جهليندي چيو-.

" سانول ، مون وٽ ، برهمڻ آباد ايندو رهجان ۽ پنهنجي ڪاڪي کي بہ اهي ڳالهيون سيکار تہ هو پنهنجن پُراڻن غمن مان نڪري نئين سري، نئين مقصد لاءِ زندگي جيئڻ شروع ڪري. "

۽ برهمڻ آباد ڏانهن وڃڻ لڳو تہ سانول ٽورو ڏاڍيان چيو تہ

" ڪاڪا ، پنهنجي طبيعت جو خيال رکجو، اسان کي اوهان جي شفقت جي ضرورت آهي. "

راڏا بہ سانول جي ڳالهہ کي سُر وٺائيندي چيو-.

" ڪاڪا ، سانول صحيح ٿو چوي نہ تہ موتي کي موڪلي، اوهان جي چوڪسي ڪرائيندس ، ها.......! "

موهن هيٺ لهي ويو، سانول ۽ راڏا ، ويندڙ موهن کي ڏسندا رهيا ، جيڪو سالن جو ٿڪل ۽ ضعيف پئي لڳو-.

سج جا ڪرڻا بہ ، ڪارونجهر جي نوڪيلين چوٽين وٽان لِڪڻ لڳا هُئا ، اونداهي جو ڪارو ديوَ بہ جڻ ڪي اچي پهتو هو.

" هوهوهوهوهوهوهو..................... " سان گڏ ، ٻارن پٿر اُڇلائي ٿي هنيا ۽ اَها چريءَ ، لوڻ ڪري ٻارن ڏانهن ڀڄي ٿي آئي -، ڦاٽل ڪپڙا ، سي بہ صدين جا ميرا ڪڇيلا ، پيرين اُگهاڙي -، وار وکريل ، اکين ۾ پِڇون -، وات مان گگهہ پئي نڪتي.

جيئن چريءَ ٻارن کي مارڻ لاءِ لوڻ ڪري ، تيئن ٻارن کي رونشو وڏيڪ لڳي ۽ ٻار اُن چريءَ زينو کي تنگ ڪرڻ لڳا ، اُن چريءَ زينب ۾ اهڙي تہ بدبوءَ هُئي جو پاسي مان لنگهندي پئي ، قهرت ايندي هُئي ، تنهن هوندي بہ ڪيترن مُسلمان جوڏن ، رات جي پيٽ ۾ ، انهي چريءَ کي پنهنجي حوس جو

نشانو ٿي بڻايو . هوءَ جيڪڏهن انهي ظُلم تي دانهون بہ ڪندي هُئي تہ سڀڪو چريو سمجهي ، پنهنجي گهرن جي چار ديوارن مان نڪرڻ گوارا ڪونہ ڪندو هو . بس ، جيڪي ماڻهوءَ جنهن جي پوءَ ڪان ، هُندن جي ڀُوتن ۽ علائقن مان نڪري ڀڳا هُئا . اها شيءَ پنهنجن مُسلمان ڀائرن ، پنهنجو اولين فرض سمجهي ، پورو ڪري ڇڏيو هو .

گسن تي ڪريل ڀيڙين جا ٽوٽڪا تہ زينب لاءِ ڄڻ مالِ غنيمت هُئا . هوءَ اهي ڀيڙين جا ٽوٽڪا گڏ ڪري پٽيندي بہ هُئي ۽ پنهنجي جسم کي ڍڪڻ بہ ڏيندي هُئي . ٽن چئن مهينن سان پيٽ سان هُئي ، انهي ڪري ڏينهن رات جو گهڻو حصو روئيندي رهندي هُئي ۽ پنهنجي پيٽ تي زور زور سان مُڪون هڻندي ريهون ڪندي هُئي .

---

سانول گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ مندر ۾ ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو هو . جنهن تي راڌا چيس ـــ ،
” سانول بابو ، توهان تہ مُسلمان آهيو ۽ هاڻي تہ بلڪُل نوينا آهيو . توهان جي دل هتي رهڻ گوارا ڪندي ! ؟ “

” راڌا ، آئون سمجهان ٿو تہ جتي منَ کي سُڪون ملي ، اُها جڳهہ الله جي آهي ۽ جتي دل بي سُڪونو رهي تہ اُها جڳهہ شيطان جي آهي ۽ مُنهنجي منڻ کي هتي سُڪون ملي ٿو ۽ مونکي پنهنجي عبادت ڪرڻ ۾ ڪابہ رڪاوٽ ڪانهي تہ پوءِ مون کي ڪنهن ٻئي جڳهہ تي وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ، راڌا مونکي ۽ منهنجي منَ کي تنهنجي چاهہ کان سواءِ ٻيو ڪُجهہ بہ نہ گهُرجي ـ .“

راجا اکيون جهُڪائي ، تمام ڌيرج سان چيوــ ،
” سانول ، منَ جو موهہ سڀ ڪنهن کي هوندو آهي ، انسان من جي شانتي ڳولڻ لاءِ پنهنجي سڄي حياتي جُستجو ۾ گهاري ڇڏيندو آهي . اوهان کي جيڪڏهن مُنهنجي ڪري سڪون ملي ٿو تہ اهو پڪ سمجهو تہ مُنهنجي منَ جي شانتي بہ اوهين ئي آهيو . جي اوهان نہ هجو ها تہ شايد پِتا(پيءُ) جي ديهانت ( مرڻ) کي برداشت نہ ڪري سگهان ها ..........، سانول آئون ايشور جي داسي آهيان ۽ مون پاڻ تي ويواهہ(شادي) حرام ڪري ڇڏيو آهي، جيِ اِن هوندي بہ اوهين هتي رهڻ چاهيو ٿا تہ ڀل رهو ، نہ تہ بہ آئون اوهان کي وڃڻ کان روڪينديس ڪانہ ! “

سانول مُرڪندي وراڻيوـــ ،
” چريءَ پيار رُڳو شرير(جسم) جو هوندو آهي ڇا ؟ .......ڇا مُنهنجي آتما (روح) توکان جُدا ٿي سگهندي ، هان..........! راڌا ، شرير(جسم) ملڻ ڪا اهم ڳالهہ ڪونهي ، جيڪڏهن تون ايشور جي داسي آهين تہ ائين آئون تُنهنجو داس آهيان ، جيئن ايشور ديوتا ، اوهان لاءِ پاڪ ، پويتر ۽ اعليٰ آهي ، ائين ئي تون مون لاءِ ايتري ئي پاڪ ، پويتر ۽ اعليٰ آهين“

راڌا اکيون کڻي ، سانول کي گهوري ڏسندي وراڻي ـــ ،

” سانول، پيار ۾ ايڏي طاقت هوندي آهي، جو انسان جو موهه ، انسان ۾ پڳوان جهڙو رشتو پيدا ڪري وجهندو آهي ،آئون ته هميشه ويواهه (شادي) ئي ڪي پيار جو بنڌڻ سمجهندي هُيس . “
سانول ، راڌا جي مٿي تي ، ساڙهي جو پلوءَ دُرست ڪندي چيو ـ ،
” اصل ته پيار هوندو ئي روح ۾ آهي ۽ روح ، انسان جو اصل آهي ، اصل ۾ ئي اصل سچ آهي ، باقي سڀ دوکو ۽ دولاب آهي، حُسن جي اصل بناوت ئي اصل آهي ۽ بناوت جو اصل قُدرت ۽ فطرت آهي ته پوءِ اصل ئي اصل جو سچ هوندو آهي نه ـــ . “
راڌا ڪنڌ ڌوڻي هائوڪار ڪئي .
سانول وڏيڪ چيو ـــ ،
” راڌا ـ ، جيون جو ٻيو نالو آهي پيار ـــ ، قُدرت جي پيدا ڪيل هر شيءِ سان ـ جي جيون مان پيار ڪڍي ڇڏجي ته جيون جو اصل مري ويندو. “
راڌا پُڇيو ـــ ،
” سانول ، پوءِ انسان پنهنجي منَ جي پاونائن(خواهشن) جو غُلام ڇو آهي ؟ “
سانول وراڻيو ـــ ،
” راڌا ، جيئن انسان حادثن کان اڻ ڄاڻ هوندو آهي ، تيئن هو پنهنجين پاونائن(خواهشن) کان به اڻ واقف هوندو آهي ۽ انهن پاونائن(خواهشن) جي موهه جي ڪري، هميشه بي سڪونو رهي ٿو ، هر نئين پاونا(خواهش) ـــ ، هر نئين اُتساهه ڪي جنم ڏئي ٿي ۽ هر نئون اُتساهه ، هر اڳرو ڪم ڪرائڻ تي مجبور ڪندو آهي ۽ پوءِ هرنئين پاونا (خواهش) انسان جي اصل ڪي ماري، پنهنجو غُلام بڻائي ڇڏيندي آهي ۽ پوءِ انسان ويچارو پنهنجي هٿ وس نه رهندو آهي . “
راڌا مُرڪندي چيو ـــ ،
” اج کان توهان هن مندر جا مهاراج آهيو ، جنهن انت جي گيان(علم) ڪي پنهنجي منَ سان حاصل ڪيو آهي ۽ انت جو گيان(علم) ، هڪ نئين جنم جي شروعات آهي . “
سانول وراڻيو ـــ ،
” نه راڌا ، ايشور جي داسي تون آهين ۽ تون دُعا ڪر ته ايشور جي ڪرپا سان ، آئون خلق جي خدمت ڪري سگهان . “
راڌا چيو ـ ،
” آئون ته هميشه اوهان جي دُعاڳو آهيان . “
سانول وراڻيو ـــ ،
” راڌا ، گهڻا ڏينهن ٿيا آهن جو ڪاڪو موهن هيڏانهن پاڻ ڏانهن لڙيو ئي ڪونهي ۽ رات موتي ٻُڌايو پئي ته ڪالهه ڪاڪي موهن جي طبيعت ٺيڪ نه هُئي ، سو سوچيان پيو هينئر وڃي ڏسي به اچانس ۽ حال احوال به وٺيو اچانس . “

۽ سانول اُٿي وڃڻ لڳو تہ راڌا چيس ـــ ،
” منهنجي پاران بہ طبيعت جو پُڇجو.“
سانول موٽ ۾ ” چڱو “ چئي ڪاڪي موهن ڏانهن روانو ٿي ويو.
وشني جي انهي سفر ۾ ساڻس ڪوبہ ساٿي گڏ نہ هو هو اڪيلو پنهنجي گڏهہ ساڻ اچي ڏاني ڏانڊل جي ويجهو پُهتو هو. هن جي ملاقات گس ويندي ڪيترن ئي اُجڙيل ڪُٽنبن سان ٿي هُئي . هُن جي ذهن ۾ اُهي پريشان، ٿڪل، مايوس ۽ ڊنل چهرا چنتجي ويا هُئا.
جڏهن ڪميونسٽ پارٽي ” جنتا راڄ هلچل “ جو اجلاس ٿيو هو تہ مُلڪ جي مُختلف علائقن ڏانهن سيني کي ٻن ٻن جي ٽولن ۾ اُماڻيو ويو هو پر وشني کي ڪارونجهر جي ڪُور ڏانهن اڪيلي سر اچڻو پيو هو تڏهن بہ هندستان جي ڪيترن علائقن تائين ” جنتا راڄ هلچل “ جا ميمبر پُهچي ڪينَ نہ سگهيا هُئا، هندستان ڇا پر سڄي ايشيا جي حالت، ڪنهن فالج زدهہ انسان جيان ٿي وئي هُئي، جنهن کي ڪنهن سُٺي ڊاڪٽر جي ضرورت هُئي.
وشني کي ڏاني ڏانڊل پُهچندي پُهچندي، سڄ لهي ويو هو. تنهنڪري هن ڏاني ڏانڊل ۾ ئي رات گهارڻ جو فيصلو ڪيو هُن کي هونءَ تہ سفر ۾ اڄ پنجون ڏينهن هو هن جو اُتان نڪرڻ وقت ئي اهو اندازو هو تہ هو هفتي کن ۾ آڏي گام پُهچندو. هن پنهنجي سامان مان ڪتاب ” ۽ چراغ ٻرندو رهيو “ ڪڍي لالٽين جي هلڪي هلڪي روشني ۾ پڙهڻ لڳو.
موهن ۽ سانول وارا هاڻي پنهنجو هٿ چڱي طرح ڄمائي چُڪا هُئا ۽ ڏينهن ٻن ۾ چڱي خاصي شُهرت حاصل ڪري ورتي هُئن. پنهنجي علاج وسيلي اوير سوير ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۽ پنهنجي سُٺي ورتاءُ جي ڪري انهي علائقن جي ماڻهن ۾ ڏاڍا مقبول هُئا . ڪارونجهر ۽ اُن جي آس پاس جي غريب ماڻهن جي ننڍن ننڍن پريشانين ۽ مسئلن جو حل تہ سانول وٽ موجود هوندو هو ۽ ڪيترن ئي غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي هڙان وڙان مدد ڪندو رهندو هو.
” سانول ابا، ڪُجهہ وقت پهرين، مُکي شارو جي ڳوٺ واري پنهنجي ٻائي شارڌا آئي هُئي . چيائين پئي تہ سندس جو ڪِڪو سخت بيمار آهي، اُلٽي ۽ پيچش وغيره ٿي پيا اٿس، تون هتي هُئين ڪونہ سو تنهنجو انتظار ڪري ڪري وئي هلي، هاڻي تون هيئن ڪر تہ سندس گهر وڃي، اُن جي ننڍڙي ڪِڪي کي ڏسي اچ . “
ڪاڪي موهن آندل سامان کي سنڀاريندي، سانول کي چيو.
سانول بہ پنهنجي حڪمت وارو ٿيلهو ڪڍي، مُکي شارو جي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿي ويو. هڪ ٻہ لَڪَ ٽپي سانول مُکي شارو جي ڳوٺ پُهچي، سِڌو ٻائي شارڌا جي چونري ڏانهن هليو آيو جتي، ٻائي شارڌا سخت پريشاني جي حالت ۾ پنهنجي ننڍڙي ڪِڪي کي، پنهنجي جهولي ۾ سُمهاريو ويٺي هُئي، سانول ايندي شرط ننڍڙي کي ڇڪاسيندي چيو ـــ ،

” پيٽ ، هن کي سائي ٽي ويئي آهي پر اجان گهٽ حالت ۾ آهي ، ان جو علاج ڪريون ٿا باقي پيچش تہ انشاءَ الله هاڻ ٺي بند ٿي ويندا “

۽ پنهنجي حڪمت واري ٿيلهي مان ڪُجهہ ڦڪين جون پُڙيون ۽ ڪُجهہ ڪک ڪڍي ، شارڌا کي ڏنا تہ ٻائي شارڌا پنهنجي منَ جي تسلي لاءِ پُڇيو–

” ابا مُنهنجو ٻچڙو ٺيڪ تہ ٿي ويندو نہ ! “

سانول دلداري ڏيندي ورائيو– ،

” ادي ، اهڙي ڪا ڳالهہ ڪونهي جنهن جي ڪري ڪا پريشاني ٿئي ، هلڪي سائي اٿس ، دوا ڏيو پيو وڃان باقي گيهہ ، مکڻ ۽ منائي وغيره کان پاسو ڪرائيجانس ۽ ڪُجهہ ڏينهن مال وغيره ۾ نہ چڏجانس ، پل ڪُجهہ ڏينهن آرام ڪري ۽ هي پُڙي صبح شام ڪارائٽي آهي ۽ هي ڪک نيراني پاڻي ۾ ٺهڪائي، ڇاڻي، ان جو جوشاندو پئياريجينس ، الله ڪندو تہ ٻہ چار ڏينهن ۾ بيماري ۾ ڪافي فرق اچي ويندو ادي. “

شارڌا سانول کي دُعائون ڏيندي وراڻي – ،

” ادا ڀڳوان ڪري ، سدائين خوش رهين ، مُنهنجي ٻچي جو علاج ڪري ٺيڪ ڪندين تہ ٿُنهنجي هيءَ پيڻ ، توکي سڄي ڄمار پئي دُعائون ڏيندي. “

سانول ، ٻائي شارڌا جي مٿي تي هٿ رکندي وراڻيو– ،

” پيٽ ، اسان کي وڏڙن هميشہ ، الله جي پيدا ڪيل هر شيءِ سان پيار ڪرڻ سيکاريو آهي ۽ جيون تہ ڀڳوان طرفان ڏنل هڪ املهہ تُحفو آهي، جنهن کي بچائڻ تہ مُنهنجو فرض ٿئي ٿو، تون پيڻ اُلڪو نہ ڪر ، انشاءَالله دوا پنهنجو اثر ڪندي ۽ الله جي حڪم سان ڪِڪو ٺيڪ ۽ جلد نوبنو ٿي ويندو “

سانول ننيڙي کي پيار ڪندي چيو– ،

” اڙي هيڏڙِي بيماري کان ڊڄي ويو آهين ، تون تہ شينهن لڳو پيو آهين ......هان ......ڪاڪو وينو آهي نہ ، دوا ڏني آهي ، ضرور کائيجان ، ٺيڪ آهي نہ ... دوا جي ڊپ وڃان بيماري ڀڄي وڃي پٽن ۾ لڪندي. “

ننيڙي ڪنڌ ڌوڻي ”هائوڪار“ ڪئي ۽ لڄائيندي ، پنهنجو مُنهن ، پنهنجي ماءُ جي هنج ۾ لڪائي ڇڏيائين سانول ٻہ ڪُجهہ هدايتون ڏيئي ، واپس هٽ لاءِ نڪري آيو.

انگريز سرڪار ڪشور کي نئون مُختيارڪار ڪري برهمڻ آباد ۾ موڪليو هو. خاص ڪري ڪميونسٽ پارٽي جي هلندڙ سرگرمين تي، ڪڙي نظر رکڻ لاءِ. جڏهن کان 1857ع جي بغاوت ٿي هُئي ، تڏهن کان انگريز عملدارن ۾ ڦڙڦوت پيل هُئي ، هو اڳي کان وڌيڪ چوڪس رهڻ لڳا هُئا ، جڏهن کان ڀڳت سنگهہ واري بغاوت دٻائي هُئي تڏهن کان، بغاوتن ۾ ماٺار تہ ٿي ويئي هُئي پر ڀڳت سنگهہ جي ٻُڪ هڙتال ۽ بغاوت جي ڪري، هندستان جي نوجوانن ۾ نئون روح پئجي ويو هو.

جنتا راڄ هلچل جي نوجوان ليگ، خفيہ پرتي مُهم چالو ڪري ڇڏي هُئي جنهن ۾ هندستان جا نوجوان ڀرپور حصو وٺي رهيا هُئا، جنتا راڄ هلچل جي خُفيہ ليگ جي ميمبر پارورتي جي موت ، جنتا راڄ هلچل جي لاءِ جڻ خطري جو هڪ اڻ ڏٺو چتاءُ هو پر پارورتي گرفتار ٿيڻ وقت ، مُنڊي ۾ پيل زهر کائي ورتو جنهن جي ڪري جنتا راڄ هلچل ڪنهن وڏي نقصان کان بچي ويئي پر انگريز سرڪار جي سڄي ميشنري کي اندر تائين ڏڪائي وڌو هو . انگريز سرڪار اڳ ٿيندڙ بغاوتن کان پريشان هُئي تہ مٿان وري ڪميونسٽ پارٽين جي وڌندڙ زور ۽ اثر رسوخ ، سندن جون وايون بتال ڪري وڌيون هيون . تنهنڪري انگريز سرڪار ڪميونسٽن کي ڪچي ۾ ئي ماري ختم ڪرڻ تي چاهيو جيئن اڳتي هلي هنن لاءِ ڪا وڏي مُصيبت کڙي نہ ڪن . اُن ڪري شڪ جي بُنياد تي ڪيتريون ئي گرفتاريون بہ ڪيون هُئن پر انهي سان بہ ڪو خاص نتيجو ڪونہ نڪري سگهيو هو.

برهمڻ آباد ۽ اُن جي پير پاسي ۾ راجپوتن ۽ نڪرن جي بغاوتن ۽ اُتي رهندڙ ننڍن ننڍن ڌاڙيلن جي ٽولن جي ڪارروائين جي ڪري ڪافي مُحتاط رهڻو ٿَي پيو پر ڪشور بہ ڪا گهٽ شخصيت ڪونہ هُو هو ذهين ۽ ماڻهن جي چهرن کي پڙهڻ جو وڏو ماهر هو، هُن، هِن کان اڳ ڪيترن ئي بهادر ۽ نڊر بلوچ اڳواڻن کي مارائي، بلوچن جي طاقت کي ٽوڙي پورا پورا ڪري ڇڪو هو .تنهن ڪري انگريز سرڪار بہ پنهنجي وڇايل هن بساط تي ، هندستان جي ئي ديسي پيادي کي ميدان ۾ لاٿو هو.

راڌا ، ايشور جي سيوا ڪرڻ ڪانپوءِ ، هندي ۽ سنڌي ٻولي جا پاٺ(سبق) بہ پڙهڻ لڳي هُئي ، جنهن ڪري هاڻ گهڻو ڪُجهہ لکڻ ۽ پڙهڻ بہ سکي ورتوهُيس ، لکڻ پڙهڻ جي مشغولي جي ڪري راڌا هاڻ ڪافي مصروف رهڻ لڳي هُئي ، ان کان سواءِ علائقي جون ڪافي عورتون بہ پنهنجا ننڍا ننڍا مسئلا ، هن وٽ ئي کڻي ايندڀون هيون ، راڌا انهن جا اهي ننڍا ننڍا مسئلا ، اهڙي تہ سهڻي نموني نبيريندي هُئي جو ڪيتريون عورتون کلي ، خوش ٿي اُٿينديون هيون .

ڪشور جي اک ۽ سندس ماڻهو چوگرد علائقي ۽ ماڻهن جي سخت نظرداري ڪري رهيا هُئا ، پر مندر ڏانهن هنن جو ڪڏهن ڌيان ڪونہ ويو ، راڌا ۽ سانول ، پنهنجي هلت چلت ، اخلاق واطوار، ڌيرج ۽ ڏاهپ جي گُڻن جي ڪري، برهمڻ آباد جي سڄي علائقي ۾ ممتاز حيثيت حاصل ڪري ورتي هُئي سو هنن کي ڪشور بہ عزت و احترام جي نگاهہ سان ڏِسندو هو .

راڌا پنهنجي والد جي ويدڪ ڪتابن ۽ ڌرمي پُستڪن کي بہ آهستي آهستي ڪري ، پڙهڻ لڳي هُئي ، جيڪي ڳالهيون ، سمجهہ ۾ نہ ٿَي آيون تہ اُن متعلق سانول کان ٿَي پُڇا ڪيائين انهي ڪري راڌا جي ذهني اوسر بہ چڱي طرح ٿي رهي هُئي ، ڳالهين کي جلد سمجهڻ ، انهن کي وسيع نظري سان پرکڻ سکي ويئي هُئي ، انهي ڪري ڳالهين کي مٿاڇري نظر سان ڏسڻ ڇڏي ڏنو هُئائين ، هاڻ پنهنجو پاڻ ۾ فيصلي ڪرڻ جي قوت ۾ بہ اضافو ڪري ڇڏيو هُئائين.

وشنو, ڪالهہ آڏي گام جي ڳوٺ ، پيرو جي تڙ پهتو هو, جتي رابطي وارو ماڻهو ملي نہ سگهيو هو, ان جي گهر کي باهہِ ڏنل هُئي ۽ سامان جو ذرو بہ اُتي موجود ڪونہ هو, اهو سڀڪُجهہ ڏسي وشنو هيڪر تہ پريشان ٿي ويو پر پوءِ همت ڪري, اُنهي ساڳي جاءِ تي ، نئين سري سان چوئنرو اڏڻ شروع ڪري ڏنائين ، اُتي رهندڙ هندن مان ڪنهن بہ ڪو اعتراض ڪونہ ڪيو رات اندر اڪيلي سر هُن چوئنري جون ڪافي ڀتيون ڪٽي ورتيون هيون ، هڪ ٻن ڏينهن جي محنت سان وشني چوئنري کي مڪمل ڪري ورتو جيئن ئي چوئنري واري ڪم کان فارغ ٿيو تہ پنهنجي ڪم ڪرڻ جي باري ۾ سوچ ويچار ڪرڻ لڳو تہ هن کي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪٿان کان شروعات ڪرڻ گهُرجي ، ڇو تہ رابطي وارو ماڻهو بہ هن کي ڪونہ مليو هو ۽ ٻيو تہ مذهبي جهيڙو بہ پنهنجي عروج تي هو, هي پاڻ بہ هن علائقي ۾ صفا نئون ماڻهو هو.

وشني ٻئي ڏينهن صبح ساڻ پهريون ڪم اهو ڪيو جو پنهنجو درزڪو هٽ کولي ، سيني کي چانهہ جي دعوت ، گهر گهر وڃي ڏنائين ، تنهنڪري ڳوٺ جو هر ماڻهو, انهي دعوت جي باري ۾ پنهنجي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري رهيو هو.

ڪاڪي ماني چيو تہ ـــ ،

” ادا ، نئون نئون ڳوٺ ۾ آيو آهي ، انهي ڪري ڳوٺ وارن سان لهہ وِچڙ ۾ اچڻ لاءِ اها دعوت ڪئي اٿس. “

سومجي, انهي ڳالهہ جي مُخالفت ڪندي چيو ـ ،

” ڪاڪا ، تون تہ صفا ڪو پورو آهين ، ائي ...مُسلمانن لُٽي ڦُري ڇڏيو اٿس ، هاڻي ڳوٺ وارن کان چندو ڪٺو ڪرڻ لاءِ دعوت ڪئي اٿس ، ٻيو ڇا ؟ “

ڪاڪو مانو, سومجي جي ڳالهہ ٻُڌي, بخيلائي ۾ وراڻيو ـــ ،

” هل پُٽ ، ايسيتائين ابا ڪيترن جي مدد ڪئي اٿو ۽ اڳي پلا ڪيترن اوهان کان مدد گهُري آهي ، جو هاڻ هي اوهان کان مدد گهُرندو. “

پريو, ڪاڪي ماني جي ڳالهہ ۾ وڌاءُ ڪندي چيو ـ ،

” سچي ڳالهہ آهي ...... هي پنهنجو سونو, لُٽجي ڦُرجي هتي آيو هو تہ رهڻ لاءِ ، ڪنهن جاءِ بہ ڪونہ ڏنس پر ڪاڻڻ لاءِ ٻن وقتن جي مانيءَ جو ويلو بہ ڪنهن ڪونہ ڪارائيس ، شابس وري بہ ڪاڪي موهن ۽ سانول کي هُجي ، جن ويهہ ڪوهہ تان ويهي بہ سونو جي مدد ڪئي هُئي. “

سومجي ويچارو ڳالهہ ڪري ڦاسي پيو هو, نانگجي ، جيڪو پريان ، اُٺ جي ڪجاوي کي سبي رهيو هو تنهن چيو ـ ،

” پريو, سوَ سيڪڙو کرِي ڳالهہ ڪئي اٿئي ,ڪاڪي موهن ۽ سانول نہ رڳو, سونو جي مدد ڪئي پر ٻين ڪيترن ئي غريبن کي پنهنجي وس آهر مدد ۽ آٿت ڏيندا رهندا آهن ، سانول جي هٿ ۾ پڳوان اهڙي تہ شِفا رکي آهي جو هر ڪنهن غريب غُربي جو علاج مُفت پيو ڪندو............................“

روجي ، نانگجي جي ڳالهہ اڌ مان ڪٽيندي چيو ـــ ،
” اڙي نانگجي ، اهي تہ آهن ساڌو سنت ۽ بُزرگ ماڻهو پر وشني جو تہ نہ ڪو اتو پتو آهي تہ ڪٿان آيو آهي ڪيڏانهن ويندو ۽ نہ ئي وري ڪو ٻار ٻچو اٿس ، انهي ڪري اُن لاءِ تہ ادا ڪُجھ چئي نہ ٿو سگهجي نہ ! “
ڪاڪي ماني ، تجويز ڏيندي چيو ـ ،
” منهنجو تہ خيال آهي ، ڪاڪي موهن وارن کي بہ دعوت تي وٺي وڃجي ، اهي سياڻا ۽ ڏاها بہ آهن ، جي اهڙي تهڙي ڪا ڳالهہ ٿي تہ ماحول کي پاڻهي سنڀالي وٺندا . “
نانگجي ، ڪاڪي ماني جي ڳالهہ جي تائيد ڪندي چيو ـ ،
” هائو ، اها ڳالهہ دل کي لڳي ٿي . “
پريو ، انهي ڳالهہ تي وراڻيو ـــ ،
” ڪاڪا پهرين پاڻ تہ ملي ڏسونس تہ همراهہ ڪيتري پاڻي ۾ آهي ، هروڀرو ڪاڪي موهن وارن کي تنگ ڪريون ، پاڻ ملي ، خبرون ڪري وٺونس ، پوءِ ڀيا ڪاڪي موهن ۽ سانول سان انهي وشني جون خبرون ڪنداسين . “
والجي ، چني جي ٿوٽي سان پنهنجي اَيري گڏهہ کي ٻڌندي ، سيني کي سلام ورايو ۽ گڏهہ تان آٽر لاهيندي چيو ـ ،
” ٻيلي ، ڳالهہ ٻُڌو ، آئون چانهہ پيئندس ، سڄو بدن پيو پيڙا ڪري ..! “
سومجي هڪدم وراڻيو ـــ ،
” هائو ٻيلي ، لڳي ٿو تہ راتوڪو پنڌ ۾ آهين ، ٿڪاوٽ تہ ٿيندي نہ ..... پرشوتم وارو ڪر ، مُنهنجي گهران پتي ، کنڊ ۽ کير ڪٺي اچي ، جلدي ۾ چانهہ ٺاهي وٺ ............ ويهہ تہ سهي ، ڏي ڪي خبرون جبل جون! “
ڪاڪو مانو ، ٻڪري جي ڏاس مان ، رسي کي وٽيندي وراڻيو ـ ،
” هائو ٻيلي ، تون تہ پورا ست ڏيهاڙا جبل ۾ هُئين ، ڪئين رنگ ڏٺا هوندئي ! “
والجي ، پنهنجي چتين لڱل صدري لاٿي تہ سندس هڏائون پڃرو ظاهر ٿي پيو ، والجي پنهنجي پٽڪڙي بہ چوئنري جي ٻاهران نڪتل ڪاني ۾ ٽنگي ڇڏي ۽ پاڻ اٿلي پٿلي ماري ، سيني جي وچ ۾ ٿي وينو ۽ ستن ڏينهن جون سانديل خبرون ٻُڌائڻ لڳو.
ڪاڪي موهن ۽ سانول گڏجي ، برهمڻ آباد ۾ نينگرين جي پاٺ شالا(مُڪتب) کولي ورتي هئي ، جنهن ۾ راڌا روز ٻارڙين کي پڙهائڻ ، مندر ڪان برهمڻ آباد ايندي هُئي ، پاٺ شالا (مُڪتب يا اسڪول) جو پهريون ڏينهن تہ صفا مايوس ڪن هو ، راڌا پاٺ شالا (مڪتب يا اسڪول) ۾ اڪيلي ويٺي رهي ، ڪاڪي موهن گهر گهر وڃي ٻارڙين کي پڙهائڻ لاءِ چيو پر ڪو بہ ماڻهو پنهنجي نينگري پڙهائڻ لاءِ تيار ڪونہ هو ، هفتي ڏيڍ جي متا ڪٽ ڪانپوءِ مسهين مسهين بہ نينگريون پڙهڻ لاءِ آيون

هيون سوبہ پندرهن ويهن منٽن لاءِ، راڌا جو باقي ڏينهن ائين فارغ ئي گُذري ويندو هو. خود سانول کي بہ برهمڻ آباد کان ڪيئي مهينا ٻاهر رهڻو پوندو هو. علاج معالج جي سلسلي جي ڪري. ڏور ڏور جا ماڻهو سانول کي وٺي ويندا هُئا ۽ جيڪڏهن ڪو وقت ملندو بہ هُئس تہ جبل ۾ ٻوٽيون ڳولڻ لاءِ نڪري ويندو هو.

هونءَ تہ سڄي هُندستان ۾ مذهبي رُحجان ڏينهون ڏينهن وڌي وڃڻ تيو هو پر اُن جو چڱو خاصو اثر ٿر ۽ پارڪر جي علائقي تي بہ پئجي رهيو هو ۽ انهي اثر جو فائدو، پنڊت نائون مل ۽ سندس چيلا وٺي رهيا هُئا، مذهبي ڳالهين کي واءُ ڏيئي، پنهنجي آس پاس پنهنجن چيلن ۾ پوئلڳن جو وڏو حلقو پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا. مهاراج همنيت جي قتل ٿيڻ جو فائدو ــ سيٺ نارائڻ داس کي تہ نہ مليو البت ان قتل جو فائدو پنڊت نائون مل کي ضرور مليو.

راڌا، سانول ۽ موهن وارن جو پرچار خالصتن اصلاحي هو. تنهنڪري هنن جي حلقي ۾ غريب طبقي جا ماڻهو تمام گهڻا پئي شامل ٿيا باقي وڏا سيٺي ۽ زميندار، پنڊت نائون مل جي جهولي ۾ پيل هُئا. پنڊت نائون مل، سانول جي شُهرت کان ساڙ کائيندو هو ۽ من ئي من ۾ پيو سانول کي ختم ڪرڻ جون سازشون سٽيندو هو. انهي ڪري پنهنجن اجتماعن ۾ سانول خلاف زهر اوڳاڇيندو رهندو هو ڇاڪاڻ تہ سانول ئي پنڊت نائون مل جي انتها پسندي ۽ مڪارانا ڳالهين جو پردو فاش ڪندو هو. پنڊت نائون مل جي اصل اک، ٿر جي سڀ کان وڏي ۽ پويتر (پاڪ) ڪارونجهر جي انهي مندر تي هُئي جتي سانول ۽ راڌا رهندا هُئا هن پنڊت نٿي چاهيو تہ هن جي برابر جو ڪو ماڻهو هُجي، هُن سانول خلاف جڻ هڪ محاذ کولي باقاعدي ويڙهہ شروع ڪري ڏني هُئي ۽ اُن جي حمايت وڏا سيٺي ۽ زميندار ڪري رهيا هُئا.

ڪشور جي اوچتي سرڪاري عملدارن ۽ عهديدارن سان گڏجاڻي سرڪاري مُلازمن ۾ عجيب ڦڙڦوٽ وجهي ڇڏي هُئي، هر ڪو حيرت ۾ هو تہ اوچتو اوچتو اهڙي هنگامي گڏجاڻي ڪرڻ جو مقصد ........! جيترن سرڪاري حلقن ۾ اهو چوڻ بہ هو تہ جيڪو بہ سرڪاري مُلازم ڪنهن بہ پارٽي سان همدردي رکي ٿو تہ اُن لاءِ ڪم ڪري ٿو اُن کي نوڪري مان ڪڍيو پيو وڃي ــ، ايسري کي تہ پڪ هُئي تہ هن جي نوڪري تيل ٿي ويندي. انهي ڪري ٻوڙي وڃي ڪانگريس جي چڱي مڙس نهال چند وٽ پهتو.

” سائين، اڄڪلهہ تہ مسلم ليگين جي چُرت تي، ڪانگريس جي حمايتين کي، نوڪرين مان ڪڍڻ جون سازشون پيون جوڙيون وڃن ..... سائين ٻُڌڻ ۾ آيو آهي تہ مٿي اهڙن ڪيترن ئي سرڪاري مُلازمن کي نوڪري تان جواب ڏيئي گهر اُماڻيو ويو آهي ........، سائين مُنهنجا ننڍا ننڍا ٻچا آهن، مٿي ڳالهايو نہ !“ نهال چند وٽ بہ اهي اُفواهہ پُهتا هُئا تہ انگريز سرڪار، ڪُجھ سختي ڪئي آهي پر اهي افواهہ ايترو وڃي اثر ڪندا ان جو اندازو نہ هُئس سو ايسري جي ڳاله ٻُڌي هيڪر

تہ منهن تي پريشاني ظاهر ٿي پيس پر آخر هن پوري علائقي جو ڪانگريس جو اڳواڻ هو ، انهي ڪري پنهنجي ڪارڪنن کي تہ هر حال ۾ مُطمئن نظر اچڻو هُئس .

” ايسرا ـــ ، دراصل اها سرڪار جي نئين پاليسي آهي تہ هرڪنهن پارٽي جي انهي ميمبر تي نظر رکي وڃي جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن پارٽي ۾ آهي ، اُن ۾ صرف ڪانگريسي ٿوري آهن اُهي سڀئي پارٽيون جيڪي انگريزن جي خلاف آهن سي سڀئي شامل آهن ، بس هاڻ توهان رُڳي هئين ڪريو کي پنهنجون سڀئي سياسي سرگرميون حال فلحال مُعطل ڪري ڇڏيو ۽ آئون بہ تيسين مٿي پارٽي وارن سان ملڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. “

ايسري گهبراهٽ ۾ پاسو ورائيندي چيو :-

” پر سائين ، هينئر جيڪڏهن لسٽن ۾ چڙهي وياسين تہ پوءِ.......................! “

نهالچند نهايت اطمينان ۽ ڌيرج سان وراڻيو :-

” سرڪار اهڙي تڪڙ ڪونہ ڪندي ، هن پوري سرڪاري ميشنري ۾ ڪنهن هڪ پارٽي جا ميمبر تہ ڪونہ هوندا ، ايسرا هزارن جي تعداد هوندي ، انهن کي ائين هڪدم ٿوري ڪيندا جي ڪيندا تہ پوءِ مُلڪ ۾ انتشار ڪونہ پکڙجي پوندو. تون دلجاءِ ڪر ، اهڙو ڪُجه ڪونہ ٿيندو. “

ايسري ڪٽي ماٺ ڪئي پر هو نهالچند جي ڳالهين مان مُطمئن ڪونہ پئي نظر آيو. نهالچند، ايسري جي حالت ڏسي ، پنهنجو بيو دائو ڪيڏيو. پين ۽ پنو ڪٽي ڪُجه لکڻ ويهي رهيو.

نهالچند، ڪانگريس جي مقبوليت ڏسي پنج سال اڳ شامل ٿيو هو ، پنهنجي چڱي ساک ۽ ذهانت جي ڪري ، ڪانگريس جي مرڪز ۾ پنهنجي جڳه ٺاهي ويو هو ، انهيءَ دوران پاڻُ بہ پيرا جيل جو مُنهن بہ ڏسي آيو هو تنهنڪري تجربي جي لحاظ کان ، ڪافي اڳيرو هو ۽ پنهنجي علائقي ۽ ذات جو چڱو مڙس پُڻ هو.

ڪاغذ کي لفافي ۾ بند ڪندي، ايسري کي چيائين :-

” هن ۾ مون هتي جي سياسي صورتحال ۽ انگريز سرڪار جي هن ٿيندڙ ڪارروائي جي باري ۾ تفصيل سان لکيو آهي ۽ تُنهنجي تمام گهڻي پارت ڪئي اٿم، هاڻ تون، هي پيسا وٺ، هتان سڌو دهلي وڃجان، اُتي ڪانگريس جي مرڪزي آفيس ۾ هي لفافو پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ شري رام لال کي ڏجان، هو پاڻهين ڪونہ ڪو بلو ڪري وٺندو. ٺيڪ آهي نہ بابا .... هرو ڀرو پريشان ٿيڻ جي ضرورت ڪونهي ڀڳوان چڱي ڪندو.... “

ايسري لفافو ڪٽي، پنهنجي اندرين صدري جي کيسي ۾ وڌو ۽ روانو ٿي ويو ، نهالچند تہ ايسري کي لفافو ڏيئي ، مُطمئن ٿي ويو هو پر ايسري جي من ۾ پيئو گهر ڪري چُڪو هو ، تنهن هن کي دهلي وڃڻ بجاءِ سڌو مُختيارڪار ڪشور جي گهر ڏانهن وٺي آيو.

” او پايا...... ڪيڏانهن ٿو وڃين ؟ “

پهري تي بيٺل سنتري ، جيڪو پريان ٿهيل هڪ ننڍي لانڍي ۾ ماني کائي رهيو هو ، ايسري کي ائين پنهنجي منهن لوءَ ڪري اندر ويندي ڏٺائين ته رڙ ڪري پُڇيائين .
انهي اوچتي سڏ جي ڪري ، ايسرو ڇرڪي پيو ۽ ڏڪندي وراڻيائين :-
" مائي باپ ... صاحب سان ضروري ڪم سان ملڻو اٿم ....."
سنتري اُٿي اچي ، ايسري کي ٻاهر ڌڪيندي چيو:-
" هل هل ــــ ، ملڻ جو بہ ڪو وقت هوندو آهي ، جنهن وقت ڏس ...... مُنهن کنيو پڳا اچن، هل هتان ، صبح جو صاحب سان آفيس ۾ ملجان ... ! "
ايسري ويچارڳي سان ، مُختيارڪار جي گهر کي ڏٺو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ، پنهنجي گهر ڏانهن هليو آيو ۽ سڄي رات پاسا ورائيندي گُذري ويس ، ايسري کي ايترو پريشان ڏسي ، سندس گهر واري بہ پريشان ٿي پئي هُئي ۽ ور ور ڏئي ، ايسري کان پريشاني جو سبب ٿي پُڇيائين پر ايسري دڙڪو ڏيئي ، ماٺِ ٿي ڪرائي ڇڏيس ، صبح جو ايسرو نيرن ڪائي بغير ئي اچي مختيارڪار جي آفيس پُهچي ويو پر مُختيارڪار تہ پنهنجي ٽائيم تي ئي تہ اچڻو هو نہ .. سو ايسري کي ڪلاڪ کن انتظار ڪرڻو پيو.
" سائين هي لفافو، مونکي ڪانگريس جي مُکي نهالچند ڏنو هو تہ وڃي دهلي پُهچايان پر سرڪار آئون تہ انگريز سرڪار جي نمڪ حرامي تہ نٿو ڪري سگهان نہ ...! بس سرڪار ، انهي ڪري سڌو اچي اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيس . "
ڪشور لفافو کڻي ميز تي اُڇلائيندي چيو :-
" رات بہ تون آيو هُئين ڇا .....؟ "
ايسري هڪدم ساک ڀرئي لهجي ۾ چيو :-
" ها ها سائين ، مون سوچيو سائين ، نيڪ ڪم ۾ دير ڇا جي ... ، پر سائين ٻاهر بيٺل سنترين ، اوهان سان ملڻ ئي نہ ڏنو. "
ڪشور لال ، ايسري کي غور سان ڏٺو پئي ، جنهن جي منهن تي هڪ رنگ اچي ۽ ٻيو وڃي .
" تون تہ سرڪاري مُلازم آهين نہ................! "
انهي سوال تي ايسري کڻي ڪنڌ هيٺ ڪيو.
" ٻيو ڪهڙو ڪهڙو ماڻهو هتي سياسي سرگرمي پيو ڪري. "
ايسري پنهنجو پاڻ کي وفادار ثابت ڪرڻ لاءِ هڪدم پنهنجن ساٿين جا نالا کڻڻ لڳو.
" جيسو ....، پنهون .....، علي ڏنو ...... ، واشو .....، انلا چند تہ سائين انگريز سرڪار جا اصل ڪٽر دُشمن آهن . "
ڪشور هٿ جي اشاري سان ايسري کي چيو:-
" چڱو، تون هينئر هل ...... جي وري ضرورت پئي تہ وري سڏ ڪرائي وٺندومائين . "

” جيءُ سرڪار.“
چئي ايسرو وڃڻ لڳو تہ ڪشور هدايت ڪندي چيس :-
” ٻڌ .... !هتي ڪانگريس جو مکيہ اڳواڻ هارون گم آهي ان جو پتو ڪري ڏي ۽ ها انهي ڳالھ جو ڪنهن سان بہ ذڪر نہ ڪجانءِ. “
ايسرو جيئن مُختيارڪار جي آفيس مان نڪتو تہ سندس جي چهري تان خوف جون ريکائون گُم ٿي چڪيون هيون ، هو اطمينان سان پنهنجي گهر ڏانهن هليو آيو.
وشني پنهنجي ذهانت ۽ ملنساري سبب ڳوٺ وارن جي دلين ۾ گهر ڪري ويو هو ، پريو ۽ سومجي تہ سڄي ڏينهن جي ڪم ڪارين مان واندا ٿي ، شام جو ايندا ئي ، وشني واري چوئنري ۾ هُئا ۽ پوءِ آهستي آهستي سونو ، والجي ، ميگهو ، مانو ، واگهو ، نانگجي وارا بہ پهچندا هُئا ، پوءِ ڳالهين ۽ ڪچهري جو دور رات دير تائين پيو هلندو هو.
اج تہ پريو، وشني وٽ سوير ئي پُهچي ويو هو، اُن وقت وشني ، ڪاڪي والجي جي صدري پئي ٽاهي ، جيڪا هو ڪاله مرمت لاءِ ڏئي ويو هو.
” ادا وشنا ، ڪا خبرچار ٻُڌي اٿئي ......!! ؟ “
پريو وشني سان مُخاطب ٿيندي چيو.
وشني صدري جي اوٽي ورائيندي چيو:-
” نہ تہ ...! “
وشني کي جاڻ هُئي تہ پريو.... ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي ڪارڪنن جي گرفتاري بابت ئي ڪُجھ چوندو، جنهن جي باري ۾ هن خود رات ويهي، علائقي جي سياسي صورتحال بابت تفصيل سان پارٽي لاءِ نوٽس لکيا هُئا.
پريو ٿورو رازداري واري انداز ۾ چيو:-
” ٻُڌو اٿم تہ ڪانگريس جي مُکي نهالچند کي ، پنهنجن ڪيترن ساٿين سميت انگريز سرڪار جهلي ورتو آهي ( ٿورو توقف ڪانپوءِ) هنن گورن تہ اصل باھ ٻاري ڇڏي آهي ، واھ ڀڳوان تُنهنجا رنگ ، هي ڪائينَ بہ اسان جوءِ مارينَ بہ اسان کي. “
وشني پنهنجي چهري تي حيرت جا آثار آڻيندي چيو :-
” اڇا ......!! پر گرفتار ڪهڙي ڏوھ ۾ ڪيو اٿن. “
پريو وراڻيو :-
” اها تہ خبر ڪانهي پر جيستائين ادا وشنا آئون سمجهان ٿو تہ گورا هندستان کي آزاد ڏسڻ نٿا چاهينَ، انهي ڪري ئي تہ آني بهاني ڪانگريسين کي پيا گرفتار ڪن. “
وشني ڳاله کي پنهنجي نظرئي ڏانهن آڻيندي چيو :-
” ادا ڀلا ائين ڪونہ ٿو لڳي جو اسان پاڻ ۾ وڙهيا پيا آهيون ۽ اُن جو فائدو هي گورا پيا وٺن. “

پرڀو حيرت مان وشني ڏانهن نهاريو.
وشني ڏنو تہ تير ٺيڪ نشاني تي وڃي لڳو آهي، سو پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو :-
" هُندستان جي ڌرتي هڪڙي آهي ۽ صدين کان پٽي هلندي اچي، ڪيترائي حملا آور آيا پر اُهي هن ڌرتي جي ماڻهن ۾ ويڇا نہ پيدا ڪري سگهيا الٽو هن ڌرتي جي خمير ۾ گڏجي . هن ڌرتي جا ٿي ٿي رهجي ويا،پوءِ مُسلمان ۽ هندو الڳ الڳ ڇو ٿا ٿيڻ چاهينَ "
پرڀو هڪدم وراڻيو :-
" مُسلا حرامي آهن ...... نيت جا کوٽي ...... گوشت خورا ....! "
وشني صدري کي ڇنڊي، نوڙي تي ٽنگيندي چيو :-
" برابر ائين هوندو پر اهي ئي لفظ مُسلا، هندن لاءِ چون ٿا ۽ انهي ڳالهہ جو فائدو گورا پيا وٺن . "
پرڀو پنهنجي ٺڪر جي سُلفي ۾ تمباڪ ڀريندي چيو :-
" ادا وشنا ، تون آهين ڀورڙو ماڻهو، تون ڳالهہ کي سمجهين ئي ڪونہ ٿو، مُسلن جي تہ اها سازش آهي تہ هندستان ٽُٽي ۽ گورا بہ انهي ڳالهہ ۾ خوش آهن ، اهڙي طرح ادا ٻئي مٿا فائدو تہ مُسلن کي ٿو ملي نہ "
وشني نئون ڪپڙو ڪٽائي لاءِ ڪنيو ۽ سلائي مشين تي رکندي وراڻيو :-
" پوءِ پرڀو ادا هي هيترا مسلمان ڪانگريس ۾ ڇو آهن ۽ ڪيترن اختلافن سبب ڪانگريس کي ڇڏي ڇو ويا، انهن ڳالهين مان لڳي ڪونہ ٿو تہ ڪٿي نہ ڪٿي ڪانگريسين ۾ بہ ڪوتاهيون آهن، جنهن جي ڪري ڪيترائي هندو توڙي مُسلمان ناراض اٿن . "
پرڀو سُلفي جو شوٽو ڀريندي چيو :-
" ادا وشنا، ڪجھ بہ هُجي، پاڻ تہ ايترو سمجهون ٿا تہ گورن کي ڪو حق نٿو پُهچي تہ اسان تي ويهي ڏاڍايون ڪن . "
تيسين والجي، ميگهو، واگهو ۽ سوني وارا وشني جي هٽ ۾ گهڙيندي ئي سلام ورائي ويهي رهيا، والجي پنهنجي صدري، نوڙي تان لاهيندي چيو:-
" واھ ڏيڪرا (ڇوڪرا) ، تو تہ صفا نئين ڪري ڇڏي . "
ميگهي مذاق چيو تہ
"ڪاڪا، شايد تو ۾ ڪا لالچ اٿس، تڏهن تہ اهڙي محنت ڪئي اٿس . "
ڪاڪو والجي پنهنجن چار ڪنڊن ڏندن سان کلندي چيو :-
" سُڃا آيا پينگن وٽ تہ هل تہ هلي عيد ڪريون، ابا پوءِ ڏيڪرو (ڇوڪرو) مُنهنجي آسري ڊايو آهي . "
سيني ۾ ٺهڪ پئجي ويو
مٿان وري سوني نمڪو ڏيندي چيو :-

” ادا ميگھا، ڪاڪي والجي وٽ آهن ٽيڙ پورا سارا ، سو وشني ياءُ ڪان چاپلوسي ڪان پيو ڪم وٺي نـ تـ اها صدري، آخري صدري ثابت ٿئي ها . “

ڪاڪو والجي ناس نڪ ۾ ڏيندي وراڻيو :ـ

” هائو ٻيلي، ڳاله اهڙي ڪئي اٿئي، جهڙي پنهنجو نورو ڪُنڀار پنهنجا مٽڪن وڃائي چوندو هو تـ وڃ ڙي مٽڪا وڃ، ٻيو نـ تـ بـ دُهل جون تـ سِڪون لاهين ٿو اسان وارا حال بـ مڙئي ڪُجھ اهڙا آهن جو هاڻ صرف سِڪون پيا لاهيون....بس..! “

هڪ ڀيرو وري محفل ۾ ٽهڪڙو مچي ويو.

وشني ڪاڪي والجي جو بچاءُ ڪندي چيو :ـ

” ڪاڪي والجي کي اڪيلو سمجھي ، سيني اچي سڳن تي ڪنيو آهي ، ڪاڪو جھونو آهي تـ مڙئي خير آهي ، اج بـ کوھ مان پاڻي ڇڪي ڪڍي ، ڊِلا ڀرڻ جي سگھ رکي ٿو، ڪئين ڪاڪا ..؟ “

والجي وري بـ پنهنجن چار ڪنڊن ڏندن سان کلندي چيو:ـ

” واھ ڏيڪرا (ڇوڪرا ) واھ، تلهن آسرن تي ڪُجاڙو (چا) ورندئي، هاڻي تـ ڊِلا وڃي قبر ۾ ڀريندس، باقي اٿئي مڙئي خير ..... “

محفل ۾ کل جا ڪوڪريا پئجي ويا.

سوني ڪانيِ ٻڏندي چيو:ـ

” يار محفل ڪيڏي بـ مٽل ڇو نـ هُجي پر پاڻ وارا يار نورو ۽ سُليمان نـ آهن تـ مزو ئي ڪونهي “

ميگھي وراڻيو :ـ

” بس يار سڀ قسمت جا رنگ آهن نـ تـ ياد اٿوَ تـ ڪاڪي والجي کي سڀ ڪکي وڃي تـ سُليمان، پنهنجي وات سان ويهي ڪاڪي جو زهريلو رت چوسي چوسي ڪڍيو هو نـ تـ اج هن محفل ۾ ڪاڪي والجي کي ڪينَ نـ ڏسي سگھون ها. “

والجي ٽڏو ساھُ ڪڻندي چيو :ـ

” ابا آئون تـ وينو آهيان پر نورو ۽ سُليمان ڪونهي، اهڙو ڪو اونڌو واءُ وريو جو سڄڻ، سڄڻ کان وڇڙي ويو..... آها...!!!! “

وشني وري سياسي ڳاله ڇيڙيندي چيو :ـ

” اهو واءُ ادا هنن گورن جو واريل آهي اڳ بـ اهڙا هلڪا ڦلڪا جهيڙا جهٽا ٿيندا رهندا هُئا ۽ چار چڱا مَڻا وچ ۾ پئي ڳاله لئي مٽي ڪري ڇڏيندا هُئا پر ههڙو ويڌن ڪڏهن بـ نـ ٿيو هو هونءَ بـ زر جيڪو آهي نـ. سو ادا ياءُ کي ياءُ جو دُشمن بڻائي وجهندو آهي ۽ گورا اسان جي انهي بُڇڙي عادت کان چڱي طرح واقف ٿي ويا آهن، انهي ڪري ئي هو اسان جي اڳواڻن ۽ ٻين ويڪائو ماڻهن کي خريد ڪري، پوءِ اسان کي ويڙهائي، پاڻ مٿي وينا آرام سان ڪائينَ ۽ پئينَ . “

واگهو جيڪو ڪافي دير کان ماٺ ڪيو ڪچهري مان محظوظ پئي ٿيو تنهن ڪي سياست جي ڳالھ ڪانہ وڻي سو وشني جي انهي ڳالھ تي دانهن ڪندي چيو :-

” ادا وشنا ڳالھ ٻڌ, اڳ ئي هنن پارٽين هانءُ ساڙي وڌا آهن, وري مٿان انهن جو ذڪر, اهو تہ ادا ائين ٿيو زخم ڏيئي وري زخم مٿان لوڻ ٻرڪڻ, ڇڏيو انهن پارٽين وارٽين کي, ٻي ڪا چڱي ڳالھ ڪريو.“

ميگهي چيو :-

” ادي وشني جو آواز ڏاڍو سُريلو آهي ڇو نہ ڪو گيت ٻڌونس ....“

ميگهي جو ايترو چوڻ, سيني کٽي ها ڪئي.

سانول کي جڏهن کان وشني جي باري ۾ معلوم ٿيو هو تہ هُن کي پنهنجي وڇڙيل دوست هريش جي ياد تري آئي هُئي سڀ ڪنهن پئي وشني جي ڀائيچاري, دوستي ۽ مُحبت جي پئي تعريف ڪئي, ڪالھ خود ڪاڪي موهن بہ وشني جي باري ۾ اهڙن ئي ويچارن جو اظهار پئي ڪيو, سو سانول گڏھ تي آٽر رکي, وشني ڏانهن وڃڻ جي تياري ۾ لڳو پيو هو, ننڍي سانداري ۾ پاٽي, ڪُجھ ڪاڌي پيتي جو سامان, هڪ اڌ ڪپڙن جو جوڙو ڪنيو هُئائين ۽ رات جو ويلو ساري وشني ڏانهن آڌي گام لاءِ نڪري پيو پارڪر جي زمين دريائي پٽ جهڙي سخت هُئي پر ٻن ٽن ڪوهن ڪانپوءِ واريءَ جا دڙا, پٿون ۽ وڏا وڏا لڪ سڄي ٿر ۾ پکڙيل هُئا, سانول گرمي جي شدت کي محسوس ڪندي رات جو نڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو سو ٻن ٽن ڪوهن جي طئہ ڪيل سفر جي تڪليف جي سانول کي گل ئي ڪانہ پئي پر پوءِ جبل جو اڙانگو سفر شروع ٿي ويو هو پوءِ بہ رات ٽڏيري پر صفا اماوس واري هُئي, صفا سانت هُئي ڪنهن ڪنهن وقت واري جا جيت زون ڪري اچي سانول کي لڳا ٿي, سانول بہ احتياط طور گڏھ جي ٻنهي پاسن کان بصرن جون ڪُجھ ڳنڍيون لٽڪائي ڇڏيون هيون, جيئن اُن جي بدبوءَ کان نانگ يا بلا ڏور رهن خاص ڪري هڻ ڪڻ بلا, جبل جي چوٽين تي گڏھ کي چڙهڻ ۾ تڪليف پئي ٿي, انهي ڪري ڪٿي ڪٿي سانول کي گڏھ تان لهڻو ٿي پيو, گڏھ جي رفتار ايڏي تہ سُست هُئي جو سانول ٻئي ڏينهن بہ شايد آڏي گام پُهچي سگهي, ڪُجھ ننڍيون ننڍيون جبل جون چوٽيون چڙهڻ ڪانپوءِ گڏھ هلڻ کان جواب ڏيئي ٻيهي رهيو مجبورن سانول کي رات جو باقي حصو وچ راھ ۾ ئي ڪاٽڻو پيو, تنهنڪري سانول ڪُجھہ ڪک پن, اڪ ۽ ٿوهر جا ڪُجھ سُڪل ٽار گڏ ڪري, باھ ٻاري اُتي ليٽي پيو باھ ٻرڻ ڪري واريءَ جي هزارين قسمن جا جيت, باھ جي روشني تي اچي گڏ ٿيا هُئا, نانگن جي سيٽين جو آواز ۽ آر جيت جي تيز ترِترِترِ, رات جي سڄي خاموشي کي ٽوڙي پورا پورا ڪري رهيو هيون, سانول کي ليٽي اجان بہ گهڙيون مس ٿيون هونديون تہ اوچتو ڪنهن جي قدمن جو آواز آيو, سانول هوشيار ٿي اوڏانهن نهارڻ لڳو جتان قدمن جو آواز آيو هو باھ جي روشني ۾ ڪوشش ڪندو رهيو پر سانول کي ڪو نظر ڪونہ آيو ۽ پوءِ ڪجهل وقت تائين وري ان طرفان ڪو آواز بہ ڪونہ آيو, سانول ڪنهن جانور جو کُڙڪو سمجهي وري بہ ٻي اونو ٿي ليٽي پيو, هن جو ليٽڻ ۽ ڪنهن شيءِ جو ٽپ ڏيئي هن تي حملو ڪرڻ, انهي اوچتي حملي سانول کي سنڀرڻ جو ڪو موقعو

ئي نـ ڏنو ۽ انهي همراه سانول کي سخت زخمي ڪري وڌو ايسيتائين حملو ڪندو رهيو جيسيتائين سانول جي مرڻ جي پڪ نـ ٿيس.

---

انهي ئي ڏينهن، جنهن ڏينهن سانول، وشني سان ملڻ لاءِ نڪتو هو، وشنو بـ پنهنجن ساٿين کي هن سڄي علائقي تي لکيل مُفصل رپورٽ پُهچائڻ لاءِ، برهمڻ آباد لاءِ نڪتو هو. رات سڄي سفر ڪرڻ ڪانپوءِ پرهه ڦٽي مهل، جبل جي چوٽي ٽپي جيئن هيٺ لٿو تـ هڪ همراه کي رت سان ڀريل ۽ بيهوش ڏٺائين وشني پنهنجي گڏه تان لهي همراه جي نس تپاسيائين جيڪا اڃان هلندڙ هُئي، وشني پنهنجي ٿوال ڦاڙي، اُن مان ڊگهيون ڊگهيون ريڙون ٺاهي، همراه جي وڏن وڏن گهائُن کي قابو ڪري ٻڌو جتان اڃان تائين رت رسي رهيو هو ۽ اُتي ٻيو ڪو بـ سامان ڪونـ ڀيل هو ۽ نـ ئي سانول واري گڏه اُتي بيٺل هُئي سانول جي اڳ جيان هيل بـ شايد قسمت زور هُئي جو وشنو بـ انهي ئي ڏينهن، انهي گس تان ئي پئي آيو. وشنو انهي همراه جي مرهم پٽي مان واندو ٿي ، اُن همراه جو مُنهن ڌوتائين ۽ پنهنجي گڏه تي پاڻ سان گڏ سوگهو ڪري ٻڌائين چاڪاڻ تـ همراه اڃان تائين بيهوش هو ۽ گهڻي رت وهڻ ڪري ڪمزور بـ گهڻو هو. تيسين سج ڀي اُڀري آيو. سڄي ڏينهن جي سفر ۾ هلندي، هو ساهيون ڪائيندي ٿي ويو جيئن جيئن ڏينهن تي چڙهيو تيئن تيئن سج پنهنجي تپش تيز ڪندي ٿي ويو ۽ واري بـ ٽامڻي جيان تپندي ٿَي وئي، وشني واري گڏه جي ڳچي ۽ پُٺي تان بـ پگهر وهڻ شروع ٿي ويو هو ۽ وشني بـ محسوس ڪيو تـ گڏه ٿڪي پيو آهي، انهي ڪري وشنو ڪافي دير کان ، ڪنهن ڇگيرڙي وڻ جي تلاش ۾ هو هن کي ڪُجه پنڌ ڪانپوءِ بـ ٽي روهيڙي جا وڻ نظر آيا، هي گڏه ڪاهي اُن وڻ هيٺ وڃي بيٺو تـ هنن کي راحت ملي، سانول کي لاهي، ڪپڙو وڇائي اُن تي ليٽائي ڇڏيائين ۽ پاڻ بـ روهيڙي جي ٿُڙ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو، لُک هڪ تـ سخت گرم هُئي ٻيو وري واريءَ کي پئي گهوماٽيون ڏنائين، جنهن جي ڪري واريءَ جا پُڪ جا پُڪ هنن مٿان اچي ٿي ڪريا جنهن جي ڪري سانول جا ڦٽ پئي خراب ٿيا. ڪلاڪ بـ ڪن ساهي ڪٽي، وشني وري پنهنجي سفر جي روانگي جاري رکي، جنهن تيزي سان وشني هلڻ ٿَي چاهيو سو سانول جي ڪري هلي نـ پئي سگهيو. سانول کي اڃان تائين هوش ڪونـ آيو هو تنهنڪري سفر ۾ سانول سڄي گس وشني جي ٻانهُن ۾ جهولندو رهيو شام ڏاري وڃي وشنو برهمڻ آباد ۾ داخل ٿيو تـ سانول کي ائين زخمي ڏسي برهمڻ آباد جا ماڻهو وشني جي چوگِرد گڏ ٿي ويا.

” سانول ساڌو کي ڇا ٿيو آهي ....؟ “

” وچ ......! ڪنهن ڌاڙو ماريو آهي ...؟ “

” الائي زنده بـ آهي يا ................ “

” زخم تـ ڏسوس .... ، جن مان اڃان بـ رت پيو رَسي .... چ چ چ چ ........ “

” سانول سان ڪنهنجي دُشمني ٿي سگهي ٿي ......!! ؟ “
” الائي ادا، انسان جا سوَ سڄڻ ، سوَ دُشمن ....... “
” سانول جهڙو شريف ماڻهو هن ترِ ڪو بہ ڪونهي ..... “
” ادا سانول تہ هروڀرو ڪنهن سان ڪينَ وڙهيو آهي پوءِ ............
” هي تہ پيار ڪندڙ ۽ سيني جو خيرخواهہ ............“
جيترا هُئا وات ، اوترين هيون ڳالهيون... ٿوري دير ۾ جمعدار شيام ۽ ڪُجهہ پوليس وارا اچي پُهتا، هجوم مان رستو ٺاهي اچي، وشني وٽ پُهتا، سانول جي اهڙي حالت ڏسي هڪ سپاهي هوٽل تان ڪٽ ڪڍائي اُن تي سانول کي سُمهاريو. سانول جي زخمي ٿيڻ جي خبر ڪنهن طوفاني واءُ جيان پوري برهمڻ آباد ۾ پکڙجي ويئي، موهن بہ سانول جي زخمي ٿيڻ جي جي خبر ٻُڌي تہ وٺي بدحواسي ۾ پنهنجو هٽ ائين کُليو ڇڏي ڀڄو ۽ هڪ ساهي ۾ اچي سانول وارن وٽ پُهتو. جمعدار شيام، وشني کان جاءِ واردات ۽ ٻي سڄي واقعي جا تفصيل وٺي لکندو پئي ويو. ايتري ۾ ڪو ڊاڪٽر ويد کي بہ وٺي آيو، ڊاڪٽر پُڇڻ شرط سانول جي مرهم پٽي شروع ڪري ڏني .
موهن بہ وشني تي سوالن جي وٽ پکڙ لائي ڏني ،
” اوهان کي ڪٿي مليو....؟“
” اوهان اُتي ٻيو ڇا ڇا ڏٺو....؟“
” مارڻ واري جي ڪا نشاني وغيره ..... “
” گڏهہ ۽ ٻيو سامان ڪٿي آهي .........؟“
وشني سڪون سان سيني سوالن جا جواب ڏنا، آهستي آهستي رش بہ وڌندي ويئي تہ سپاهين دڙڪا داٻا ڏيئي پوري ميڙ کي ڇڙ وڇڙ ڪري ڇڏيو. ڪُجهہ ساعت ٿي تہ هڪڙي جو ڳالهائڻ بہ ٻُڌڻ ۾ پئي آيو ماڻهو ڇڙوڇڙ تہ ٿي ويا هُئا پر اجان تائين ننڍين ننڍين ٽولن ۾ کُسر ڦُسر جاري هُين، سانول اجان تائين ڪٽ تي بي سُڌ پيو هو ڊاڪٽر ويد، سانول جي ڦٽن تي ليپو ڪري ڇڏيو هو پوليس بہ پنهنجي ضروري ڪارروائي ڪري هلي ويئي هُئي، موهن، سانول جي ڪٽ کڻائي گهر آيو ۽ وشني کي بہ ساڻ وٺي آيو هو.
موهن پنهنجي ڪٿي، سانول مٿان وجهندي چيو:-
” اصل ۾ سانول اوهان سان ٺي ملڻ لاءِ ئي نڪتو هو اڪيلي وڃڻ کان مون منع بہ ڪئي مانس پر توهان سان ملڻ جي اشتياق ۾ مُنهنجي ڳالهہ ڪانہ ٻُڌائين ۽ اڪيلي سر نڪري ويو ............. “
ڪانئن کي ڦوڪ ڏيئي، باهہ ٻاريائين ۽ اُن ۾ ڪوڪلن کي چاڙهي ڇڏيائين، انهيءَ ڪم مان واندو ٿي، پنهنجي ڳالهہ کي اُتان کان ئي شروع ڪيائين، جتان ڇڏي هُئائين .

" .............هن جي هميشہ کان اها عادت رهي آهي تہ نون ماڻهن ۽ نون علمن سان گڏپ ڪجي، جيڪو بہ ڪتاب هٿ چڙهيس ٿو سو جيسيتائين پڙهي پورو نہ ڪندو تيسيتائين ماني بہ نہ کائيندو."

" ڪاڪا....ڪاڪا ڇا ٿيو سانول کي ......ڪنهن ماريو آهي ......؟"

راڌا گهر ۾ گهڙيندي شرط سوال جڙي ڇڏيا پر پوءِ ڪنهن غير کي گهر ۾ ڏسي، هبڪي پئي ۽ هڪدم ساڙهي جو گهونگهٽ ويتر هيٺ ڪري ڇڏيائين .

موهن کو جواب ڏي ئي ڏي، تيسين راڌا سانول جي کٽ جي پير ۾ پُهچي چُڪي هُئي . جيڪو اجان تائين کٽ تي بي سُڌ پيل هو راڌا سانول جي اهڙي حالت ڏسي روئي پئي .

موهن راڌا جي مٿي تي هٿ رکندي چيو :ـ

" امان حوصلي کان ڪم وٺُ، اهڙا ڏينهن تہ مڙسن تي ايندا رهندا آهن، اڳ بہ توکي سانول اهڙي ئي حالت ۾ مليو هو . پر سُرڳواسي همنيت ۽ تُنهنجي مُحبت ۽ خدمت هن کي اُٿي ڪڙو ڪرڻ جي قابل بڻائي ڇڏيو هو ......................."

پر راڌا اوڇنگار ڏيئي روئيندي رهي، موهن تہ الائي ڇا ڇا چوندو رهيو تنهن جي راڌا کي ڪا ڳل ئي ڪانہ هُئي . بس هو ڪاڪي موهن جي ڇاتي سان لڳي روئيندي رهي . ڪُجھ لمحا ائين ئي گُذري ويا، راڌا روئي جڏهن پنهنجي من جو بار هلڪو ڪري چُڪي تہ پوءِ موهن آيل مهمان جو تعارف ڪرائيندي چيو:ـ

" هي وشنو آهي . جنهن سان ملڻ لاءِ پنهنجو سانول نڪتو هو ملڻ تہ نهيو پر امان قسمت ۾ هيو ڪُجھ لکيو هو هي پنهنجو وشنو آڏي گام جي ڳوٺ پيرو جو تڙ ۾ درزڪو هٽ هلائي ٿو ياءُ وشني پنهنجي سانول کي بچايو آهي ۽ هيءَ ايشور ديوتا جي داسي راڌا آهي ."

" نمستي ديدي "

وشني پنهنجا ٻئي هٿ نرڙ وٽ ٻڌندي چيو ۽ اچي راڌا جي مٿي تي هٿ رکيائين جيڪا اجان بہ سُڏڪي رهي هُئي .

وشني چيو :ـ

" ڪاڪا عجيب اتفاق آهي جو آئون بہ انهي ڏينهن شهر ڪم سانگي نڪتو هُئس . تنهنڪري ساڳيو گس هُئڻ ڪري سانول تي نظر پئجي ويم نہ تہ شايد سانول زنده پاڻ کي نہ ملي سگهي ها . "

موهن سانول ڏانهن نهاريندي چيو :ـ

" ادا ايشور جي ڪرپا اٿس ۽ ٻيون اٿس غريبن جون دُعائون نہ تہ هيسيتائين دُشمن ماري ختم ڪري ڇڏين ها . "

وشنو، موهن جي انهي ڳاله تي وراڻيو :ـ

” ڪاڪا ڀڳوان، پنهنجي هيڏي وڏي بادشاهي ۾ اهڙا ماڻهو ضرور پيدا ڪندو آهي ، جيڪي اُن جي پيدا ڪيل خلق سان حقيقي ۽ سچو پيار ڪري، سو سانول نہ رُڳو پنهنجن جو گهٽگهُرو آهي، هن علائقي ۽ تر جي ماڻهن جو هڏ ڏوکي ۽ همدرد آهي ، تنهنڪري ظاهر آهي تہ هزارين دليون سندس سلامتي لاءِ دُعاڳو رهنديون هونديون . “
ڪاڪي موهن ، ڪوڪلن ۾ ٿورو پاڻي وجهندي وراڻيو :۔
”وشنا پُٽ، دُنيا هڪ مُسافر خانو آهي ۽ سانول بہ انهي مُسافر خاني جو هڪ اٽڃاڻ مُسافر آهي، جنهن جي پنهنجي ڪا منزل ڪونهي، تنهنڪري هي هتي پتڪي پيو ڪٽي نہ ڪٽي مارجي ويندو. هن کي هزار بار چيو اٿم تہ وڏن پيٽن وارن سان دُشمني نہ ڪر ، هنن مهاراج همنيت کي بہ انهي ڪري مارائي ڇڏيو پر ڇا ڪريون، هن جا آهن اونن تي اوتارا ۽ گهوڙن تي گهر، اڄ تہ ابا وشنا بچي ويو تہ سُڀاڻي مارجي ويندو. “
موهن ٿورو جذباتي ٿي ويو نرڙ تي اُڀريل رڳ ڦڙڪا ڪائي رهي هُئي ، وشني ڏٺو پئي تہ ڪُجھ دير اڃان هتي ڪاڪو موهن ويٺو رهيو تہ يا تہ روئي ڏيندو يا مورڳو بيمار ٿي پوندو.
سو چيائين :۔
” ڪاڪا پاڻ ڇو نہ ....، ڏائي ويد وٽ هلون ۽ سانول جي باري ۾ حالي احوالي ٿيونس، ادي سانول وٽ ويٺي آهي . “
موهن اها ڳاله ٻُڌي تہ بنا ڪنهن دير جي پنهنجو پوتڙو ڪنيو ۽ وشني کي ٻانهُن مان جهلي ٻاهر نڪري ويو.

ڪارونجهر جي جهولي ۾ رُڳي پيچرا ئي پيچرا نهيل هُئا، جن تي ماڻهن جي اچ وڃ جاري رهندي هُئي، جبل جي ساڄي پاسي ساڙدري چشمي جو پاڻي جمع ٿيل هو ويدن ۽ مُسافرن لاءِ هي جاءِ راحت ڏيندڙ هُئي، هر ڪو هتي اچي ٽڪ ضرور پيچيندو هو.

يوسف، وشني کي پارٽي طرفان ڏنل نون حڪمن، هدايتن ۽ وشني کان علائقي ۾ ڪيل ڪم جي رپورٽ وٺڻ لاءِ اچي برهمڻ آباد پهتو هو هو بہ انهي جاءِ تي ٻين ڪيترن مُسافرن جيان ساهہ پٽڻ لاءِ پهتو هو انهي ئي جڳہ تي وشني سان بہ ملڻو هُئس پر وچ ۾ سانول واري اوچتي واقعي جي ڪري وشنو مقرر ڪيل جڳہ تي پُهچي نہ سگهيو هو. يوسف لاءِ هي علائقو صفا نئون هو اڳ ڪڏهن بہ اهڙي واريا سي ۽ جابلو علائقي ۾ نہ ويو هو انهي ڪري اُنن جي مُسافت هٽي هڏ هڏ ٽڪائي ڇڏيا هُئس، ساڙدري واري چشمي وٽ پُهچندي ئي، يوسف اُتي واريءَ تي ئي ليٽي پيو هو ۽ گڏوگڏ سخت پريشان هو تہ رابطي وارو ماڻهوءَ وشنو اُتي موجود ڪونہ هو.

گهوڙا، اُٺَ ۽ گڏهہ بہ وڏي مُسافت ڪانپوءِ ٿڪ لاهڻ لاءِ جبل جي ڇانوَ ۾ ويٺا سستائي رهيا هُئا مُسافر ماڻهن ۽ ٻين واپارين بہ پنهنجو پنهنجو سامان لاهي، هڪڙي پاسي ۾ رکي رهيا هُئا ۽ پنهنجو پاڻ ۾ سي ڪچهري ڪرڻ ۾ مشغول هُئا، يوسف ڏاڍي حيرت سان انهن ڏٻرن، هيڻن ۽ ڪمزور ماڻهن

کي ڏسي رهيو هو جيڪي هيڏي ڏکي ۽ ٽڪائيندڙ مُسافت ڪانپوءِ بہ ڏاڍا چُست ۽ تيز پئي لڳا جڻ هڪڙي ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ آيا هُجن يوسف کي لطيف سائين جو بيت ياد اچي ويو تہ

مٿن ٽُٻڪ ٽُٻڪڙا ، ڇِڪندڙا اچن،
ڪوڙيون ڪَہَ ڀَڪليون، پگهر سر پيرن،
ايءَ وڙ ويڙهيچن، مون لوڏان ئي لکيا.

موهن ۽ وشنو جڏهن ڏائي ويد جي چونڪي (هڪ قسم جو ٿري چونرو) جي اوٽي ( ننڍو ٻنجرو) تي پُهتا، تڏهن مس ڏائي جي نظر مٿن پئي، هو ڪايا جا ننڍا ننڍا ٽُڪر ڪٽي، اُنهن مان ڪير جهڙو اڇو رس ڪڍي مرتبان ۾ وجهي رهيو هو.

” اچو اچو........ مسهين مسهين موهن ڀاءُ مون مشڪين (مسڪين) جي چونڪي تي قدم ڌريو اٿوَ.“

ڏائي ٻنهي جو استقبال ڪندي چيو.

ڪاڪو موهن ڏائي جي پير ۾ ويهندي چيو :-

” ٻُڌ...... سانول جا ڦٽ گهيرا آهن، اهي ڪٿي خراب تہ ڪونہ ٿي ويندا ....!“

ڏائي ويد، پنهنجي قدرتي فرينچ ڪٽ ڏاڙهي تي هٿ ڦيري، باز جيان تيز نگاهن سان، وشني ڏانهن نهاريو وشني کي ائين لڳو جڻ اهي نظرون سندس اندر تائين پيهي ويون هُجن.

ڏائي وراڻيو :-

” دُشمن تہ ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏي هُئي پر ڀڳوان مڙئي ڀلي ڪئي، هاڻ ڏيڪرو (ڇوڪرو) ائين بچي ويو آهي جيئن ٻاجهر جو داڻو جنڊ مان بچيو وڃي.“

وشني کي ڏائي جون نظرون ائين گهوري رهيون هيون، جڻ سانول کي گس تي وشني ئي ماريو هُجي

” مون سوچيو پئي تہ سانوڻي مٿان ڀري بيٺي آهي، مٿان سانول جي ڦٽن کي ڇُٽڻ ۾ دير لڳي ۽ پوءِ ڦٽ خراب ٿي نہ پون “

موهن ٿڏو ساهُ ڀري، پنهنجو خدشو ظاهر ڪندي چيو.

ڏائي، موهن جي ڳاله کي نظرانداز ڪندي، پريان ايندڙ نينگري کي وراڻيو :-

” نانڪڙي (نينگري)، پنهنجي پون (ٻڪري) کي سريءَ (گهٽي) مان ڪڍ، مٿان ڪنهنجو نقصان نہ ڪري وجهي. “

نينگري ڏائي جي ڳاله ٻُڌي، اوڏانهن ڊوڙي وئي جيڏانهن ٻڪري وئي هُئي، وشني ٻوهه جي وڏيل ننڍن ننڍن ٻوٽن ڏانهن اشارو ڪندي چيو :-

” هي ڇا ناهيو اٿئي ....؟ “

” هن جي توڪي ڄاڻ نہ پوندي. “

ڏائو موٺ ۾ وراڻيو.

” پوءِ بہ ڪاڪا ..“

” انهيءَ ٻوھ جي وڍيل ٻوٽن ۾ گڏو (نانگ جو هڪ قسم) پنهنجو گهر ٺاهيندو پوءِ اُن کي جهلي، اُن مان زهر ڪڍي دوا ٺاهيندُس .“

وشني حيرت وچان، پنهنجين اکين جا پرون مٿي ڪيا.

ڏائي کپ (هڪ قسم جو هٿراڏو ٺهيل واڻ) جي رسي ڪٽي، پنهنجي چونڪي جي دروازي کي ٻڌندي چيو:-

” ادا موهن، سانول کي ڪوڪلا (ٽر جي هڪ قسم جي ٻاڄي ) نه ڪارائجو اهي ڦٽن کي وڏيڪ خراب ڪري وجهندا . “

ڪاڪي موهن اُٺندي موٽ ۾ چيو :-

” اها خبر مون کي به آهي .....پر ٻيو چا نه ڪارايونس ...؟ “

” گدِڙي ۽ چيڙ کان به پاسو ڪج، باقي مرهم جوڙيان پيو اهو ڪنهن وقت اچي ڪٽي ويجان ...“

موهن ڪُجه پيسا ڪڍي، ڏائي جي هٿ ۾ رکيا. ڏائي پيسن کي ڏٺو ته سندس اکين جي چمڪ وڌي ويئي پر ڪوڙي مُرڪ مُرڪندي وراڻيو :-

” هن جي ڪهڙي ضرورت هُئي .“

” هي منڪي (ڏيءَ) جي خرچي سمجه .....“

” اها آهي ته ڏاڍائي ... پر خير .........“

وڏيڪ ڪُجه چوڻ کان اڳ موهن ۽ وشنو روانا ٿي ويا.

يوسف اها رات ساڙڏري واري چشمي وٽ ئي گُذاري ۽ صبح جو وشني جي تلاش ۾ برهمڻ آباد جي ننڍڙي شهر ۾ نڪري پيو. شهر ڇا هو ائين ڪٽي چئجي ته هڪ وسندڙ ڳوٺ هو يوسف پنهنجي پر ۾ هر ڪنهن هٽ ۽ چوئنري ۾ اک هڻندو ويو پئي پر وشنو ڪٿي به نظر ڪونه آيس، برهمڻ آباد جي سرين (گهٽين) ۾ ڪُجه هٽ ۽ ڪُجه پٿرن سان اڏ گابريون ڪچيون جايون ته ڪي سچيون پڪيون هيون، جيڪي ڪي ته ٺَڪرن جون ته ڪي واٽين جون هيون انهن جي ڇتين تي لهواري تي ٺِڪرن جا گلاس لڳل هُئا، جيئن مينهن جو پاڻي ڇت تي بيهي نه رهي ۽ برهمڻ آباد جي ننڍي شهر مٿان، ڪارونجهر جبل ڳر ڪنيو بيٺو هو. جبل جي هُئڻ ڪري، مينهن جي موسم ۾ ڪيترائي چشما، نيون، ننڍيون ننڍيون نديون وهي اينديون هيون جيڪي جبل مان ڪيترائي خوبصورت پٿر ڪٽي اينديون هيون جيڪي برهمڻ آباد جي آس پاس ڪيترائي ئي پئي رُليا، يوسف به گهُمندو گهُمندو، وشني کي ڳوليندو ڳوليندو، هڪ جڳه تي ٻارن کي عجيب راند گابڙي کندي ڏسي بيهي رهيو ۽ راند ڏسڻ ۾ ايترو ته محوَ ٿي ويو جو اوچتو ڪنهن اچي سندس ڪُلهي تي هٿ رکيو.

” يوسف ..“

تمام آهستگي سان وشني چيو.

يوسف ڇرڪ ڀري پويان ڪنڌ ورايو وشني کي ڏسي شڪايت ڪٽي ويهي رهيو.

” اري وشنا يار، ڪٿي هُئين .... مون کي تہ توصفا پريشان ڪري وڌو............“

وشني پنهنجن چپن تي اشهد جي آڱر ڏيئي، يوسف کي چُپ رهڻ جو چيو يوسف کي بہ پنهنجي غلطي جو احساس ٿيو تہ هڪدم ڪٽي ماٺِ ڪيائين، وشني يوسف کي پنهنجي پويان اچڻ جو چئي، پاڻ اڳيرو هلڻ لڳو برهمڻ آباد جي گهٽين مان نڪري ٻاهر ڪارونجهر جي اُترئين ٽڪري ڏانهن هليو آيو ۽ هڪ ننڍي ڇپر نڪتل ٽڪري جي ڇانوَ هيٺيان ٻيٺو، جيڪا برهمڻ آباد کان تقريبن ميل کن جي فاصلي تي هُئي، انهي ٽڪري جي سامهون ڪارونجهر جي چوٽي ڏانهن آڏو ڦڏو هڪ پيچرو وڃي رهيو هو جنهن تي جابجا ننڍا ننڍا پٿر ۽ ڪُجھ سُڪل ۽ ڪُجھ سائو گاھ بيٺل هو انهي پيچري کي ڏسي ائين پئي لڳو تہ انهي پيچري کي ڇڏيئي ڪيئي سال ٿي ويا آهن، انهي ٽڪري جي ڏاڪڻي پاسي کان ڪارونجهر جي لسي ۽ چمڪندڙ لاهي هُئي جيئن ڪنهن ڪاريگر سوَن مزدورن جي مدد سان اُن کي ايڏو لسو لاهوارو ۽ خوبصورت ٺاهيو هُجي، وشني ۽ يوسف کي پگهر تقريبن سڄو وهنجاري ڇڏيو هو.

” ڏي خبر، رات ڪٿي هُئين ....؟ “

وشني آڱر سان پنهنجي نرڙ جي پگهر کي اُگهيندي، يوسف کان پڇيو.

” رات اُتي ئي گُذاريم، جتي سڄو قافلو سُتل هو“

يوسف ، پنهنجي قميص جا ٻٽڻ کولي، پنهنجي ڇاتي ۽ پيٽ کي ڦوڪا ڏيندي وراڻيو.

وشني ڇپر هيٺ ويهندي چيو :-

” ڪنهن کي تو تي شڪ تہ ڪونہ پيو آهي نہ ....! “

يوسف ، وشني جي پر ۾ ويهندي چيو:-

” الائي ........پر هرو ڀرو مون تي ڪو شڪ ڇو تہ ڪندو......... ! ؟ “

وشني، يوسف جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو :-

” يوسف ، تون پيو اها ڳالھ ڪرين جيڪو مُنهنجو سوٺهون ٿي رهيو آهين ۽ جڏهن تہ سياسي صورتحال اها آهي جو پاڇو پاڇي کان پيو ڊپ ڪري، اُتي تون ائين پيو چوين ... حيرت آهي . “

يوسف تصديق لاءِ چيو:-

” تون ڇا ٿو سمجهين، مون تي ڪنهن کي شڪ پيو هوندو ڇا ......؟ “

وشني حتمي طور تي چيو:-

” مون کي شڪ نہ پر پڪ آهي ڇو تہ جنهن وقت تو مون کي ڳوليو پئي تہ هڪ ڪاريسرو همراه تُنهنجي پويان هو مون توکي اڳ ۾ ئي ڳولي لڌو هو پر اهو ڪاريسرو همراه تُنهنجو پيڇو ئي نہ ڇڏي نيٺ ڪُجھ وقت لاءِ هو ڪيڏانهن گُم ٿي ويو تہ آئون توسان ملڻ لاءِ اچي ويس ۽ مون کي پڪ آهي تہ اها ڳالھ مُختيارڪار ڪشور تائين پُهچي چُڪي هوندي تہ هڪ اجنبي ماڻهو شهر ۾ هلندو وتي،

هتي هاڻي ڪابہ ڳاله نہ آهي ڪرڻي، جيڪا سيني ساٿين لاءِ ڪو ڏچو بڻجي، تنهنڪري جيڪو ڪُجه هُجنيئي تہ اُن کي هينئر جو هينئر هتي جو هتي ضايع ڪري ڇڏ. “
يوسف اجان بہ وشني جي ڳاله کي وزن نہ ڏيندي چيو ـ
” تون هرو ڀرو پيو خوف ڏين، برهمڻ آباد ۾ تہ مُسافر ايندا رهندا هوندا، آئون ڪو پهريون مُسافر تہ نہ آهيان جو هو مون تي شڪ ڪندا “
وشنو ٿورو سخت لهجو استعمال ڪندي، يوسف کي حُڪم ڏنو.
” آئون حُڪم ٿو ڪريان تہ جيئن آئون چوان پيو تون ائين هينئر جو هينئر ڪر ! “
يوسف ٿوري گهڻي چئو چوان ڪانپوءِ پارٽي طرفان مليل سڀ ڪاغذ ساڙي ڇڏيا. انهي ڪم مان فارغ مس ٿيا تہ هنن جي اُيرندي پاسي کان کُڙڪي جو آواز آيو. وشني جا ڪن ڪڙا ٿي ويا ۽ زور سان پُڇيائين ـ
” ڪير آهي ....؟ “
وشني جو ايترو پُڇڻ ۽ ڪنهنجي پيچڻ جي قدمن جو آواز آيو. وشنو ٽپ ڏيئي، اُنهي طرف ڀڳو پر ڪابہ شيءِ نظر نہ آيس، وشنو فڪرمند ٿي ويو. هن کي جيڪو شڪ پيو هو سو هاڻ يقين ۾ بدلجي ويس.
” يوسف، بس هتان نڪرڻ جي ڪر. هاڻ ڪُجه بہ ٿي سگهي ٿو.....“
يوسف بہ هاڻي سڄي ڳالهہ کي سمجهي ويو هو. اهو تہ شُڪر جو پارٽي جي هدايت وارا ڪاغذ، وشني ساڙائي ڇڏيا.
ٻئي واپس برهمڻ آباد ۾ هليا آيا ۽ سڌو موهن وارن جي گهر پهتا، جيڪو سانول کي هوش اچڻ کان پوءِ سانول کي ٻاجهر جي ماني، اچ سان کارائي رهيو هو.
” نمستي ڪاڪا! “
” اوم..............! “ موهن، يوسف کي ڏسي، سلام اڌ ۾ رهائي ڇڏيو ۽ يوسف ڏانهن سواليہ نگاهن سان ڏسڻ لڳو. سانول بہ اوپرن ماڻهن کي پنهنجي گهر ۾ ڏسي حيرت ۾ هو.
وشني، ٻنهي جي نگاهن جي سوال جو جواب ڏيندي چيو
”ڪاڪا، هي هميرو هوٿار آهي، سنڌ کان آيو آهي“
سنڌ جي نالي وٺڻ سان ئي موهن جي هٿ مان اَچُ جو گلاس ڪِري پيو ڄڻ ڪنهن پٺي تي ڪماني وهائي ڪڍي هُجيس. موهن جي اها حالت ڏسي، هڪ ئي وقت ۾ وات مان لفظ ”ڪاڪا “ نڪري ويو.
موهن يوسف جي بلڪل ويجهو پهچي چڪو هو. يوسف جي دل اندران زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي هئي، ويٺي ويٺي هن پوڙهي کي ڇا ٿي ويو آهي؟

” تو..........................تو...........................موهن جا لفظ، جڻ نڙي ۾ ئي اٽڪي پيا هُجن،
تو مُنهنجي يار ........مُنهنجي ڀاءُ احمد کي ڪٽي ڏنو آهي؟ هو ٻه.................... سنڌ ويو آهي.......
ها ............ابا مون پنهنجن هنن چنبن هٿن سان، هتان ٻي يارو مددگار روانو ڪيو
هو............هان.............ٻڌائي نه......... مُنهنجي احمد کي ڪٽي ڏنو هُئي.............؟؟ “
يوسف، حيرت وچان، موهن کي ڏسِي، وشني کي ڏسي، موهن، يوسف جي گلي ۾ هٿ وجهي، زور زور
سان جهٽڪا ڏيئي ور ور ساڳئي ڳالهه پئي پُڇي.
” هان.............. ٻڌائي نه.............. چُپ چو آهين.........؟ هوءَ خيريت سان آهي نه........
زينب..... مُنهنجي مِنڪِي (نينگري)............ هان ..........ٻُڌائي نه............ ڳالهائي نه...............
چُپ چو آهين...............؟؟ “
آهستي آهستي موهن جا هٿ يوسف جي گلي تان ڍرا ٿيندا ويا ۽ اُن جڳهه تي اکين مان لُڙڪ لارون
ڪري وهڻ لڳا. ٿوري دير ۾ موهن روئڻ ۾ اچي چُٽڪيو. وشنو ۽ يوسف حيرت سان ڪاڪي موهن
ڏانهن نهاري رهيا هُئا جيڪو چوئنري جي ٿوڻي کي ٽيڪ ڏيئي روئي رهيو هو. سانول ڏيرج سان هنن
کي ڪاڪي موهن جي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي، تڏهن وڃي وشني ۽ يوسف جو تجسس ختم ٿيو.
گرمي جي شدت به هاڻ گهٽجڻ لڳي هئي، سج به ٿڪل پوڙهي جيان آهستي آهستي لَڪن
ڏانهن رڙهندو ويو پئي. ڪشور جي سجايل ڊرائنگ روم ۾ ايسرو وينو هو جتي هڪ ڏٻرو پوڙهو زور
زور سان هٿ پکو هٽڻ لاءِ بغلون هٽي رهيو هو. جيئن آيل ماڻهو سندس شڪايت صاحب سان ڪري
نه وجهي.
ڪشور، انگريزن وارو گاؤن پهري، ڊرائنگ روم ۾ آيو. جيڪو هلڪي بليو رنگ ۾ هو. اکيون ڳاڙهيون
لال هئس شايد رات گهڻو شراب پي ويو هو. ڪشور بنا ڳالهائڻ جي ايسري کي گهوري ڏسڻ لڳو.
”سرڪار، ڪانگريس جو اهم ميمبر هارون سوڍي نڪر جي گهر ۾ لالو بجير جي ڳوٺ ۾ لڪو وينو
آهي. “
ايسري تي جيڪو ڪم رکيو ويو هو سو ايمانداري سان پورو ڪري آيو هو ۽ ڪانگريس جي روپوش
اڳواڻ جي پڪي خبر ڪڍي آيو هو.
”صاحب، آئون وچان................................؟ “
سورنهن سالن جي ڇوڪري، اڌ وگابرا ڪپڙا پايو ڪشور جي بيڊ روم واري دروازي وٽ بيهندي چيو.
ڪشور اُٿي ڪبٽ مان ڪجهه پيسا ڪڍي اچي اُن جي هٿ تي رکيا ۽ پاڪر پائي. ڏهه پندرهن
منٽ تائين چُميون ڏيندو رهيو. پوءِ وچڻ واري دروازي تائين ڇڏي واپس آيو. ايسري ڏٺو ته ڇوڪري
سڄي پگهريل هُئي، وار وکريل هُئس، جسم ۽ ڳلن تي چَڪنُ جا نشان به هئا. جنهن وقت ڪشور ،
ڇوڪري کي دروازي تي ڇڏڻ ويو پئي ته ايسري به هوَس ڀريل نگاهن سان ڇوڪري کي ڏٺو پئي،
ڪشور جهُومندو اچي ساڳي صوفي تي ويهندي چيو. ” ها تو ڇا پيئي چيو؟ “

هُن اهڙي انداز سان پُڇيو جڻ هيستائين ايسري رُڳو بڪواس پيئي ڪئي، ايسري وري، سڄي ڳالهه سربستي ڪري ٻُڌائي. ڪشور ساڳي بي نيازي سان چيو ته

” نيڪ آهي، نيڪ آهي. “

ايسري داد طلب نگاهن سان ڪشور ڏانهن نهاريو.

ڪشور اُٿندي چيو

”بس نه، هاڻي هل هتان، مون کي آرام ڪرڻو آهي.“

ائين چئي، ايسري جي دل تي جڻ ڇُرو وهائي ڪڍيو هُئائين، مُئل آواز سان وراڻيو

” جي سرڪار.“

۽ ٿڪل ٿڪل قدمن سان ڪشور جي عاليشان بنگلي مان ٻاهر نڪري ويو.

صبحُ، اجا پکين به تنوار نه ڪئي هُئي جو موهن واري چؤنري اندر سي آءِ ڊي جا سپاهي اوچتو اندر گهڙي آيا ۽ ايندي شرط سُتلن مٿان کان اوڇهيل اوڇڻ کي ڇڪي لاهي پري اڇلائيندي ٿي ويا، پر هُنن کي وشنو ۽ يوسف هٿ نه آيا. سانول اڳيئي زخمي مٿان انهي گوڙ ڪري ٽپ ڏيئي اُٿيو ته ڪچي ڪڙي ڇڙهيل ڦٽن مان رت رَسڻ لڳو ۽ پيڙا جون شديد سٽون اُڀري پيس. سي آءِ ڊي جي هڪ آفيسر ڪڙڪيدار آواز ۾ موهن کان پڇيو.

“ڪٿي آهن وشنو هَئي ۽ هميرو هوٽار؟”

موهن وڏي اعتماد سان وراڻيو

”هو اسان کان رات ئي هليا ويا هئا “

” ڪيڏانهن؟ “

” خبر ناهي “

خبر ناهي چوڻ سان گڏ هڪ زوردار ٿڦڙ، موهن جي ڳل تي نڪاءُ ٿي ويو. موهن جي ڏندن مان رت نڪري آيو.

”سڌي طريقي سان ٻڌاءِ ته ڪٿي آهن؟ “

موهن پنهنجي ٻانهن سان رت اُگهندي چيو“

”چيم نه ، ته مون کي خبر نه آهي“

سي آءِ ڊي جو اهو آفيسر، چند گهڙيون موهن کي ڪائي وجهڻ وارين نگاهن سان ڏسندو رهيو ۽ پوءِ ڪاوڙ ۾ ڏند ڪُرٽيندي چيو

” آئون چوائين ٿو ته ٻُڌائي ڇڏ. اُنهي ۾ تُنهنجو ئي فائدو آهي.“

موهن بدستور ساڳئي پُر اعتماد لهجي سان وراڻيو

” چيم نه.........! مون کي ڪابه ڄاڻ نه آهي، هُن سانول کي بچايو هو اُنهي ڪري ڪُجهه گهڙيون مون وٽ هو. مهمان آيس ته اُن سان گڏ الائي ڪيڏانهن نڪري ويو.“

نيٺ سانول کان صبر ڪو نہ ٿيو تنهن چيو۔
” هڪ پيرو نہ چار پيرا ٻڌايو آهي تہ اسان کي خبر ناهي، تہ پوءِ اها ڪهڙي شرافت آهي تہ.................................“

بندوق جو بٽ، نڪاءُ مُنهن تي ٿي ويس. ڏڪ لڳڻ سان سانول کٽ تي اونڌي مُنهن ٿي ڪري پيو ۽ ڪُجهہ لمحن کان پوءِ سي آءِ ڊي وارا ٻاهر نڪري ويا ۽ ڪڪڙ جي ٻانگ جو آواز گُونجيو. سج شرميلي ڪنوار جيان پنهنجي ڳاڙهاڻ سان آهستي آهستي نڪرڻ شروع ٿيو هو.
راڌا، ڪپڙي جي ٽڪريءَ سان، سانول جو رت هاڻو مُنهن اُگهيو. جيڪو بٽ لڳڻ ڪري ڦٽجي پيو هو.
موهن سنجيدگيءَ سان چيو
” لڳي ٿو تہ وشنو ڪو ڪانگريسي آهي ! “
راڌا وراڻي
”پر ڪاڪا! ڪانگريسي ٿيڻ ڪو ڏوهہ تہ ڪونهي نہ! ۽ جڏهن هُو هتي نہ هُئا تہ هنن اسان سان ناحق ڇو ڪيو؟ “
سانول، جيڪو ڪنهن گهري سوچ ۾ هو تنهن چيو.

” ڪاڪا! ڪانگريس جي ايڏي ڇتي پُڇا ڇو ڪندا؟ هُو تہ هُنن کي سڪون سان گرفتار ڪري سگهن ٿا. هو پنهنجو نهالچند ڪانگريسي ۽ اُن جا هڙئي دوست گرفتار ڪيون تہ اُتي تہ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪين نہ ٿي.“
موهن پنهنجي ڏاڙهي کي ڪنيندي وراڻيو۔
” پوءِ........!! تُنهنجو ڇا خيال آهي؟ “
سانول وراڻيو۔
” مُنهنجي ذهن ۾ بہ اوهان جيان مونجهارو آهي تہ وشني ۾ اهڙي ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي، جو سي آءِ ڊي وارا ائين ڇتا ٿيو پيا گهُمن..!! “
اُنهي سوال جو ڪنهي وٽ ڪو بہ جواب ڪونہ هو. راڌا، دوا دارون جو سامان سميٽي ڪٽي چونئري ۾ هلي ويئي، پر ويندي چوندي ويئي تہ
” ڪُجهہ ڪونهي، مڙيئي غريب ماڻهن کي آهي تنگ ڪرڻو ۽ پنهنجو ڏاڪو ڄمائڻو...............
بس.........!! “
سانول، اوٽي تي ٿهيل ڇپر تي ويٺو هو ۽ ڪاڪو موهن بہ سانول جي کٽ جي لڳو لڳ، پيڍلي تي ويهي رسو وٽي رهيو هو. سانول، راڌا جي ڳالهہ ٻُڌي مُرڪي پيو ۽ چيائين
” راڌا !، توهان ڪڏهن کان اهڙين ڳالهين ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪيئي اٿوَ؟ “
راڌا، چونئري جي اندران ئي چيو۔

” جڏهن کان ماڻهن، انياءَ کي پنهنجو ڌرم ٻڻائي ڇڏيو آهي. “
ڪاڪي موهن چيو۔
”سانول، راڌا هاڻ اڳئين جهڙي نہ رهي آهي، هاڻي تہ پاٺ شالا ۾ پڙهائي تي ۽ گهٽيون ڳالهيون چڱيءَ طرح سمجهي ٿي. “
سانول، وري وشني واري موضوع تي ايندي چيو۔
” ڪاڪا، وشني جي ڳالهين ۾ ڪيڏي نہ پُختگي ۽ خود اعتمادي هُئي، اها ڳالهہ نوٽ ڪرائي ٿي تہ وشنو ڪا معمولي شخصيت نہ آهي.“
موهن ڪلندي چيو۔
” توکي تہ هونئن ئي وهم ٿي ويو آهي، هر ڳالهہ ۾ پيو پنهنجا انومان ڪيين. “
راڌا، چونئري مان ٻاهر نڪرندي چيو۔
” ڪاڪا، سانول اڄ تائين جيڪي انومان ڪيا آهن، سي ڪڏهن بہ غلط ڪو نہ نڪتا آهن. “
موهن پيار وچان راڌا ڏانهن نهاريندي چيو۔
” نانڪڙي، ڳالهہ تو واري ۾ وزن آهي“
سانول وراڻيو
” ڪاڪا، اهو ماڻهو دوستي رکڻ جي لائق آهي. خيالن ۽ سوچن ۾ پنهنجي ٻاري جو ماڻهو ٿو لڳي، هاڻ تہ............................“
موهن سانول، جي ڳالهہ اڌ مان ڪٽيندي چيو
”جي وشنو، ابا سي آءِ ڊي وارن کان بچي تہ نہ.....! سي آءِ ڊي وارا جنهن تي اک رکن سو بچي، ممڪن ئي ڪونهي.............!“
سانول، موهن جي ڳالهہ دل ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڌري رهيو هو هو تہ خيالن ئي خيالن ۾ وشني سان ملڻ جون تدبيرون سوچڻ ۾ لڳي ويو هو.

سي آءِ ڊي واري ڇاپي کان پوءِ برهمڻ آباد ۾ وشني خلاف ڪيتريون ئي ڳالهيون ٿيڻ لڳيون هيون، سي آءِ ڊي وارن يوسف ۽ وشني کي انهي ڏينهن آڏيگام وٽ گرفتار ڪري ورتو هو. وشني جي گرفتاري تي هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا رايا هئا پر ڳوٺ وارن الڳ پنهنجو ميڙاڪو ڪوٺايو هو.
” سي آءِ ڊي وارن پنهنجي نينگر کي ناحق پڪڙيو آهي ۽ جي اها حالت رهي تہ سُياڻي پنهنجي ڳوٺ تي بہ هلان ڪندي دير ڪونہ ڪندا. انهي ڳالهہ تي ماٺ ڪري ويهڻ سنو شگون نہ آهي.“

ڪاڪي والجي، پنهنجي سوچ ۽ سمجهہ آهر ڳالهہ ڪئي، پريو جيڪو ٿورو پريرو ويٺو هو، پنهنجي آڱر کي پٽي ٻڌي رهيو هو تنهن چيو۔
” پر خبر تہ پيئي تہ آخر وشني جو ڪهڙو ڏوهہ آهي، جو ائين بيدردي سان پڪڙي ڪٽي ويا آهن، نہ هو لوفر آهي ۽ نہ ئي ڪو ڪانگريسي يا ٻئي ڪنهن سان آهي.“

واگهو پريوءِ والجي جي ڳالهہ جي موٽ ۾ چيو۔
” اوهان ڇا ٿا سمجهو ڪي سي آءِ ڊي وارا ڇريا آهن. جو وشني کي بس ائين ئي پڪڙي ويا آهن. ڪا تہ ڳالهہ ضرور آهي نہ “
سونو واگهي جي ڳالهہ جي تائيد ڪندي چيو تہ
” ها، ها، واگهو صحيح ٿو چئي، ناحق ڪير ڪنهن کي ڇو ٻَڌيندو؟ “
والجي، سوني جي ڳالهہ ٻڌي تپي باهہ ٿيندي وراڻيو۔
” ڇو ٻڌيندو......هونُ........ هو ويچارو اڳي ئي فسادن مان لُتجي ڦُرجي، هتي پناهہ وٺڻ لاءِ آيو تہ اِتي بہ هي گورن جا چمچا، ويچارن کي سُک جو ساهہ نٿا کڻڻ ڏين. اهو تہ ميگها پاءُ ناحقي آهي نہ! “
ميگهو شايد ڪنهن ٻئي خيال ۾ ٻُڏل هو سو ڪاڪي والجي جي ڳالهہ جو ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنائين.
هنن ڏيرن جسمن مٿان هٿ ٻتي پنهنجي قوت آهر روشني پکيڙي رهي هئي. سومجي، پنهنجي اوزارن کي هڪ پاسي ڪري خلاصو ٿي ويهندي چيو تہ
” ڪجهہ بہ آهي، پر وشني کي گرفتار ڪري گورن چڱو نہ ڪيو آهي، اڳي ئي نهالچند واري ڳالهہ ٿڌي ڪو نہ ٿي آهي. مٿان وري هي رينگٽ، اهڙي ناحقي ۾ جيئڻ جو ڪهڙو فائدو؟ “
والجي، سومجي واري ساڳئي ڳالهہ ۾ وڌاءُ ڪندي وراڻيو۔
” ائين جي ڪندا رهيا تہ پوءِ ابا پنهنجو بہ جيئڻ حرام ڪري ڇڏيندا. “
ڪجهہ دير لاءِ خاموشي ڇانئجي ويئي، سيني جي چهري تي پريشان پئي بکي.
پريو وراڻيو
” پوءِ ڇا ڪجي................؟؟؟ “
انهيءَ سوال سيني کي مُنجهائي وڌو. هر ڪو هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳو ميگهو جيڪو هيتري دير خاموش ويٺو هو. تنهن چيو۔
”وشني جي مدد ڪجي. “
مختصر پر سيني جي دل وٽان جواب هو
سومجي ٿورو اڳيان وڌندي چيو
” ڪاڪي، موهن ۽ سانول سنٽ سان مشورو ڪجي“
سيني جي چهري تي مُرڪ ڇانئجي ويئي، ڄڻ ڪي وڏو ڪو بار مٿي تان لهي ويو هُجين.
سوني، ڪُجهہ سوچي پُڇيو.
” ڪاڪي، موهن ۽ سانول سان ڪير ملندو؟؟ “
سڀ حيرت مان اوڏانهن نهارڻ لڳا. جتان ڪان سوال آيو هو ميگهي. هڪ هڪ ڪري سيني ڏي ڏٺو ۽ ڪُجهہ دير خاموش رهڻ ڪانپوءِ چيائين:

”پرپوءِ آئون.........!!“

والجي انومان ڪيندي چيو

”جي، جواب ڏيئي ڇڏيائون تہ......“

سومجي هڪ دم وراڻيو—

” جواب ڇو ڏيندا ؟؟ “

ميگهي، سومجي جي ڪلهي تي هٿ رکي ماٺ رهڻ جو اشارو ڪيو، چيائين تہ

” مُنهنجي خيال ۾ هو پاڻ ڪي انهي ڪم لاءِ جواب ڪو نہ ڏيندا، هونئن بہ هو ڪنهن ڪي بہ ڪنهن بہ ڪم جو جواب ڪو نہ ڏيندا آهن تہ پوءِ پاڻ ڪي ڇو جواب ڏيندا ؟؟ “

سوني وراڻيو—

” پوءِ، صبح سويرو ئي نڪري ويندؤ ڇا ؟؟ “

ميگهي وراڻيو

” ها ! “

انهيءَ بحث کان پوءِ نڪتل نتيجي سبب، سيني جي ڇهري تي اطمينان جي لهر گردش ڪرڻ لڳي.

”ڏپ...............ڏپ...............ضرب.............شڙپ................تا..........

ڏپ.............“ سچوپٽرن ۽ ڪنداڻن جو آواز هاٿ ناڪي جي قدرتي ديوارن سان ٽڪرائي، فضا ۾ گونجي ٿي ويو. وشني جي جسم مان جا بجا رت وهيو پئي، اکين وٽان ڳل جي چمڙي ڦاٽي پئي هُئي ۽ سڄو جسم پگهر سان شرابور هو. هر ڏڪ کان پوءِ آواز گُونجيو ٿي.

” تون ڪير آهين؟ تُنهنجو ڪميونسٽن سان ڪهڙو تعلق آهي؟ “

هر ڏڪ ۽ سوال کان پوءِ وشني جو اهو ئي جواب هو تہ

” مُنهنجو ڪميونسٽن سان ڪوبہ تعلق ڪونهي “

پر انگريز عملدار جو مسلسل اهو ئي اسرار هو تہ هي ڪميونسٽ آهي ۽ راڄ جنتا هلچل جو ميمبر آهي ديسي سپاهي، پنهنجي آقا ڪي قابليت ڏيکارڻ خاطر وشني ڪي پهرين کان بہ وڌيڪ ماريو ٿي. اهو سلسلو ڪافي دير هلندو رهيو. انگريز عملدار جي انهي ڪوشش مان ڪو ڪڻ تيل نہ نڪتو. وشني ڪي هاٿ نڪي مان ڪيڍي، فوجي نموني جي ٽري گاڏي تي ويهاري واپس جيل خاني ڪٺي آيا. جتي يوسف پيي قيد هو. جنهن گوڙ ۽ گهمسان جي آواز سان ئي ڄاتو ٿي تہ سي آءِ ڊي وارا اچن پيا، جيڪي يا تہ هن ڪي وٺڻ پيا اچن يا وشني ڪي واپس وٺي آيا آهن. ڪجهہ ئي دير ۾ مانار ٿي وئي، يوسف ڪي پڪ ٿي وئي تہ هو وشني ڪي وٺي آيا آهن ۽ هاڻ ڪئين بہ ڪري وشني جي حال احوال کان واقف ٿجي پر ڪو ذريعو نظر نہ پئي آيس تہ پيٽ جي سور جو بهانو ناهي، لوهي دروازي ڪي زور زور سان وڄائڻ لڳو. دروازي جو آواز ٻُڌي، سنتري ڊوڙندا آيا ۽ دروازو کولي. بنا پُڇا جي يوسف ڪي بندوق جي ڪنڌاڻن سان ڪٺي ڇڏيون. يوسف ڪي ڏڪ هٽي هٽي بي ستو ڪري ڪيرائي وڌائون.

يوسف پيٽ جي سور جون دانهون ڪندو رهيو پر سنترين جي ڪنن ۾ جڻ ڪپهه پيل هُئي. جڏهن يوسف صفا نستو ٿي ڪري پيو ته سنتري ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو

” هي ڪا پڙهين جي ماڙي ڪونهي ۽ نه ئي اسين تُنهنجي ابي جا نوڪر آهيون. هاڻ آواز آيو ته اصل ساهه نپوڙي ڇڏينداسين“

۽ زور سان ڪولي جو دروازو بند ڪري هليا ويا. جيل خاني ۾ جيڪي قيدي هئا. تن تي هنن رڙين ۽ ڪنڊاڻن جي آوازن جو ڪو به اثر نه ورتو هو. جڻ اهو ڪو معمول جو عمل هُجي. ڪجهه دير کان پوءِ جيل خانو ساڳئي سڪونت ۾ اچي ويو جهڙو انهي مار کان پهرين هو وشنو بي سُڌ. بيهوش پيو هو. سندس زخمن مان رت رسي رهيو هو.

پريو ۽ ميگهو اسر ويل ئي موهن ۽ سانول ڏانهن نڪري ويا هئا. هنن چاهيو ٿي ته هو ٻئي ڏينهن تاڪ منجهند کان اڳ برهمڻ آباد پهچي وڃن. ٽري وک هوندي سوندي به پٽن جون لاهين چاڙهين. هوا جي تِک جي ڪري هي ٻئي ڇٽا تاڪ منجهند کان پوءِ ئي برهمڻ آباد اندر گهڙي سگهيا. انهي ساري سفر ۾ هو خاموش ئي رهيا هئا. شايد هنن مسئلي جي ڳنڀيرتا کي ڄاتو ٿي. جڏهن هو موهن واري هٽ تي پهتا ته اهو بند پيو. پريو ميگهي ڏانهن ۽ ميگهي پريو ڏانهن معنيٰ خيز نگاهن سان ڏٺو پريان هڪ پوڙهو بيٺو هو تنهن کان. موهن وارن جي پڇا ڪيائون.

” هو هتي ٻه ٽي ڏينهن ٿيا آهن جو ڪو نه آيا آهن. سانول کي ڏک لڳا آهن. تيئن هو گهر ئي رهن ٿا. “

پوڙهي ٿوري وضاحت سان هنن کي چيو. پريو چيو

” گهر ڪٿي آهي.....؟ “

پوڙهي، پنهنجي پُنيان اچڻ جو اشارو ڪري پاڻ اڳتي روانو ٿي ويو. هي ٻئي به بنا تامل، هُن جي پٺيان هلڻ لڳا. هو ڪُجهه ويڙهن ۽ پيچرن کان گُذري، موهن واري گهر تائين پُهتا. سونهين گهر ڏانهن اشارو ڪيو. پاڻ اڳتي روانو ٿي ويو. دورازي کي وڃائڻ لاءِ پريو. هٿ وڌايو ئي مس هو ته راڌا دروازو کولي ڇڏيو. راڌا پريو کي ائين دروازي ڏانهن وڌيندي ڏٺو ته رڙ ڪري، اندر ڀڳي. ڪاڪي موهن به هڪدم کُهاڙي کنئي ۽ دروازي ڏانهن هڪل ڪري وڌيو. ڪاڪي موهن کي. پاڻ ڏانهن لوءِ ڪري وڌيندي ڏٺو ته ميگهي رڙ ڪري چيو

” ڪاڪا، پنهنجا آهيون پنهنجا، هٿ جهلجين. “

ڪاڪي موهن اها رڙ ٻُڌي کهاڙي ڦٽي ڪندي چيو

” ايشور ڪرپا ڪئي جو بچي ويا نه ته ڪُجهه به ٿي سگهيو ٿي. “

پريو هٿ ٻڌندي چيو۔

” ڪاڪا! مورڳو ماريو هُيئي، چڱو ٿيو جو ميگهي رڙ ڪئي، نه ته اڄ اسان وارا ڪم پورا هئا. “

موهن ڪم جي ڳالهه تي ايندي چيو

” ڏيو خبر، ڪير مُڙس آهيو ڪيئن پنڌ پيا آهيو؟ “
پريو پن جي ٻيڙي ڏُڪائيندي چيو
” ڪاڪا! خير ڪٿي آهي؟ سي آءِ ڊي وارا وشني کي ناحق ڪنيي پاڻ سان گڏ ڪٺي ويا آهن، هاڻي خبر ڪانهي ڪٿي رکيو اٿن!؟ “
سانول، وشني جي باري ۾ اهڙي ڳالهه ٻڌي ته اندران ئي رڙ ڪري چيائين:ـ
” ڪاڪا! مزمانن کي اندر وٺي اچ.“
ميگهي، اندران آواز تي موهن کان پُڇيو
” اهو پنهنجو سانول آهي نه !؟ “
موهن ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي، ٽيئي ڄڻا اندر هليا آيا، سانول اوتي وٽ کٽ تي، پٽ کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو.
تنهن وڏيڪ چيو.
”ها، هاڻي سربستي ڳالهه ڪر.“
” ادا رات آخري پهرن ۾ هئي، هڪ اڌ وهٽ نه هو پر پنجاهي وهٽن جي هئي، هڪڙي موٽر به هئي، گوڙ تي سڄي ڳوٺ جي اک کُلي ويئي، پر ڪير ڪُڇي؟ هُنن ايندي ئي، وشني جي چوئنري جي تلاشي وٺڻ شروع ڪئي ۽ اهڙي ته بيدردي سان سامان پئي اُڇلايون جڻ ڪو بم ڳوليندا هُجن. اسان سيئي بيوس نظرن سان ڏسندا رهياسين. تيسين ٻيون به ٽي گاڏيون به اُتي پُهچي ويون جن ۾ وشني ۽ هن جي مزمان کي ٻڌي ڪٺي آيا هُئا . انهن کي گرفتار ڏسي اسان جو ته هانءُ ئي ڌڪي پيو سي آءِ ڊي وارا اسان کان پُڇي بغير ٻنهي کي ڪٺي روانا ٿي ويا ۽ اسين بس ڏسندا رهياسين.“
سانول وچ ۾ پُڇيو.
” اوهان کان ڪُجهه ڪونه پڇيائون؟ “
پريو وراٽيو.
” نه ڪو! “
پريو ساڳي ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چيو
”پوءِ صبح، اسان سڀ گڏياسين ۽ رٿ رٿيسين ته اوهان کان صلاح ۽ مدد وٺجي ته وشني جي انهي ناحقي سزا مان ڪيئن جان ڇڏايون؟ اڄ وشني سان ائين ٿيو آهي سڀاڻ اسان مان به ٻئي ڪنهن سان ائين ٿي سگهي ٿو.“
پريو ڳالهه ڪري، سانول ڏانهن نهارڻ لڳو جنهن ۾ هي ٻئي وڏي اُميد ڪٺي آيا هئا، راڌا تيسين اَچُ جا گلاس ٿاهي موهن کي ڏنا، موهن، مزمانن کي اڇ جا گلاس پيش ڪيا ، سانول، موهن ڏانهن نهاريو، جيڪو اَڇ جا گلاس ڏئي، واندو ٿي هيٺ ويٺو هو هيڪر ته سيني ۾ ماٺ ڇانئجي ويئي ۽ سيڪو اَڇ پيئڻ ۾ مصروف نظر اچڻ لڳو هو.

موهن چيو۔

”وشني لاءِ سي آءِ ڊي وارن سان ڳالهائجي ۽ چئجي تہ اُن جو کهڙو ڏوهہ آهي، ٻيو نہ تہ بہ اها تہ خبر پوندئي تہ هتي آهي يا مورڳو ئي سنڌ ڏانهن نئي ڇڏيون “

سانول، موهن جي ڳالهہ ٻُڌي وراڻيو۔

” ڪاڪا! ڳالهہ ايتري ڪانهي، وشني جو جهلجڻ، مون تي سي آءِ ڊي جي چڙهائي، گس پنڌ تي مون کي وشني سان نہ ملڻ ڏيڻ لاءِ زخمي ڪرڻ، سپيئي ڪڙيون، هڪڙي ئي لڙي ۾ پوئيل لڳن ٿيون، وشنو گورن جي اک ۾ ڪو وڏو ڪنڊو آهي.“

موهن وراڻيو۔

” ٺُنهنجي ڳالهہ سان ڪنهن حد تائين آئون سهمت آهيان پر، وشني جهڙي بي ضرر انسان سان، هنن جو ايترو اتاولو ٿيڻ، سمجهہ کان ٻاهر آهي.“

تيسين موتي ڊوڙندو ڊوڙندو اندر داخل ٿيو

” ادا سانول !... ادا سانول! سي آءِ ڊي وارن هڪڙو ماڻهو ماري وچ بازار ۾ ٽنگي ڇڏيو آهي.“

اها ڳالهہ ٻڌي سپئي ٻاهر ڀڳا . ٽڪٽڪي تي لاش ٽنگيو پيو هو ماڻهن جا هشام، لاش کي ڏسي رهيا هئا. موتي، راڌا، سانول، موهن، پرڀو ۽ ميگهو سپئي لاش ڏانهن نهاري رهيا هئا. جيڪا ٽن ڪانئين جي ٿهيل ٽڪٽڪي تي ٻڌل هئي. ڪيترن ئي ماڻهن توبهہ توبهہ پئي ڪئي. موهن جي اکين ۾ لُڙڪ هئا. راڌا تي ڄڻ سُڪتو طاري ٿيو ويو هو. هوءِ بي ساختہ لاش کي ڏسي رهي هئي. جنهن جي منهن تي ڪارو ڪپڙو پيل هو. موتي ڪنهن وقت لاش کي ڏسي تہ ڪنهن وقت موهن، سانول ۽ راڌا ڏانهن نهاريائين ٿي.

سانول، موهن جي ڪلهي تي هٿ رکيو اکين سان هلڻ جو اشارو ڪيو. چارئي ڪنهن لُٽيل مُسافر جيان، ڪنڌ جهُڪايو خاموشي سان واپس هلڻ لڳا، ماڻهن جي وچ ۾ ڪُسر ڦُسر عروج تي هُئي مرد تہ مرد پر عورتن جا بہ ڪٽڪ لاش کي ڏسي رهيا هئا. هڪڙا ويا ٿي تہ اُن جي جڳهہ ٻين والاري ٿي.

ڪاڪي موهن تمام ٿڪل لهجي ۾ چيو.

”اهو لاش، اها ثابتي ٿو ڏئي تہ هاڻي ڪُجهہ نہ ڪُجهہ ڪرڻ جي شروعات ڪجي.“

سانول، ڪاڪي موهن ڏانهن نهاري، منيون پڪوڙيندي چيو۔

”ڪجهہ نہ ڪجهہ ڇو؟ هاڻ تہ سپ ڪجهہ ڪجي، هنن کي ڏيڻ لاءِ اسان وٽ جيڪو ڪُجهہ آهي، تنهن تي اهو اڳ ئي قابض آهن، پر جي ويڙهہ ڪنداسين تہ اسان کي پنهنجو وطن ملڻ جو وڏو آسرو ۽ اُميد آهي.“

پرڀو روئڻهارڪو ٿيندي چيو۔

” لڳي ٿو تہ پاءُ وشني کي بہ ڪٿي نہ ڪٿي، ماري ائين ٽنگي ڇڏيو هوندن.“

سانول وراڻيو۔

” نہ، هُو ائين نٿا ڪري سگهن. هنن وشني کي جهلڻ لاءِ پنهنجي سرڪاري طاقت استعمال ڪئي آهي، سي وشني کي ائين جهٽ ڪونہ ماريندا. “

ميگهي چيو۔

” پر ادا! هنن تي ڪهڙو پروسو؟ هنن مان رحم جي اُميد ڪرڻ اجائي آهي. “

موهن، ميگهي جي ڳالهہ جي تائيد ڪندي چيو تہ

”ميگهي جي ڳالهہ صحيح آهي، جيڪڏهن وشنو زنده بہ آهي تہ ڪجهہ ڏينهن لاءِ“

سانول، موهن جي ڳالهہ کي سمجهندي وراڻيو۔

”پوءِ شيام سان ڳالهائڻو پوندو. هو ئي هن وقت پنهنجي مدد ڪري سگهي ٿو. “

موهن ڪجهہ ساعت سوچيندي چيو۔

”هون! ائين ٺيڪ آهي“

پنج ئي ڄڻا، واپس پنهنجي جاءِ تي هليا آيا —

پنڊت نائومول، هاڻ آزادانہ طور تي سانول خلاف پنهنجي تبليغ شروع ڪري ڏني هُئي.

”سانول، مُسلو آهي، جنهن ايشور جا زيور چوري ڪيا. اسان جي مهانَ مهاراج کي قتل ڪيوءِ راڄا کي يرغمال بڻائي، اُن جي عزت سان کيڏي پيو. مون کي ٻڌايو تہ اڄ ڏينهن تائين اوهان ڪنهن مُسلي کي ڪنهن مندر ۾ مندر جي سيوا ڪندي ڏٺو آهي؟ مُسلن هميشہ اسان جي ديوين ۽ ديوتائن جي توهين ڪئي آهي. اسان جا مندر ڊاٺا آهن. اسان جي نياڻين جون عزتون لُٽيون آهن. ڇا سانول، اُنهن مُسلن مان نہ آهي!؟ جي اوهين ڌرم جا سچا پرچارڪ (تبليغ ڪندڙ)ءِ سڀنڌي آهيو تہ سانول خلاف يُڌ (جنگ) ڪريو. پنهنجي ايشور جي مندر کي، اُنهي جي ناپاڪ قدمن کان آزاد ڪرايو. “

اهو گجگوڙ ڪندڙ آواز، شيوَناٿ جي ڳوٺ ۾ پنڊت نائومل جو گُونجي رهيو هو. ماڻهن جا ڪٽڪن جا ڪٽڪ جوش وچان پنڊت نائومل جي حق ۾ نعرا هڻي رهيا هئا. مجمع ۾ هڪ جوش پيدا ٿي ويو.

” هن آستاني تي هميشہ ڌرم جا سچا پوئلڳ پيدا ٿيندا رهيا آهن. هن آستاني کي وڏي اهيمت حاصل آهي. توهان کي خبر آهي تہ هيترن ڏُڪارن ڪانپوءِ بہ برهمڻ آباد سرسبز ۽ خوشحال رهيو آهي ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ هن مندر جي پويترتا(پاڪائي) ۽ اَناپورنا ديوي جي دُعا اٿس! جي اُن پويتر(پاڪ) مندر سان اهڙو ناحق ٿيندو رهندو تہ ائين پڪ سمجهو تہ برهمڻ آباد سان گڏ هن پوري علائقي جو خير نہ آهي. “

هجوم ۾ پنڊت نائومل جي حمايت ۾ زور زور سان نعرا گونجي رهيا هئا.

” انهيءَ يُڌ(جنگ) ۾ ڪهڙا ڪهڙا جوان، منهنجو ساٿ ڏيندا ۽ مون سان گڏ هلندا “

پنڊت نائومل، پنهنجي محنت طلب تقرير کان پوءِ پنهنجن لفظن جو اثر ڏسڻ لاءِ اها آخري ڳالهہ مجمع ڏانهن اُڇلائي. پنڊت نائومل جو اندازو غلط نہ نڪتو اڌ ڳوٺ کان مٿي ماڻهن، پنڊت سان

ڪلهو ڪلهي ساڻ ملائي، سانول سان وڙهڻ لاءِ تيار هو پنهنجي تقرير جو نتيجو ڏسي پنڊت مُرڪي پيو.

”..........................................................تہ پوءِ تون نُورل کي ڪونہ سُڃاڻين؟! “

”نہ _! “

” چيف لڳي ٿو تہ هميرسنگهہ جون خدمتون وٽيون پونديون.“

”هميرسنگهہ..................! چہ چہ چہ_ پوءِ تہ هي ويچارو مري پوندو توبهہ توبهہ. ڀڳوان همير کان بچائي.“

”پر ڇا ڪريون چيف، پاڻ چاهيون ٿا تہ هي پنهنجي جواني ۽ زندگيءَ جون خوشيون ماڻي، پر هن جي ضد، ارڏائي، پاڻ پئي هن کي موت ڏانهن ڇڪي.“

” ڏس، تون اسان کي پنهنجو سڄڻ سمجهہ. اسين سرڪار کان معافي وٺائي ڏينداسين، اهو واعدو آهي توسان . تون هرويرو ضد نہ ڪر“

”جڏهن تہ مون ڪو ڏوهہ ڪيو ئي ناهي تہ پوءِ معافي وٺائي ڏيڻ جو ڪهڙو جواز آهي؟“

” تون نورل کي سُڃاڻندو آهين، اها ڳالهہ خود نورل اسان کي ٻڌائي آهي، ٻڌندين، ٻڌ! هن چيو تہ وشني کي اسان برهمڻ آباد ۾ ڪميونسٽ ليگ جو ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي. هن جو ڪو اولاد ڪونهي. هن جو اصل ڳوٺ سانگهڙ وٽ آهي. اصل نالو شنيوا ٿس_!“

وشني پُر اعتماد لهجي ۾ وراڻيو.

”نہ، اهو سڀ ڪوڙ آهي، آئون ڪنهن بہ نورل کي سُڃاڻان ئي ڪونہ.“

زيپٽ..................زيپٽ...........................ڏڪن ۽ ٽپڙن لڳڻ سان ڏندن مان رت وهڻ لڳو.

”نہ نہ بس ڪريو. چيف ٻڌائي ٿو سڀ ڪجهہ ٻڌائي ٿو.“

ٻي سنتري، اُن ٿلهي سنتري کي ٻانهن مان جهليندي چيو

” ڏس وشنا! اجان بہ وقت اٿئي، جيڪي ڪُجهہ اسين پُڇون پيا، سو ٻڌائي ڇڏ.“

وشني ڇپن تان رت اُگهندي چيو_

”مون کي ڪا خبر ڪونهي، آئون تہ درزڪو ڏنڌو ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي والدين جو پيٽ پاريان ٿو. مون کي پنهنجي پيٽ مان ئي ڪا فرصت ڪونهي تہ اهڙا اڻنگا ڪم ڪيئن ڪندس......؟ ۽ ڇو ڪندس؟ “

وشني اجان ڳالهايو ئي پيئي تہ ٿُلهو سنتري ڪيس مارڻ تي وري شروع ٿي ويو. زيپٽ.........زيپٽ................زيپٽ................ وشنوءَ تن ڏڪن سان ئي زمين تي ڪري پيو. ڏپ.............. ٺپ.............، ڳُڪن ۾ لتون، وشنو لڙڪندو، دروازي وٽ وڃي ڪريو. وشني پنهنجو هينيون ڇپ ڏندن ۾ڏيئي پنهنجي پيڙا جي لهرن کي دبائي ڇڏيو ۽ دانهن نہ ڪيائين.

” ڪرتار, وچ, اُنهي پوڙهي کي تہ وٺي اچ “
ڪرتار اهو حُڪم ٻڌي ٻاهر نڪري ويو.
انهي ٿلهي سنتري, جيڪو سهڪيو پئي, ٻاهر بيٺل سنتري کي سڏيندي چيو.
”نندو, او نندو! پاڻي پيئار !“
جيسين نندو پاڻي کڻي اچي, تيسين ڪرتارسنگهہ پوڙهي کي وٺي اندر داخل ٿيو.
” ابا! ظالمن هيءَ ڇا ڪيو آهي؟“
پوڙهي, پُٽ جي حالت ڏسي پٽ ڏانهن ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪرتار, ٻانهن مان سوگهو جهلي ورتس.
وشني ماءُ کي ڏٺو تہ من کي جهولو اچي ويس. آواز ۾ روئڻ وارو پراڻوَ ٿي ويس.
” امڙ! “
ماءُ, پٽ جي اهڙي حالت ڏسي روئڻ لڳي.
” ڏس شنيو! ڏس, تنهنجي ماءُ تو لاءِ ڪيڏي اُٻاڻڪي آهي, پنهنجي ماءُ جي ممتا کي ائين ڇو ٿو ڇيچلائين, سودو ايڏو بہ مهانگو تہ ڪونهي, تون ڪميونسٽن جا نالا ۽ ٺڪاڻن جو ڏس پتو ڏي ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ سان کلي خوش ٿي گهر هليو وڃ.“
ماءُ کي ڏسي وشنو هيڪر تہ ٽُٽي ويو پر ٻئي لمحي پنهنجي ساٿين جي خون ٽيڻ , عقوبتون سهڻ جا منظر, سندس اکين اڳيان ڦري آيا تہ دل ويتر مضبوط ٿي پيس, ٿلهي سنتري پاڻي جو گلاس يڪ ساهيءَ ۾ پيئندي چيو تہ ”ڪرتار, هن پوڙهي کي بہ چار ناهوڪا اُڦراٽا تہ ڪارائينس. تہ پُٽهين کي ڪُجه قدر پوي, جي تڏهن بہ نہ مڃيائين تہ جبل تان هيٺ اُڇلائي ڇڏيندا سين.“
ڪرتار بہ ٽي زوردار چماٽون وشني جي ماءُ کي وهائي ڪڍيون پر وشني جي ماءُ هيٺ تہ ڪري پئي باقي دانهن نہ ڪيائين هو پنهنجي پُٽ جي حالت تي فڪرمند هُئي سو هُن کي پنهنجو درد ڪٿي ٿو محسوس ٿئي پيڙا وچان وشني پنهنجون اکيون پوري ڇڏيون , پُٽ جي اها حالت ڏسي وشني جي ماءُ وراڻي
” ابا , منهنجو اُلڪو نہ ڪر , تون پنهنجو خيال رک , هي ڪانئر مونکي ڇا ڪندا “
ٿلهو سنتري اهو ٻُڌي اصل ٻاهِ ٿي ويو
” وٺي وڃ انهي پوڙهي کي وڃي گولي سان اُڏائينس “
ڪرتار وشني جي ماءُ کي گهليندو ٻاهر نڪري ويو , نندو , جنهن اُن ٿلهي سپاهي کي پاڻي پئياريو سو وراڻيو
” ڏس وشنا! اسين سڀ تُنهنجا خير خواهہ آهيون, اسين پاڻ, انهن گورن کان سخت نفرت ٿا ڪريون.اسين بہ هندستان آزاد ڏسڻ چاهيون ٿا, بس اسان جي مجبوري اها آهي جو اسين سرڪار

جي نوڪري ٿا ڪريون، ڪُجهہ ڪرڻ چاهيون ٿا، تون اسان کي پنهنجو سمجهي ٻڌاءِ جيئن اسان هُنن کي بروقت اطلاع ڏيئي، هنن گورن جي ظلم و قيد کان بچائي سگهون.“
وشني ڪرڙين اکين سان اُنهي سُکل منهن واري سپاهي کي ڏٺو جو بظاهر ايڏو معصوم ۽ خير خواهہ پئي لڳو ڪي جڻ ڪي وشني جو هن کان وڌيڪ ڪو سڄڻ ئي ڪونهي، پر اندر ۾ جيڪي ڪات ڪهاڙا هئس، تنهن جي وشني کي چڱي پر خبر هُئي.
” ها مُنهنجا ڀاءُ! ڏس، ڪيڏو نہ توکي ايذائين پيا، جيڪڏهن تون نہ ٻڌائيندين تہ هنن تي ڪهڙو فرق پوندو، ڇو تہ يوسف تہ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو آهي. توکي ڪهڙي پئي آهي جو هنن بي دينن ۽ ملڪ دشمنن جي پُٺڀرائي ۾ پنهنجي مال ملڪيت، پنهنجا مٽ مائٽ ۽ پنهنجي مور جهڙي جواني وڃائين. اسين تہ چاهيون ٿا تہ پنهنجن کي ڪا تڪليف نہ اچي، پر جي ائين ضد نہ ڇڏيندين تہ اسان بہ سرڪار کي سفارش ڪرڻ جهڙا نہ رهنداسين، تون ڏاهو آهين، سمجهو آهين، شاباش ٻڌاءِ.“
”جيڪڏهن مون کي ڪُجهہ خبر هُجي ها تہ آئون اوهان کي ضرور ٻڌايان ها، توهان ڇا ٿا سمجهو تہ مونکي پنهنجي زندگي پياري ڪونهي؟ “
سُکل منهن واري سنتري نريندر سنگهہ، اڳيان وڌي وشني جو مُنهن ڪپڙي سان اُگهيندي چيو
” ٺيڪ آهي، پر وري بہ ذهن تي زور ڏجانءِ، ان ۾ ئي تنهنجي ڀلائي آهي ادا. “
۽ ٻاهر بيٺل سپاهين کي هن کي وٺي وڃڻ لاءِ چيو. انهي ساڳي سنتري نريندر سنگهہ وشني کي جڻ آخري تنبيهہ ڪندي چيو
” ڏس! هنن وٽ تُنهنجي ماءُ بہ قيد آهي، هو ڪُجهہ بہ ڪري سگهن ٿا.“
لاش واري واقعي، موهن کي تہ ٺهيو پر سانول کي بہ پريشان ڪري وڌو هو. اهڙين حالتن ۾ ڪنهن بہ ماڻهو جي حياتي جي ڪا بہ ضمانت نہ هئي. ميگهو جيڪو هفتو کن هنن وٽ رهيل هو سو بازار مان موٽي آيو تہ پهرين جيڪا خبر ڏنائين، سا سانول ۽ موهن لاءِ غير متوقع ۽ عجيب هئي. سانول لاءِ اها تنظيم بلڪل نئين هئي، جنهن جو قصو ميگهو ٻڌائي رهيو هو.
” ادا، وشني جو بہ انهي پارٽي سان تعلق آهي، خود انگريز سرڪار بہ انهي گروهہ جي ماڻهن کي زنده ڏسڻ نٿي چاهي. اهو پنهنجو رميش، وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري رهيو هو ڇيائين پئي تہ انهي وشني بي ديني کي ڪُتي ڪُتي ماري ڇڏيو اٿن..........................“
سانول، ميگهي جي ڳالهہ اڌ مان ڪٽيندي پُڇيو
”ڪهڙي پارٽي؟ “
ميگهي وراڻيو
” ڪمونسٽ! “
سانول، ميگهي جي ورتل نالي کي ورجايو
”ڪمونسٽ! “

ميگهي چيو
” ها ادا, اهو نالو ئي پئي ورتائين. اها پاڻ تہ ڪڏهن بہ ڪانہ ٻڌي آهي. اڄ رميش سپاهي, وڏي واڪي ذر ذر اهو نالو پئي ورتو. لڳي ٿو تہ اهي ڪانگريسين کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهن.“
موهن جيڪو هيتري دير خاموشيءَ سان هنن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو تنهن چيو تہ
” هي تہ ايتري اڪثريت ۾ بہ نہ آهن, نہ ئي هنن ڪو وڏو ورونڌي ڪم ڪيو آهي, پوءِ هنن ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي جو انگريز سرڪار ڇتي ٿي پئي آهي. عجب آهي!“
راڌا وراڻي
”ڪاڪا! ڪجهہ بہ هُجي, پر گورن لاءِ هي ڪا وڏي هچا آهن.“
سانول, ٻنهي جي ڳالهہ ٻڌي وراڻيو
” ڳالهہ ڇتي پئي آهي, وشني جي هلت چلت, ڳالهائڻ ٻولهائڻ, خود اعتمادي, عام ماڻهن جي ڏک ۽ درد کي سمجهڻ, عام ماڻهو جي مسئلي کي پنهنجو مسئلو سمجهڻ, ڇڱن ۽ عالم ماڻهن سان واسطو رکڻ, ظلم کيّ ظلم چوڻ, اهي سڀ ڳالهيون ٻڌائين ٿيون تہ هن تنظيم جا ماڻهو نہ لالچي آهن ۽ نہ ئي لوڀي, هو انگريز سرڪار تہ ٺهيو پر سيٺ, زميندار ۽ ڪاموري جي بہ خلاف لڳن ٿا. وشني جي ڳالهين مان ائين ٿي محسوس ٿيو تہ هي ڪا غير معمولي ڳالهہ ڪرڻ چاهين ٿا. ڪاڪا! اهڙا ماڻهو جيڪي نہ وڪجي سگهن ٿا ۽ نہ جهُڪي سگهن, سي تہ واقعي انگريز سرڪار لاءِ وڏو ڏچو بنجي سگهن ٿا.“
موهن چيو
” اهي ڳالهيون سڀ صحيح, پر هي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو هيڏي وڏي سرڪار کي ڇا ٿا ڪري سگهن؟ “
ميگهو ۽ پريو ٻنهي جون ڳالهيون غور سان ٻڌي رهيا هئا, راڌا بہ ڪم ڪندي ڪنهن ڪنهن وقت ڪن انهي طرف ڪري ٿي وڌو.
سانول وراڻيو
” ڪاڪا, جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو بہ حق ۽ سچ تي آهي ۽ اُن ۾ دانائي ۽ پنهنجي مقصد لاءِ سچي لڳن آهي تہ اهو هڪڙو سون ڪوڙن کان ڳرو آهي. پاڻ ڪيئن ٿا چئي سگهون تہ هي ڳڻڻ جيترا ماڻهو آهن. ٿي سگهي ٿو تہ هي لکن ۾ هجن, پاڻ کي خبر نہ هجي. هنن ماڻهن, انگريزن کي مُنجهائي وڌو آهي, انهي مان لڳي ڪونہ ٿو تہ همراهن ۾ مٽيا آهي ! “
نيٺ ميگهي وراڻيو
” ادا سانول, اهي ڳالهيون پوءِ بہ پيون ٿينديون پر اڳ ۾ پاءُ وشني کي ڇڏائڻ لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جو سوچيو.“
اها ڳالهہ ٻُڌي, موهن سانول کي ٻانهن کان جهليندي چيو
”سانول اٿُ! “

سانول بہ بنا ڪنهن ڇُنُو چوان جي موهن سان گڏ ٻاهر نڪري ويو.

انگريز سرڪار پنهنجي پر ۾ ڪانگريسين ۽ ليگين کي ويڙهائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي هئي ۽ مُلڪ سڄي ۾ بدامني واري ڪيفيت هئي، پر اها نئين مصيبت انگريزن جي گلي ۾ اٽڪي پئي هئي. ٿوڙي بہ نہ پئي سگهيا ۽ نہ پاڻ ۾ وڙهائي پئي سگهيا، هُنن کي تہ اها فڪر کائي ويئي هئي تہ متان هندستان تي مورڳو ئي ڪميونسٽ رياستون حاوي نہ ٿي وڃن. جيئن جرمن فوجين کي ڪميونسٽ رياستن ٿوتا چٻائي ڇڏيا هئا ۽ پنهنجن علائقن مان تڙي ٻاهر ڪڍيو هو. هو ڪميونسٽ ڏُر جو هاڻ نالو ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ هئا. اسٽالن جي پاليسين ۽ ٻين ڪميونسٽ ڏُرين جي جنگي طريقن ۽ لائحہ عملن، انگريزن اندر ڦڙڦوٽ وجهي ڇڏي هئي. ٻئي پاسي، چين جي خانا جنگي بہ منظر عام تي هئي، جتي بہ ڪميونسٽن جي فتح يقيني پئي نظر آئي، متان سون تي سهاڳي وارو ڪم اهو ٿيو جو هندستان ۾ بہ ڪميونسٽ نظريي پنهنجا پير پُختا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئا. انهيءَ ڪري انگريز سرڪار، ڪميونسٽ پروپئگنڊه کي روڪڻ لاءِ وڏي چال چلي، جو هندو ۽ مسلم جاگيردار ۽ سرمائيدارن اڳيان لقب القاب، جاگيرون، نوازشون اچلائڻ لڳا تہ اوهان کي اجهو ٿا ملڪ آزاد ڪري ڏيون. بس ٿوري مڙسي ڪريو. هنن ڪميونسٽن جي پاڙ پٽڻ ۾ مذهبي منافقت سان اسانجي مدد ڪريو. انهي چال ۾ هو سئو سيڪڙو ڪامياب ويا پئي. مُسلم تہ نهيو پر هندو جاگيردار ۽ سرمائيدار کي آئينده پنهنجو مستقبل چٽو پئي نظر آيو. هندن جڏهن تاريخ تي نظر ٿي دوڙائي تہ هنن هٿان هميشہ مسلمانن ئي حڪمراني ڪئي هئي ۽ هن وقت بہ هندستان ۾ مسلمانن جي اڪثريت هئي. جي هندستان آزاد ٿي بہ وڃي تہ بہ فائدو مسلمانن کي هو. تنهن ڪري هندو سيٺين ۽ جاگيردارن، انگريز سرڪار جي ڇانو ۾ اچي پناهہ ورتي هئي. انگريز سرڪار، انگلينڊ وجي بئريسٽر علي محمد کي اُن ڳالهہ تي آماده ڪيو تہ هو ڪانگريس کي سنڀالي، جيڪڏهن ڪانگريس گلي ۾ پوي تہ ان کي ٿوڙي اڌو اڌ ڪري سگهجي.

سانول ۽ ڪاڪو موهن، شيام جي ڏنل مشوري تحت نئين ڪوٽ جي قلعي ۾ ٺهيل وڏي جيل جي وڏي مُنشي گلاب چند سان ملڻ لاءِ آيا. شيام جي معرفت هئڻ ڪري، هنن کي گُلاب سان ملڻ ۾ ڪا دشواري آڏي نہ آئي. گلاب چند ڪن ٻن سپاهين سان، ڪنهن نقشي تي جهُڪيل هو.

”صاحب!“

گلاب، ڪنڌ مٿي ڪري سپاهي ڏانهن نهاريو.

”صاحب، هي اوهان سان ملڻ چاهين ٿا.“

گُلاب، وري بہ موهن ۽ سانول کي غور سان، پيرن کان وٺي مٿي تائين ڏٺو. پوءِ همراهن کي چيائين

” ٺيڪ آهي، باقي سُڀاڻي، رهيل ڳالهين تي بحث ڪنداسين، اوهان وٽ بہ نقشا موجود آهن، انهن جو مطالعو ڪري اچجو.“

انهن ٻنهي کي هدايت ڪري، هنن ڏانهن مخاطب ٿيو.

”ويهو“

ءِ ڪرُسي تي پاڻ بہ ويهي رهيو.

”ڪاڪا! هاڻ ٻڌاءِ چانهہ پيئندين يا مَهي!؟“

موهن وراڻيو

”ڪجهہ بہ نہ! “

گلاب چند وراڻيو

” ائين الائي ڪيئن ڪاڪا, شيام جا موڪليل ماڻهو آهيو ءِ خدمت جو موقعو نٿا ڏيو ائين تہ ٺيندو ئي ڪونہ. گوتم, تي مَهيون ٺاهي اچ, ها, هاڻ خبر ڪريو, خير سان پنڌ پيا آهيو؟ “

موهن سان شڪ ڀڪ واري ڪيفيت ۾ وراڻيو

” هتي ڳالهہ ڪرڻ مناسب آهي الاءِ نہ.......!! “

گلاب چند, ڪُرسي کي ٽيڪ ڏيئي, ٽنگون پساريندي چيو

” توهان ڳالهہ ڪريو“

”اسين.............. اسين وشني متعلق خبر چار وٺڻ آيا آهيون؟ “

گلاب چند هڪدم وراڻيو

”ڪاڪا, انهي ڳالهہ جي سچي پُڇين تہ پاڻ کي بہ خبر ڪانهي.“

سانول وراڻيو

”پر سائين, هيڏو وڏو ماڻهو سوين ماڻهن جي موجودگي ۾ ڪجاڻو آهي ءِ ان متعلق, اوهان واسطيدار ماڻهن کي بہ خبر ڪانهي تہ پوءِ ڪنهن کي خبر هوندي؟ “

گلاب چند, تحمل سان, سانول جي ڳالهہ ٻڌي چيو

” تُنهنجي ڳالهہ سچي آهي, پر ڪي معاملا اسان کان بہ مٿي جا هُجن ٿا, جنهن جي اسان کي ڀڻڪ بہ پوڻ نہ ڏيندا آهن. وشني جي معاملي ۾ انگريز سرڪار, خود ويٺي دلچسپي وٺي سو انهي متعلق صرف ايتري خبر آهي تہ وشنو ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر آهي, انهي ڪري ڪميونسٽن کي سرڪار ختم ڪرڻ چاهي ٿي.“

موهن مَهي جو گلاس کڻندي وراڻيو

” آخر پوءِ ڇا ڪجي جو وشني جو جنهن سان بچاءُ ڪري سگهجي؟ “

گلاب چند, مَهي جو ڍُڪ ڀريندي چيو۔

”ڇا ٿو ڪري سگهجي, پنهنجي عزت ءِ پتڪي بچائڻ جو ڪوشش ڪجي“

سانول, موهن کي ءِ موهن, سانول کي ڏنو جڻ هڪ ٻئي کان سوال پُڇندا هُجن تہ هاڻ ڇا ڪجي؟!

گلاب چند, مهي جو گلاس خالي ڪري, پنهنجي ڪڙڪيدار مڇن تي هٿ ڦيريندي چيو

”ڪاڪا، دل ۾ نہ ڪجو اوهان جو سر، هي ڇوڪرو پيو وڏي ڇڱا خاصا ويد آهيو پنهنجو هٿڙو کولي، باقي ڏينهن ڀڳوان جي عبادت ۾ گهاري ڇڏيو. هي ڏنڏا اوهان کي ٿورئي ٿا سونهنَ.“

ڪاڪو موهن، حيرت وچان گلاب چند کي ڏسندو رهجي ويو

سانول مُرڪي پيو ۽ چيائين

”سچي ڳالهہ اٿئوِ ڀڳوان جي خلق سان، ڀڳوان جي اوَتارن جو کهڙو ڪم.............؟ ڪاڪا اُٿي !“

گلاب چند ويندڙ سانول کي ڪُرڙين اکين سان نهاريندو رهيو.

وشني جي حالت، ڏينهون ڏينهن ڪرندي ٿي ويئي، هُنن وشني کي چار ڏينهن کان کائڻ پيئڻ لاءِ ڪُجهہ بہ نہ ڏنو هو. انهيءَ ڪري حالت ڪافي بگڙي ويئي هئس. انهيءَ قيد ۽ بند دوران، هُن سگريٽن جي اُڇلايل پاڪيٽن تي، اڱار سان ڪُجهہ نہ ڪُجهہ لکندو ۽ لڪائيندو رهيو هو. انهيءَ عرصي دوران، هُن سنتري نيرسنگهہ کي پنهنجو همدرد بڻائي وڌو هو. سگريٽن جا خالي کوکا بہ نيرسنگهہ ئي هن کي آڻي ڏيندو هو. وشني محسوس پئي ڪيو تہ هاڻ هن جو بچڻ مُشڪل آهي ۽ هتي هي جيڪو ڪُجهہ لکيو آهي سو سنڌ ڌانهن تہ وڃي نہ ٿو سگهي ۽ هتي ڪميونسٽ پارٽي جو ڪوبہ ذميوار بہ موجود ڪونهي تہ پوءِ هي مواد ڏئي تہ ڪنهن کي ڏئي. انهيءَ خيال دوران وشني کي سانول جو نالو ذهن تي تري آيو. هاڻ وشنو نيرسنگهہ جي ڊيوٽي لڳڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. جيڪا هاڻ تبديل ٿي لڳڻ واري هئي. رات ٽيڻ سان سپاهين جون بہ ڊيوٽيون تبديل ٿي ويون. ٻيمي جي جاءِ تي نيرسنگهہ اچي ويو. وشني کي انهيءَ ئي گهڙي جو انتظار هو.

”نيرسنگهہ، لڳي ٿو مُنهنجو بچڻ مُشڪل آهي، هي ڪجهہ ڪاغذ، سانول کي ڏيئي ڇڏجان، جتي مُنهنجو ايترو خيال رکيو اٿيئي، اُتي هي مُنهنجو آخري ڪم، پنهنجي وطن، قوم ۽ پنهنجي طبقي جي خير خواهي لاءِ ڪجانءِ.“

نير سنگهہ جا هٿ، ڪاغذ وٺندي رڦيا پئي ۽ سڄي بدن ۾ ڪپ ڪپي طاري هُئس.

”نيرسنگهہ، اسان انهي سماج جو بنيادي ڪم ڪندا وڃون پيا، اهو انقلاب جنهن جو خواب، اسان جي اکڙين ۾ سجايل آهي. اهو هڪ ڏينهن ضرور پورو ٿيندو ۽ اسين سڀ.............“

تيسين پريان کان تيزي سان ڪجهہ سپاهين جو تيز تيز ڳالهائڻ جو آواز آيو. نيرسنگهہ هڪدم اٽينشن ٿي بيهي رهيو. ساعت کن ۾ پنج ڇهہ سپاهي وشني کي ڪنيي ڪٽي ويا. صبح جو ڊيوٽي تان لهڻ شرط، نيرسنگهہ کي جيڪا پهرين خبر ملي اُها اِها هُئي تہ وشنو گُذاري ويو ۽ اُن جي هات نڪي جي ڪنهن غار ۾ ساڙيو ويو آهي ۽ سيني سپاهين ۽ عملي کي سخت حڪم مليو هو تہ اها ڳالهہ قطعي ٻاهر نڪرڻ نہ گهُرجي.

نيرسنگهہ کي دل ۾ ڪيترا ڀيرا اهو خيال آيو تہ اهي ڪاغذات سرڪار کي ڏئي ڇڏي، پر وري هُن کي وشني جون التجا ڀريون اکيون نظر ٿي آيون، نيرسنگهہ اصل مُنجهي پيو هو، دماغ تي

چيس ”ڪاغذات ،سرڪار کي ڏئي ڇڏ، ڇو ته اڄ ڪله پنهنجي نوڪري، زندگي ۽ ٻار ٻچن جي پوياڻ پيو آهين.“ ٻي لمحي دل تي چيس ته
” هُن توکي، مرڻ وقت امانت ڏني آهي، امانت ۾ خيانت نه ڪر، نه ته اُن جو روح توکي سراپ ٿي لڳندو، وطن صرف وشني جو ڪونهي، وطن ماءُ آهي ۽ ماءُ جي ٿڃ جو قرض لاهڻ جو اهو ئي وقت اٿئي.“
نيرسنگھ، ڊيوٽي تان لهي، عجيب ڪشمڪش ۾ ڦاٿل پيو وڃي ها، جيئن ئي ٽاٽي مان ٻاهر نڪتو ته سُڪندرسنگھ سڏ ڪيو.
” نيرو......................او نيرو........“
نيرسنگھ بيهي رهيو.
”واھ يار واھ! ڊيوٽي تان لهڻ کان پوءِ سڃاڻين ئي ڪو نه ٿو“
سُڪندرسنگھ ڪلهي تي هٿ رکندي چيو
نيرسنگھ وائڙپ ۾ چيو
”جيءُ.......................!! هونءِ............!!“
سُڪندرسنگھ، نير سنگھ جي چهري کي ڏسي وراڻيو.
”نيرو، طبعيت ته ٺيڪ اٿئي نه........!“
”هان........... ها ! طبعيت....... ها مُنهنجي طبعيت کي ڇا ٿيو آهي ؟!“
سُڪندر حيرت مان وراڻيو.
”سڄو هيڊو لڳو پيو آهين، خير ته آهي نه؟! ڪا پريشاني آهي ڇا ؟ “
نيرسنگھ وراڻيو
” نه ته ! “
سُڪندرسنگھ هڪدم وراڻيو.
” اڇا، اڇا، وشني جي موت جي ڪري پريشان آهين. (سُڪندر سنگھ ڪجھ رازداري مان چيو) نيرسنگھ، سچي پُڇين ته وشني جي موت جو مونکي به تمام گهڻو ڏُک ٿيو آهي يار! وشنو واقعي دلير ماڻهو هو! اسانجي ماڻهن کي سورمن ۽ هيرن جو قدر ڪونهي.“
نيرسنگھ، اڃان به بوکلاهٽ جو شڪار هو
”هون! ها............“
سُڪندرسنگھ نيرسنگھ جي اهڙي حالت ڏسي وراڻيو
”وڃ، وڃي آرام ڪر. پنهنجي ذهن تي اجايو بار نه وجھ، رب جي شئي رب کي پرتي. هونءُ، شاباس، وڃ.......... آرام ڪر“

سُڪندرسنگھہ پنھنجي رھائش واري ڪوٺي ڏانھن ھليو ويو پر نيرسنگھہ پنھنجي رھائش واري ڪوٺي ڏانھن وڃڻ بجاءِ سانول وارن ڏانھن ھليو آيو.

دروازي جي وڃڻ تي راڏا پُڇيو.

”ڪير.........؟“

نيرسنگھہ ٿورو ڏاڍايان چيو.

”پيڻ جي ........................سانول آھي.“

راڏا، اوپرو آواز ٻڌو تہ ٿورو شڪي.

وراڻيائين

”نہ گھر ڪونھي ـ!“

نيرسنگھہ پنھنجي پينٽ جي کيسي مان سگريٽ جي دٻي جا ستر اسي کن ٽُڪر ڪڍي، گھر جي دروازي کان اندر اڇلائيندي چيو

”پيڻ جي. اھا امانت سانول کي ڏئي ڇڏجو“

راڏا، اھو سگريٽن وارو ڪاغذن جو دستو کڻندي چيو

”جيءُ نيڪ آھي ادا “

نيرسنگھہ جواب ٻُڌندي اطمينان سان واپس ھليو آيو پر تڏھن بہ من ۾ ڪٿي نہ ڪٿي اُڻ تڻ ضرور متل ھئس.

پنڊت نائومل، پاڻ سان ڪيترن نوجوانن کي گڏ ڪنيو ڳوٺ ڳوٺ وڃي رھيو ھو ھن ماڻھن جي ذھنن ۾ مذھبي ڪٽرپڻي جا ٻج ڇٽڻ شروع ڪري ڇڏيا ھئا. اُن جي اُنھي ڇٽ جو فائدو پنڊت نائومل کي برابر ملي رھيو ھو. ھن پنھنجي ھيترن چيلن مان ڪُجھہ وفادار چيلا پنھنجي لاءِ چونڊي ورتا ھئا. جن کي ھن ڪيئي ڀيرا آزمايو ھو. ھو ھن جي معيار تي بلڪل پورا لٿا ھئا. تنھن ڪري ڏاني ڏانڏل جي اولھہ پاسي ڀٽن جي وچ ۾ شو مھاراج جي مندر ۾ پنھنجن اُن خاص چيلن سان پنھنجي مقصد جي ڳالھہ لاءِ اچي گڏ ٿيو ھو.

” ايشور جا سچا پوئلڳو! ھيترن ماڻھن کي ڇڏي اوھان کي ھن عظيم ڪم لاءِ چونڊڻ جو سھرو اوھان جي ڪانڊي ديوي جي سر تي وڃي ٿو. ڪالھہ رات پاڪ پوِيتر ڪانڊي ديوي مُنھنجي سپني ۾ آئي ۽ چيائين

”اي مُنھنجا پنڊت! تون ايترو آھستي ڇو پيو ھلين؟ ھُن مسُلي جا قدم ايشور جي پاڪ مندر ۾ گھُمن پيا ۽ ھر قدم جڻ مُنھنجي سيني مٿان پيو پوي، جي پرچار ڪرڻ جو ايترو موھہ اٿئي ۽ تو وٽ ايترو وقت ناھي جو مندر کي صاف ڪري سگھين تہ پوءِ تُنھنجن شيوڪن ڪارو، جينو رامون، پڏو، ساھومل ۽ سترام کي چئو تہ ھُو مندر کي انھن ناپاڪ قدمن کان پاڪ ڪن. ۽ مونکي بيحد خوشي

ٿي آهي تہ اُهو ڀاڳن ڀريو ڪم اوهان جي نصيب ۾ لکيو ويو آهي. پاربتي ديوي، اوهان لاءِ رستا آسان ڪندي ۽ شڪتي ديوي اوهان کي انهي پاڪ ڪم ڪرڻ لاءِ سگهہ ۽ طاقت عطا ڪندي.
اي ڪانڌي ديوي جا شيوڪو! ۽ مُنهنجا سڄڻئو! وشنو ديوتا اوهان کي پنهنجي پناهہ ۾ رکندو. اوهان پنهنجي مندرن جي رکشا( حفاظت) ڪرڻ جاڳو ٿا، اوهان کي آئون بُشارت ٿو ڏيان تہ اوهين حياتيءَ ۾ بہ سرڳي(جنتي) آهيو. مُئي کان پوءِ سرڳي(جنتي) لهندو ۽ ٻي جوُڻ ۾ اعليٰ ۽ عرفيٰ انسان ٿي وري ڌرتي تي موٽندا. “
ويٺل همراهہ خوشي وچان ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيا ۽ ايڏي ٻي تابي ٿي پئي هئن تہ جڻ هينئر ڪنپ ٿي وڃن. وڃي سانول کي ماري اڇن.
پنڊت نائومل ڏٺو پئي تہ هن جون ڳالهيون هنن جي ذهنن ۾ چڀبيون وڃن پيون. هنن جا دماغ بلڪل صاف ٿي چُڪا هئا. هاڻ هو جڻ هن جا غلام هئا. هي جيئن چوندن تيئن ڪندا. تڏهن بہ پنڊت نائومل پنهنجي چهري تي بردباري ۽ ڳنڀيرتا قائم رکندي ڳالهہ جاري رکي.
” اوهان خوش نصيب آهيو! جو اوهان جي ۽ اوهان جي سڄي خاندان جي جنم پُرڻ عزت وڌندي. اوهان ڌرم جا سچا شيوڪ آهيو. اوهان تي راڌا ديوي جي خاص ڪرپا آهي. حقيقت پڇو تہ مُنهنجي دل خوشي ۽ مسرت وچان ڦاٽي پئي ۽ ديوين ۽ ديوتائن مون تي ۽ مُنهنجي شيوڪن تي اهو عزت ڀريو ڪم رکيو آهي، نہ تہ اوهان کي ڄاڻ آهي تہ منهنجو گرو سرڳواسي اويناش سڄي ڄمار ڌرم جي شيوا ڪندو رهيو پر ديوين ۽ مهانَ ديوتائن جو وشواس جيتي نہ سگهيو. هاڻي پنهنجو وقت آهي امتحان ۾ پاس ٿيڻ جو. پنهنجي ڌرم کي بچائڻ لاءِ پنهنجي جان ۽ مال ٻليدان(قربان) ڏيڻ جو. مُنهنجا سڄڻؤ! شُڀ ڪم ۾ دير بدشگوني سمجهبي آهي. تنهن ڪري صبح ٿيڻ کان اڳ اوهان اِنهي ڪم تي نڪري وڃو. برهمڻ آباد ۾ اوهان کي سرڳواسي اويناش جي مُک چيلي سوپن سان وڃي ملڻو آهي. اهو اوهان کي وڌيڪ ڪم ٻڌائيندو. مُنهنجو آشرياد اوهان سان گڏ آهي.“
سيني چيلن واري واري سان پنڊت نائومل جي چرڻن تي مٿو ٽيڪيو. پنڊت نائومل انهي ڪم مان واندو ٿي سوپن ڏانهن چٺ لکڻ شروع ڪيائين، اُها چٺ پنهنجي خاص چيلي ڪيمشي کي گهرائي، ڪُجهہ خاص هدايتون ڏئي چٺ، اُن جي حوالي ڪيائين ۽ پوءِ سڪون سان پاڻ مُرڪي ليٽي پيو ۽ سپنن ۾ ايشور جو مندر سندس چرڻن هيٺ پئي نظر آيس .
رڌا، چٺ سانول جي حوالي ڪندي وراڻي.
”سانول، ادا وشنو، گورن هٿان مارجي ويو.“
سانول کان ڇرڪ نڪري ويو
”ڇا ......؟ ڇا پيئي چَئين؟؟؟ “
راڌا، ڏُکاري لهجي ۾ وراڻي
” هنن چنين ۾ سڀ ڪجهہ لکيو پيو آهي، هنن کي پڙهي وٺو“

”ڪنهن ڏنيون آهن......؟؟ “

” خبر ناهي ڪير هو بس هي چٺيون دروازي مان اُڇلائي ڇيائين “هي امانت، سانول کي ڏيئي ڇڏجان، مون جاچيو هو ڪو سپاهي ٿي لڳو.“

سانول، اُهي سگريٽ جي پاڪيٽن واريون چٺيون پڙهڻ لڳو جنهن ۾ وشني، برهمڻ آباد ۾ پنهنجي اچڻ جو مقصد بيان ڪيو هو ۽ ڪميونسٽن سان رابطي واري پٽي ۽ علائقي جي سڄي سياسي صورتحال جو تجزيو لکيو هئائين ۽ پنهنجي موت جي تصديق بہ ڪري ڇڏي هئائين. ڪُجھ دير سانول سوچ ۾ ٻُڏي ويو هو تہ ڪري تہ ڇا ڪري؟ پوءِ راڌا کي ٻُڌائي بغير، ڪاڪي موهن ڏانهن هليو آيو. جيڪو پنهنجي هٽ تي ويٺل هو. هٽ تي چڱي خاصي رش هئي. سانول اچڻ شرط، اُهي چٺيون، ڪاڪي موهن جي حوالي ڪيون. موهن چٺيون پڙهي، سڪتي ۾ اچي ويو. سانول، ماڻهن کي وکر ڏيڻ لڳو. سانول، کي موهن جي طبعيت جي جاڻ هئي تہ اهڙين اوچتين ڳالهين جو تمام گھڻو اثر ٿئي ٿو. دُڪان تي انهي گهما گهمي ۾ ڪافي دير ڪانپوءِ نرمائي آئي. سانول بہ جڏهن سانتيڪو ٿيو تہ موهن جو سانول کان پهريون سوال اهو هو تہ

”سانول، هي ڇا ٿي ويو..؟ “

سانول وراڻيو

” ڪاڪا، انهي ڳالھ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ گورا توڙي پئسي وارا ڪنهن بہ حالت ۾ اهڙي هلچل کي وڌڻ نہ ڏيندا. وشني ۽ يوسف جو ائين بيدردي سان قتل اهو چتاءُ ڏئي ٿو تہ آزاديءَ نہ گهرون؟. ۽ هو چاهين ٿا تہ اسان هنن جا ۽ هنن جي ڇاڙتن جا غلام ٿي هلون.“

موهن وراڻيو

”ائين تہ آهي سانول! پوءِ ڇا ڪرڻ گهُرجي ؟ “

سانول وراڻيو

”منهنجي خيال ۾ مون کي اُنهيءَ ڏنل رابطي واري ڏس پٽي تي وڃڻ گهرجي.“

موهن ڪُجھ توقف کان پوءِ وراڻيو

”ها! توکي ائين ئي ڪرڻ گهرجي.“

ڪُجھ دير ٻنهي ۾ ماٺار رهي، شايد هُنن انهي مسئلي جي ڳنڀيرتا کي سمجهيو ٿي.

سانول چيو

”ڪاڪا، حالتن اهو ثابت ڪيو آهي تہ مسلم_هندو کي بہ فساد نہ آهن ۽ نہ ئي ڪو عام ماڻهو، ماڻهو جو دشمن آهي، ويڙھ رڳو هنن ٽن پيٽن جي وچ ۾ آهي. جيڪي عوام جي دولت ۽ روزگار کي ڦٻائڻ جي چڪر ۾ آهن. ۽ عوام جي اکين ۾ جهالت جي ڌوڙ وجهي، اڻ ڏٺي ڏٻڻ ۾ ڦاسائي انهن کي پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال پيا ڪن.“

ڪاڪي موهن مختصرن چيو

”هُونءَ!“
سانول اُٿندي وراڻيو
” ڪاڪا، مون کي سنڌ ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪرڻ کپي. توهان هتي جوءِ راڌا جو خيال رکجوءِ ها مُنهنجي وڃڻ جي خبر هرويرو ڪنهن کي نہ پوي.“
۽ دُڪان مان ٻاهر نڪري ويو.

ڪاڪي موهن جو دڪان ايڏو وڏو بہ نہ هو نہ ئي ڪو ايترو ننڍو، مال جون ڳانيون، ڳُڙ، نوار کان وٺي ڦڪي ڦيٽي سڀ ڪجهہ هو. سامهون ئي ساڙڏڙي جي چشمي جو ڏيک هو. جتان ڪيڪڙا گُذرندا هئا. سندس پاسي ۾ منائي ناهڻ واري جو هٽ هو، موهن وارو هٽ تقريبن رستي جي لاهي وٽ هو. سامهون جيل خانو ۽ انگريز عملدارن جي رهائش جون جايون صاف نظر اينديون هيون. سامهون ڪارونجهر جون ڪر ڪنيل چوٽيون هيون ۽ جبلن جي هيٺان وارو تلاءُ، اُتان اڪثر انگريز عملدار ۽ فوجي چڙهندا ۽ لهندا هئا.
روپلي ڪولهي واري بغاوت کان پوءِ اتي ديسي فوجين جون بيرڪون ٺهيل هيون، عام ماڻهن لاءِ اهو گس بند هو.
ساڙڏڙي جي پاسي ۾ وڏي خانقاهہ هئي جنهن جو مالڪ سيٺ نارائڻ هو جيڪو قتل ٿي چُڪو هو. تنهن ڪري هاڻي خانقاهہ ۾ اُها رونق نہ رهي هئي.

پريو ميگهو واگهو ۽ ٻيا سڀيئي اج وري وشني واري هٽ ۾ جمع ٿيا، صرف سوني ڪانسواءِ، سونو سنڌ ڏانهن پنهنجي نينگريءَ سان ملڻ لاءِ هليو ويو هو. واگهو جهوپڙي جي ٿوڻي کي ٽيڪ ڏيندي چيو تہ مون کي تہ ادي وشني جي چنتا پريشان ڪري وڌو آهي. الائي ڪهڙين حالتن ۾ هوندو؟!
”هائو ادا واگها! گورا تہ اهڙا ظالم آهن جو اسان جي ماڻهن کي ائين ٿا مارين جڻ ڪي ڪيڙا مڪوڙا هُجن.“
سومجي وراڻيو
” ڳالهہ ٻڌو! مون وٽ ادي وشني جو سامان پيل آهي، اُنهيءَ سامان ۾ ڪُجهہ ڪتاب بہ پيل آهن ۽ مون کي مڙيئي ڪُجهہ بہ اکر پڙهڻ اچن ٿا، مون پاڻ بہ هڪ اڌ ڪتاب پڙهيو آهي..........................................................“
” ڳالهہ پنهنجي دل جي لڪيل اٿو.“
” انهيءَ ڪتاب جا ڪُجهہ ٽڪرا اوهان کي بہ پڙهي ٻڌايان ٿو.“
پريو هڪدم وراڻيو
”ها، ها.... ادا سومجي! شروع ڪر.“
سومجي ڪتاب کولي، پنا اٿلائڻ لڳو ۽ هڪڙي جڳهہ تي اکيون مرڪوز ڪري پڙهڻ لڳو.

”نہ صرف جهونيون جاگيردارن جون رياستون غلامن ۽ هاري غلامن کي ڦرڻ لٽڻ ۽ مارڻ جا ادارا آهن، پر اهڙي طرح اج جي رياست بہ دولت جي هٿان روزمرهہ جي محنت کي لٽڻ ڦرڻ ۽ مارڻ جي هڪ کوڙڪي آهي.“

”پيو تہ رياست دٻائڻ جي لاءِ هڪ خاص طاقت آهي.“

”اينگلس جي هن لاجواب تعريف ۾ تمام گهرائي آهي.“

” اُن کي هن وڏي صفائي سان پيش ڪيو آهي. اُن مان هي نتيجو ٿو نڪري تہ انهي دٻائڻ جي لاءِ هڪ خاص طاقت جي جڳهہ جنهن جي ذريعي وڏيپتا، غريب مزدورن کي صرف مُٺ جيترا امير، ڪروڙن، مزدورن ۽ غريبن کي دٻائين ٿا. پاڻ پنهنجي لاءِ ناهڻ جي محنت ڪن تہ جيئن رياست جي حيثيت سان ئي رياست جو انت هجي. نيڪ اهڙي طرح جيئن امير، غريب جي پيداواري ذريعن تي قابض آهن، اُهي انهن کان ڦُري مزدور ۽ غريب قابض ٿين، اُها ڳالهہ هڪدم نہ پر آهستي آهستي ايندي............................ اسان تاريخ پڙهي آهي تہ مزدور انقلاب جو پهريون قدم اهو هوندو آهي تہ هو مزدورن ۽ غريبن کي مٿانهون ڪري حڪومت ڪندڙن جي حالت تائين پهچائي ۽ جمهوريت کي فتح ڪري.“

ميگهي کي دل سان ڳالهہ لڳي سو رڙ ڪري چيائين

”برابر، سچو آهي، اسين غلام آهيون ئي تڏهن !“

ڪاڪي مانو، ڪانگهارو پري اچلائيندي چيو

”ها، ابا اڳتي پڙهہ “

” مزدورن جي پارٽي جي تربيت جي ذريعي مارڪسزم غريب ۽ محنت ڪندڙن کي ويڙهہ جي سڀ کان اڳين دستي جي حيثيت سان تربيت ڪري ٿو. جيڪو حڪومت جون واڳون سنڀالڻ ۽ سڄي عوام کي سوشلزم ڏانهن وٺي وڃڻ، نئين نظام جي رهبري ۽ تنظيم ڪرڻ!. اميرن کان سواءِ، اميرن خلاف پنهنجي سماجي تنظيم جي ڪم ۾ سڀيئي محنت ڪندڙ ۽ ڦُريل، لُٽيل، چيپاٽيل ۽ ماريل ماڻهو جي اُستاد رهبر ۽ اڳواٽي جي صلاحيت رکندو هجُي.“

”هي ڪميونسٽ سماج، جيڪو سرمائيداري جي پيٽ مان تازو پيدا ٿيو آهي ۽ هر لحاظ کان اُن تي گُذريل سماج جا نشان باقي رهندا. مارڪس، اُن کي ڪميونسٽ سماج جو پهريون ۽ هيٺيون مرحلو چئي ٿو..............“

ميگهي اڌ مان ڳاله ڪٽيندي پُڇيو

”اهو مارَ ڳس ڪير آهي. ؟“

سومجي وراڻيو

” الائي ادا، پر اُن جو ذڪر سڄي ڪتاب ۾ آهي.“

والجي چيو

”مونکي تہ ڪا ڳالهہ سمجهہ ڪو نہ آئي، الائي ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪتاب ٻڌائي.“
پريو نڪر واري سُلفيءَ جو سوٽو پريندي چيو
”حقيقت اها آهي تہ ڪا ڳالهہ اسان سيني کي سمجهہ ۾ نہ پئي اچي، ڪمونسٽ پارٽي، وري الائي اُن جاڪهڙا ڪم.!؟ “
سومجي، پريو جي ڳالهہ ٻڌي ورانيو
”مون کي جيستائين ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي آهي تہ هي اسان جهڙن غريبن جي حڪومت جوڙڻ لاءِ، غريبن کي پنهنجو پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ ۽ ناجائز طريقن سان قابض دولت اميرن کان ڦُري، گهڻيري عوام جي لاءِ ڪتب آڻڻ بابت، هنن ڪتابن ۾ سمجهاڻيون ڏنل آهن.“
واگهي ڪانپ کي کوليندي ورانيو
”ادا، اهو ممڪن ئي ڪونهي، ڀڳوان پنج ئي آڱريون ڪي هڪ سريکيون ڪيون آهن ڇا؟ هي تہ ڀڳوان جي دَينَ آهي جنهن کي وڻي تنهن کي دولت ۽ عزت ڏئي ۽ جي غريب نہ هوندا تہ پوءِ ڪم ڪيئن هلندو؟ هي ڪتاب تہ وتان ڦوڪون ڏين.“
” جي ادا، ڪتاب ڦوڪون ڏين ٿا تہ پوءِ پنهنجي مهاڀارت، اها پنهنجي گيتا ۽ رامائڻ بہ پوءِ ڪوڙيون ڳالهيون آهن، ائين نہ !؟“
”هل، ڪٿي ڀڳوان ۽ اُن جا ڪتاب ۽ ڪٿي مٽي جو بوتو انسان، واهہ ادا سومجي واهہ!“
سومجي ورانيو
”ادا واگها، اهڙي ڳالهہ ڪونهي، ڪتاب سياڻا ئي تہ لکن ٿا، تڏهن تہ هي راڄ، جيڪو ڪتابن جا ڪتاب پڙهيل آهي سو وينو پاڻ تي حڪومت هلائي.“
ميگهي ڀاءُ، کي دڙڪو ڏيندي چيو
”هاڻ ماٺ ڪر، خبر مُڙس کي پوري پارڪر جي ڪونهي ۽ ڪندو وري وتي ڪتابن تي جهيڙو.“
واگهو ڪاوڙ ۾ مُنهن ٻئي پاسي ڪندي ورانيو.
”هون_!“

راڌا جي زندگي هاڻ ڪافي مصروف گُذرڻ لڳي هئي مندر ۾ ياترين جي سيوا ڪانپوءِ پاٺ شالا ۾ پڙهائڻ، ڪاڪي موهن، سانول ۽ موتي جو خيال رکڻ ڪري، سڄو ڏينهن مشغول رهندي هئي. هاڻ تہ سوز ۽ ساز سان گڏ سُر ۾بہ ڪافي پڪائي اچي ويئي هُئس.
موتي گئو ماتائن مان ڪير جي بالٽي ڏُهي اچي راڌا جي سامهون رکندي چيو
”ادي، انسان! انسان کي ڇو ٿو ماري؟ جڏهن تہ هر انسان هڪ ئي عورت ذات جي پيٽان جنم وٺي ٿو ۽ سيني کي پيدا ڪندڙ ڀڳوان آهي ۽ ادي. سيني کي خبر آهي تہ نرڳ ۽ سرڳ آهن ۽ مرڻ ڪانپوءِ سيني کي پنهنجن پنهنجن عملن جو حساب ڏيڻو آهي.“
راڌا، ڪير ڪُني ۾ وجهي تهڪائڻ لاءِ رکندي ورانئي.

”موتي، انسان جو ذهن هڪ خالي ٿانءُ مثل آهي. جنهن کي جهڙو ماحول ۽ صحبت ملي ٿي، اهو اُن ماحول ۽ صحبت جهڙا عمل ڪري ٿو ۽ جي ڪو ان ماحول ۽ صحبت جي گهيري مان نڪري، دماغ جون ٻڙڪيون کولي، ساڃاهه ۽ سمجهه جون وکون کڻي ٿو ته اُن ماحول ۽ صحبت جا رکوالا، جيڪي اُن ماحول ۽ صحبت مان ناجائز طور لاڀ حاصل ڪندا آهن سي انهن ساڃاهه وند ماڻهن کي ماري، پنهنجي لاءِ هتي ئي سرڳ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.“

موتي خالي بالٽي، پاڻي سان ڌوئيندي وراڻيو

”پر، ادي پوءِ انسان ته سڀ انسان آهن پوءِ هڪڙا بدمعاش ۽ ٺڳ ۽ هڪڙا ساڃاهه وند ۽ سمجهدار، سو وري ڪيئن؟“

راڌا وراڻي

”هڪڙا ساڃاهه وند ۽ سمجهدار ماڻهو سماج اندر پيدا ٿيل اُبتن قانونن، غلط روين، جاهلاڻين رسمن ۽ رواجن کي رد ڪري هڪ نئين دنيا جون ڳالهيون ڪن ٿا ۽ ٻيا انهن ختم ٿيل ۽ ناسور بڻيل سماج کي حقيقي ۽ سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوڙي وطن پرستي ۽ ڪوڙي مذهب پرستي کي هٿي ڏئي، غلاماڻا ذهن، توهم پرستي جون رسمون ۽ مدي خارج روايتن ۾ ساهه وجهي پنهنجا مُفاد حاصل ڪن ٿا.“

موتي حيرت وچان چيو

”اڇا_! ادي، ته پوءِ هي دُنيا نسوري نرڳ آهي.“

راڌا وراڻي

” نرڳ ۽ سرڳ ته انسان پنهنجو پاڻ ٺاهيندو آهي. جيڪي انسان پنهنجي آس پاس جي ڪُل جيوَ سان پيار ۽ برابري جو ناتو رکندو آهي ته اهو پنهنجي هن دنيا ۾ ئي سرڳ ٺاهي وٺندو آهي ۽ جيڪي اسان پنهنجي چوگرد رهندڙ ڪُل جيوَ تي پنهنجي حاڪميت ڏاڍ ۽ جبر سان قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته اهي سڄي ڄمار اشانت ۽ خوفزده رهندو آهي. اهڙي طرح موتي هو پنهنجي لاءِ هن ئي دُنيا ۾ نرڳ جوڙي وٺندو آهي.“

موتي، پنهنجي ڪُلهي تي پيل، ٽوالڙي سان هٿ اُگهيندي وراڻيو

” ادي، پوءِ جيڪي ڌرمي آهن، سي ظالم ڇو آهن؟“

راڌا مُرڪندي وراڻيو

” ڌرم ظلم لاءِ نٿو چئي پر ڪي ڌرمي، پنهنجي دُنياوي مايا جي موهه لاءِ ظلم ڪن ٿا ۽ ڀڳوان تي پنهنجو اڌيڪار ڄاڻائن ٿا. پر هي سڀ جيڪي ڌرمي ڪتاب آهن، تن ۾ ڪنهن تي به جبر ڪري ظُلم ڪري يا زور زبردستي ڌرم ۾ داخل ڪرڻ جو نه چيو ويو آهي. انهن ۾ ته حڪم آهي ته پنهنجن عملن، اخلاقن، محبتن ۽ سٺين ڳالهين جو پرچار ڪري، انسان کي ڌرم ۾ آڻڻ لاءِ آماده ڪريو.“

موتي، راڌا، جي ڳالهين جو نتيجو ڪيندي وراڻيو

”ادي، انسان اُن وڻ مثل آهي، جنهن ۾ ڪنڊا به آهن، پن به آهن، گُل به ٿين ۽ ڦل به جهلي ائين نه.“
راڌا، ڪير ڪي ساپيندي وراڻي
”هائو موتي پاءُ!“
موتي اڄ خوش هو اُن ڪي، اُن جي ڪيترن ئي سوالن جا جواب ملي ويا هُئا ـ
سانول ڪي ڳوٺان نڪتي، اڄ ٻيو ڏينهن هو. گس تي ڪن جڳهن تي پراڻيون فوجي گاڏيون بيٺيون هيون، جيڪي اڳ ۾ ٽر ۾ موجود ڪونه هيون. رڳو وهٽن تي ڪم هلندو هو پر جرمن فوج جي حملن، انگريزن جا اوسانَ خطا ڪري وڌا هئا. انهي ڪري، پنهنجي بينڪيت ڪي بچائڻ لاءِ پنهنجي فوجي طاقت، ٿر ۾ لاٿي هئي اهي ٽرڪ نما گاڏيون به ساڻ وني آيا هُئا. اهي اڄ به انهن جي استعمال هيٺ هيون. سانول پنهنجي وهٽ سان، انهن ٻن ڏينهن ۾ ڪافي پنڌ ڪري آيو هو. انهيءَ پنڌ دوران سانول جي ذهن ۾ هزارين خيال آيا ٿي. خاص ڪري وشني جي باري ۾، سانول ڪافي حيرت ۾ هو ته وشنو مرڻو ته مري ويو پر پنهنجي قول ۽ فعل تي قائم رهيو. جيڪڏهن وشنو چاهي ها ته پنهنجي جان بچائي سگهيو ٿي پر هُن ائين نه ڪيو ڇو؟؟ اهڙو ڪهڙو هن جو وچن هو جو پنهنجا پساهه ڏيئي ٻين همراهن جي جان بچائي اٿس. اهڙا ويچار ۽ خيال هن جي من بار بار ايندا پئي رهيا. هو چوٿين ڏينهن قلعي وٽان لنگهائو ٿيو. جتي اڳ ۾ هي ۽ موهن، هتي جي وڏي مُنشي گلاب چند سان وشني جي سلسلي ۾ ملڻ آيا هئا. هاڻي تقريبن پٽن جو سلسلو ختم ٿي ويو هو. سنئون ۽ ٻسڙ پٽ هو. ڪرڙ ڪٻڙ اڪ ۽ ٻٻر جي وڻن جي گهٽائي هئي. نئون ڪوٽ شهر، نئون نئون گذرگاهه جو آباد شهر هو. شهر ۾ چڱي خاصي چهل پهل هئي، عام ماڻهن کان وڌ، ديسي سپاهين جي گهٽائي پئي نظر آئي، ٻي عالمي جنگ ۽ اُن کان پوءِ جي خانا جنگي ملڪ ۾ بدحالي ۽ چوري چڪاري جو رواج وجهي ڇڏيو هو. شهر ۾ امن واري وقت واري رونق جي ذري به جهلڪ نظر نه پئي آئي. خاڪسار تحريڪ، خلافت تحريڪ ۽ هاڻ وري ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي روز روز جي هڙتالن جي ڪري ڪافي دُڪان به بند هئا. گهٽيون به سُڃيون ۽ بي رونق لڳيون پيون هيون. ڪٿي ڪٿي هڪ به ٻار، ڪنهن گهٽي ۾ راند ڪندي نظر آيو ٿي نه ته بس ـ
سانول به اُتان گذرندڙ ماڻهوءَ کان، ميرپورخاص وڃڻ واري گاڏي جو ڏس پتو پُڇيو ۽ انهي ڏس تي وڃي، هڪ ڪيڪڙي تي وڃي ويٺو جيڪو به ديسي سپاهين جي ڪُجهه ضرورتن جو سامان کنيو ميرپورخاص وڃي رهيو هو.
والجي، واگهي کي ڪاوڙبو ڏسي چيو
”ابا اجهو... ڏيو منهن..............هي به پائر ئي پاڻ ۾ ڪو نه ٿا ٺهن ۽ ديس آزاد ڪرڻ جون ڳالهيون ٿا ڪن.“
واگهي چيو
”ڪاڪا، مون ڪا غلط ڳالهه ته ڪونه ڪئي هُئي جو ادا مون کي ڇنيي ٿو.“

”اڙي! هڻ موچڙو ٻلي کي، هروڀرو اچي ڪچهري جو مزو ٽا ڦٽايو. ها، ادا سومجي! پلا پيو ڪتاب پڙهي ٻڌائي !“
سومجي وراڻيو
”ادا ڪتاب تہ الاهي پيا آهن، پر يار پڙهڻ ۾ ڏاڍا ڏکيا آهن، اسان ٻڪرين، ڌڪرين تي هلندي گهمندي ٻہ اکر پڙهياسين سو بہ ديوان سيئين جي ڪري، سو اهڙا ڪتاب ڪٿي ٿا پڙهي سگهون؟“
پريو مٿي کان ٽوال ڏيئي ڊگهو ليٽندي وراڻيو
”پوءِ بہ مڙئي پڳوان جي ڏني مان ڪُجهہ ٻڌائي“
سومجي، وشني جي پيل ڪتابن جي اُٿل پٿل ڪرڻ لڳو. والجي، هٿونگي ڏانهن پير ڊگهيري چيو
”سومجي جيسين وڃي ڪو ڪتاب هٿ ڪري تيسين ڪو ڏوهيڙو ٻڌاءِ“
هٿونگو مُرڪندي وراڻيو
”هڪ تہ ڪاڪا، اوهان جون ڳالهيون وڏيون، مٿان ادي وشني جو اُلڪو ڪاڪا، سچي پُڇين نہ! نڙي مان لفظ ئي نٿا اُڪلن.“
والجي، اُنهي ڳالهہ تي ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيو
”هائو ابا! سچو آهين. ابل وشني جي ڪا خبر ئي ڪانہ پئي پوي... اي ابا! پريو صبح تہ ڪو وڃِي سانول کان خبر چار تہ وٺي اچجان، صفا اُباڻڪا ٿيو وينا آهيون.“
پريو وراڻيو
”هائو ڪاڪا، وچبو مُنهنجي پنهنجي من ۾ بہ ڏاڍي اُڻ تُڻ لڳي پيئي آهي.“
ميگهي وراڻيو
”اسان رڳو وينا هتي ڳالهيون ڪريون ۽ هُتي ادي وشني سان الائي ڪهڙي ويڌن ڪندا هوندا.“
واگهي چيو
”ادا ! پنهنجي وس ۾ آهي بہ ڇا؟ رُڳو دانهون آهن ڪرڻيون، سي پاڻ بہ ڇڏيون ڪونہ ٿا.“
اجهو هيءُ ڪتاب ! “
والجي، پريو، واگهو، هٿونگو ميگهو ساڪو سيئي ڪن لائي ڪتاب ٻڌڻ لاءِ تيار ٿيا.
”..................................سماجي پيداوار جي دوران، ماڻهن کي پاڻ ۾ اهڙا سٻنڌ ٺاهڻا پون ٿا. جنهن کان سواءِ سماجي پيداوار ممڪن ئي ڪونهي. انهن سٻنڌن کي ٺاهڻ ۾ هنن جي پنهنجي مرضي شامل نہ هوندي آهي.دولت پيدا ٿيڻ وارا سٻنڌ، دولت پيدا ٿيڻ جي مادي عناصر جي واڌ ويجهہ، هڪ خاص دور سان مطابقت رکندا آهن. سماج جو معاشي ڍانچو پيداوار جي انهي سٻنڌن جي جوڙ تي مشتمل هوندو آهي.“
واگهي وچ ۾ ئي ڳاله ڪٽيندي چيو

”ٻيلي الائي ڇا پيو چئين؟ ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي، ڇڏيو انهي ڪتابي علمن کي، مورڳو ئي ڪچهري سڄي مزو پئي وڃائي.“

ٻيا سيئي شايد اُنهي ڳالهہ جا منتظر هئا، هڪدم سڄي ڪچهري ۾ ها ها ها پئجي ويئي. سومجي کي اهو ڪتاب شايد ڏکيو پئي لڳو سو هڪدم ڪتاب ڪٽي بند ڪيائين.

ڄيٺو ڪارو، رامون، پڌو سترام ۽ ساهومل، پنڊت نائومل جي سحر انگيزي ۾ گرفتار ٿي، سانول کي قتل ڪرڻ لاءِ برهمڻ آباد پهُچي چُڪا هئا

هو ڪمون جي مُسافر خاني ۾ اچي لٿا هئا. ڪمونءَ جي مُسافرخاني کي هٿي تڏهن ملي جڏهن سيٺ نارائڻ داس جي قتل ٿيڻ سان نارائڻ وارو مسافر خانو بند ٿي ويو ۽ ٻيو ڪمون جي مسافر خاني جي پوري برهمڻ آباد ۾ ماني مشهور هئي ۽ ان مشهور ماني پوبان هٿ، ماني ٽڪي ٺاهڻ جي ماهر، مائي شارڌا جو هو. هوءَ هميشہ صبح جو سوير مُکي شارو جي ڳوٺان ايندي هئي پر پوءِ آهستي آهستي، انهي مسافر خاني ۾ هڪ ٽٽل ڦٽل پراڻي ڪمري ۾ اچي رهي پئي هئي. انهي ڪري ڪمونءَ کي وڏي سهولت ٿي پئي هئي. ماني پچائڻ، ڪمرن جي صفائي کان وٺي ۽ سامانن جو حساب ڪتاب پاڻ وٽ رکندي هئي. ڪمون تقريبن آزاد رهندو هو. ڪمون، پراڻي ڪنڊي هيٺيان کٽ رکيو آرامي ئي رهندو هو.

پنڊت نائومل جا چيلا، ڇهہ ڄڻا هئا ۽ هڪڙي ڪمري ۾ ٻہ رهي پئي سگهيا، هُنن جي ڪوشش هئي تہ پاڻ ۾ سيئي گڏجي رهن، پر ڪمرا ننڍا هئا جن ۾ وڌ ۾وڌ ٻہ ڄڻا گڏجي رهي سگهيا ٿي ۽ هو ڇهہ ئي ڄڻا، هي مُسافرخانو ڇڏڻ لاءِ تيار بہ ڪونہ هئا سو نيٺ مجبورن الڳ الڳ ڪمرن ۾ رهڻ تي راضي ٿي ويا.

”ڄيٺا! مُنهنجي دل چوي ٿي تہ مون کي هيٺئر پر ٿي وڃن، تہ وڃي اُنهي سانول جا ٽوٽا ڪري وجهان.“

رامون اها ڳالهہ پنهنجي کي سامان کوليندي چئي

ڄيٺي چيو

”رامون، منهنجو تہ خيال آهي تہ اڄ رات ئي، سانول کي ماري وڃي ڀڳوان جي اوتار جي چرڻن ۾ مٿو ٽيڪيون. تون هيئن ڪر رامون ڇڏ سامان کي، وڃي پاڻ وارن يارن کي سڏي اچ تہ گڏجي ڪا صلاح ڪريون.“

رامون کي اها ڳالهہ ڪانہ وڻي سو وراڻيائين

”انهن کي سڏڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. اهو ڀاڳن ڀريو ڪم پاڻ پنهنجن هٿن سان ڇو نہ ڪريون. اهڙو موقعو وري ٿورئي ڪو ملندو؟“

ڄيٺي ڪُجهہ سوچيندي چيو

”چوين تہ تون ٺيڪ پيو پر مهان پنڊت کي ڇا جواب ڏينداسين؟“

رامون هڪدم وراڻيو

”مهان پنڊت، اهو ڪم سيني تي برابر رکيو آهي، اهو ڪم جيڪو اڳ ۾ ڪندو سو ئي سرڳ جو حقدار هوندو.“

جيٺو وري بہ ڪُجهہ دير لاءِ سوچ ۾ ٻُڏي ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ جڻ هٿيار ڦٽا ڪندي وراڻيو

”رامون، سوچي وٺ، متان وٺڻ جا ڏيڻا نہ پئجي وڃن.“

رامون، جيٺي جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو

”مون سڀڪجهہ سوچي ورتو تون اُلڪو ئي نہ ڪر“

جيٺي پنهنجو مُنهن رامون ڏانهن ڪندي چيو

” ڏس رامون، ڪٿي ڦاسي نہ وڃون؟ “

رامون حتمي طور چيو

” بس، تُون الڪو نہ ڪر، مون سڀ ڪجهہ سوچي ورتو آهي، تون رڳو ساٿ ڏي،“

ڪمري جو دروازو کولي، شارڌا ماني کڻي اندر داخل ٿي تہ رامون، شارڌا کان ماني وٺندي پُڇيو

”پيڻ، هتي سانول رهندو آهي نہ!“

” ابا، سانول ساڌو کي هتي ڪير ڪونہ سُڃاڻي؟! ڀڳوان سندس هٿ ۾ ايتري تہ شفا رکي آهي جو هر بيماريءَ جو علاج وٽس آهي.“

”پر اسان جيئن برهمڻ آباد ۾ آيا آهيون اسان کي تہ نظر ڪونہ آيو آهي.“

رامون، پنهنجي مطلب تي ايندي شارڌا کان پُڇيو.

”هٿ تي ويا هيوَ؟ “

”هائو پر اُتي بہ ڪو نہ هو.“

شارڌا وري پُڇيو

”ڇو؟ اوهان مان ڪنهن کي نيڪائي ڪونهي ڇا؟ “

”نہ نہ! ڀڳوان جي ڪرپا آهي، سڀ نيڪ آهيون. بس ائين ئي ملاقات ڪرڻ تي چاهيسين.“

رامون ڀهرين تہ ٿورو گهبرائجي ويو پر پوءِ هڪدم پنهنجو پاڻ کي سنڀالي ورتائين.

”پوءِ ڇا جي تڪڙ آهي؟ اڄ نہ تہ سُڀاڻي ملي ويندو.“

ڪمري جي دورازي کي ڀوڪي، شارڌا هلي وئي۔

راڌا، پپر جي وڻ هيٺيان اچي ويٺي. گيتا ۽ رامائڻ جي ورد کان پوءِ اُتي پپر جي وڻ هيٺان ئي ليٽي پئي هئي. اڄ طبعيت ۾ بہ گراني هيس. بدن ۾ ٽوٽ ۽ سستي هُئس. ڪارونجهر جي چوٽين مٿان ڪارا ڪڪر جهوُمي اُٿيا هئا. سج بہ تقريبن لڙي چُڪو هو. سج جون آخري ڪرڻو ڪرڻ جي لڪ لڪوٽي مان ڪنهن ڪنهن مهل، ڪارونجهر جي سرمئي رنگ تي نچيو ٿي. اونهاري جي ڀهرين برسات، ڀڪراڙ جي ڪنڌ کان چڙهندي پئي آئي گرمي ۽ آگم گهٽو هو. تڏهن بہ پکي پکڻ

خوش هئا. ٽاڙي جي ٽنوار، جڻ اونهاري جي پهرين بارش جي ڀرپور آجيان پئي ڪئي. انهن ڪارن ڪڪرن ۾ ڪنهن ڪنهن وقت ڪنوڻ تجلا ٿي ڪيا.

راڌا، ليٽي ليٽي انهي خوبصورت منظر ڏانهن نهاريندي، پنهنجي ننڍپڻ جي خيالن ۾ گُم ٿي وئي. جڏهن پاڻ بنا ڪنهن خوف جي ڪارونجهر جي انهن چوٽين ۾ راند ڪندي رهندي هئي. موتي سان گڏجي، برهمڻ آباد جي اوپرپاسي ۾ بيٺل ٻيرن مان ٻير چاٽي کائيندي هُئي. ڪارونجهر جا ور وڪڙ ۽ لاهيون چاڙهيون، جڻ ته هن جا سنگتي ساٿي هئا. ڪيڏي صاف، سادي ۽ بي فڪري واري زندگي هُئي-

هن پنهنجي ماءُ کي ڪڏهن به نه ڏٺو هو ڇو ته هوءَ راڌا جي پيدائش دوران ئي گُذاري وئي هُئي. راڌا جي ماءُ جي مرڻ کانپوءِ هيمنت ڪڏهن به ٻي شادي ڪرڻ لاءِ سوچيو به ڪونه هو. بس هو راڌا جي تعليم، تربيت ۽ پرورش ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

راڌا تي انهي ڪري پيءُ جو اثر گهڻو هو.

راڌا جا ايترا ڪي مائٽ به نه هُئا. جن وٽ هوءَ اچي يا وڃي. هڪڙي ماسي هُئس، سا به تمام گهڻو پري رهندي هئي، جنهن ڏانهن هڪڙو ڀيرو پيءُ سان گڏ ويئي هُئي. پوءِ اها به جلد گُذاري ويئي.

پوءِ اهو ڪارونجهر ۽ اُن جون چوٽيون ۽ اهو يتيم نينگر موتي، سندس جا ساٿاري هئا. هڪ ٻه ڀيرا همنيت، راڌا سان شادي جي باري ۾ ڳالهه چوري پر راڌا ڪا خاص دلچسپي ڪانه ڏيکاري انهي ڪري پوءِ همنيت راڌا کي، ايشور جي داسي بنائڻ جي تياري شروع ڪري ڏني. اهڙي تربيت جي ڪري ئي هُن کي داسي ٿيڻ ۾ ڪا به ڏُکيائي ڪانه ٿي-

شارڌا، ڪارو ۽ ساهومل جي ڪمري جي در وٽ جيئن پُهتي ته اندران کسُر ڦسر جي آواز ٻڌڻ ۾ آيس ته پاڻ در وٽ ئي بيهي رهي.

" آئون ته چوين ٿو ته ٻي ڪنهن کي ڪن تي ذرا به ڀڻڪ پوڻ نه ڏي، رات جي ماني کائي، آڌي رات جو ٻٽ ٻڌي، انهيءَ مُسلي سانول جو ڪم پورو ڪري اچون."

ساهومل جو هلڪو پر تکو آواز صاف ٻُڌڻ ۾ پئي آيو. شارڌا جو سانول نالو ٻڌو ته ڪن وڏيڪ ڪڙا ڪيائين. شارڌا کي ته ڇيني ۽ ڪاري واري پُڇا ڪرڻ تي ئي شڪ پئجي ويو هو پر هينئر جيڪو ٻُڌائين ته شڪ، پڪ ۾ بدلجي ويس پڌو پنهنجي مخصوص ڳري آواز سان وراڻيو.

"پاڻ تيار آهيون، اهو ڪم ڪري، راتو رات همراهن کي خوشخبري سُڻايون ۽ ڀڳوان جي اوَتار جي چرڻن ۾ وڃي سيس نِوايون."

شارڌا جو ڀؤ وچان ساهه، تِڪو ٿي ويو هو هڪدم پنهنجو پاڻ کي سنڀالي، هلڪي ڪنگهه سان ساهومل وارن جي ڪمري ۾ گهڙي آئي. شارڌا کي ڪمري ۾ اوچتو ڏسي، هيڪر ته هبڪي پيا پر شارڌا، پنهنجو پاڻ کي هنن جي ڳالهين ٻُڌڻ کان اڻ ڄاڻ ڄاڻائيندي پنهنجي مُنهن ڳالهائڻ لڳي.

” ڪهڙو مالڪ آهي؟ مُسافرن جو خيال ئي نٿو رکي ۽ ڪِر ڪِر اسان نوڪرن تي. ڪم پاڻ ڪان نه پُڇي ۽ چڙٻون وري اسان کي ڏي. ماني ۾ دير تي ڪرين....... ٽانءَ ۾ ٽپڙ صاف ڪو نه ٿي ڌوئين........“

پڏو مُرڪندي وراڻيو.

” لڳي ٿو مالڪ سان ڪِٽ پِٽ ٿي اٿئي؟ “

شارڌا، روئڻهارڪو لهجو ناهيندي وراڻي

” ادا غريب جو ڪير به ڪونهي ڪو. سڄو ڏينهن وهٽن جيان ڪم ڪريان ٿي. تڏهن پيو هڪ نه ٻئي تي وڙهي. ڪالهه مُنهنجي طبعيت ٺيڪ ڪونه هُئي ته چيو مانس. آئون ڏائي ويد کي وڃي ڏيکاري اچان ٿي! ته مئو وڙهي پيو. چوي ته وڃي سانول ساڌو کي ڏيکار. مون به نڙ ٽپ جواب ڏنو مانس ته پلي مري وڃان ته مري وڃان. پر پنهنجي تپسيا کي ڪارو ڪانه ڪنديس اُنهي مُسلي وٽ وڃي، پنهنجي سرڳ وڃايان. مورڳو ابا، ڌِرتي ويو......الا ! چيلهه ڪانه ٿي سڌي ٿئي.“

شارڌا! اهڙو ته ناٽڪ ڪيو جو پڏوءِ ساهو کي به سندس تي رحم اچي ويو.

” تون وڃ، وڃي آرام ڪر، هروڀرو هلڪو ڦلڪو ڪم ڪرڻ جو ضرور ڪونهي، اهو اسين پاڻهي ڪري وٺنداسين.“

” اي ادا! ڪٿي ٿو مئو بخش ڪري، هاڻي ته هي چاڪري ڇڏڻي پوندي. مئو انهي مُسلي سان ٻٽ ٿيو هلي. پاڻ ته نسورو نرڳي ٿيو پر اسان جي زندگي تباهه و برباد ڪري ڇڏيو اٿس. مجبوري آهي ادا. ٻئي ڪنهن جڳهه تي چاڪري ملي ڪانه ٿي. ڀڳوان جو ڪو اوَتار اچي، اسان جهڙن تي ڪرپا ڪري......“

ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڪمري ڪان ٻاهر نڪري ويئي، شارڌا ڪان وڌيڪ سانول جي باري ۾ هنن ڪان جيڪو ٻُڌڻ ٿي چاهيو سو ٻُڌي ڪانه سگهي. پڏوءِ ساهومل جي پرواري ڪمري ۾ ڪارو ۽ سترام به انهي ساڳي ڳالهه تي سهمت هئا ته پنهنجن ساٿين کي دوکو ڏيئي. پاڻ وڃي، اهو ڀاڳن ڀريو ڪم ڪري اچن، شارڌا، باقي مُسافرخاني جي مُسافرن کي ماني ڏئي، بخشو بجير کي ٻڌل وهٽن کي گاهه پنو ڏيڻ لاءِ ڇئي پاڻ سانول وارن ڏانهن وڃڻ جي لاءِ سنبري۔

سوين کي ڪافي ڏينهن ڪان، نائومل جي موڪليل ماڻهن جو انتظار هو جيڪو اڃان تائين سوين وٽ نه پُهتا هُئا. اصل ۾ هنن سيٺي کي پهرين سوين سان ملڻو هو. پر مُسافر خاني ۾ رهڻ ڪانپوءِ هنن جي من ۾ چور اچي وينو هو ته انهي پاڪ ڪم ۾ ٻئي ڪنهن کي شامل نه ڪريون. انهي ڪري، هو سوين سان ملڻ ڪان به لنوائي ويا. سوين کي پنڊت جي انهن شيوڪن جي انتظار ۾ ڪافي ڏينهن وهامي ويا هئا. انهي ڪري، من ۾ عجيب و غريب خيال ۽ وسوسا اچڻ لڳا هئس.

سندس اوچتو دروازو وڳو سوين ڌوتي کي ٻنهي هٿن سان جهلي، تڪڙو تڪڙو اچي دروازو کوليو. دروازي تي اڪيلو ڪيمشي بينو هو. سوين اڪيلي ڪيمشي کي ڏسي وائڙو ٿي ويو. چيائين

”ڀيا ڪٿي آهن؟ “
ڪيمشي حيرت مان پُڇيو
”ڀيا ڪير؟؟!“
سوڀن، همراهہ جي سوال کي في الحال نظرانداز ڪندي چيو
”اچ، اچ اندر اچ!“
ڪيمشي اندر هليو آيو
”تون اڪيلو نائومل تہ چيو هو ٻچ همراهہ ايندا.“
سوڀن کي ڪيمشي جي اکين ۾ اکيون وجهندي وراڻيو ۽ پنهنجي ڌوتي کي سنڀاليندو، وڃي کٽ تي ويٺو.
ڪيمشي، سوڀن جي ڳالهہ ٻڌي حيران ٿي ويو.
”همراهہ اڃان تو وٽ پُهتا ئي نہ آهن؟!“
سوڀن ڳنڀار سان نهڪار ڪئي.
ڪيمشي ڪيس وراڻيو تہ
” مونکي تہ مهانَ پنڊت، هي اوهان لاءِ چٽ ڏيئي موڪليو آهي ۽ همراهن جي خبر چار بہ ونڻ لاءِ آئون ڪا نہ ڪا خوشخبري وٺي اچي ايشور جي مهانَ پنڊت کي ٻڌايان ۽ اوهان چئو پيا تہ هو اڃان پهتا ئي ڪونهن! جي توهان وٽ پهتا ناهن تہ پوءِ ڪيڏانهن ويا؟“
سوڀن، پريشانيءَ وچان اُٿي ٽهلڻ لڳو.
ڪيمشي پنهنجو خدشو ظاهر ڪندي چيو
”ڪٿي مُسلي، ماري تہ نہ ڇڏيا آهن؟“
سوڀن، بيهي ڪيمشي کي ڏسڻ لڳو ۽ چيائين
”نہ ! هو هتي ٻچ ڏينهن ٿيا آهن، آهي ئي ڪونہ!“
”ڇا................................؟؟ ......................... پوءِ !!؟“
سوڀن وري بہ ٽهلندي وراڻيو
”مونکي تہ اها پريشاني کايو پئي وڃي تہ اُهي ماڻهو ڪيڏانهن گُم ٿي ويا آهن؟!“
ڪيمشي کي اچي ڊپ ورايو سو چيائين
”سائين! ڪٿي پاڻ سانول ڀڳت کي مارائي غلطي تہ نہ پيا ڪريون؟!“
سوڀن يڪ ٽڪ ڪيمشي ڏانهن نهاريو
” ڇا مطلب........................................................................؟؟!!“
ڪيمشي وراڻيو
” ايشور جو سيوڪ آهي، متان ايشور پاڻ تي ڪو قهر تہ نازل نہ پيو ڪري؟ “

سوڍين، ڪيمشي جي ڳالهه ٻڌي هيڪر تہ پريشان ٿي ويو. پر پوءِ دل کي ڏڍ ڏيندي چيائين
”نہ نہ ........ ايشور قطعي هڪ مُسلي کي پناهہ ڪونہ ڏيندو ............!“
”هُونءَ.......................... تون ٿڪجي پيو آهين. وڃ آرام ڪر... مونکي ڪُجھہ سوچڻ ڏي.....!“
ڪيمشي واري ڳالهہ، سوڍين کي بہ پريشان ڪري وڌو هو تہ واقعي ايشور هنن تي عذاب تہ نازل نہ پيو ڪري. ڪوشش ڪري پنهنجي دل مان اهو خيال ڪيڍڻ لڳو پر ڊپ اندر گهر ڪري ويو هُئس. کٽ تي ليٽي پيو. سوچيندي سوچيندي اکِ لڳي ويس تہ سپني ۾ ڇا ٿو ڏسي تہ سامهون سانول بيٺو آهي ۽ چئيس پيو ”سوڍين! تون مونکي مارڻ لاءِ نڪتو آهين........... اڄ مون کي قتل ڪر...........ايشور توتي قهر نازل ڪندو............هو ڏس.........................مٿي جو طوفان...............ايشور، ڪرشن سان گڏ پنهنجي رٿ تي سوار ٿي اچي پيو. توکي هاٿين ۽ گهوڙن جي سنبن هيٺ لتاڙي چِڏيندو. اجهو اچي پهتا اٿئي! تون مونکي ماريندين!! ها .......ها...............ها............ها............ها ......اهو آواز ويجها اچي ويا آهن. مرڻ لاءِ تيار ٿي.....“
”الاڙي........................!...............گهوڙاڙي...........بچ........بچا............بچايو.............بچايو......
......... مونکي بچايو ڙي.......................... “ شپڪ، پاڻي جي گلاس هارجڻ سان ئي، سوڍين ٽپ ڏيئي کٽ تان اُٿيو ۽ پڄي وڃي پٽ کي ٽيڪ ڏنائين. پگهر ۾ سجو ٻڏي ويو. سڄي ٻُت ۾ رڦٽي هُئس. ڪيمشي رڙيون ڪندي ڇيو
”سوڍين........سوڍين ............سوڍين ! ڇاٿيو؟ ڇا ٿيو؟؟!!“
سوڍين، سهڪندو رهيو-
ڪيمشي، ڊوڙندي وڃي پاڻي جو گلاس ڀري آيو.
”وٺ ادا، پاڻي پيءُ.......“
سوڍين ڏڪندڙ هٿن سان، هڪ ئي ساهيءَ ۾ پاڻي پي ويو.

سانول نئين ڪوٽ کان ڇهن ڪلاڪن جي ڊگهي مُسافت طئہ ڪري، اچي ميرپورخاص پهتو هو. مليل ڏس پتي تي پُڇا ڪري اچي هڪ پراڻي پڳل در سان بيڙين جي پاندي وٽ اچي پهتو هو. جتي پنج ڇهہ بيڙا باڏارا، بيڙيون ٻڌڻ ۾ مشغول هئا.
سانول غور سان، بيڙين جي پاندن کي ڏسڻ لڳو ۽ من ۾ سوچيائين تہ پڪ ڪنهن غلط جاءِ تي پهتو آهيان، هيڏي وڏي پارٽيءَ جو اڳواڻ هتي ٿوري ئي هوندو؟!
” او ڀائو ڪهڙين سوچن ۾ گُم آهين؟ ڪُجھہ گهرُجيئہ ڇا؟ “
هڪڙي همراهہ، سانول کي ائين واٽڙو ڏسي، وڏي واڪي پُڇيو.
سانول ٿورو اڳيرو ٿي وراڻيو
” ادا! هي خان محمّد جي جاءِ آهي ڇا؟ “

سيني جاتو ٿي تہ ڪو ڳوٺاڻو اچي شهر ۾ ڦاٿو آهي.
”ها, هيءَ خان محمد جي ئي جاءِ آهي. اوهان ڪي ڪنهن سان ملڻو آهي؟ “
سانول وراڻيو
”پوءِ تہ آئون صحيح ڏس پٽي تي پهتو آهيان. ادا مونکي خان محمد سان ملڻو آهي.“
سيني هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو ۽ کُلها اُچڪائي حيرت جو اظهار ڪيو. خان محمد خود بہ انهيءَ اوپري شخص کي ڏسي شڪجي پيو تہ متان انگريز سرڪار جو ڪو چاڙتو ڀهروپيو ٿي هنن وٽ آيو آهي.
”ياءُ, خان محمد تہ آهي ڪونہ. باقي ڪو ڪم ڪار هُجي تہ ٻُڌايو؟ “
سانول وراڻيو
”ها ادا! ڪم تہ ڪوڙ سارا آهن. پر پهرين پاٽي ڏُڪ پيئندس.“
”جانو همراهہ کي پاٽي پيئار.“
سانول يڪ ساهي ۾ پاٽي پي ويو ۽ پوءِ ڪيسا ٽوٽلي, چني ڪڍي انهي همراهہ جي حوالي ڪئي جيڪو سانول کان حال احوال وٺي رهيو هو. همراهہ چني پڙهي, وري سانول ڏانهن نهاريائين جيڪو اجا تائين چِتي اُس ۾ بيٺو هو.
” اچ اچ! اندر ٿي ويهہ! اڙي سومار! گهران ماني ٺهرائي اچ “
خان محمد, سانول کي مگهہ وٽ ويهاريو جنهن مان واءُ ڦُرڪ بہ آئي پئي.
”سانول, تُنهنجو ئي نالو آهي نہ؟!“
”جيءُ ادا “
”هن چنين جي خبرچار ٻئي ڪنهن سان تہ ڪا نہ ڪئي اٿئي نہ!“
”نہ ادا! چني پڙهي, آئون سمجهي ويو هُئس تہ هي ڪيڏي اهم شيءِ آهي ۽ وشني جيڪو مون تي اعتماد ڪيو آهي. تنهن کي بہ تہ پاٽي ڏيڻو هو نہ . ادا چوندا ڪونهن تہ اک ڪاٽي ڪجي پر ڏِس خراب نہ ڪجي.“
خان محمد, سانول جي ڳالهين مان ئي اندازو لڳائي ورتو تہ سانول ڪا معمولي ۽ مٽاڇري شخصيت نہ آهي. خان محمد ڪجهہ ئي گهڙين ۾ سانول جو مڪمل جائزو وٺي ورتو هو.
خان محمد وراڻيو
”هائو ادا, سانول سچ ٿو چئين ۽ اها ئي سچائي پنهنجي طبقي جي ماڻهن لاءِ هُجڻ گهرجي. وشني پنهنجي حصي جو ڪم پوري ايمانداريءَ ۽ سچائي سان ڪيو آهي. اهڙا ڪم, اُهي ئي ڪن ٿا سانول, جيڪي اک تہ ڪاٽي ڪن ٿا پر ڏِس خراب ڪونہ ٿا ڪن.“
” وشني, پنهنجي جان تہ ڏئي ڇڏي پر پنهنجي وطن, ماڻهن ۽ طبقي سان وفاداري نڀائي ويو.“
سانول, ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪئي.

”جانو تون هل! ڪاٺين واري ٽال تي، اسين ڪاٺيون وٺڻ اچون ٿا.“
جانو بنا ڪنهن دير ڪرڻ جي اُٿي، ڪپڙن مٿان بيڙين جا ڪٽيل پن جا ٽوٽڪا ۽ تماڪ ڪي چنبڙي ٻاهر روانو ٿي ويو.
تيسين سومار به وراڪو ڏيئي اچي پهتو ۽ ماني ڪٽي سانول جي اڳيان رکيائين.
”سانول پاءُ! ماني ڪائي وٺُ ته هلي ڪاٺين جي ٽال مان ڪُجھ ڪاٺيون وٺي مچ ٻاريون.“
سانول هٿ ڌوئيندي وراڻيو
”نه ادا، انهي جي ڪا ضرورت ڪونهي. بنا ڪنهن مچ جي به خبر چار ڪري سگهون ٿا.“
” نه نه — نهيو پلا! تون پهرين ماني کاءُ، پوءِ ٿا انهي ڳالھ تي سوچيون.“
سانول کي ڏاڍي بُک لڳل هُئي. سو ماني کائڻ لڳو.
ٺڪ..........ٺڪ.........................ٺڪ................ٺڪ.........ٺڪ.............
دروازي جي هلڪي هلڪي ٺڪ ٺڪ، موهن کي وسوسي ۾ وجهي ڇڏيو.
” ڀڳوان دیا ڪري“
موهن جي واتان بيخودي ۾ اهي لفظ نڪري ويا پاڻ اُٿي اچي دورازو کوليائين ته سامهون مائي شارڌا بيٺل هُئي. موهن شارڌا کي ڏسي پُڇيو
” ادي خير ته آهي نندڙو ته ٺيڪ آهي نه!؟ “
شارڌا وراڻي
”ها ادا، سڀ ٺيڪ آهن، سانول آهي.“
موهن چيو
”نه ته۔ هو هتي ڪونهي.“
شارڌا هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي وراڻي
”ادا اندر ته اچڻ ڏيو.“
موهن کي هڪدم پنهنجي غلطي جو احساس ٿيو ته دروازي کان هٽي بيٺو. موهن راڌا کي به ٻاهر سڏ ڪيو. تيسين شارڌا دروازو ٻوڪي اندر اچي چُڪي هُئي.
راڌا ٻاهر نڪري شارڌا کي نمسڪار ڪيو.
”ادي پلي ڪري آئين....ويھُ.......خير ته آهي نه ، جو ايترو اويري نڪتي آهين؟“
شارڌا، ٿورو آهستگي ۽ رازدارانه انداز ۾ وراڻي ته
”امڙ! خير ئي ته ڪونهي. اوهان کي ته خبر آهي ته هينئر آئون ڪمون واري مُسافر خاني ۾ ٿي ڪم ڪريان. اُتي ڪالھ کان ڪجھ ماڻهو اچي رهيا آهن، اڄ جيئن انهن کي ماني ڏيڻ ويس ته هنن جي پنهنجو پاڻ ۾ ٿيندڙ ڪُسر ڦُسر ٻُڌي ورتم. هو امڙ ڪنهن جي چوڻ تي، سانول کي مارڻ جي نيت سان آيا آهن................!!“

راڌا، سانول کي مارڻ واري ڳالهه ٻڌي، هِجي وئي ۽ دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳيس.
"......................مونکي جيئن سُڌس پيئي تہ انهي وقت سانول ابل کي ٻڌائڻ لاءِ هتي هلي آيس. متان دشمن انهي ڪڌي نيت ۾ ڪامياب ٿي نہ وڃن."
موهن وراڻيو
"ادي، وڏيڪ ڏيان رکينس! آئون بہ سياڻي ڪوشش ڪري مُسافر خاني ۾ چڪر تي ايندس. توکي وڏيڪ خبر ڪانہ پئي تہ ڪنهن جي چوڻ تي اهي آيا آهن؟ "
شارڌا وراڻي
" ڪنهن ڀڳوان جي اوتار جي پئي ڳالهه ڪيائون، شايد ڪنهن مهاراج يا پنڊت جي چوڻ تي آيا آهن."
موهن هڪدم وراڻيو
"بس بس ! آئون سمجهي ويس. اهو ڪم پنڊت نائومل جو آهي. پڪ اهي ماڻهو انهي ئي موڪليا آهن."
شارڌا وراڻي
"پر ادا، پنڊت نائومل جي سانول بابا سان ڪهڙي دُشمني آهي؟"
راڌا، اها ڳالهه ٻڌي صفا هراسجي ويئي! نڙي مان ٽُڪ بہ، نہ ٿي اُڪليس.
موهن، وهاڻي کي ٽيڪ ڏيندي چيو
"ادي، اڳ جي هيترا ماڻهو قتل ٿيا آهن، هي ڳوٺن جا ڳوٺ ويران ٿيا آهن. انهن جي هڪ ٻئي سان ڪهڙي دُشمني هُئي. بس ادي! ماڻهو فطرتي جانور آهي. پنهنجو پاڻ کي عقلمند ۽ سڌريل ٿو سمجهي. پر هُن ۾ اجان تائين حيواني عادتون موجود آهن. انهيءَ ڪري هو پنهنجو پاڻ ئي ٻين مٿان پنهنجي حاڪميت جو ڏاڪو جمائڻ لاءِ ڪُجهہ بہ ڪري سگهي ٿو هنن وٽ ادي، انسان جي جان جي قدر ۽ قيمت ٿورڙي آهي."
شارڌا چيو
"هائو ادا، سچ ٿو چئين، انسانن مان انسانيت وئي آهي نڪري، پر پوءِ اوندهہ ڪانہ ٿي آهي ادا. مُنهنجو ننيڍڙو ڪِڪو ٽيڪ ڪو نہ هو. مون وٽ ايترا پئسا ڪونہ هُئا جو ڪنهن کي ڏيکاريان پر ٻچو ادا ٻچو آهي نہ! هڪ هڪ ويد جي در تي ويس پر پيسن کان سواءِ ڪنهن ڏنو ئي ڪونہ ٿي. سانول بابو جي باري ۾ ڏس مليم پر دل نہ پئي جهليم. نانگ جو ڪاڏل ادا نوڙي کان بہ ڊڄي. ٻين ويدن جا دڙڪا ڪاڏل هُئم پر ننيڍڙي جي حالت بگڙندي وئي تہ پڇي اوهان وٽ آيس ۽ پوءِ سانول بابو پاڻ هلي مُنهنجي گهر آيو ۽ مُنهنجي ڪڪي جو علاج ڪيائين. ڀڳوان جي ڪرپا سان ڪڪو نوبنو ٿي ويو. ادا، جيڪڏهن سڄي ڄمار سانول جي خدمت ڪريان تہ بہ اهو ٿورو لاهي نٿي سگهان. اهڙا بہ

تہ ٻاجهارا ماڻهو هِن دُنيا ۾ پيا آهن ادا!. بس ماڻهو مايا جي انڌي گهوڙي تي سوار ٿي پنهنجي ساڃاهہ ۽ سُرت سڀ وڃائي ويهي ٿو پنهنجو ماڻهپو ماريو ڇڏي“

”هائو ماسي، چڱن ۽ نيڪ ماڻهن جي سرسائي ٿي ويئي تہ هي خلق سڄي سُک ۽ شانتي سان زندگي گُذاريندي. نہ ڪو ڪنهن جو آقا ۽ نہ ڪو ڪنهنجو غلام. پر مُٺ جيترا بدمعاش ماڻهو ناني ويڙهو ڪري اڪثريت کي رسمن، رواجن، مذهبن، معاشي تنگدستين جي عجيب ۽ غريب حالتن ۾ مُنجهائي ڇڙ وڇڙ ڪيو حاڪم ٿيو ويٺا ڪائين.“

شارڌا اُٿندي وراڻي

” امڙ، آئون هلان ٿي، ڪڪو اڪيلو هوندو. بخشو بجير کي ڪلاڪ ڪن لاءِ پارٽ ڪري آئي هُيس. مڙئي هاڻي خيال رکجو. مون کي وري بہ ڪا سُڌ پئي تہ اوهان سان خبر چار ڪرڻ پئي ايندس.“

راڌا بہ رسمن، هُن کي دروازي تائين ڇڏڻ آئي.

موهن، پنهنجي مُنهن وراڻيو

” هون، انهيءَ جو مطلب تہ پنڊت جو ايترو من وڏي ويو آهي جو هو سانول کي مارائڻ لاءِ ستون ستيندو وتي.“

راڌا، موهن جا اهي لفظ ٻڌا تہ وراڻي

”ڪاڪا، هي چا پيو ٿئي، سڀ ڇو اڇي سانول جا دُشمن بڻيا آهن.“

موهن راڌا جي مٿي تي هٿ رکندي چيو.

” امان، جن بہ چڱا ڪم ڪيا آهن. انهن تڪليفون ۽ مصيبتون تہ سُٺيون آهن. سانول، ويڙهہ وڙهي پيو بُرائي سان چڱائي لاءِ تہ پوءِ اهي ڳالهيون تہ ٿيڻيون آهن. بس تون هُن جي مدد ۽ هُن لاءِ دُعا ڪندي رهہ.“

پريو ميگهو اڄ سهي سنيري، وشني جي خبر چار وٺڻ لاءِ برهمڻ آباد وڃڻ لاءِ تيار ٿيا هئا پر ڪاڪي ماڻي جي خبر ٻُڌي، هنن جا تہ تاڪ ئي لڳي ويا هُئا. وشني جي مرڻ خبر منٽن ۾ سڄي ڳوٺ ۾ واءُ وانگي پکڙجي وئي.

سيئي ڳوناٺا، هڪ هڪ تي وشني واري هٿ ۾ گڏ ٿيا هُئا، منجي جي اکين ۾ تہ لڙڪ هئا، والجي بہ رُنو پئي، سيني ڳوٺ وارن جي چهرن تي ڏک جون ريکائون صاف نظر اچي رهيون هيون _ سيئي ڪنڌ لاڙيو خاموش ويٺا هُئا، جڻ هنن جو ڪو صفا ويجهو مائٽ گذاري ويو هجي، وشنو ڪٿان آيو؟ ڪير هو؟ ڪنهن کي انهيءَ جي ڪل ئي نہ هُئي، بس هو ڪجهہ ڏينهن لاءِ هنن جي زندگي ۾ آيو ۽ هنن جو سڀ ڪجهہ ٿي ويو.

پريو ڏُک ڀرئي لهجي ۾ چيو_

” اسان مان اڄ وري هڪ وڇڙي ويو_“

واگهو ٻئي هٿ مٿي تي رکي وراڻيو_

”۽ اسان ڪجھ بہ نہ ڪري سگھياسين“
سومجي ڏڪاري ۽ ڪاوڙيرئي لهجي ۾ انگريزن کي گار ڏيندي چيو۔
” گورا سوئر۔ حرامي ڪنهن جاءِ جا“
شوپو وراڻيو۔
”اڙي اُهي تہ ڌاريا ۔ پر موهن ۽ سانول ڇا ڪيو۔ حرامي؟ “
نانگجي مٿي تان پٽڪڙي لاهي۔ زمين تي اڇلائيندي وراڻيو۔
”مٺ جيترا ڪميڻا۔ اسان هيترن کي ڪڙين جيان ماريندا ٿا وتن ۽ اسين چوڙيون پايو گھرن جي ڪنڊ ۾ ڪوئن جيئان لڪا ويٺا آهيون ۔ ٿوءِ.....ٿوءِ ٿوءِ اسان جي حياتي تي......“
روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو۔
”ڪاڪا۔ توکي ڪا وڌيڪ خبر پئي هوندي ۔“
ماڻي، ڪنهن بازي هاراڻل ماڻهو جيان چيو۔
”نہ پريو۔ اها خبر بہ موهن وڏي رازداري ۾ ٻڌائي هئي.ملڪ ۾ انهي جو واءُ سواءُ ڪونهي ۽ مونکي موهن تاڪيد ڪئي هئي تہ اها خبر رُڳي اوهان کي ٻڌايان ۔ وڌيڪ ڪا خبر مون سان تہ ڪانہ ڪيائين ۔؟ “
شوپو هڪدم وراڻيو۔
” اصلئون ئي گورن جا ڇاڙتا آهن ۔ انهي ڪري تہ اسانجي ڦتن تي لوڻ ٻُرڪڻ لاءِ خبر موڪلي اٿن ۔ حرامي ڪنهن جاءِ جا ۔“
سومجي وراڻيو۔
”سيئي ائين ئي، بي ڪفن ۽ نڌڻڪا ٿي مري ويندا سين ۔ ڪو ڪنهنجو ڪونهي، اڪيلا آهيون ۔ ڪير بہ ڪنهنجو ڪونهي،ڪير بہ............“
سومجي جي اکين مان وري لڙڪ وهي آيا۔
سيئي ايڏا تہ خاموش هُئا ۔ جو ائين ٿي لڳو جڻ وشني سان گڏ هي بہ مارجي ويا هجن.
ملڪ ۾ افراتفري وارو ماحول هو۔ انگريز پوري هندستان کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندا ويا پئي ۔ ڪنهن نہ ڪنهن علائقي ۾ شورش ۽ بغاوت ٿيندي رهندي هُئي ۔ مٿان ٻي عالمي جنگ بہ انگريزن جا حوصلا خطا ڪري وڌا هئا۔ اتحادي فوجن جي ڪافي جڳهن تي شڪست جي ڪري، گورن جي گرفت نہ رڳو هندستان پر دنيا جي ڪافي ملڪن تان ڪمزور ٿيندي ويئي پئي ۔ مٿان ڪميونسٽ پارٽي جي پاليسن ۽ چين ۾ هر محاذ تي چيانگ ڪائي شيڪ جي ڪميونسٽن هٿان شڪست هنن کي تقريباً واٽڙو ڪري ڇڏيو هو۔ هندستان ۾ خود بہ ڪميونسٽ نظريي جي حمايت وڌندي پئي وئي.
سانول ماني کائي، خان محمد سان گڏجي، خان محمد واري اوطاق تي آيو.خان محمد ڳنڀير ٿا مان وراڻيو

”اسان کي وشني جي موت جي ڄاڻ پئجي وئي هئي پر اسان اهو نہ ڄاتو تہ وشنو مرندي مرندي بہ پنهنجي مٿان پارٽيءَ جي آيل ذميواري پوري ڪري ويندو.............سانول، اهي ماڻهو عظيم ۽ لافاني آهن، جيڪي ٻين جي سُک، امن ۽ خوشيون حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان جي بہ پرواهہ ڪونہ ٿا ڪن.“

سانول وراڻيو

”ها، ادا، وشنو واقعي عظيم ۽ دانا هو پر مُفاد پرستن ۽ حيواني صفت رکندڙ ماڻهن لاءِ تہ ادا، اک جو ڪنڊو هو نہ!“

خان محمد وراڻيو

” اسين سڀ اڃان تائين جهالت، عقيدي پرستي ۽ لڪير جا فقير آهيون. ڳالهين کي سمجهڻ، علم حاصل ڪرڻ کان عاري ، عجيب غريب نهيل جاگيردارن، مذهبي دلالن جي ڪوڙڪين ۾ ڦاٿل آهيون. هي جيڪو ڪُجھ هُنن وٽ آهي. سو پنهنجو آهي، اُن کي وٺڻ لاءِ هنن جي بدلي، اسان کي سؤڻو وڌيڪ ڪم ڪرڻو ٿو پوي،“

سانول حيرت مان وراڻيو

”ها ادا، ائين تہ آهي، پر پوءِ بہ پنهنجي سگهہ ڇو ڪونہ ٿي وڌي؟!“

خان محمد مُرڪندي وراڻيو

” ماڻهو ڳالهيون سمجهن پيا، اسان جي سگهہ ۾ بہ واڌارو ٿئي پيو، اصل معاشي تنگدستي ۽ رياستي جبر جا ماڻهن کي چُرڻ جهڙو ڇڏيو ئي ڪونهي. رياستي ادارا، انهن جا بيگاري آهن، عام ماڻهو تہ ويچارو ٿيو پيو هلي نہ. انڪري ان ماڻهو کي ئي تہ ميڙڻو آهي. ان کي ئي تہ اڳواڻ ڪرڻو آهي ۽ ان لاءِ ئي تہ ڪوششون ڪرڻيون آهن..... سانول، باقي ڳالهيون صبح جو ڪنداسين. تون بہ ڏکي سفر تان آيو آهين، ٿڪجي پيو هوندين.“

ائين چئي، خان محمد اوطاق مان ٻاهر نڪري هليو ويو، سانول بہ کٽ تي الهي پيو۔

شارڌا، واري خبر راڌا لاءِ وڏي پريشانيءَ جو وڏو سبب بڻجي پئي هئي. موهن بہ اڄ ڪمون واري مُسافر خاني ۾ چڪر ڏيڻ ويو هو، پر اُتي خبر پيس تہ همراهہ مندر ۾ پوڄا لاءِ ويا آهن. راڌا پنهنجي ڪوٺڙي جي پئي صفائي ڪئي تہ اهي ڇهہ، ست ئي ڄڻا. ”هئہ ايشور، پاپ جي نگري آ، بخش ڪر! هئہ ايشور، هي پاپ جي نگري آ......بخش ڪر..............................“

اهو آواز ٻُڌي، راڌا ڪوٺڙي کان ٻاهر نڪري آئي، اُهي ست ئي ڄڻا، راڌا کي اجنبي لڳي رهيا هيا، ايشور جي مورتي اڳيان مٿي کي ٽيڪي، زور زور سان ڪُجھ پڙهي رهيا هئا. ڌوتين ۽ گيڙو رتي پوتڙن سان، اهي ماڻهو سنت پئي محسوس ٿيا. راڌا اُنهن کي نظر انداز ڪري، وري پنهنجي ڪم کي لڳي وئي. سانوڻ جي موسم جي آمد هُئي. تنهن ڪري موسم ۾ آگم محسوس ٿيو. واءُ سري جو مهينو

آڪاڙ اچي ختم ٿيو هو. پکي پکڻ بہ سانوڻي جي آمد کي محسوس ڪندي پنهنجي آڪيرڙن کي ٺاهڻ جي شروعات ڪري ڇڏي هئي. هارين بہ پنهنجي کيتن جي سنڀال شروع ڪري ڏني هُئي.

سوڀن جو ساهہ سامت ۾ نہ پئي آيو همراهہ ويتر پريشان ٿي ويو.

”پيئڻ تہ ڪانہ ڏني اَٿئي.................................“

ڪيمشي، سوڀن کي مٿي تي زور ڏيندي وراڻيو

”نہ نہ، مون ڏاڍو ڀوائتو سپنو ڏٺو آهي.................... اي ايشور! مونکي پنهنجي پناهہ ۾ رک!............

مون توبهہ ڪئي.............مون زاري ڪئي......... آئون........................ آئون هٿ نہ لاهيندس.......................مونکي بخش ڪر .......................مون کي بخش ڪر.............“

سوڀن، هٿ مٿي وٽ ٻڌي، پنهنجي منهن چوندو پئي ويو.

”خير آهي ادا سوڀن، بس مڙيو ئي سپنو هو ڪا آفت تہ نہ اچي ويئي.“

ڪيمشي وراڻيو

سوڀن، ڀئو وارين نظرن سان همراهہ ڏانهن نهاريو ۽ چيائين

”ميان، تون بہ انهي ڪُڏي ڪم مان هٿ ڪڍي ڇڏ“ سانول، ايشور جو خاص ٻانهو آهي. مونکي ايشور، پنهنجي رٿ سان مارڻ پئي آيو. توبهہ توبهہ...............صبح وجي..............ايشور کي دان چاڙهيندس، خيرات ڪندس“

ڪيمشي ڪوا ڪِيئي، خوف ۾ ڀريو وينو هو سو چيائين

”ادا مونکي، اڳيئي انديشو هو تہ سانول سان هٿ چُراند ڪرڻ سان، ايشور ناراض ٿي پوندو. مون اها ڳالهہ ڀڳوان جي اوتار نائومل کي بہ چئي پر هُن مونکي چڙٻ ڪڍي ماٺ ڪرائي ڇڏيو........................ ڏنئي نہ........................ اڄ ڏيکاري ٿي نہ .....؟!“

سوڀن مٿي تان پگهر اُگهيندي چيو

”اها سياڻپ ڳالهہ، ڪيمشي تنهنجي مُنهنجي وچ ۾ رهي.“

” اها ڳالهہ پنڊت نائومل جي ڪنن تائين نہ پهچي، ڪو نہ ڪو بهانو ڪري، انهي ڪم مان هٿ ڪڍي وجون.“

ڪيمشي هٿ ٻتي کي ٿورو سوريندي وراڻيو

”پنڊت وڏو تيز ذهن آهي سوڀن! هُن تُنهنجي آسري ۾ ڪارو چيني، رامون، پڏو ستړام ۽ ساهو کي هيڏانهن اُماڻيو هو. اُهي جي ايندا تہ اُنهن کي ڇا چوندين؟“

سوڀن هڪدم وراڻيو

” اُهي بچندا تہ ايندا نہ!؟ اهو تہ مُنهنجي تپسيا جو ڦل آهي جو ايشور، مون کي ڏيکاري ڏني آهي تہ آئون بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڏچي ۾ هُجان ها. اها تہ ايشور مون تي ڪرپا ڪئي آهي.“

ڪيمشي سوڀن جي ڳالهہ جي جهڙوڪر تائيد ڪندي وراڻيو

” هائو ادا ڳالهه تون سورهن آنا سچي پيو ڪرين.........پر جي اچي ويا ته پوءِ................؟!“
سوپن ڪٽ تي اٿلي پٿلي ماري ويهندي, فڪرمنديءَ سان وراڻيو
”پوءِ انهيءَ ڳالهه ڪي ڏسنداسين, آئون صبح جو ئي هيٺ ماٽابائو ڏانهن نڪري ٿو وڃان. تون واپس پنڊت نائومل وٽ وڃجان ۽ ڪيس چئجانس ته آئون سوپن جي گهر ويو هئس پر سوپن گهر هو ئي ڪونه. تنهن ڪري واپس موٽي آيو آهيان. نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي.“
ڪيمشي وراڻيو
”واهه جي ڳالهه ڪئي اٿوَ اوهين به اُنهي ڪڏي ڪم کان بچي ويندو ۽ آئون پنڊت وٽ سچو ٿي ويندس.“
سوپن, ڪيمشي جي ڳُلهن تي هٿ رکندي چيو
”ڪيمشي جي ڳالهه ڦاٽ ڪاڏو ته سمجهه ته پاڻ هن دُنيا ۾ هونداسون ئي ڪونه.“
ڪيمشي, سوپن جي هٿن تي هٿ رکندي چيو
”سمجهه ته اصل ڳالهه دفن ٿي ويئي ۽ هونءَ به مون انهي ڪم کان, اڳيئي پيئي لنوايو, مُنهنجي ته ايشور ٻُڌي ادا.“
سوپن, ڪٽ تي ليٽي, رلي ڇڪيندي وراڻيو
” ته بس پوءِ صبح جو گڏباسين“
ڪيمشي به اُٿي پنهنجي ڪٽ تي هليو آيو, سوپن جي ڇهري تي پهرين جيڪي پوُ جون ريکائون هيون. سي ختم ٿي ويون هيون. هاڻي سندس ڇهري مان سڪون پئي بَکيو هڪ نظر آسمان ڏانهن نهاريائين. جتي تارا ٽم ٽم ڪري رهيا هئا. شڪراني جو وڏو ساهه ڀري پاسو ورائي ڇهري هيٺيان ٻانهن ڏئي سُمهي پيو.

---

---

سانول, اجان تائين ذهني طور ڪافي مونجهاري جو شڪار هو ته آخر هي ڪهڙي پارٽي آهي؟ هن پارٽي ۾ ڪهڙي نئين ڳالهه آهي؟ جيڪي ڳالهيون هي پيا ڪن, اهي ڳالهيون ته ٻيون پارٽيون به ڪن پيون. پوءِ هي الڳ پنهنجي پندٽي يا ڏيڊ فٽ جي اوطاق ناهيو ڇو وينا آهن؟ اهڙا ۽ اهڙي طرح جا ڪيئي سوال, هنجي ذهن ۾ جنم وٺڻ لڳا هئا. اجان تائين هن ڪي ڪٿان به مطمئن ڪندڙ جواب ڪو نه مليو هو.

وشني جي موت به هن لاءِ عجيب و غريب ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي هئي. وشني جي موت ئي هن جي زندگي ۾ هڪ نئون موڙ آندو هو. هن جي زندگي جي تبديلي جو به وڏو سبب وشني جو موت هو. هن پنهنجي زندگي جي تاني باني کي ڳنڍيندي, هن نتيجي تي پهتو هو ته ظلمن ۽ نفرت کان ڇوٽڪارو, انسانيت ۽ ماٺپي ۾ آهي. جنهن جو هڪ مقرر دائرو هُجي. ڇو ته بي قانون

شيءِ تہ فطرت ۾ بہ موجود ڪونهي. هر شيءِ ۾ هڪ انتظام ۽ ضابطو آهي. هر شيءِ پنهنجو مقرر ڪم پنهنجي مقرر وقت تي، پنهنجي مقرر دائري ۾ ڪري ٿي. تنهن ڪري رُڳي آزادي جو مطلب مذهبي ڪٽرپڻي، طبقن جو طبقن سان وڙهڻ نہ آهي بلڪ انسانن توڙي هر ساهہ واري شيءِ لاءِ خدمت جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ ڪهڙا عمل ڪرڻ گهُرجن جي مذهبي انتهاپسندي خراب آهي تہ اهڙي هر شيءِ ۾ جنونيت خراب آهي. مذهبي انتهاپرستي جو هي خود بہ شڪار رهيو آهي. هڪ مذهبي جنونيت کان بچي، وري بہ هڪ مذهبي چڱي مڙس جي وچي ور چڙهيو هو. جنهن هن کي مذهبي بنياد تي نہ تشدد ڪيو ۽ نہ ئي ماريو ۽ نہ ئي هُن، هِن کي ڪڏهن چيو تہ تون پنهنجو دين مٽائي ڇڏ. اسان جي هندومت کي قبول ڪر. مذهب بہ ڪو ماءُ جي پيٽان، سکي ڪو نہ ٿواچي پر پڙهڻ، سکڻ ۽ پرجهڻ سان ملي ٿو. ائين ئي منطق، نظريا ۽ فلسفا پڙهڻ، سکڻ ۽ پرجهڻ سان حاصل ٿين ٿا. پوءِ ائين ڇو آهي تہ جو مسلمان جي گهر پيدا ٿيو سو مسلم جو هندو جي گهر پيدا ٿيو سو هندو. اها تہ وري بہ وچي مدي خارج، فرسوده قبيلائي منطق واري ڳالهہ ٿي..........

سانول ڪمري ۾ ليٽيو، مسلسل پنهنجي ذهن ۾ خيالن ۽ سوچن کي ڊوڙائيندو رهيو. سوال بہ پاڻ سوچي تہ انهن جا نتيجا بہ پنهنجي سوچ ۽ سمجهہ آهر پاڻ ئي ڪڍي.

موهن ۽ راڌا_ سانول جي ڪري پريشان هئا. پنڊت نائومل جا ماڻهو ڪُتن جيئن سانول کي نوسيندا وتندا هُئا پر سانول انهيءَ جوءِ ۾ هُجي تہ انهن کي ملي.

” امان، سانول کي ڪيئن نياپو موڪليون تہ پنڊت جا ماڻهو هنکي مارڻ جي ڪِد، هتي گهُمندا وتن.“

موهن پريشاني ۽ اُلڪي واري لهجي ۾ وراڻيو

”ڪاڪا! هي، پاڻ کي ائين جيئڻ ڪونہ ڏيندا. اسان بہ پنهنجي طرف جا ماڻهو گڏ ڪري هي سڄي خبر چار ٻُڌايون ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪونہ ڪو بندوبست ڪريون.“

راڌا، موهن سان جڻ حتمي ڳالهہ ڪئي

موهن وراڻيو

” ڳالهہ تو واري ۾ بہ وزن آهي. بس، پوءِ سياڻي کان پنهنجن همراهن سان ملان ٿو.“

راڌا، پنهنجي ڳالهہ جي تائيد ٿيندي ڏسي وراڻي

” آئون بہ پنهنجي واسطي وارين عورتن سان انهيءَ متعلق ڳالهايان ٿي تہ نياءَ ۽ انياءَ ۾ فرق ڪهڙو آهي اسان کي ڪهڙو پاسو وٺڻ گهُرجي.“

موهن، راڌا جي ڳالهہ ٻُڌي وراڻيو

”صحيح آهي امڙ! هن روز روز جي ڪُتڪي مان تہ جان ڇُٽي پوندي.“

راڌا وراڻي

”ڪاڪا، بابا جا خوني هٿ ڪونہ آيا. پاڻ وشنو بيدردي سان مارجي ويو. سانول تي بہ هڪ نہ ٻي ڏينهن قتل ڪرڻ جا سانباها پيا ٿين. مندر مان ٽيل چوري جو ڪو بہ پتو ڪونہ پيو. آخر ڪيستائين ڪاڪا، هٿ تي هٿ رکيو ائين ويٺا رهنداسين.“

موهن، جيڪو ڪافي جهونو ٿي چُڪو هو ڪٽ تان اُٿندي وراڻيو

” امڙ پلا ڇا ڪجي؟ نہ حڪومت پنهنجي ۽ نہ ئي ڪنهن پارٽي جو ساٿ آهي پاڻ سان.“

راڌا، ڪاڪي موهن جي مايوس ڪن لهجو ٻُڌي وراڻي.

” ڪاڪا! پاڻ پنهنجي ساٿ ۽ جوڙ ڪي ساريون، ڪينَ منجهان قرار ٿيون. پنهنجي ڳالهہ وڏ ڪان وڏ ماڻهن تائين پهچايون. حقيقتون سامهون آڻيون تہ ماڻهو چڱائي جي آڙ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪُڌا ڌنڌا ڪندا وتن.“

موهن، دلي مان پاڻي جي چِل اوتيندي وراڻيو

” امان، اهو ڪم ڏکيو تہ نهيو پر ناممڪن آهي. هتي جي ماڻهن جا ذهن، صدين جي پيدا ٿيل غلامي جي رسمن، رواجن، مذهبن، ريتن ۾ جڪڙيا پيا آهن ۽ جي ائين ڪٽي ڪجي بہ سهي تہ بہ امڙ انهي ڪم ۾ تہ صديون لڳي وينديون.“

راڌا، ٿانءَ ڌوئي، جاريءَ مٿي ترتيب سان رکندي وراڻي

”ڪاڪا، ڪهڙو ڪم آسان آهي. هر نئين ڪم لاءِ تہ وڏي جاکوڙ ڪرڻي ٿي پوي، آئون پڙهيل ڪونہ هئس. اوهان ڪوشش ڪئي تہ پڙهي پيس ۽ ٻين کي بہ پانشالا ۾ پڙهايان پئي. اهو ڪم ڪو آسان هو ڇا ڪاڪا! پلا اهو ڪم آسان هو ڇا هڪ مسلمان سانول کي ههڙن فسادن ۾ پناهہ ڏيئي. علاج ڪري اُن جي هر گهڙي حفاظت ڪري اڄ هن مقام تائين پهچايو آهي.“

موهن، اڄ پهريون ڀيرو مُرڪندي چيو

” امان! اڄ پڪ ٿي ويم تہ مُنهنجي محنت رائيگان نہ ويئي آهي. اڄ منهنجي سادي اٻوجهہ راڌا نہ پئي ڳالهائي پر عقلمند، ڏاهي ۽ سمجهدار نئين رڌا پئي ڳالهائي.“

راڌا، مُرڪندي، موهن جا هٿ، پنهنجن هٿن ۾ جهليندي وراڻي

” ڪاڪا، مونکي، اُن ڏينهن ڪانپوءِ يقين ٿي ويو. جڏهن ماڻهن اوهان کي چريو چئي، چِڙي ڏنو پر مونکي يقين هو تہ اوهان چريا ڪونہ آهيو. انهي ڪري سانول وارو ڪيس موتي کي موڪلي، اوهان جي حوالي ڪيو ۽ اڄ اهو منهنجو ڪاڪا، جيڪو حالتن جي ڪري پڇجي پُري پيو هو سو منهنجي سامهون مُنهنجو واهرو ٿيو ويٺو آهي.“

موهن وڏي ٻاٻوهہ سان وراڻيو

” امان! ڦٽ ڏاڍا گهرا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اڃان بہ پيڙا ڏين ٿا. اهي گهر، اهي اڱڻ، جتي گڏجي عيدون ڪيوسين. گڏجي خوشي ۽ بهار جا گيت ڳاتاسين. همرچي جو ناچ ڪيوسين. اڄ سڀ ڪجهہ اُجڙيل ۽ ويران آهي. هاڻ تہ امان مُحبتن بجاءِ اندر ۾ ڪلفتون پلجن ٿيون.“

هن جي جهرين واري چهري تي پل کن اڳ جيڪا مُرڪ هئي سا تہ غائب ٿي وئي پر سندس اکين جي ڪُنڊن مان لڪل لُڙڪ لڙي اچي چهري تي پيا هُئا.
راڌا، ڪاڪي موهن جا لُڙڪ اُگهيندي وراڻيو
” ڪاڪا! اهو جيڪي ڪُجهہ ٿيو آهي. سو اسان لاءِ هڪ سبق هو. پاڻ طبيب آهيون......... نہ رڳو جسماني بيمارين جا، پر روحاني، سماجي ۽ ذهني بيمارين جا بہ. هاڻ نوان ماڻهو ناهي، ڪو نئون جهان اڏڻ جي شروعات جا پهريان قدم کڻون هي جيڪو ڪُجهہ ٿيو آهي، انهي جي ٿيڻ جي ئي گُنجائش ختم ڪري ڇڏيون.“
موهن، ڪنهن ٿڪل مُسافر جيان پنهنجو پاڻ کي کٽ تي اُڇلائيندي چيو
” امان، پڳوان ڪري ائين ئي ٿئي پر مونکي ائين ٿيندي نظر ڪونہ ٿو اچي.“
راڌا، پُرعزم انداز ۾ وراڻيو
” پهريان قدم، ڪاڪا پاڻ کڻون ٿا. اڳيان رستو پاڻهين ملندو ويندو. ڪاڪا اصل ۾ نيت سچي هُجي.“
موهن، راڌا جي ڳالهہ جو ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. کٽ تي ليٽيو چؤنري جي ڇت کي گهوريندو رهيو. شايد راڌا جي ڳالهين جو انت ڳولي رهيو هو.

---

پنڊت نائومل جي آيل همراهن کي آئي اڄ ستون ڏينهن هو. جيڪو خرچ پاڻي پنڊت کان مليو هُئن. سو بہ وجي باقي ٻن ڏينهن جو بچيو هو. شارڌا بہ هُنن جي اُنهي اُڻ تُڻ کي چڱي طرح محسوس ڪري رهي هئي. هنن نيٺ سوين سان ملڻ جو ارادو ڪيو جنهن جي خبر شارڌا کي بہ پئجي وئي. انهن جي انهي ارادي جي ڪري شارڌا بہ پريشان ٿي ويئي هُئي تہ جي هي مُسافرخانو ڇڏي ويا تہ پوءِ هنن تي نظرداري ٿي نہ سگهندي پر شارڌا ڪري بہ ڇا ٿي سگهي. اُهي ست ئي ڄڻا، سوين سان ملڻ لاءِ هليا ويا شارڌا بہ هنن جي وڃڻ کان ڪلاڪ ٻن کان پوءِ پنهنجي ڪمري مان نڪتي تہ ڏسي تہ اُهي ست ئي ڄڻا واپس اچي پهچي چڪا هئا. شارڌا، پريشان ٿيڻ سان گڏ حيران بہ هُئي تہ هي همراهہ جهٽ ويا ۽ جهٽ آيا خير تہ آهي. هُنن جي چهرن مان پريشاني صاف ٻَڪي رهي هُئي. هو اچڻ شرط وجي ساهومل واري ڪمري ۾ اچي گڏ ٿيا، شارڌا بہ ڪاڪي موهن ڏانهن وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري ٻلي وارا پيرڙا ڪٽي، ساهومل واري ڪمري جو وجي در ورتو.
”............................... هو تہ هليو ويو. هاڻي ڪيڏانهن وڃون؟ “
پڏو پريشاني واري لهجي ۾ ڳالهائيندي چيو
” پاڻ کي اچڻ شرط سوين سان ملڻ گهرُجي ها. هاڻي تہ نہ هتي جا رهياسين نہ هُتي جا.“
ساهومل جو آواز آيو
” شايد ڪيمشي ئي سوين کي نہ مليو آهي نہ تہ سوين ائين ٿوري ڪيڏانهن نڪري وجي ها.“
” نہ جي ڪيمشي، هُن سان نہ مليو آهي تہ پوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڪيمشي ويو ڪيڏانهن؟ “

”خبر.....................!!!“
سيني يڪ آواز چيو
ڪارو حيرت گاڏڙ لهجي ۾ چيو
”پر يار هاڻي ڇا ڪجي..................؟ “
چيني تجويز ڏيندي چيو
” پاڻ مان ڪو هڪڙو به همراهه مهانَ پنڊت ڏانهن وڃي هي سڄو حال سربستو ٻڌائي اچي.“
سترام جي رڙ جو آواز آيو
” ڪير ويندو؟ “
هُنن ۾ وڃڻ تان تو تو ۾ ۾ شروع ٿي وئي. شارڊا به پوءِ پير پوئتي ڪيا. شارڊا ڪي هاڻي سڄي ڳالهه سمجهه اچي ويئي هئي ته هنن جو اصل مقصد ڇا هو. شارڊا، هنن وٽان جيئن پير ڊانا سڌو ڪاڪي موهن وارن وٽ وڃي پُهتي ۽ اها سڄي ڳالهه ڪاڪي موهن کي سربستي ڪري ٻڌايائين.
” ادا - اهي ڳالهيون، آئون پنهنجن هن گناهه گار ڪنن سان ٻڌي آئي آهيان.“
شارڊا آخر ڳالهه ختم ڪندي، پنهنجي ڪنن کي هٿ لائيندي چيو
” انهيءَ جي معنيٰ ته. رڳو پنڊت نائومل انهي ڪم جي پويان ڪونهي، بلڪ سيپيئي ٽنگ سانول کي ختم ڪرڻ جي پويان آهن.“
موهن پريشاني جي ڪيفيت ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلندي چيو
راڌا، جيڪا هاڻي هاڻي گهر جي ڪم ڪارين مان فارغ ٿي، ڪتاب پڙهڻ لاءِ ويٺي هُئي تنهن وراڻيو
” ڪاڪا، اهي نٽا چاهين ته ڪو هن دُنيا ۾ امن ۽ ماڻهپو اچي. سچو اصول پسند ۽ حق کي حق چوندڙ هُجي جي هجي ته انهيءَ کي هلڻ ته ڏيٽوئي ڪونهي.“
شارڊا، راڌا جي ڳالهه جي تائيد ڪندي چيو
” امان، سچ ٿي چئين. پر هنن مُئن جو ڇا ڪجي؟؟ هي ته مُئا، صفا سانول ٻچڙي جي پويان ڇتي ڪتي جيان لڳا وتن.“
راڌا وراڻي
”ماسي، هنن جو علاج هڪ ئي آهي ته هنن جي ئي چال اُلٽي، هنن جي ئي گلي ۾ وجهجي.“
موهن راڌا جي ڳالهه ٻڌي هڪدم وراڻيو
” ائين ممڪن نه آهي امڙ!!“
راڌا، ڪاڪي موهن جي ڳالهه کي رد ڪندي چيو
” ممڪن آهي ڪاڪا، بس ماسي شارڊا ڪُجهه همت ڪري ته............!!“
شارڊا، راڌا ڏانهن حيران ٿيندي چيو
” آئون ڇا ٿي ڪري سگهان........ ؟ “

راڌا، پنهنجي رهيل ڳالهه کي جاري رکندي چيو ته
” ماسي، تون هنن ستن ئي ڄڻن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏ. هي هونءَ به اوهان جي چواٽي. الڳ الڳ ڪمرن ۾ رهن ٿا. هنن کي هڪ ٻئي جي خلاف ڀڙڪائي ڇڏ. بس پوءِ ته هنن جا پنهنجا شڪ ۽ وسوسا ڪيئن نوڙي مان نانگ ٿا بڻجن.“
موهن راڌا نهاريندي وراڻيو
”امان تون سمجهين ٿي ته ائين ڪرڻ سان ڪم ٿي ويندو“
راڌا پرعزم ٿيندي
”جي ڪاڪا..... ڪم نه به ٿيو ته به خير آهي، پر جي هنن ستن ڄڻن ۾ ڦاٽ پئجي ويو ته هي پاڻ هڪ ٻئي لاءِ ڏچو ٿي پوندا ۽ انهي مان پاڻ کي فائدو رسندو.“
موهن ۽ راڌا، شارڌا ڏانهن نهارڻ لڳا، شارڌا ٻنهي جي نظرن کي سمجهي ته وئي هئي پر منجهي پئي هئي ته ها چوي يا نه!

پيرو جي تڙ ڳوٺ ۾ وشني واري دُڪان کي ڳوناٽن ملي عوامي اوطاق ٺاهي ڇڏيو هو.
منوهر عوامي اوطاق ۾ دفتر رکڻ جي مخالفت ڪندي چيو
” پيرو جي تڙ جي ڳوناٽن جا نالا دفتر ۾ لکڻ سان بچڙا پنهنجون بچڙايون ڇڏي ويندا. نه ادا، ائين ٿيندو ڪونه، هو ڏاڍا آهن ۽ پاڻ هيٺا.“
والجي کي منوهر جي ڳالهه نه وڻي چيائين
”منوهر بابا، ڳالهه کي هميشه اڏورو ئي سمجهندو آهين. دفتر رکڻ سان پاڻ پنهنجن چڱن، نيڪ ۽ صاف ڪردار ماڻهن جي فهرست ٺاهيندا ويندا‌سين ۽ پاڻ سڀ جي پيسو پيسو به گڏ ڪندا ويندا‌سين ته سيٺين جا قرض به لاهي ڦٽا ڪندا‌سين پر ڪنهن چڱي، نيڪ ۽ صاف ڪردار هارين جي به وسڪاري جي موسم ۾ پوک لاءِ مدد ڪري سگهندا‌سين.“
سوڍي پن جي ٻيڙي کي دُکائيندي چيو
” ائين ٿئي ته پوءِ ڇا گهرجي؟ پر ائين ٿيندو ڪونه! “
”ڇو ائين ڇو ڪونه ٿيندو“
اُلٽو والجي، سوڍي تي سوال جڙيو
سوڍي ٻيڙيءَ جو ڪشُ هٽندي وراڻيو
”پاڻ وٽ گهر گهر سان ڪونه ٿو نهي ڪاڪا ، ماسات، ماسات سان، سؤٽ سؤٽ سان ڪونه ٿهي. ڀاءُ، ڀاءُ سان وڙهيو وينو آهي. ننڍين ننڍين ڳالهين جي ڪري، هڪٻئي جي گهرن ۾ اچڻ وڃڻ بند آهي. سرين کي ڊينگر ڏيئي هڪ ٻئي جا گس بند ڪريو ڇڏيون، سو اهو وري ڪيئن ٿيندو جيڪي اوهين پيا چئو؟“
سومجي، سوڍي جي سڄي ڳالهه ٻُڌي وراڻيو

”ادا، سوڍا ڳالھ تون صحيح پيو ڪرين. پر اهي مسئلا بہ ڪير اچي حل ڪندو. پاڻ بہ ان شخص جي گناهي ۽ بي گناهي ڪي ڏسنداسين. جيڪو مظلوم هوندو ۽ صاف ڪردار وارو هوندو تہ اُن ڪي چڱي دفتر ۾ لکنداسين ۽ جيڪو ناحقي ڪيو ويٺو آهي اُن ڪي بڇڙن واري دفتر ۾ لکنداسين ۽ پوءِ ڪوشش ڪنداسون تہ ناحقي ڪندڙ ماڻهو سان ڪوبہ ڏيتي ليتي، سڱاوتي ۽ خوشي غمي جو واسطو نہ رکون.“

ڪاڪي والجي، جيڪو ستر اَسي جي ڏهاڪي ۾ هلي رهيو هو، تنهن پنهنجي ڏٻري ران تي هٿ هڻندي چيو

” او اهو.......! ڳالھ ڪئي اٿئي هاڻي، جڏهن اسين ڪارونجهر جبل ٻڌجي پونداسين جنهن ڪي ڏارڻ ڪو سوَلو ڪم ڪونہ ٿيندو.“

ڪجھ دير لاءِ سڀ ماٺ تي ويا ۽ هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا تہ جڻ هڪ ٻئي کان پُڇندا هُجن تہ ائين ڪرڻ گهُرجي يا نہ!

سومجي، هنن جي اُڻ تُڻ واري ڪيفيت ڪي سمجهي ويو. تنهنڪري پنهنجي ڳالھ جي وڌيڪ وضاحت ڪندي چيائين

”اسان سيني ڪي خبر آهي تہ اسان وٽ نہ ڪو پنهنجو ذاتي گهر آهي ۽ نہ ئي ڪو ٻني ٽڪر ۽ نہ ئي ڪي اسين تونگر قسم جا واپاري آهيون. آهي نہ آهي اهي چوپائي مال جا ٻہ پُڇ، جنهن تي بہ روز جو ڪونہ ڪو جهيڙو لڳو رهندو آهي تہ هي علائقو مُنهنجي واڙ آهي. هتي کان هُتي تائين منهنجي رک آهي. هن پٽ کان هُن پٽ تائين منهنجي ڏهر آهي. اهڙين ڪٺن حالتن ۾ بہ اسين گُذر ڪيون پيا. هونءَ بہ دل تي هٿ رکي، پنهنجي ضمير کان پڇو تہ اسان وٽ وڃائڻ لاءِ ڇا آهي؟ جنهن جو اسان ڪي پؤ هُجي پر جي گڏجي ڪُجھ ڪيوسين تہ گهڻو ڪُجھ حاصل ڪري سگهون ٿا. پاڻ سيني ڪي اها چڱي پر ڄاڻ آهي تہ اسان جي مٿان ڪُجھ شيون حاوي آهن هڪ گورن جي حڪومت، ٻيو ذات پرستيءَ ۽ ٽيون مذهبن جو تمام گهڻو پيچيده اُٽيل ڄار، جيڪي حقيقيت ۾ اسان جا نہ آهن پر اسان جي ذهنن تي مسلط ڪيا ويا آهن. جيڪي مٿي ويٺا اسان تي حڪومت هلائين. سي انهي ڄارن ۾ ئي اسان ڪي ڦاتل ڏسڻ چاهين ٿا ۽ انهي ۾ ئي هنن جو ڄياپو آهي هاڻي فيصلو اوهان تي آهي. ٻُڌو يا ترو! “

مولچند، جيڪو ڪافي دير کان ڳالهيون ٻُڌي رهيو هو تنهن چيو

” تنهنجون سڀ ڳالهيون سون جهڙيون کريون ۽ سچيون، پر پاڻ هيترڙا ڇا ٿا ڪري سگهون ۽ ٻيو تہ پنهنجو واهرو ڪير ٿيندو؟ “

اها ڳالھ سيني جي دل وٽان هُئي خود سومجي بہ انهي سوال تي مُنجهي ٻيهي رهيو.

ڪاڪي والجي جواب ڏيندي چيو

”پنھنجا اصل واھرو تہ خود پاڻ آھيون ۽ پيو موھن ۽ سانول وارا آھن, جن ھميشہ ڪوڙ ڏاڍ ۽ مڪر خلاف جھيڙو جھيڙيو آھي.“
اھا ڳالھ ٻڌي, سوڍي سوال جڙي ڇڏيو جيڪو پريان ٽوٽي کي ٽيڪ ڏيو ويٺو ھو
”.......پر ھو اھا ڳالھ مڃيندا, جيڪا پاڻ ڪندا وتون“
يڪشو جنھن کي مس ساوڪ آئي ھُئي تنھن پنھنجي منھن چيو
”ھُونءَ! رُڳي خيالي ڪاڪ منڊل “
سومجي, يڪشو جي ڳالھ کي نظر انداز ڪندي چيو
”جڏھن پاڻ ۾ ايڪو ۽ اتفاق ھوندو تہ اڳتي ڳالھائڻ بہ آسان ٿيندو ۽ سڀ ڪو اسان جي ڳالھ ٻُڌندو بہ سھي ۽ اُن ڳالھ کي وزن بہ ڏيندو. اوھان سيني جو ڪاڪي والجي واري ڳالھ تي ڇا ويچار آھي.“
پريو پنھنجي نڪر جي سُلفي کي صاف ڪندي چيو
”جتي ججھن جي صلاح, اسين بہ اُتي گڏ آھيون.“
انھيءَ ڳالھ تي نيٺ سيني ھا ڪئي۔
انھي گڏجاڻيءَ ۾ سانول کي پنجاھہ کن ماڻھو نظر آيا پئي, سانول کي گھڻي حيراني انھيءَ ڳالھ تي ھئي تہ مرد تہ مرد پر عورتون بہ چڱيرڙي تعداد ۾ ويٺل ھيون گفتگو جو انداز انتھائي مؤدبانا ھو. ڪجھ دير خان محمد, امرلال, سومار ۽ ڪُجھ ٻيا ھمراھہ, پنن تي ڪُجھ لکي پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري رھيا ھُئا. وشني واري پاڪيٽن واري دستي بہ اُتي موجود ھُئي. ڪُجھ دير ڪان پوءِ خان محمد, باقاعده اٿي بيٺو ۽ پوري ڪمري ۾ مانار ڇانئجي ويئي, خان محمد ڳالھائڻ شروع ڪيو.
”دنياجا پورھيتو ۽ مظلومو ھڪ ٿي وڃو! اڄ اسان لاءِ تمام گھڻي ڏُک ۽ رنج جو ڏينھن آھي. جو اڄ وري اسان کي اسان جو عظيم ساٿي وشن ڪمار واسواڻي کي مظلوم ۽ محڪومن جي مدد جي پاداش ۾ ماريو ويو آھي. اُن لاءِ سيني دوستن کي گذارش آھي تہ ھڪ منٽ اُٿي بيھي خاموشي اختيار ڪن.“
خان محمد جو ايترو چوڻ, سيئي جڻا اُٿي بيٺا ۽ ڪنڌ ھيٺ ڪري وڏي عقيدت سان خاموش رھيا. سانول کي بہ مجبورن ائين ڪرڻو پيو. ھڪ منٽ جي عقيدت واري خاموشي کانپوءِ سيڪو پنھنجين پنھنجين جائين تي ويھي رھيو.
خان محمد پنھنجي ڳالھ جاري رکندي چيو
” اسان کي چڱي طرح پروڙ آھي تہ مختلف علائقن جون حالتون معلوم ڪرڻ جو واحد ذريعو آھي تہ اُنھي علائقي جي سماجي ۽ معاشي تحقيقات ڪئي وڃي. معاشري سان تعلق رکندڙ ھر طبقي جي چاھي امير سيٺيو ھُجي چاھي وڏو زميندار ھُجي, چاھي وڏو ڪامورو ھُجي يا ڪٽي ھاري, مزدور, پخالي, موچي يا دلال يعني ھنن جي حقيقي زندگي جي حالتن جي نوس, چوطرفي ۽ جٽادار تحقيق ڪئي وڃي. اُن لاءِ پنھنجي پارٽي, پنھنجن ڪُجھ دوستن تي اھا ذميواري رکي ھُئي. جيئن ھو چند

ڳوٺن ۽ شهرن تي پنهنجي توجهه جو مرڪز ناهي. مارڪسزم جي طبقاتي تجزيي وارو اصل ۽ حقيقي طريقو استعمال ڪري، چوطرفي تحقيقي ڪن. انهي ذميواري ۾ اسان جو عظيم ۽ پيارو ساٿي وشن ڪمار واسواڻي به هو. جنهن پنهنجي جان ته ڏئي ڇڏي پر پنهنجي ذميواري نهايت خوش اسلوبي سان پوري ڪئي ۽ اسان سيني جو سندس انهي ڪم تي عقيدت ڀريو سلام آهي ۽ اسان هُنکي انهي ڪم تي ”ٽرنائيگر“ جو لقب ڏيون ٿا.“

”.........................اسان سيني کي خبر آهي ته اسين هن وقت ظالم جاگيرداراڻا سماج ۾ رهون ٿا. جنهن ۾ اسان جي مزدور، هاري ۽ زمين سان لاڳاپيل ٻيا ڏنڊا ڏاڍي ڪندڙ سڏي يا اڻ سڏي طرح اڻ ڏٺي غلامي ۾ جڪڙيل آهي. اسان جي محنتن تي، اهي پيسي وارا، وطن جي خدمت نه پر پنهنجي عياشيانه زندگي بسر ڪن ٿا. هندستان ۾ انگريز قوتن جي حملي ۽ فتح ڪرڻ جو اهو مقصد هرگز ڪونهي ڪي، هو اسان کي زميندارن يا ڪامورن يا اُنهن چاڙتن کان آزاد ڪندا. هو ته پارت کي پنهنجي بينڪيت ناهڻ چاهين ٿا. جتان قُرلت ڪرڻ ۽ گهٽ اجرت تي ڪم وٺڻ سان گڏ هتي جي مڙني معدني، دريائي ۽ ٻين روزگار جي وسيلن تي قابض ٿي، پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي وطن انگلستان لاءِ دولت ڪٺي ڪرڻ آهي.هندستان ۾ ايسٽ انديا ڪمپني جي نالي سان واپار جو ڄار شهرن کان وٺي، ٻهراڙي جي علائقن تائين پکيڙي ۽ اُن تي پنهنجي هڪ هٿي قائم رکڻ لاءِ مقامي غدارن، زميندارن، وڪيلن جو هڪ عجيب و غريب طبقو پيدا ڪري ڇڏيو اٿن. جنهن ورياج خوري جو ڏنڊو ڪري غريبن جو رت چوسڻ جو ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي. ايتري ته بس ڪونهي، هي ڌاريا ته وڏا لُٽيرا آهن ئي آهن پر اسان جي قوميتن، مذهبن ۽ سماجي ڍانچي جي ڪمزورين کان وٺي، سردار، راڄ جا چڱا مڙس، پنڊتن ۽ ملائن جو ته اهڙو ٽڪساٽ ناهيو آهي جو اسين سڀ ان ٽڪساٽ ۾ سياسي ۽ سماجي طور ايترا ته اُلجهيل آهيون. جو وڏا ڏور رس ۽ مفائد عامه وارين ڳالهين تي سوچي ئي نٿا سگهون.

تعليم هڪ ته ناپيد آهي ٻيو جيڪا به تعليم ڏني پئي وڃي، سا به اهڙي ڪي، صرف هُنن جي سرڪاري مشينري جي ڪم لاءِ ماڻهو ڦاسائي، ڪوڙي دانشوري جا پٽڪا ٻڌائي، عوام کي پنهنجن بُنيادي سماجي، سياسي ۽ معاشرتي حقن کان پري رکڻ جو سبق ڏيڻ.

انهي مان واضح آهي ته ڌارين ۽ اسان جي وچ ۾ تضاد موجود آهي. اهڙيءَ طرح غريب طبقن جو امير طبقن سان ٽڪراءُ موجود آهي. صرف اُن کي چٽو ڪري عوام جي سامهون اُڀاري، حقيقي تعليم ڏيئي حقيقي ۽ سچي سماج لاءِ رشتو هموار ڪري سگهجي ٿو.انهيءَ سچي ڳالهه ڪرڻ جو مقصد صرف اهو هو ته اسان کي پنهنجي رستي ۽ منزل جو علم هُجڻ گهرجي. اسان کي خبر هجڻ گهرجي ته اسان جو دشمن ڪير ۽ سجڻ ڪير آهي. سو انهيءَ وضاحت کانپوءِ اسان جيڪي مرڪزي دوست ويٺا آهيون، تن پنجن ڇهن ڏينهن جي بحث کان پوءِ انهي نتيجي تي پهتا آهيون ته برهمڻ آباد جي سچي صورتحال جو اسان جي عظيم دوست وشن ڪمار واسواڻي تجزيو ڪيو آهي. ان کي مدنظر

رکندي اسان برهمڻ آباد جو باقي ڪم ياءُ سانول تي رکون ٿا ۽ ساڻ ۾ سندس تعليم لاءِ ساٿي ڪرمچند کي ٿا ذميوار ڪريون. اسان اها تجويز اوهان سڀني دوستن اڳيان رکون ٿا.“
اڪثريت راءِ سانول جي حق ۾ ووٽ ڏنو. باقي ڪجهه دوستن پنهنجي اختلاف راءِ رکي.

پنڊت نائومل، ڪيمشي جي ڳالهه ٻُڌي تپرس ۾ پئجي ويو ته جڏهن سوين سان سڀ معاملا طئه ٿي چُڪا هئا ته پوءِ سوين کي هيٺ ماٽابائو ڏانهن وڃڻو ڇو پئجي ويو.
ڪيمشي هٿ ٻڌيو ڪنڌ لاڙيو پنڊت نائومل جي اڳيان نئين حڪم جي انتظار ۾ بيٺو هو.
”اُتي ڪو نڙو ڪو نيا پو ڪو نه ڇڏي ويو هو.“
پنڊت نائومل ڪيمشي کان وري پڇيو
”نه سائين. اول ته گهر بند پيو هو پيو اُتان پُڇا ڪيم ته اُنهن صرف ايترو ٻڌايو ته ماٽابائو مان ڪو ماڻهو آيو هو بس ڪلاڪ کن ۾ وهٽن تي چڙهي ٻئي ڄڻا ماٽابائو ڏانهن نڪري ويا.“
پنڊت نائومل، پنهنجي مُنهن ورائيو
”ائين هُن کي نه ڪرڻ کپي ها. هاڻي ته همراهه به رُلي ويندا.“
پنڊت نائومل، جيڪو وار لهرائي بلڪل گنجو رهندو هو. ڪنن ۾ وڏيون سونيون واليون پاتل هونديون اٿس. نرڙ تي وڏو ڳاڙهو سيندور جو تلڪ لڳل، گلي ۾ رنگ برنگيون ڪٺ مالائون پيل، ڌوتي مٿان، گيڙو رتو ڪلهي کان پيرن تائين ڪپڙو ٻڌل، ٿُلهو متارو ۽ صحتمند لڳو پيو هو.
”ڪيمشي، تون واپس وڃ. سترام وارن کي انهيءَ ڪم کان روڪ. ڪٿي اُبهرو ڪم ڪري نه وجهن.“
پنڊت نائومل ڪُجهه دير سوچڻ کان پوءِ ورائيو
ڪيمشي، ڪنهن تابعدار غلام جيان ورائيو
”جيءُ.... سائين.“
پنڊت رڙ ڪري چيو
” بيٺو ڇو آهين، مُنهنجي مٿي تي..................................تر نه...........!“
ڪيمشي تير جيان ٻاهر نڪري ويو

پنڊت نائومل، انهيءَ نئين صورتحال کي ڏسي پريشان ٿي ويو هو. هُن کي سوين مان اها اميد ڪونه هُئي ته هو ائين هن کي دوکو ڏيندو. ڪيمشي اتان روانو ٿي ته ويو. پر من ئي من ۾ روئندو به ويو پئي ته ”ڇڱو ڦاٿو آهيان. جي پنڊت کي ٿو جواب ٿو ڏيان ته سامهون يمراج. ڪٽارو ڪنيو ڪنڌ تي بيٺو آهي. جي سانول کي ڪُجهه ڪريان ٿو ته ايشو رجي! مُنهنجو سر ٿو کپي. مونسان ته ڪاتي گدري وارو ڪم آهي. ڪيئن ڪريان، ڪيئن نه ڪريان.“
پنڊت نائومل، ڪافي دير سوچڻ ڪانپوءِ پاڻ برهمڻ آباد وڃڻ جو فيصلو ڪيو. هاڻ هو ٻئي ڪنهن تي ڀروسو نه پئي ڪري سگهيو. برهمڻ آباد کان ايترو پري به ڪونه هو. انهيءَ سڄي

ڪم جي نگراني هن پاڻ ڪرڻ ٿي چاهي، تنهن ڪري بنا ڪنهن تاويل ۽ تاخير جي پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي اڪيلي سر برهمڻ آباد لاءِ روانو ٿيو.

شارڊا، موهن ۽ راڌا کي نہ ”ها“ جو جواب ڏنو نہ ئي وري ”نہ“ جو. هوءَ موهن وارن کان هلي تہ آئي هئي پر اجان تائين ذهني ڇڪتاڻ جو شڪار هُئي.

هوڏانهن ڪارو ۽ سترام وارا، پنڊت نائومل ڏانهن نڪرڻ جي تياري ۾ هئا. هُنن سوچيو تہ مانجهاندو ڪري ڏينهن ٺاري نڪري ويندا. شارڊا معمول جيان هنن جي ڪمرن ۾ ماني پهچائڻ ويئي تہ هُنن جي چهرن تي اطمينان جو رنگ ڏسي، حيران ٿي وئي تہ رات تہ هنن جو پريشاني ۾ هڪڙو پگهر سُڪو نہ ٿي تہ ٻيو شروع ٿي ويو ٿي ۽ رات پيٽ ۾ اهڙو کهڙو چمتڪار ٿي ويو جو هي ايڏي اطمينان سان وينا آهن. ڪٿي هنن کي سانول جو ڏس پتو ملي تہ نہ ويو آهي.

” ابا! هن سڄي مسافر خاني ۾ اوهان جهڙو آسيس ڏيندڙ مُسافر ٻيو ڪو ڪونهي. هو مٿئين ڪمري وارو مئو ڪاٺو سونارو تہ ڪِر ڪِر ڪري، مٿوئي کايو وڃي.“

شارڊا ڳالهہ ڇيڙيندي چيو

” هائو ماسي! سڀ ماڻهو تہ هڪجهڙا ٿوري هوندا آهن. رات ڪان ماسي، ماني ٻن ماڻهن جي گهٽ آڻجانءِ، بہ همراهہ ڪنهن ڪم سان بہ چار ڏينهن لاءِ ٻاهر وڃن ٿا.“

”ڇو ابا! هتي ڪا تڪليف يا پريشاني.؟“

”نہ نہ ماسي! اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي، دراصل همراهن کي ڪو نياپو پهچاڻو آهي. هڪ بہ ڏينهن ۾ واپس اچي ويندا.“

ڪاري ڪلندي، راڌا جي ڳالهہ جي موٽ ۾ چيو

”ڀڳوان خير ڪري! ايترا ڏينهن ابا لنگهي ويا آهن. اوهان جو ڪم اجان نہ ٿيو ٿئي ڇا؟“

شارڊا دروازي ڏانهن ويندي چيو

ساهومل وراڻيو

”ماسي، چاليهہ ڏينهن جو چلو آهي. اجان تائين تہ ڏينهن بہ چار ٿيا آهن.“

”هان ابا! ڀڳوان ڪندو سڦل ٿيندئو.“

شارڊا ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي. پنهنجي منهن کي پنهنجي رئي سان اُگهيندي، پنهنجي مُنهن چوڻ لڳي تہ ”اڇا، ان جو مطلب تہ بہ ڄڻا هتي جي خبر چار پنڊت کي ٻڌائڻ لاءِ وڃي رهيا آهن.“

ائين سوچيندي پنهنجي ڪمري ۾ هلي آئي.

شارڊا وارو ننڍڙو هاٽي سڄو ڏينهن پاڙي جي ٻارن سان وتندو راند ڪندو. تنهنڪري هاٽي شارڊا کي ننڍڙي وارو الڪو لهي ويو هو. سج لڙڻ جي تياري هيٺ هو. شارڊا بہ رات جي مسافر خاني جي توڻ تاڙي ڪرڻ لاءِ ڪمري کان ٻاهر نڪتي تہ ڏٺائين ڪارو ۽ سترام پنهنجن وهٽن تي چڙهي رهيا هئا. ٻيا همراهہ هڪ ٻئي سان آهستي آهستي ڳالهائي رهيا هئا جيڪو راڌا کي صاف

ٻُڌڻ ۾ ڪين نه پئي آيو. تيسين پريان ڪان ڪو گهوڙي سوار اچي اوچتو هُنن وٽ پهتو. هُنن ڇهن ڇٽن ۾ ڇڙ ڦڙڦوٽ پئجي وئي. ڪاروءِ سترام به وهٽن تان لهي آيا ۽ اهي سمورا اُن نئين آيل همراهه جي چوگرد ڦري ويا. شارڌا ڏٺو پئي ته گهوڙي سوار همراهه هٿن جي اشارن سان، هُنن کي ڪُجهه سمجهائي رهيو هو. انهيءَ همراهه جي ڳالهه ٻڌي وري حيرت وچان هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا هئا. ڪجهه دير انهي بحث ڪانپوءِ گهوڙي سوار ۽ سترام ڪنڌيءَ هينيان ويٺل همراهه ڪمون سان حساب ڪتاب ڪرڻ لڳا ۽ ڪجهه ئي دير ۾ سيئي همراهه وهٽن تي چڙهي الائي ڪيڏانهن هليا ويا.

”امان! لڳي ٿو ته مونکي سنڌ! سانول ڏانهن وڃڻ گهرُجي.!“

موهن، ڪافي سوچ ويچار ڪانپوءِ راڌا کي چيو

راڌا جا چونٽري جي چند ڦوڪ ڪانپوءِ ٻهارو ڏيئي رهي هُئي، تنهن وراڻيو

”سنڌ ۾ سانول، الائي ڪٿي هُجي؟؟ هو اوهان کي ڪاڪا ڪٿي ملندو؟ هن جو ڪو ڏس پتو به ته پاڻ وٽ ڪونهي بس، اچڻ جو انتظار ڪيو.“

موهن وراڻيو

”امان هونءَ ته سنڌ ڏانهن ته سانول لاءِ ڪو پئو ڪونهي پر پڳوان نه ڪري، جيڪڏهن گس تي دُشمن لڪي حملو ڪن ته پوءِ انهيءَ پنڊت نائومل تي امان ٽڪي جو وشواس ڪونهي.“

راڌا، ڪچري کي ميڙي ڪُنڊ ۾ گڏ ڪندي وراڻي

”پر ڪاڪا! سنڌ ڏانهن هروپرو ڪو اُلڪو ڪونهي ۽ پنڊت وارن کي به اجان اها خبر ٿورئي آهي ته ڪو سانول سنڌ ڏانهن ويل آهي. هروپرو اُلڪو نه ڪريو. ايشور ڪرپا ڪندو.“

تيسين شارڌا، موهن جي گهر ۾ گهڙي گهر جو دروازو ٻوڪيندي هڪدم وراڻيو

”امان راڌا! اهي ست ئي ڇٽا هڪڙي ٻئي همراهه سان رات مُسافرخانو خالي ڪري ٽڪڙا ٽڪڙا ڪيڏانهن هليا ويا آهن.“

موهن، اها جا ڳالهه ٻُڌي ته ڪٽ تان اُٿندي وراڻيو

” مونکي اڳيئي شڪ هو ته ڪا نه ڪا گڙ ٻڙ آهي. هُنن کي پڪ ڪنهن سانول جي باري ۾ اچڻ جي خبر ڏني هوندي، تڏهن ته ٽڪڙ ۾ مُسافرخاني مان نڪتا آهن.“

راڌا، موهن کي جهليندي چيو

”ڪاڪا، پر اوهان ڪيڏانهن ٿا وڃو؟“

موهن هڪدم وراڻيو

” آئون سنڌ ٿو وڃان. هاڻ چپ ڪري ويهڻ، وڏي غلطي ٿيندي، ڪٿي اسان جي ماٺ جو هو ناجائز فائدو وٺي، ڪٿي ڪو نقصان نه ڪري وجهن.“

”پر اوهان جو سفر تي وڃڻ ٺيڪ ڪونهي.“

”اوهان جو ڪاڪا! هتي رهڻ مناسب آهي. حالتون هتي گهڻيون خراب آهن. سانول کي ٿي سگهي ٿو هتي ڪٿي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪن. اوهان موتيءَ کي سنڌ ڏانهن اُماڻيو. اوهاڻ پاڻ پيرو جي تڙ رتنياري، گڊڙو ۽ ٻين ڳوٺن ۾ پنهنجن دوستن سان ملو ۽ ڪجهه ماڻهو برهمڻ آباد واري رستي تي چوڪسي لاءِ رکو. خاص ڪري ڏاني ڏانڊل ۽ ويراواهه واري ورن تي ۽ راڻي واري الهندي گس تي، باقي هتي جيڪا هنن جي چرپر آهي اُن تي اوهان به نظر رکو ۽ ماسي شارڏا به نظر رکندي.“

موهن ٽڪل ۽ هارايل ماڻهو جيان پنهنجو پاڻ کي کٽ تي اُڇلائيندي چيو

”اي ڀڳوان! اسان جي قافلي جي پارت اٿئي.“

انهيءَ تڙ تڪڙ واري صورتحال ۾ ڪُجهه ناپر آئي ته شارڏا پيرائتي ڳالهه ٻڌائڻ شروع ڪئي.

”ادا! اصل ۾ ڪالهه رات هنن ستن ڄڻن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته هنن مان به ڄڻا، پنڊت نائومل سان ملڻ ويندا شايد ڪا صلاح مصلحت ڪرڻي هوندن. سو ڪالهه منجهند جي ماني ڪائي به ڄڻا پنڊت ڏانهن روانا ٿيڻ تي هُئا. جيڪو نامعلوم گهوڙي تي سوار آيو، هنن کي ڪجهه چيائين ۽ پوءِ مسافر خاني جي حساب ڪتاب ڪري اهي اَٺ ئي ڄڻا ويا هليا. بس اهو لقاءُ ڏسي اوهان کي ٻڌائڻ لاءِ اصل اُتاولي ٿي پيس پر رات ڪم مان ئي واندڪائي نه ملي. بس اڄ صبح وجهه وٺي اچي هتي پهتي آهيان.“

موهن ڏاڍو پريشان ٿي ويو هو. راڏا پاڙي مان چوڪرو موتي کي سڏڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو ۽ پاڻ اچي ڪاڪي موهن جي مٿي تي زور ڏيڻ لڳي ۽ گڏوگڏ ماسي شارڏا کان به حال احوال وٺڻ لڳي.

”ماسي! هيترو ڪُجهه ناحقي ٿيڻ ڪان پوءِ به ماڻهو مذهب کي پنهنجي ذاتي مُفاد لاءِ ڪيئن ٿا ڪم آڻين. يعني چوغو ڇڱو اندر ڊونڊ! انهي ڇڱي چوغي جي آڙ ۾، وڏا قانون ناهي، ڦُرلٽ ۽ زبردستي کي جائز قرار ڏئي الائي ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪندا وتن.“

شارڏا، جيڪا پريان کٽ تي ويٺي هئي سا وراڻي

” امان ڀڳوان جوڪم ڀڳوان ئي ڄاڻي، جيڪي اهڙا ڪرتوت ڌرم سان ڪندا ته ڀڳوان پاڻيهي ئي ڏسندن. بس پاڻ کي رام رام ڪرڻو آهي. بُرائي ۽ ڀلائي جو نتيجو ڀڳوان وٽ ئي آهي.“

”ادي خير ته آهي. اهڙو اُبهرو سڏ ڪرايو اٿئي؟“

موتي، اچڻ شرط راڏا کان پُڇا ڪئي، راڏا موتيءَ جي سوال جو ڪو جواب ڏي ئي ڏي، تيسين موهن وراڻيو

” تون سنڌ وڃڻ جي تياري ڪر ۽ سنڌ وڃي سانول سان مل.....“

موتي حيرت وچان نهاريندي پُڇيو

”خير ته آهي نه! ڀڳوان دُشمنن جي منهن ۾ ڌوڙ وجهي، ادا سانول کي ڪُجهه ٿيو ته ڪونهي نه!؟“

”نه نه ... سانول کي ڪُجهه ڪونه ٿيو آهي، پر دشمن سانول کي مارڻ جي پويان لڳا وتن. تون سنڌ وڃي سانول کي هٿ ڪر ۽ هتي جو سڄو احوال سربستو ٻڌائينس.“

موهن، موتيءَ کي سمجهائيندي چيو
”ڪاڪا، ڪو ڏس پتو آهي ڪهڙي شهر ۾ آهي، ائين ته پوري سنڌ پئي آهي. مونکي ڪهڙي خبر ڪٿي آهي.؟“
شارڌا جيڪا راڌا سان گڏ ويٺي هئي تنهن اُٿندي چيو
”ادا، ائين تڪڙ ڪرڻ سان.. پاڻ جيڪي هتي چار پنج گڏ آهيون سي ڇڙوڇڙ ٿي ويندا سين. اوهان ڪُجهه ڏيرج کان ڪم وٺو. آئون به ڪوج لڳايان ٿي ته اهو گهوڙي سوار ڪير مڙس هو ڪٿان آيو هو ۽ اوهين به سٽڪ پٽڪ لڳائڻ جي ڪوشش ڪريو. ڪا نه ڪا! ادا واٽ نڪري ايندي باقي سنڌ اماڻي ڇوڪري کي روليو نه !“
موتي وراڻيو
”ماسي شارڌا، واري ڳالهه ۾ وزن آهي. اوهان پيرو جي تڙ وچڻ جي تياري ڪريو. آئون هتي منوهر، پرتاب ۽ مصري وارن سان ملي چؤڪسي جو جوڳو بندوبست ٿو ڪرايان.“
”ائين ته ٺيڪ آهي پر پنهنجي لاپرواهي جي ڪري، جي سانول کي ڪو نقصان ٿيو ته پوءِ.......؟؟ “
راڌا وراڻي
” ڏاني کان ويراواهه، ويراهه واهه کان راڻي، راڻي کان سلام ڪوٽ ۽ سلام ڪوٽ کان مٺي تائين، چؤڪسي هوندي، باقي سنڌ ڏانهن پنڊت کي به خبر ڪونهي ته سانول ڪٿي آهي.“
موهن، واري سان ڀنهي کي ڏنو ۽ پنهنجي ڪپڙ واري انگڙي ۽ ونگڙي ڪاڻي ڪٽي، پوتڙو ڪُلهي تي رکي ٻاهر نڪري ويو.

---

پنڊت نائومل، ڏاني ڏانڊل مان نڪري، برهمڻ آباد ۾ سيٺ شرناٿي جي محل نما گهر ۾ اچي ويٺو. سوين کي اوچتي دغا، پنڊت کي چوڪس ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ڪري ٻي ڪا اُبهرائپ ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. تنهنڪري هاڻي هو سجو ڪم، پنهنجي ئي هٿ هيٺ ڪرڻ ٿي چاهيائين.
”مهاراج، انهي ساڙو سانول جو اثر رسوخ، هن علائقي ۾ اسان کان وڌيڪ آهي. ماڻهو رڳو پائينس ئي نه ٿا پر ساڻس عشق ڪن ٿا عشق.“
سيٺ شرنارٿي پنهنجي پيگ مان ڍُڪ ڀريندي چيو
پنڊت مُرڪندي وراڻيو
”سيٺ! هي ڪم پاڻ ٿورئي ڪنداسين. هن ڪم لاءِ ته انگريز سرڪار سان ڳالهائڻو پوندو ته هنن جون سرگرميون مشڪوڪ آهن. هي ماڻهو انگريز سرڪار خلاف بغاوت ڦهلائيندا وتن.“
سيٺ شرنارٿي، حيران ٿي پنڊت ڏانهن نهاريندي چيو
”واهه پنڊت واهه! منهنجو ڌيان ته انهيءَ ڳالهه ڏانهن ويو ئي ڪو نه هو.“
پنڊت پنهنجي مخصوص انداز ۾ وراڻيو

”سيٺ! اوهين تہ پنهنجن ڌنڌن ۾ مشغول رهندا آهيو. پر اسان چوطرفي نظر ۽ چوڪسي رکندا آهيون. سيٺ صاحب! اسان وٽ تہ اهو بہ ثبوت آهي تہ سانول وشني جو ساٿاري آهي. اُن کي بچائڻ لاءِ ڪوششون بہ ورتائين.“

شرنارٿي جهڙ چرڪجي پيو وراڻيو

” اهو وري ڪيئن؟؟ “

پنڊت، پنهنجي مخصوص مڪارانہ مُرڪ مُرڪندي وراڻيو

”سيٺ، جتي سانول جا عاشق آهن تہ اُتي هن ناچيز جا وفادار بہ تہ آهن. جيڪي هن ناچيز کي پل پل جي خبر ڏين ٿا. وشني جي گرفتاريءَ ڪانپوءِ قلعي جي ٽاٽي تي سانول ۽ موهن، اُتي جي وڏي منشي گلاب چند سان وشني جي آزادي لاءِ مليا بہ هئا.“

سيٺ شرنارٿي وڏيڪ اچنبي ۾ وراڻيو

”اڇا!“

”بس سيٺ! اها ڳالهہ انگريز سرڪار جي ڪنن تائين پهچائڻي آهي پوءِ رستو پاڻهين صاف ٿي ويندو.“

سيٺ شرنارٿي، ٿورا گهنج پنهنجي تباخ جيڏي چهري تي آڻيندي وراڻيو

” انگريز سرڪار جي ڪنن تائين اها ڳالهہ پهچائڻ جو ڏکيو ڪم ڪونهي پر جي اهي ڳالهيون جيڪي اوهين پيا ٻڌايو تن ۾ ڪا گڙ ٻڙ نڪتي تہ منهنجي انگريز سرڪار سان سالن جي وفاداري پاٽيءَ ۾ ملي ويندي.“

”سيٺ، پنڊت ڪچ ڪوڏيون نہ کيڏيون آهن پاڻ وٽ شاهد موجود آهن ۽ گُلاب چند بہ ڪوڙ ڪو نہ ڳالهائي سگهندو. اڳيان انگريز سرڪار بہ شينهن جو منهن آهي ڪو مذاق ڪونهي.“

سيٺ شرنارٿي، نرڙ تان ٿورو پگهر ڊسي، پڪو جهولينڊڙ ڏبري نوڪر کي چڙٻيندي چيو

”ٻانهن کي هلاءِ، ڪائڻ لاءِ تہ ڏريو پوين ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ آڱوٺو. جلدي جلدي هٿ هلاءِ نہ تہ پرتو نہ ڪيڏي ڇڏيائين.“

نوڪر سان ڳالهہ پوري ڪري، پنڊت نائومل ڏانهن مخاطب ٿيندي وراڻيو

”مهاراج! پوءِ تہ ڳالهہ ٺهي پئي آهي. انگريز سرڪار جو مونتي وڏو اعتماد آهي. هو مُنهنجي ڳالهہ کي وزن بہ ڏيندا ۽ پاڻي بہ.“

پنڊت نائومل خوش ٿيندي چيو

”بس............ انگريز سرڪار رُڳي اسان جي پُٺي ٺپري. باقي ڪم اسان پاڻيهي ڪنداسين......................................“

پنڊت پنهنجي ڳالهہ مڪمل ڪري ئي ڪري، تيسين ڊاڪاون ٿانون ۾ سيٺ شرنارٿي جا نوڪر ماني ڪٽي آيا.

سانول ۽ ڪرمچند پارٽي ذميواري ملڻ ڪانپوءِ بہ ڏينهن کان برهمڻ آباد جي سفر ۾ هئا. سانول، نون ماڻهن سان ملي، ذهني طرح صفا نوبنو ٿي ويو هو. نوان خيال، نوان گس، نيون راهون، نيون ڳالهيون، نيون حقيقي رٿابنديون، نوان گهيڙ ۽ لاهيون چاڙهيون، هاڻي تہ سانول کي نئين دنيا پئي نظر آئي. خوشحال، برابري واري، عزت ڀري، هن جيڪي خواب ڏٺا هئا. انهن جي تعبير جو ڄڻ ڪي رستو ملي ويو هئس. ايستائين هنجي نظر ۾ حڪومتن جون واڳون سنياليندڙ ماڻهو گندا، لالچي، لوڀي ۽ ننگ هئا پر هاڻ هن جو اهو خيال بدلجي ويو هو. هاڻ هي پاڻ پنهنجا اڳواڻ هئا. هاڻ هي پنهنجا فيصلا پاڻ ڪري سگهيا ٿي. هنن وٽ هاڻي هڪ روشن منزل هئي.

هوڏانهن موهن ڀيرو جي ٽڙ پکڙ چڪو هو اُتي جي همراهن کي پنڊت نائومل جي نت نين سازشن ۽ سانول کي قتل ڪرڻ لاءِ موڪليل ماڻهن جا حال احوال ڀيرائتا ڪري ٻڌايا.

پريو سڄي ڳالهہ ٻڌي وراڻيو

”هُون ءُ..... ڳالهہ اصل اِها آهي تہ اسان جا پنهنجا ماڻهو اسان کي مارائڻ ۾ اڳيرا آهن. ڪاڪا! سياڻن ڪيڏو نہ سچ چيو آهي تہ گهر جي ڀيدي کان سواءِ گهر جي چوري نہ ٿيندي آهي.“

سومجي وراڻيو

”بندهي سي بندهي ملا، ڪون ڪري اُپائي،
سيوا ڪر نربندهہ ڪي، جو پل ۾ دي ڇوڙائي

هي پنڊت ۽ سيٺيا پاڻ ٿي غلام ٿيو گهُمن. سي ڌوڙ پاڻ کي غلامي کان ڇڏائيندا. هتي تہ سانول جهڙا سچا ۽ پاءُ وشني جهڙا ارڏا ماڻهو گهُرجن. جيڪي غلامي جي طوق کي ٽوڙي پورا پورا ڪرڻ جي سگهہ رکن ٿا.“

موهن ٽڏو ٿي وراڻيو

”پر ادا! هي سڀ انگريز جي وفاداري جي چڪر ۾ پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجن ماڻهن کي مارائڻ جي پويان لڳا وتن جي سانول کي ڪو نقصان ٿيو تہ پوءِ سمجهو تہ پنهنجو ڪو اوهي نہ واهي اٿوَ!“

والجي، جيڪو سيني کان جهونو هو حياتي جون اسي بهارون ڏسي چڪو هو ڪالهہ کان بيمار کٽ تي سٽل هو تنهن اهي ڳالهيون ٻڌي چيو

”منهنجي ڳالهہ مڃيندؤ!؟“

سيني هڪ آواز چيو

”ها ڏاڏا..!“

والجي ٿوري توفق کان پوءِ چيو

”روپلي جيان، مڙس ماڻهو ٿيو. اکوڙيو هنن ڪائنرن جا پير، ماري ماري ڪيترا ماريندا. تر پنهنجو......... ڀاڳ پنهنجو هتي جا گس، گهيڙ پنهنجا ، جبل جي ڀيچرن ۾ ورن وڪڙن کان پاڻ واقف. هي پاڻ کي ڪيترو ڳوليندا. ڳالهہ رڳو مڙس ماڻهو ٿيڻ جي آهي.“

پريو ڏاڏي والجي جي ڳالهه ٻڌي فڪرمندي مان چيو
” ڏاڏا! ڳالهه تنهنجي سورهن آنا سون، پر هينئر جيڪا تلوار ادا سانول جي مٿان لٽڪي پئي آهي، ان جو ڇا ڪريون.؟“
والجي، بيماري ۾ ڇيگهندي چيو
”ڀڳوان! اي............. ابا! پنهنجن ماڻهن کي مختلف ڳوٺن ڏانهن موڪليو ۽ اُهي وري نياپو اڳين ڳوٺن تائين ڪٽي وڃن، جي سانول ڪنهن کي ملي ته انهي کي وڏي رستي مان ڪڍي پنهنجي علائقن ۾ ڳوٺن واري رستي کان ڦيرائي وٺي اچن.“
موهن، والجي جي ڳالهه ٻڌي رڙ ڪري چيو
”صحيح بلڪل صحيح! پريو، وارو ڪر همراهن کي روانو ڪر اُٿ! دير نه ڪر!“
پريو ۽ سومجي ٻئي ماڻهو موڪلڻ جي تياريءَ ۾ لڳي ويا
ٻئي پاسي موتي، منوهر ۽ مصري وارا پرتاب سان مليا، مختلف رستن جا نقشا ٺاهي ورتا ته ڪهڙن ڪهڙن جائين ۾ رستن تي مندر موجود آهن جتي پنڊت نائومل جا ماڻهو لڪي ويهي سگهن ٿا. انهيءَ ڪم مان فارغ ٿي منوهر ۽ پرتاب ويراواهه لاءِ نڪري ويا. موتي ۽ مصري، برهمڻ آباد ۾ ويٺل ٻين دوستن سان ملندا، حال احوال ڪندا اچي پرڪاش وٽ پهتا، جيڪو سيٺ شرنارٿي وٽ ڪم ڪندو هو، تنهن سان جڏهن اهو حال احوال اوريائون ته هُن رڙ ڪري چيو
”ماڻهو ڪٿي مصري؟؟ پنڊت نائومل، خود رات کان سيٺ شرنارٿي وٽ ترسيل آهي.“
”ڇا؟!“
پرڪاش وراڻيو
”ها ها! آئون ڪالهه جيئن سيٺ وارو آخري گودام بند ڪري چاٻيون ڏيڻ لاءِ سيٺ جي گهر ويس ته اُتان خبر پئي ته سيٺ اوطاق تي آهي. آئون اوطاق تي وڃان ته پنڊت نائومل ۽ سيٺ صاحب گڏ ويٺا ڪچهري ڪن. مونکي ڏسي، مونکان چاٻيون وٺي مونکي گهر وڃڻ جي موڪل ڏئي ڇڏيائين. مون کي پريشاني به ٿي ته حيرت به! ڇاڪاڻ ته اجان مونکي مال ڏهائي، کير گهر پهچائڻو هوندو آهي.، موتي، مصري ڏانهن ۽ مصري موتي ڏانهن ڏٺو جڻ چئي رهيا هُجن ته خطرو ٻاهر ڪٿي نه پر گهر ۾ ئي موجود آهي.“
موتي، فڪرمندي ۾ چيو
”انهيءَ جو مطلب ته ڪاڪي موهن سچ پئي چيو ته پنڊت ادا سانول کي نقصان پهچائڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لائيندو.“
مصري فڪرمندي مان وراڻيو
”هاڻ موتي!“
موتي، مصري جو هٿ، هٿن ۾ جهليندي وراڻيو

”مصري، هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ادا سانول جو ساٿ ڏجي، اُن کي ۽ ان جي مقصد کي بچائڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي قربان ڪجي بس، هاڻ ويڙهه سواءِ ٻي ڪا واهه ڪانهي!“

تيسين پرڪاش، هنن ٻنهي لاءِ لسي ساڻ، ماني ڀور ڪٽي آيو. هنن ماني ڪاڏي نه کائڻ جهڙي!

اُتان نڪري سڌو جيوت رام جي واڙي تي پهتا، مصري ۽ موتي، جيوت رام سان سڄي ڳالهه پيرائتي ڪري ٻڌايائون. جيوت اهو ماڻهو هو جنهن جي پيءُ راڻي اڏي سنگهه سوڍي جي ٽولي ۾ رهي انگريز سرڪار خلاف وڏي ويڙهه ڪندي قربان ٿيو هو. تنهن ڪري جيوت رام سان راڻي اڏي سنگهه سوڍي روپلي ڪولهي جي بغاوت ڪانپوءِ جيڪي بچيا هئا ۽ جيڪي بغاوت دوران مارجي ويا هئا انهي جي اولاد جو رابطو لڪل طرح سان هو. جيوت رام پورڻ جي ڳوٺ ۾ رهندو هو جيڪو برهمڻ آباد کان ڪو ايترو پري ڪونه هو.

جيوت رام وڏي اعتماد سان هنن جي ڳالهه ٻڌي چيو

”پنهنجي هر هڪ بغاوت، انگريز سرڪار لاءِ هڪ تنبيهه آهي ته هي ديس اوهان جو ڪونهي، اوهين جيترو وقت هتي هوندا اوترو ئي اسان وقفي وقفي سان پيا وڙهنداسين. بس آئون ڪجهه گهران تياري ڪري اچان، پوءِ پاڻ هلون ٿا.“

اهو چئي جيوت، ڪجهه پريرو پنهنجي چونئرن نما گهرن ڏانهن هليو ويو

مصري، جيوت جي وڃڻ ڪانپوءِ وراڻيو

”هي ماڻهو پاڻ کي تمام گهڻو ڪم ڏيندو“

موتي وراڻيو

”اهو ته نيڪ آهي پر هي پاڻ کي وٺي ڪيڏانهن ٿو هلي؟“

مصري وراڻيو

”اها ته مون کي به خبر نه آهي. پر ضرور پاڻ کي ڪنهن ڪم واري جاءِ تي وٺي هلندو.“

تيسين جيوت رام وڏي ڪٽي اوڙهي هنن وٽ پهچي ويو

”هلو“

پهچڻ شرط هنن کي چيائين.

پاڻ اڳيان ٿيو هي ٽئي ڄڻا پويان پويان، جبل جو ڪافي پنڌ ڪري ويا پر منزل جو ڪو اتو پتو ڪونه هو. جبلن جي ورن وڪڙن، لاهين چاڙهين تان هلندا پئي ويا. ڳپل پنڌ کان پوءِ جيوت اوچتو ويهي رهيو ۽ ڪنهن عجيب و غريب جانور جيئن زور سان آواز ڪيائين. موٽ ۾ ڪجهه دير خاموش رهيو پر ڪٿان به ڪو جواب ڪو نه آيو. جيوت ائين ٻه ٽي چڪر ڪيو ته ڳپل وقت کان پوءِ موٽ ۾ به اهڙو آواز ٻڌجڻ ۾ آيو. جيوت، هٿ جي اشاري سان پنهنجي پويان اچڻ جو اشارو ڪري، انهيءَ پاسي هلڻ لڳو جتان آواز آيو هو. ڪجهه دير هلڻ ڪانپوءِ جيوت وري به اهڙي قسم جو آواز ڪيو ته هڪ وڏي پٿر جي اوٽ مان هڪ همراهه نڪري آيو. ڳالهايو وري به ٻنهي ڪجهه ڪونه. هو همراهه اڳيان ٿيو.

جيوت ۽ هي ٻئي پويان پويان هلڻ لڳا. هتي به هنن کي ڪجھ پنڌ ڪرڻو پيو. اُتي به اُن همراھ ڪنهن مخصوص جانور جو آواز ڪڍيو موٽ ۾ به تي آواز ساڳئي نوعيت جا آيا ۽ ٿوري دير ۾ پنج ڇھ همراھ جبل جي مختلف جاين مان نڪري آيا.

هُنن جيوت رام کان، موتي ۽ مصري جي باري ۾ ڳالهائڻ لڳا ڪجھ دير انهيءَ بحث مباحثي ڪانپوءِ هنن موتي ۽ مصري کي مٽي سڏائي ورتو. هي سيئي گڏجي، ڪجھ ورن وڪڙن ڪانپوءِ هڪ غار ۾ گهڙي ويا. جتي اڳيئي ويھ کان پنجويھ کن همراھ ويٺا هئا. جيوت سان ائين ملي رهيا هئا ڄڻ هڪ ئي گهر جا ڀاتي هُجن. ٿوري دير ڪانپوءِ جيوت انهن سان ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”دوستو! لڳي ٿو ته هاڻ وري، آزادي جي جنگ لڙڻ جي تياري وٺون. حالتون هاڻ اجازت ڏين ٿيون ته لڪي لڪي حملا ڪرڻ جي شروعات ڪجي. هاڻي پنهنجي ڀرتي ان قابل ٿي وئي آهي جو ڀاڻ ڏھ کان ڇاليھ، ڇاليھ ماڻهن جا جٿا ٺاهي سگهون ٿا. جيڪي سرڪاري مشينري، سرڪاري ماڻهن ۽ سرڪاري جاين ۽ انگريزن جي اينڊڙ ويندڙ جٿن تي حملا ڪن. ان لاءِ حال في الحال پنج اهڙا جٿا ٺاهيون ٿا. جنهن جو وڏو اڳواڻ سمنگ سنگھ سوڍو هوندو. جيڪو پل پل جي خبر چار وٺندو رهندو ۽ هر ڪارروائي جي رپورٽ سمنگ سنگھ سوڍي کي پهچائيٽي آهي. تنهن ڪري ٽولو نمبر هڪ جو نالو هوندو آزادي، تنهن جو اڳواڻ آهي تولارام. اُن جو علائقو پُڇ، احمد آباد ۽ ان جي ڀرپاسي وارا علائقا هوندا. ٽولو نمبر ٻه جو نالو هوندو امبر، تنهن جو اڳواڻ آهي پرت ڪمار، هن جو علائقو ڪاسبو ۽ ان جي ڀرپاسي وارا علائقا هوندا. ٽولي نمبر ٽي جو نالو هوندو چندرما، ان جو مکيھ اڳواڻ آهي ڪُنال پٽ.انهي جو علائقو آهي ڇاڇرو، امرڪوٽ ۽ ان جي ڀرپاسي وارا علائقا . ٽولي نمبر چار جو نالو هوندو سوريھ. جيسلمير ۽ ان جي ڀرپاسي جا علائقا ان جي حوالي هوندا. ٽولي نمبر پنج جو نالو ڪلال آهي. جنهن جو اڳواڻ هوندو خوشبو انهي جو علائقو قلعي ٽاٽي کان برهمڻ آباد تائين جو علائقو هوندو ۽ سيني کي خبر آهي ته ڪارروائي ڪري هڪدم پنهنجن پنهنجن ننڍن ٺڪاڻن ۾ لڪڻو آهي. هاڻي اڳواڻ دوست ڌرتي ماتا تي ٻئي هٿ رکي وچن ڪن ته هو پنهنجي ڌرتي سان ڪڏهن به غداري نه ڪندا. پنهنجي جان ۽ مال کان وڌيڪ ڌرتي لاءِ ڪم ڪندا. پنهنجي ڌرتي ماتا جي ڪنهن به ڪم ۾ سُستي، ڪاهلي ۽ غفلت نه ڪندا.“ سيني ڄڻن ڌرتي ماتا تي ٻئي هٿ رکي وچن ورجايو ۽ پوءِ پنهنجن مليل نين ذميوارين جي رٿابندين ۾ مصروف ٿي ويا.

پنڊت نائومل کي سيٺ شرنارٿي برهمڻ آباد جي مختيارڪار ڪشور لال جي بنگلي تي وٺي آيو هو.

”مهاراج! توهان جيڪي ڳالهيون پيا ڪريو انهن ڳالهين جي تصديق لاءِ ڪجھ ڏينهن لڳندا ۽ انهن ڳالهين جي تصديق لاءِ انگريز سرڪار کان اجازت نامو وٺبو.“

پنڊت نائومل، سمجهيو ته مختيارڪار، هن کي مڙئي ٽڙڪائي پيو. تڏهن وراڻيو

”سائين ڇٺو ته تصديق لاءِ ماڻهو گهُرائي وٺان، جن اهو سڀ ڪجھ ڏٺو به آهي ۽ ٻڌو به آهي.“

ڪشور لال، ڪوڙين نگاهن سان پنڊت نائومل ڪي گهوريندي وراڻيو
”مهاراج! تُنهنجي ۽ منهنجي چوڻ سان ڪنهن کي ڏوهي يا بيڏوهي قرار ڏئي نه ٿو سگهجي. چندچاڻ ٿيندي، ڳالهين جي ڇڪاس ٿيندي ته سرڪاري ماڻهو انگريز سرڪار جا نوڪر آهن نه ڪي اوهان جا. جو انگريز سرڪار کي ٻڏائڻ بجاءِ هر ڳالهه اوهان کي وجي ٻڌائين.“

پنڊت نائومل جيڪو اهڙي ته پرجوش نموني آيو هو جڻ ڪي هينئر ئي ٿو سانول کي ٻڌرائي پر مختيارڪار جون ڳالهيون ٻڌي، اصل ٺپ ئي ٺري پيس.
شرمندو ٿيندي وراڻيو
”جيئن سرڪار، اوهان مناسب سمجهو. ائين ڪريو........!“
سيٺ شرنارٿي، سرڪار سان پنهنجي وفاداريءَ جو ثبوت ڏيندي، پنڊت نائومل کي ڇڙٻ ڏيندي چيو
”سرڪار، اعليٰ ظرف جا مالڪ ۽ انصاف پسند آهن. توکان، مونکان وڌيڪ ڳالهين کي ڄاڻن ٿا هرويرو پنهنجي نه ناڙ..... ها!“
پنڊت نائومل، مختيارڪار جون ڳالهيون ٻڌي صفا وائڙو ٿي ويو هو ته سندس ڳالهه سندس ئي ڳلي ۾ ٿي پوي، سو ڪنڌ هيٺ ڪري سيٺ شرنارٿي جي ڳالهه جو جواب به هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي ڪيائين.
ڪشورلال، پنڊت جو چهرو ڏسي سمجهي ويو ته همراهه جي آڪڙ ڦوڪ نڪري ويئي آهي. سو سيٺ شرنارٿي ڏانهن ڏسندي وراڻيو
”سيٺ صاحب، پنهنجي دوست کي سمجهايو ته تڪڙ نه ڪري، اسين به دوستن جا دوست آهيون. جيڪو اسان سان وفاداري نڀائيندو ته مايوس اسان به اُن کي نه ڪنداسين. ڪريون ٿا ڪو نه ڪو بلو پر صبر سان!“
پنڊت نائومل، مختيارڪار جي ڳالهه ٻُڌي ٻهڪي اٿيو
سيٺ شرنارٿي وراڻيو
”مائي باپ آهيو. ٻڌي ڇوڙي اوهان جي هٿن ۾ آهي. اها ته اوهان جي قرب نوازي آهي جو اسان جهڙن ننڍڙن ماڻهن کي عزت ڀري نگاهه سان ڏسو ٿا.“
ڪشور لال مُرڪندي چيو
”سيٺ، توهان به هن علائقي جا معزز ماڻهو آهيو. اوهين عزت ڏيڻ به ڄاڻو ۽ عزت وٺڻ به ڄاڻو.“
”سائين ڇو ٿا شرمندو ڪيو، اسين ته نوڪر ئي انگريز سرڪار جا آهيون.“
ڪشور لال، پنڊت نائومل کي مخاطب ٿيندي چيو
”مهاراج، هاڻي پل تون وڃي آرام سان پنهنجو ڪم ڪر، هاڻ اسان جو ڪم آهي. انهن ڳالهين جي کوج لڳائڻ ۽ ان کي انجام تائين پهچائڻ.“
اها ڳالهه ٻڌي پنڊت نائومل ۽ سيٺ شرنارٿي اٿندي وفادار ڪتي جيان پُڇ لوڏيندي وراڻيو
”مهرباني سرڪار!“

ڪشور لال، هلي ٻنهي وٽ آيو. انهن سان موڪلائڻ لاءِ بنگلي جي در تائين ساڻ گڏيو آيو. سيٺ شرنارٿي پنهنجي عزت، انگريز سرڪار وٽ ڏسي اصل گد گد پئي ٿيو.

سانول، منٺي ڪراس ڪري ٻيوهار ڪان جيئن ٽپيو ته همراهن کي خبر پئجي وئي ۽ گس تي وڃي، ٻنهي کي رسيا ۽ سڄي صورتحال کان آگاهه ڪيائون. ڪرمچند، جيڪو پهريون ڀيرو ٿر جي سفر لا نڪتل هو، سو هنن جو وسيع رابطي جو ڄار ڏسي، حيران ٿي ويو. سانول ۽ ڪرمچند انهن همراهن ڀويان هلڻ لڳا جيڪي ساٽن اڄي گس تي رسيا هئا. همراهن سان گڏ هلندي سانول وراڻيو

" اڇا ته ڳالهه اُن حد تائين پهچي وئي آهي جو پنڊت اسان کي مارڻ لاءِ سازشون ڪندو وتي."

" ها ادا! پنج ست ڄڻا ته پڪا آهن. جن جي پاڻ کي خبر پئي آهي. اهڙا الائي ڪيترا ٿولا هوندا، جيڪي ممڪن آهي مختلف هنڌن ۽ گسن تي لڪل هجن."

" ائين ته ڪونهي ته هي وري ڪٿي مسلم هندو فساد ڪرائڻ جي چڪر ۾ آهن."

ڪرمچند جيڪو سانول سان گڏو گڏ هو. تنهن وراڻيو

"نه سانول، هاڻ ائين ڪونه ٿي سگهندو. ڇو ته رياست هاڻ ماڻهن ۾ اهو سٽُ ئي نه ڇڏيو آهي باقي ننڍي مذهبي فرقيواريت، قبيلائي جهيڙن جهٽن جهڙن ننڍين وڏن مسئلن کي واءُ ضرور ڏيندا رهندا. جيئن ماڻهو پنهنجي وٽ وٺان ۾ لڳا رهن ۽ هي ويهي آرام سان لُٽيندا ۽ ڦُريندا رهن ۽ ٿي سگهي ٿو ته توکي به مارڻ انهيءَ سلسلي جي ڪا ڪڙي هُجي."

سوڍو جيڪو پگڙي مل جو ماسات، پريو جو گهاتو سنگتي ۽ ڪاڪي والجي جو نياٽو هو تنهن وراڻيو

"اها، ڳالهه ياءُ جي صحيح آهي، به چار ڏينهن اڳ ڪولهين جي ڳوٺ تي نڪرن چڙهائي ڪري، ڪيترائي ڪولهي ماريائون ۽ انهن جي عورتن جي بي حرمتي به ڪيائون ۽ مال مڏي به ڪاهي ويا. پر ڪوئي داد فرياد ئي ڪونه ٿيو."

سانول حيرت مان پڇيو

" اها ڪڏهن جي ڳالهه آهي.؟"

پگڙي مل چيو

"منهنجي خيال ۾ ڦگڻ جي 20 تاريخ هُئي."

تنهن تي آسو رڙ ڪندي چيو

"نه ادا نه. 20 نه پر 21 جمع جو ڏينهن هو."

سانول، ڪرمچند ڏانهن نهاري چيو

" انهي جو مطلب ته هو صرف اسان کي مُنجهائڻ چاهين ٿا ائين نه ادا ڪرمچند "

ڪرمچند وراڻيو

"ها ادا بيشڪ!"

پڳڙي مل، ڪاري لڪ تي گڏهن تان لهي مٿي چڙهن جو اشارو ڪيو پٽ نہ هئي پر عمق ۾ جڻ جبل هو. ٻين سيني لاءِ تہ هو روز جو عمل هو پر ڪرمچند کي مٿي چڙهڻ ۾ ڪافي ڏکيائي پي ٿي. پڳڙي مل، اهو لقاءُ ڏٺو تہ رڙهي اچي ڪرمچند جو پاسو ورتو ۽ ڪرم چند کي پٽ تي چڙهڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳو.

تازو تازو بهار ختم ٿيو هو. وائيرن واري مند بہ چالو ٿيڻ واري هئي. پڳڙي مل وارن ڪوشش ڪئي تي تہ وائيرن لڳڻ کان اڳ هو رڻ اُڪري وڃن چو تہ وائيرن ۾ رڻ اُڪرڻ ڏکيو هو. وائيرن لڳڻ ڪري رڻ جا گس ۽ دڙا تبديل ٿيندا رهندا هئا. هڪ ڏينهن رڻ جو نقشو هڪڙو تہ ٻي ڏينهن رڻ جو نقشو ٻي اور هوندو هو. تنهن ڪري رڻ ۾ لڪل ڏهٽين جو ڪو پتو ئي نہ پوندو آهي. اهو رستو ڏکيو هئڻ ڪري هرويورو ڪير بہ اختيار ڪو نہ ڪندو آهي. پر هنن جي مجبوري هئي اهڙي ڏکئي رستي جي چونڊ ڪرڻ، جڏهن هي سفر پورو ڪري تلونگ ڳوٺ پهتا تہ اُتي بہ ڏينهن رڳو ان رستي کي اختيار ڪرڻ يا نہ ڪرڻ تي بحث هلندو رهيو هو ڇاڪاڻ تہ پڳڙو مل، رڻ جو بهترين سونهون هو تنهن رڻ اڪارڻ جو ذمو پنهنجي سر ڪنيو. تڏهن سڄي سنگت انهي رستي کي اختيار ڪرڻ تي حامي ڀري هئي. ڏينهن جا بہ پهر گُذاري رات جو وري سفر تي نڪري پيا. هاڻي هي رڻ جي ويجهو ئي هئا ڳوٺن کان پاسو ڪرڻ ڪري، هنن کي وڏو ڦيرو ڪرڻو تي پيو. رات جي ڪري موسم ٿڌيرو هو ڏکڻ جي ٿڌڙي هير، هنن ٿڪل جسمن کي اڳتي هلڻ کان روڪي رهي هئي پر هنن کي رڻ جي منڍ وٽ ڳوٺ لالو جي وانڍ وٽ پهچڻو هو. رات جو پهر مٿائي ڏينهن جو يارهين وڳي وڃي جي لالو جي وانڍ پهتا. جتي آسو جي ياڻيجي وٽ پهتا، هڪدم ماني ٽڪي جو بندوبست ڪيائين. ماني کائي چونئرن ۾ سُمهي پيا ڇو تہ رات جو اوجاڳو بہ هئن ۽ ٿڪل بہ ڏاڍا هئا ۽ اڳيان اجهاڳ رڻ جو سفر بہ سجهيو پئي.

موهن بہ پرپوءِ سومجي سان گڏ، مختلف ڳوٺن ۾ وڃي رهيو هو ۽ پنڊت نائومل خلاف تہ جڻ هنن بہ ڪي ڪليو ڪلايو هڪ محاذ کولي ڇڏيو هئن. هنن کي ڪٿي سخت مخالفت کي منهن ڏيڻو بہ ٿي پيو تہ ڪٿي وري هنن جي ڳالهين کي حمايت ٿي ملي.

ماٺهو ٻن ٽن بغاوتن جي دٻجڻ کان پوءِ انهيءَ تاثر ۾ ورتل هئا تہ انگريز ۽ انهن جا ڇاڙتا ڏاڍا آهن. تن کي ختم ڪرڻ ناممڪن آهي. پر تنهن هوندي بہ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ڪنهن نہ ڪنهن سياسي جماعت جي هٿ هيٺ، انگريز سرڪار خلاف احتجاج جا سلسلا جاري رهندا پئي آيا. ڪٿي ڪٿي گوريلا بغاوت هلي رهي هئي. خاص ڪري حُرن جي جماعت جون ننيڏڙي پئماني تي ڇاپا مار ڪارروائيون هيون، جن جي سنڌ ۾ هونءَ ئي مقبوليت وڌي رهي هئي پر اُن جا اثر پوري هندستان تي بہ سڌي يا اڻ سڌي طرح پئجي رهيا هئا. تنهن ڪري انگريز سرڪار هندستان ۾ هڪ ئي وقت تي ڪيترن ئي علائقن ۾ اُلجهيل هئي.

موهن جي محنت رنگ لائڻ لڳي هئي. ڪيترن ئي ڳوٺن جا مارو ماڻهو موهن جي ڳالهين سان متفق هئا ۽ موهن جي پنهنجي وس آهر مدد ڪرڻ لاءِ بہ تيار هُئا. موهن انهن ماڻهن مان ڪُجهہ ماڻهن کي

چوڪسي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪجهه ماڻهن کي وري اڳين ڳوٺن تائين اها ڳالهه پهچائڻ جي ذميواري سونپيائين. اهو ڪم ايتري تيزي سان ڪُليو ڪلايو ٿيو پئي جو اها ڳالهه وڃي پنڊت نائومل جي ڪنن تائين پهتي. پنڊت نائومل ته اڳيئي اهڙين سرگرمين جي تاڙ ۾ هو جيئن انهن سرگرمين کي ڏال ٺاهي انگريز سرڪار کي هنن خلاف ڀڙڪائي سگهي. هن جي انگريزن جي مقرر ٿيل عملدار ڪشور لال سان هڪ ڪامياب گڏپ تي ڇُڪي هئي ويتر جو اهڙين سرگرمين جي سُٽڪ پيس ته پنهنجي منهن مُرڪي پيو ته شڪار پنهنجو پاڻ ئي ڪوريئڙي جيان هن جي وڇايل ڄار ۾ ڦاسندو وڃي، جيترو به ڦٿڪندو ۽ ڦڙڪندو ايترو ئي ڄار ۾ سوگهو ٿيندو ويندو.

جيوت رام جي  موڪليل ڇاپار مار ٽولين پنهنجو پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. انگريزن جي رسد جو سامان، جيڪو حيدرآباد کان برهمڻ آباد اچي رهيو هو. تنهن کي ڪلال ٽولي ڦُري، لٽي، انهن جي گاڏين کي باهيون ڏيئي ڇڏيون ۽ ڪجهه سپاهين مزاحمت ڪئي ته انهن کي ماري ڇڏيائون. سامان ۽ وهٽ ڪٽي لڪن ۾ گم ٿي ويا. هوڏانهن احمدآباد جي هڪ ننڍي پوليس چوڪي تي رات ڏاري امبر ٽولي حملو ڪري، اُتي ويٺل پنجن، ڇهن سپاهين جا سر وڍي ڇڏيائون ۽ پاڻ صاف بچي، پنهنجن نڪاڻن تي محفوظ پهچي ويا.  انهن ننڍين ننڍين ڇاپا مار ڪارروائين جو سلسلو ڇڙڪي هلي نڪتو هو. جيوت رام جي موڪليل انهن پنجن ٽولن مان امبر، ڪلال، چندرما ۽ آزادي جي ڇاپامار ڪارروائين جي خبر چار سمنگ سنگهه کي ملي رهي هئي پر ٽولي سوريه طرفان ڪو به حال احوال ڪو نه مليو هو. اها هڪ پريشان ڪن حالت هئي.  تنهن ڪري سمنگ سنگهه بنا ڪنهن دير جي اهو اطلاع پنهنجي خفيه اڏي تائين پهچائي ڇڏيو هو.

انگريز سرڪار به، انهن نئين ڇاپا مار ڪارروائين تي ڪنَ ڪڙا ڪيا هئا ۽ برهمڻ آباد جي مختيار ڪار تي سخت احڪامات لاٿا ويا هئا ته انهن ڪارروائين جي فورن ڇنڊ ڇاڻ ڪري، اُن جو مڪمل حال احوال موڪليو وڃي ۽ انهن ڪارروائين کي سختيءَ سان ڪچليو وڃي. انهن حڪمن ڪشور لال جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون هيون. برهمڻ آباد ۾ انگريز سرڪار جي ريزيڊنسي جي چوگرد سخت پهرو مقرر ڪيو ويو هو.

جيوت رام، جيئن گهر ڇڏيو ته واپس موٽي نه آيو. باقي موٽي ۽ مصري واپس برهمڻ آباد موٽي آيا هئا ۽ مخبر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيا هئا. راڌا به پاٺ شالا ۾ پڙهائڻ ڪانپوءِ مندر هلي ويندي هئي ۽ باقي سارو ڏينهن اُتي گُذاريندي هئي.

اڄ سانول وارا ڳوٺ ڇڏي رڻ جي سفر ڏانهن نڪري پيا هئا. رڻ جو سفر سخت ۽ ڪٺن ضرور هو پر بلڪل محفوظ رستو هو. رڻ جي اجهاڳ سفر تي نڪرڻ کان اڳ، هنن اڳ کان وڏيڪ پاڻي ۽ کائڻ پيئڻ جو سامان ساڻ کنيو هو. هنن جو پهريون ٽاڪ " تڙو" ۾ هو. جيڪو رڻ جي ڄڻ جنت هئي. جتي ٻن ميلن تائين ڪافي وڻڪار هئي ۽ پاڻي به هنن کي اتي ميسر ٿي سگهيو ٿي.

ڏينهن جو سخت گرمي جو امڪان هئڻ ڪري هي شام ڏاري نڪتا هئا جيئن رات جو ٿڌيري وقت ۾ گهڻو تڻو سفر اُڪر جي سگهجي.

سانول پاڻي جا ٻه ڏڪ پريندي چيو

”پڳڙا، ائين نه ٿئي جو سامت سنگهه، ڦول ٻائي ۽ ٻين سوڍن جيان پاڻ کي سوڍا دوکو ڏين ۽ پاڻ سڀ وچ راهه ۾ ماريا وڃون.“

پڳڙي مل وراڻيو

” اڳي ته ائين ٿيندو رهيو آهي ته انگريز سرڪار سخت ويڙهاڪ ۽ مزاحمت ڪندڙن کي جاگيرون، القاب ۽ لالچون ڏيئي خريد ڪندي رهي آهي. هاڻ من ايترو ڪجهه وطن ۽ وطن جي ماڻهن سان ظلم ۽ ويڌن کي ڏسي ائين نه ڪن.“

ڪرمچند گڏهه تان لهي پنڌ هلي رهيو هو. تنهن چيو

”بُنيادي طرح انسان انتهائي لالچي ۽ خود غرض آهي. هو پنهنجي حاڪميت جو هڪ عجيب تصور رکي ٿو. غلامانه دور کان وٺي هينئر جي جاگيردارانه دور تائين جيڪي حاڪم طبقا رهيا آهن. هُنن پنهنجي ۽ پنهنجي طبقي جي بچاءَ لاءِ ڪافي اهڙا رياستي ادارا قائم ڪري ڇڏيا آهن. جيڪي بظاهر ته غريبن جي واهر، خدمتن ۽ بچاءَ جا ادارا ٿا لڳن پر اصل ۾ هو انهن ادارن جي وساطت سان گيد، ڪاٺر، ويڪائو لالچي ۽ پنهنجي ئي ننڍن طبقن خلاف نفرت ۽ ڌڪار جا ڪُل پرزا ٺاهين ٿا. تنهنڪري حقيقي، سچي ۽ اصول پسندي واري اڳواڻي ۽ حقيقي، سچي، علمي، عوامي ۽ جمهوري نظريي جي نظرداري هيٺ ئي انهن چوطرفي، ڳتيل، مُنجهيل، ورن وڪڙن ۽ لاهين چاڙهين وارين ڪوڙڪين کان بچي نڪري سگهجي ٿو.“

سوڍي وراڻيو

”پر ادا! ڪرمچند اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. هتي ته ماڻهو جو پاڇو به پنهنجو پاڇو ڪونه ٿو لڳي ۽ پوءِ هيتري علمي ۽ سياڻپ واري ڳالهه سمجهڻ لاءِ به ته علم کپي، سو ڪٿان اچي؟“

ڪرمچند سوڍي جي ڳالهه سمجهندي وراڻيو

”بيشڪ! عالم ماڻهن جا ڪتاب پڙهڻ سان، اسان جي وڏيڪ ۽ بهتر ذهني اوسر ٿئي ٿي. اُن لاءِ پاڻ مرادو پڙهڻ جي شروعات ڪرڻ گهُرجي. پر ان سان گڏوگڏ پنهنجي ماحول، مسئلن، پنهنجي سماجي حيثيت ۽ لاڳاپن مان به سکڻ گهُرجي ته هڪڙا امير کان امير ترين ٿيندا وڃن ۽ هڪڙا غريب کان غريب ترين ڇو؟! جڏهن ته انهن اميرن کان ڏهوڻو وڌيڪ ڪم مزدور، هاري ۽ غريب پورهيت ڪري ٿو. اها اڻ برابري واري ورڇ ڪٿان کان پيدا ٿي آهي. اهڙا ۽ اهڙي قسم جا سوال پاڻ کان ۽ پنهنجن پورهيت ڀائرن کان پڇڻ گهرجن. انهن جي حل جا گس ڳولڻ گهُرجن. اهو به هڪ علمي شعور آهي.“

آسومل، جيڪو هنن کان ٿورو اڳتي نڪري ويو هو پر پنين همراهن جو بحث ٻڌي هنن سان اچي گڏايو هو.

سانول بحث ۾ حصو وٺندي چيو
”ائين تہ آهي پر اسان پنهنجو پاڻ کي، هڪ عجيب و غريب مذهبي، ذاتي ۽ سماجي اڻ برابري جي مُنجهيل سُٽ ۾ اُلجهائي ڇڏيو آهي جو ان مان نڪري ڪا نئين راهہ وٺڻ لاءِ تيار ئي نہ آهيون.“
ڪرمچند اهو چاهيو پئي تہ سانول بحث ۾ حصو وٺي، سانول جي ڳالهہ ٻُڌي ڪرمچند وراڻيو
”صحيح ٿا چئو. اصل مسئلو آهي ئي اهو تہ اسان کي اهڙا اهڙا عجيب فلسفا مڙهي ڏنا ويا آهن. جيڪي صرف خيالي ۽ تصوراتي شيون ٻڌائين ٿا. ازغيبي قوتون لهي اسان جي مدد ڪنديون پاڻ کي خبر آهي تہ ائين ڪونهي ۽ اها ڳالهہ ئي تہ ماڻهن تائين پهچائڻي آهي. پنهنجا، پنهنجي نسل جا، پنهنجي مستقبل جا، پنهنجي زمينن، سگهن ۽ ڪمن جا پاڻ ڏڻي ٿيون ۽ پنهنجا واهرو پاڻ ٿيون.“
آسو مل وراڻيو
”صحيح ٿا چئو ادا! علم حاصل ڪرڻ جو مکيہ ذريعو مُشاهدو بہ آهي. جيڪو پنهنجي ارد گرد ڦهليل انيڪ شين، علمن ۽ عملن جو غور سان مُشاهداتي اڀياس نہ ڪندو تہ اهو انهن خيالي ۽ تصوراتي فلسفن جي جڪڙ ۾ جڪڙبو ويندو ۽ ڪڏهن بہ آزاد ٿي زندگي گهاري نہ سگهندو.“
سانول، پٽ جي مٿاري تي بيهي اکين آڏو هٿ ڏيئي، چانڊوڪي ۾ رڻ طرف نهارڻ لڳو جيڪو صاف نظر اچي رهيو هو. لڳو ائين پئي تہ جتي هي بيٺا هئا. اها گس جي آخري پٽ هئي باقي سامهون رڳو ڪپرا هئا ۽ پوءِ رڻ جي سنئين زمين، سانول نهاريندي وراڻيو
”اسان ۾ صدين کان ڪي ڳالهيون، اهڙيون تہ مڙهيون ويون آهن جيڪي اسان جي جڙ رت ۾ شامل ٿي ويون آهن. اسان ڪيڏا بہ ماڻهپي جا علمبردار ٿي وجون. پر اسان مان مذهبي جنونيت ڪانہ ويندي ۽ اها مذهبي جنونيت، انسانن جي مارا ماري جو سبب بڻبي، جيستائين اسان جي ذهنن مان ڀڳوان ۽ الله يا ڪنهن ازغيبي تصور جو غلط استعمال ٿيندو رهندو.“
ڪرمچند، پٽ جي گانوڙو ٿان هيٺ لهندي وراڻيو
”ادا سانول، اسان وٽ رڳي مذهبي جنونيت نہ آهي اسان وٽ قبيلا، ذات، ڪٽنب، پراڻيون غلامانہ رسمون ۽ رواج، غلامانہ ادب، تعليم ۽ روايتون، جيڪي اسان سمجهندي بہ اکيون پوري اُنهن جي تقليد ڪندا آهيون جيئن اسان وٽ ڪافي غلامانہ پهاڪا آهن تہ “ادا، سڀ آڱريون سريکيون ٿوري ئي آهن.“
سيئي ڄڻا پٽ تان لهي لينجهہ وٽ پهچي ويا سانول، پڳڙو ڪرمچند، سوڍو ڪرمچند ٿورو اڳيرو نڪري ويا هئا تہ پويان آسو رڙ ڪري چيو
”ابا ڙي!..........بلا ڪکي ويم................................“
۽ واري تي ڪري پيو سيئي همراهہ ڊوڙي، آسو وٽ پهتا، پڳڙي هڪدم، پنهنجي ٽوال سان آسو جي جنگهہ زور سان ٻڌي ورتي. سوڍي بہ واري جا بہ ٻُڪ وات ۾ وڌا تيسين پڳڙي، بلا جي ڏنگ وٽ ڇُري

سان چيرو ڏيئي وڌو، سوڍو اُن وڍ وٽان رت چوسي چوسي ڪيڻ ۾ لڳي ويو. پر تڏهن بہ آسومل تي غنودگي طاري ٿيندي ويئي ۽ ڪجھ دير ۾ بيهوش ٿي، پڳڙي جي ٻانهن تي جهولڻ لڳو.

بُنيادي طرح پارڪر جو حصو پرمارن ۽ ڦُورن جو مسڪن رهندو آيو هو. هتي لُٽ مار جي ڪري، هر ڦُر مار ٽولي جي پنهنجي پنهنجي هڪ ننڍي رياست قائم هوندي هئي ۽ انهي ئي ڪري هي علائقو بغاوتن ۽ ڏڦيڙن جو مسڪن رهيو ٿي. انگريز سرڪار اهڙين بغاوتن کي ڪچلڻ لاءِ پنهنجي فوج ۽ توپ خانن جو بہ استعمال ڪيو هو ۽ انهن ڦورن ۽ ڏڦيڙ وجهندڙ ٽولن کي ماري ڪمزور ڪري ڇڏيو هُو ۽ جيڪي بهادر سوڍا ۽ ڪولهي هئا جن کي لالچون ڏئي لُيائڻ جي ڪوشش ۾ ناڪام ويا هئا تہ انهن جي ڏاڍي سرزنش ڪيائون. ڪيترن کي سرعام توپن جي منهن ۾ ٻڌي، توپن سان اُڏائي ڇڏيائون تہ ڪن کي جيلن ۾ واڙي سڄي ڄمار لاءِ قيد ڪري ڇڏيائون. خاص ڪري بہ تي اهڙيون بغاوتون ٿيون جن انگريز سرڪار جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو ۽ انگريز سرڪار جي پارڪر تان گرفت بہ ڪمزور ڪري ڇڏي هئي. جنهن ۾ راڻي ڪرٽجي جي بغاوت، جنهن انگريز سرڪار جي نڪاڻن ۽ ماڻهن کي تباهہ و برباد ڪري ڇڏيو هو. جنهن کي دٻائڻ لاءِ انگريز سرڪار کي حيدرآباد کان بلوچ ريجمينٽ نالي فوج توپن سان گهُرائڻي پئي هُئي ۽ ان بغاوت کي بيدردي سان ڪُچلي ڇڏيو ويو هو. ويڪائو سوڍن ۽ نڪرن، انگريز سرڪار جا مُخبري تي ڪجڙ رالو جي باغين جي اهم نڪاڻن تائين وٺي آيا ۽ اتي سورهيہ، دلير ۽ وطن دوست سوڍن کي مارايو ۽ انهن نڪاڻن کي تباهہ و برباد ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ بغاوت جي دٻجڻ شرط وري راڻي اُڏيسنگھ جي بغاوت ٿي. جنهن پنهنجي پيءُ جي بدلي وٺڻ خاطر انگريزن تي سڌا فائر ڪيا ۽ انگريز، خوف وچان پنهنجا نڪاڻا ڇڏي مينگهواڙن ۽ ڀين جي گهرن ۾ لڪي وڃي پناهہ ورتي هُئائون. ان بغاوت کي دٻائڻ ۾ پنهنجن ئي غداري جو ثبوت ڏيندي، مخبريون ڪري، اهم حصو ورتو. ان بغاوت ۾ شاندار روپلي ڪولهي جي بغاوت شامل آهي جنهن انگريزن جا اصل ڏند کٽا ڪري وڌا هئا. انهي ڪري حال في الحال وطن دوست ماڻهن ۾ ماٺار ڇانئجي وئي هئي ۽ وطن فروشن ۽ ويڪائو..........سوڍا......... نڪرُ ۽ راجپوتن جي مڳي تي پئي هُئي.!

اڄ وري سيٺ شرنارٿي ۽ پنڊت نائومل جي ملاقات حيدرآباد مان آيل انگريز سرڪار ايونس سان، مختيارڪار ڪشورلال جي ڪچهري هال ۾ رٿيل هئي. تنهن ڪري پنڊت نائومل سوير کان ئي سيٺ شرنارٿي وٽ پهچي ويو هو. سيٺ شرنارٿي بہ جلد تيار ٿي، پنڊت نائومل کي ساڻ ڪري ڪچهري هال ۾ پهچي، اردلي کي پنهنجي اچڻ جو نياپو ڪرنل ايونس تائين پهچائڻ جو چيائين. ڪُجھ ئي ساعتن کانپوءِ ٻئي ڪرنل ايونس جي دفتر ۾ موجود هئا.

ڪرنل ايونس، تند تيز ۽ ڏاڍو چابڪدست هو نيڻن ۾عجيب مڪاري ۽ چالاڪي هئي. هي اهو ساڳيو ڪرنل ايونس هو جنهن پارڪر جي سوڍن ۽ نڪرن جي بغاوتن کي ڏاڍي بيدردي سان دٻايو هو.

ايونس، ٻئي هٿ ميز تي رکي، مختيار ڪار ڪشورلال جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو
”هي آئون ڇا پيو ٻڌان ته پارڪر ۾ وري ڪنهن وڏي بغاوت جون تياريون پيون ٿين...............؟!“
ڪشور لال، ڪرنل ايونس جي اکين جو تاب نه جهليندي اکيون جهُڪائي وراڻيو
”سائين، اهڙي ته ڪا به ڳالهه ڪونهي. باقي چند پرمار ۽ ڏاڙيل قسم جا ماڻهو آهن. جيڪي وري به هندو مسلم فساد جهڙي شورش ڪرائڻ جي چڪر ۾ آهن. انهي ڪم ۾ سرفهرست سانول آهي، هي ماڻهو هتي جي معزز شخصيت ۽ انگريز سرڪار جي وفادار پنڊت صاحب لاءِ سازشون سٽيندو وتي، جنهن جو اطلاع اوهان صاحب ڏانهن روانو به ڪيو هُئم......!؟“
ڪرنل ايونس چيتي جهڙي تيزيءَ سان وراڻيو
”مسٽر ڪشور، آئون انهي ذاتي رنجش ۽ بدلي وٺڻ واري بغاوت جي ڳالهه ڪونه ٿو ڪريان، آئون ته ان بغاوت جو ذڪر پيو ڪريان، جنهن ۾ اسان جي رسد جي قافلن ۽ چونڪين ۽ ٿاڻن تي حملو ڪري اسان کي تمام گهڻو نقصان رسايو آهي. مسٽر ڪشور لال، توکي اُن لاءِ سخت احڪامات به اُماڻيا ويا هئا. تو اُن سلسلي ۾ ان بغاوت کي روڪڻ لاءِ ڪهڙا جوڳا بندوبست ڪيا اٿئو..........................“
ڪشور لال، کي سيٺ شرنارٿي جي اڳيان، پنهنجي گلا نهايت ڏُکي لڳي پر اڳيان انگريز عملدار هو. جيڪڏهن ٻيو ڪو هُجي ها ته ڪشور لال اصل هُن جو منهن پٽي وجهي ها.
ڪرنل ايونس پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو
”باقي تون سانول جي ٿو ڳالهه ڪرين ته اُن جو سچو پورو دفتر کولي جاچيو ويو آهي ته هو هڪ امن پسند ۽ صلح پسند ماڻهو رهيو آهي ۽ اُن کي ڦاسائڻ لاءِ ڪيترن ئي ماڻهن گهاٽ گهڙيا هئا ۽ گهڙين پيا. باقي ڳالهه رهي پنڊت جي ته انهي ڳالهه مان قطعي انڪار ڪونهي ته هي ماڻهو اسان جو سچو دوست ۽ وفادار آهي. تنهن ڪري هن کي گهُرجي ته پنهنجي دين جي تبليغ ڪندو رهي. اسان سندس ان معاملي ۾ هر قسم جي مدد ڪندا رهنداسين.“
اها ڳالهه ٻُڌي، ڪشور لال جيان، پنڊت نائومل جي مُنهن جو پنو ئي لهي ويو. سيٺ شرنارٿي، انهن ٻنهي جي بي عزتي ٿيندي ڏٺي ته ماٺ رهڻ ۾ ئي عافيت سمجهيائين.
ڪشور لال، پنهنجي ڳالهه کي پاڻي ڏيڻ لاءِ وراڻيو
”سائين ائين ته آهي پر سانول، جيڪي ڳالهيون ڪندو وتي ۽ ڪميونسٽ جي حمايت ڪرڻ سان گڏ، ماڻهن کي انگريز سرڪار جي پاليسين جي خلاف اُڪسائيندو وتي، اهو ته ذاتي رنجش يا ذاتي بدلي جي زمري ۾ ته ڪو نه ٿو اچي نه !“
ڪشور لال، جي ڳالهه ٻُڌي، ڪرنل ايونس، باز جي نظر جيان ڪشور لال تي نظر اُچلائي ۽ وراڻيو

”ڪير ڇا ٿو ڪري. انهي جي خبر چار اسان وٽندا رهون ٿا. هينئر سانول اسان لاءِ ڏکيو نہ آهي جيترو مسٽر جيوت مل ٽاڪرڙو. جنهن جون سرگرميون پهرين ئي مشڪوڪ هيون پر هينئر انهن ۾ تيزي اچي ويئي آهي. ڇاپا مار ڪارروائين جي پويان، انهي جوئي هٿ آهي.“

اها نئين ڳالهہ ٻڌي، مختيار ڪار ڪشور لال حيران ٿي ويو.

” ادا، هي نشان تہ گورهيڙي نانگ جا ٿا لڳن. جهڙي تيزي سان هنن وٽن جا نشان آهن. اهي نشان ٻيو ڪو نانگ نہ ڪندو آهي.“

سانول، نانگ جي پڇي وڃڻ وارن نشانن کي ڏسي وراٽيو ۽ پنهنجي ڪيسي مان مڻ ڪڍي، چير ڏنل جڳهہ تي پٽي ڪولي، رکي وري پٽي زور سان ٻڌي ڇڏيائين ۽ آسو کي ٿورو پريروءَ کُلي واءَ ۾ ليٽائي ڇڏيو. پڳڙي مل، آسو جي ڳلي ۾ آڱريون هڻڻ شروع ڪيون تہ جيئن اُلٽي ڪري تہ معدي ۾ بہ ويل زهر ٻاهر نڪري وڃي. ڪُجهہ دير جي ڪوشش کان پوءِ آسو اُلٽي ڪئي، تڏهن پڳڙي مل، آسو مل مان هٿ ڪڍيا، هٿ ڌوئيندي وراٽيو

”هاڻ پؤ ڪونهي. نستائي تہ اجا بہ رهندس پر زهر هاڻ مٿي ڪين چڙهندو. باقي رهيو سهيو زهر جي هوندو بہ تہ اهو زهر مڻ چڪي وٺندي.“

سانول، پڳڙي ڏانهن نهاريندي چيو

” گورهيڙي جو هي وقت ناهي، هي تہ سنجهي ۾ نڪرندو آهي، هينئر لُنبي يا وري ٻوڳهي جو خطرو هوندو آهي.“

پڳڙو مل وراٽيو

” ائين تہ برابر آهي پر اڄ صبح کان گرمي گهٽي هئي. مون کي اُڏڪو هو تہ ڪٿي اسان کي هلندي نانگ بلا نہ ڏنگي. اُنهي اُڏڪي جو ذڪر، مون آسو سان بہ ڪيو هو پر پوءِ بہ هن الائي ڇو لاپرواهي ڪئي.“

ڪرمچند، جيڪو اهو سڄو لقاءَ ڏسي رهيو هو ۽ پنهنجن مارُوئڙن جي سڀاجهپ، سياڻپ، سهپ ۽ محبت ڏسي خوش ٿي رهيو هو تنهن چيو

” تي سگهي ٿو ڪچهري ۾ ايڏو محو ٿي ويو هُجي، جو ان طرف ڌيان ئي نہ ڏنو هُجيس.“

پڳڙي مل فڪرمندي مان چيو

”ممڪن آهي ائين هُجي، پر ادا! هي رڻ آهي جيڪا هنن جيت جڙن جي جنت آهي ۽ اها خبر تہ آسو کي بہ هئي ۽ پوءِ بي ڌياني...................!“

ڪرمچند بہ ٿڪاوٽ کي سڪون ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ واريءَ تي ٽنگون پساريندي وراٽيو

”جڏهن آسو جو ڪنڌ، اوهان جي ٻانهن تي ڪڙيو تہ مون پڪ سمجهيو تہ آسو هاڻي اسان جي وچ ۾ نہ آهي پر اوهان جي ۽ سانول جي مُک تي ڪو بہ ڊپ ۽ فڪرمندي نظر نہ آيم تہ ڏاڍو حيران ٿيس تہ همراهہ هليو ويو پر هنن کي ڪا بہ پرواهہ ڪونهي.“

سانول مُرڪندي وراڻيو

”اسان وٽ اڪثر، ائين ٿيندو رهندو آهي اسان جو ۽ هنن بلائن جو چولي دامن جو ساٿ آهي. هو پنهنجو ڪم ڪن ٿا، اسان پنهنجو . اسان ڪي انسان جي جسم ۾ ذرو بہ ساهہ جي سمڪ جو پتو هوندو تہ اسان اُن ڪي بچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا رهندا آهيون.“

رات پنهنجي آخر پهر ۾ هئي. ڪجهہ ئي ڪلاڪن ڪان پوءِ اوڀر ڪان روشني جو لاٽون اڀرڻ واريون هيون. رڻ جي ٿڌي واري چند گهڙين ڪان پوءِ تپي ٽانڊا ٿيڻ واري هُئي. وڻ ٽڻ تہ پري جي ٻالهہ پر چانءَ چانوري لاءِ ڪابہ شيءِ ڪانہ هئي. هي ” تڙو“ ڪان اجان ڪافي پري هُئا. جيڪڏهن آسو ڪي سپ نہ ڪکي ها تہ هي هينئر تائين ” تڙو“ نخلستان ۾ هُجن ها نہ تہ بہ اُن جي ويجهڙ ويجهڙ هُجن ها. هاڻي آسو ڪي هوش اچي ويو هو پر گورهيڙي نانگ جو ڪکيل هو ۽ گورهيڙو رڻ جو سپ ڪان وڌيڪ زهريلو سپ آهي. جنهن جو ڪاڌل پاڻي بہ نہ گهُري. سو آسو ڪي هڻي صفا ڪمزور ڪري وڌو هُئس پر هنن ڪي ڪنهن بہ حالت ۾ جيترو جلد ٿي سگهي ” تڙو“ پهچڻو هو سو آسو ڪي گڏهہ تي ويهاري هي سيئي تڙو ڏانهن روانا ٿي ويا. گس تي ئي سج اُڀري آيو اجان تہ صبح جا پهريان پهر هئا. پر گرمي چوي تہ اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن نہ پوان ۽ اها گرمي، آسو لاءِ چڱي ڪانہ هئي. تنهنڪري اجرڪ پاڻي ۾ پسائي، آسو تي وجهندا ويا ٿي، ائين ڪرڻ سان هنن جو پاڻي جو ذخيرو بہ ختم ٿيڻ تي هو. انهي ڪري پاڻي گهٽ پيئڻ لاءِ استعمال ٿي ڪيائون ۽ گهڻو تڻو پاڻي جڻڪي آسو تي پئي استعمال ٿيو. جئين جئين ڏينهن ويو چڙهندو، گرمي بہ چوٽ تہ چڙهندي ٿي وئي. همراهہ سپ نستا ٿي پيا هئا. خاص ڪري ڪرمچند جا پير تہ هاڻي نہ ٿي کڄاٽا سوڌو. ڪنهن ڪنهن وقت اچي سهارو ڏيس تہ ڪنهن وقت سانول تقريبن پوري ٽاڪ منجهند جو هنن کي ” تڙو“ نظر اچڻ لڳو. جيتري وک وجهن اوترو تڙو پري ٿيندي ٿي ويو. رفتار بہ صفا گهٽجي ويئي هُئن. ائين پئي لڳو تہ تڙو پهچڻ ڪان اڳ ۾ ئي هنن ڪي رڻ ڳڙڪائي ويندي. پر هڪ ٻئي کي سهارو ڏيندا ڏيندا اچي ” تڙو“ ۾ پير پاتائون سپ ڪان پهريائين، هنن جو اڪ جي ٻوڙن استقبال ڪيو. ڪجهہ پرپرو ڪانکهہ وڻن جا جگهتا نظر پئي آيا تہ ڪٿي ٿوهر جا ٻوٽا سر ڪنيو بيٺا هئا. ڦوڳ جا بہ ڪيترائي ٻوٽا جڻ هڪ ٻئي سان جُڙيو سرگوشيون ڪندا وتن. آرڙي جا ٻوٽا، تڙو نخلستان ۾ ائين اُڀريو بيٺا هئا، جڻ ڪنهن اوطاق ۾ ڪجهہ يارن جون پنهنجون پاڻ ۾ ڪچهريون لڳل هُجن. ڪپ، مُرٽ، جهرڪلي، ڪيٽ، ڪبڙ وغيره ائين ڏيک ڏيئي رهيا هيا جڻ تہ واقعي رڻ جي جنت جو ٽڪرو “تڙو” هو.

سوريہ ٽولو جنهن جي ڪابہ رپورٽ سمنگ سنگهہ ڪي نہ پئي ملي، تنهن بيڪانير جي فوجي ڪئمپ تي زبردست حملو ڪيو ۽ سڄي فوجي ڪئمپ ڪي تحس نحس ڪري ڇڏيو ۽ اُن ڪارروائي ۾ بہ انگريز عملدار جن ۾ هڪ ڪرنل مائيڪل بہ مارجي ويو هو. هيستائين ٿيل ڇاپا مار ڪارروائين ۾ هي وڏي مان وڏي ڇاپا مار ڪارروائي هئي. جنهن انگريزن ڪي اندر تائين ڏڪائي ڇڏيو هو. انهن ڇاپا مار ڪارروائين انگريز سرڪار ڪي مجبور ڪيو تہ گهڻو خرچ ڪري، انهن

علائقن ڏانهن پنهنجي فوج موڪلي ۽ هنن انهن ڇاپا مار ڪارروائين کي روڪڻ لاءِ ائين ئي ڪيو حيدرآباد مان ايڊورڊ سمٿ جي سربراهي ۾ فوج برهمڻ آباد ڏانهن رواني ڪئي جيوت رام وارن ڇاپا مار ٽولين پاران مليل خبر چار جي آڌار تي رٿابندين ۾ تبديليون ڪندا رهيا ٿي ۽ نوان نوان حُڪم ٽولن ڏانهن اُماڻڻ جا بندوبست بہ ڪندا ويا پئي، جيئن ڪم اڳ کان بهتر، جٽاندار ۽ پنهنجو پاڻ کي گهٽ نقصان ڏئي، وڌ مان وڌ نتيجا حاصل ڪري سگهجن. سوريہ ٽولي جي رپورٽ تہ اطمينان جوڳي هئي. پر اُن ۾ هنن کي جيڪو وڏي مان وڏو ڇيهو رسيو هو سو هو سوريہ ٽولي جي بهادر اڳواڻ ڪُنال پٽ جو جيڪو انهيءَ ڇاپا مار ڪارروائي ۾ مارجي ويو. تنهن ڪري ئي اهو ٽولو حال في الحال لڪي ويو هو. انهيءَ مسئلي کي فورن حل ڪندي، جيوت رام وارن سوانتو مل کي ٽولي جو نئون اڳواڻ مقرر ڪري جوڳي جي روپ ۾ سوريہ ٽولي ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو هو جيئن سوريہ ٽولي ۾ اڳواڻ نہ هئڻ ڪري ڦڙڦوٽ نہ پوي.

سوريہ ٽولو ڇڻ هن ڌرتي تان گم ٿي پاتال ۾ هليو ويو هو. انگريز سرڪار جا جاسوس، پنهنجي سر، سوريہ ٽولي جي نڪاٽي جي ڳولها ۾ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي چُڪا هئا پر ڪٿان بہ ڪو ڏس پتو هٿ ڪونہ آيو هُئن. ڇڻ سوريہ ٽولو آسمان ۾ گُم ٿي ويو يا زمين ڳڙڪائي ويس.

ڪرنل ايونس، جيوت رام تي حتمي حملي جي منظوريءَ لاءِ حيدرآباد ڏانهن سنهيو اُماڻي ڇڏيو هو ۽ حيدرآباد مان موڪليل فوجي دستو بہ برهمڻ آباد ۾ پهچي چُڪو هو. فوج جي آمد سان برهمڻ آباد ۾ ڇڻ ڦڙڦوٽ پئجي وئي هئي. برهمڻ آباد ۽ اُن جي پرپاسي جي ماڻهن ۾ هڪ اڻ ڄاتو پؤ پيدا ٿي ويو هو. هنن ماضي ۾ بہ ڪيترائي خون ٿيندي اکين ڏٺا هئا. جن ۾ ڪيترائي بيگناهہ بہ مارجندي ڏٺا هئن ۽ جنهن بيدرديءَ سان انگريز فوجن اُهي ماڻهو ماريا، تن جي تصور سان لڱ ڪانڊارجي ٿي ويا، هن وقت بہ فوج جي اچڻ سان، غريب ۽ مسڪين ماڻهو عذاب ۾ پئجي ويا هئا. فوجين کي ڪنهن جي پلي ٻڪري نظر چڙهندي ٿي وئي تہ اُن کي زوري ذبح ڪري کائي ٿي ويا. زمينن جي پيلاڙ تہ نهيو پر نياڻين سياڻين سان تہ ناحق لائي ڇڏيو هُئن. غريب ويچارا ڪُڇن ٿا تہ مرن ٿا. ڊولئي ڪولهي کي فوجين محض انهي ڪري لتن، مُڪن سان ماريائون جو هُن، هُنن کي ڪوهہ تان پاڻي پيري ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. ڪرنل ايونس وٽ جيوت رام خلاف سڀ ثبوت، گس ۽ شاهد موجود هئا. صرف حملي ڪرڻ جي اجازت نامي جي ضرورت هُئي. جنهن جي هي انتظار ۾ هو.

موتي پنهنجي پر ۾ سمنگ سنگهہ ڏانهن پل پل جي خبر چار ڏيندو پئي آيو ۽ موهن بہ پنهنجي هٿ تي ويهي سانول جي خبرچار لاءِ اتاولو هو. راڌا بہ موتي ۽ موهن جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول هُئي. راڌا، پاٺ شالا ۾ بہ مذهبي تعصب، طبقاتي مت ڀيد ۽ ذات پرستي خلاف بہ پرچار ڪرڻ لڳي هئي، جيڪا هندو مت جي بُنيادي مذهبي فلسفي جي اُبتڙ هُئي.

موهن ڪافي جهونو ٿي ويو هو. هاڻي تہ نظر بہ سندس ساٿ ڇڏيندي پيئي ويئي. بظاهر ائين پئي لڳو تہ سڄو ماحول پرسڪون آهي پر انگريز سرڪار اندر اندر ۾ وڏي ڪچڙي پچائي رهي هُئي

موهن جا رابطا مسلسل ٻين ڳوٺن جي دوستن سان بہ هلندا پئي آيا ۽ گسن، مندرن جي پل پل جي خبر موهن کي ملندي رهي پئي تہ انهن جڳهن تي اهڙي ڪا بہ چُر پُر نظر نہ پئي آئي. جنهن سان اهو اندازو ٿئي تہ اُتي سانول کي مارڻ لاءِ ڪو بندوبست ٿيل هُجي يا ڪي شڪي ماڻهو موجود هُجن تڏهن بہ چوڪسي کي برقرار رکيو پئي ويو ڇاڪاڻ تہ جيستائين سانول خير و خيريت سان برهمڻ آباد پهچي نٿو وڃي.

بہ ڏينهن اڳ، ڪاڪي والجي جي ديهانت تي سيئي گڏاٽا هُئا. جتي چوڪسي برقرار رکڻ ۽ برهمڻ آباد، احمد آباد، بڪانير، چور، امرڪوٽ، غرضڪ ٿر جي سڀني شهرن ۾ پهتل انگريز فوج جي حرڪت تي بہ نظر رکڻ جو فيصلو ڪيو هئن ۽ ٿر جي ماڻهن کي ذهني طرح ڪنهن امڪاني حملي جي صورت ۾ پنهنجي بچاءُ جو بندوبست ڪرڻ جي باري ۾ سکيا ڏيڻ جو پروگرام بہ ترتيب ڏنو ويو هو.

ڪاڪي والجي کي سندس وصيت موجب روپلي ڪولهي جي پير ۾دفنڪيو ويو هو. موتي، موهن ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو روپلي ڪولهي واري سماڌي ۾ پهچڻ سان ئي جوش ۾ ڀرجي ويا هئا ۽ اُتي انگريزن خلاف اندر جي باهہ خوب ڪڍيائون. هونئن بہ انساني فطرت رهي آهي تہ هو جڏهن پنهنجن بهادرن ۽ سورهين جي مدفن تي پهچن ٿا تہ هُنن جا ڳاٽ هڪدم اوچا ٿي وڃن ٿا. ڇاتيون بود ۾ ڀرجي وڃن ٿيون. اسين اُنهن جوڌن ۽ جوانن جي تسلسل جو حصو آهيون، جيڪي نہ ڪڏهن جهُڪيا ۽ نہ ڪڏهن وڪيا.

سانول، وارا " تڙو" پهتا تہ جڻ سندن ۾ نئون روح ڦوڪجي ويو هُجي. آسو کي بہ، ڪانڪهہ جي وڻن جي جهڳٽي واري ڇانءَ ۾ ليٽايون. سوڍو ڪنهن تلاءُ مان پاڻي ڀري آيو جانور بہ پاڻي وغيره پي مختلف وڻن جي ڇانو ۾ آرام ڪرڻ ويهي رهيا هئا. آتش فشان جبل جي چوٽي تان نڪري جڻ سانوٽي جي ٿڌڙن ڪکرن جي ڦوهار ۾ پهچي ويا هُجن. اهو آرام ۽ سڪون هنن لاءِ ڪُجهہ گهڙين لاءِ هو ڏينهن سڄو هنن تڙو ۾ گذاريو. شام جڏهن پوري طرح پنهنجا پر پکيڙي چڪي تہ هي بہ پنهنجي منزل ڏانهن اُسهڻ لڳا. آسو بہ پهرين کان ڪافي بهتر هو. تنهنڪري منزل ڏانهن تيزي سان هلڻ لڳا ۽ صبح جو پهرين پهر ۾ هي ڪانٽئي ۾ داخل ٿي ويا. جتي ڪاڪي والجي جي وڏي نياڻَي دلپت راءِ جي گهر ۾ ٽائينڪا ٿيا. ڪانٽئي پهچڻ تي، هنن کي جيڪا پهرين ڇرڪائيندڙ خبر پئي سا هئي ڪرنل ايونس ۽ ان جي توپ خانن سان پهتل فوج جي، ٻئي نمبر ڪاڪي والجي جي ديهانت تي وچڻ جي ۽ ٽئين نئين خبر ٿيل بغاوت جي، جنهن جي ڪري، هنن محسوس ڪيو تہ ڪانٽئي پهچڻ شرط هي تي طرفي نگاهن ۾ اچي ويا آهن. هڪ تہ انگريز ٻيو پنڊت نائومل، ٽيون نئين ٿيل بغاوت جا اثر تنهن ڪري هنن لاءِ جڻ، رڻ ڪان بہ وڏيڪ ڪنن سفر، ڪانٽئي کان برهمڻ آباد تائين جو هو. هنن بہ سڌو برهمڻ آباد وڃڻ بجاءِ ڪارونجهر جي اندارن برهمڻ آباد وڃڻ جو فيصلو ڪيو هو.

سانول جي ڪانٽئي پهچڻ جي خبر، پنڊت نائومل کي پئجي وئي هُئي. پر هن وقت حالتون سراسر پنڊت نائومل جي خلاف هيون ۽ ڪرنل ايونس جي اچڻ سان پنڊت نائومل جي پهچ به محدود ٿي وئي هئي. سانول جي ڪانٽئي پهچڻ جو اطلاع انگريز ڪرنل ايونس تائين به پهچي چُڪو هو. ڪرنل ايونس به سانول ۽ اُن جي ساٿين تي ڪڙي نظر رکڻ جي هدايت جاري ڪري ڇڏي هئي. سانول لاءِ ڪانٽئي مان نڪرڻ مسئلو بنجي پيو هو. لڳو ائين پئي ته تنهي ڏُرين ۾ مانار واري جنگ ڇڙي چُڪي آهي. برهمڻ آباد ڏانهن ڪارونجهر کان وڃڻ جو فيصلو ته هي پهرين ئي ڪري چُڪا هُئا. پر هتان کان نڪري ڪارونجهر تائين وڃڻ جو بندوبست ڪيئن ٿئي؟ انهي تي ڪالهه رات کان بحث هليو پئي. هڪڙن جي راءِ هُئي ته تڪڙ نه ڪجي هتي ويهي حالتن جو جائزو وٺندو رهجي. جيئن حالتون سازگار ٿين ته پوءِ برهمڻ آباد ڏانهن نڪرجي. ڪن نوجوان جوشيلن جو خيال هو ته هتان هٿياربند ٿي نڪرجي، جي ڪو مزاحمت ڪري ته اُن کي منهن توڙ جواب ڏئي، اڳيان نڪري وڃجي. ڪن ٻڌتر رهندڙ ساٿين جو وري خيال هو ته هتي جي انتظاميا جي مدد وٺي، اڳتي نڪرجي، پر آخر جو خيال سيٺي کي پدمن راءِ جو پسند آيو. جنهن پنهنجي راءِ ڏيندي چيو ته حالتن جو جيڪڏهن جائزو وٺڻ جي ويهي رهياسين ته پوءِ مهينن جا مهينا لڳي ويندا ۽ اڳيان جن جي اڳواٽي پاڻ ڪري رهيا آهيون سي ڇڙ وڇڙائي ۾ اُبهرائي جا ڪم ڪري، وڏي نقصان ۾ پئجي ويندا. ٻيو هٿيار بند ٿي نڪتاسين ته اڳ ته اسان صرف شڪ جي بنياد تي نگاهه ۾ آهيون ٻيو هي نئين شروع ٿيل بغاوت جي زمري ۾ اچي ناحق ڪنهن ڏچي ۾ ڦاسي پونداسين. ٽيون ته هتي جي انتظاميا کي ڇوڻ معني ته پنهنجو پاڻ پنڊت نائومل جي ماڻهن کي اطلاع ڏيون ته اسان تي لڪي ڇپي حملي ڪري نقصان پهچائين، تنهن ڪري اسان سيٺي کي ماڻهن جي نظرن کان لڪي ڪارونجهر جي اندر هلڻو پوندو. اُن جو هڪ ئي طريقو آهي ته ڪاڪي والجي جي ياد ۾ هڪ ست سنگ ڪرڻ جو پروگرام رٿيون . جيڪو صرف خالصتن عورتن جو هُجي. جنهن ۾ اسان سڀ عورتن جي لباس ۾ هُجون ۽ گهر ۾ عورتن کي مردن جي لباس ۾ ڇڏجي، جيئن جيڪي اسان جي ٽوهه ۾ آهن سي گهر تي ئي مُنجهيا رهن ۽ اسين سانول وارن کي سُرڳواسي والجي جي سماڌي تائين پهچايون جيڪا ڪاورنجهر جي ڪور ۾ آهي. اُتان کان سانول وارا جبل ڏانهن نڪري وڃن ۽ ٻيا سڀ رات ست سنگ ڪري واپس هليا اچن.”

تنهن ڪري پدمن راءِ جي تجويز تي عمل شروع ٿي ويو. اُن لاءِ آڙي پاڙي، آس پاس جي مائٽن ۽ ڳوٺن کي دعوت ڏيڻ جو سلسلو به شروع ڪيو ويو. سانول ۽ ساٿين لاءِ ڪپڙن، والن، چوڙين، زيورن، پائيلن جو لڪ ڇُپ ۾ بندوبست ڪيو پئي ويو. ست سنگ جي پروگرام لاءِ ڀڳت به پهچڻ شروع ٿي ويا هئا. اتفاق سان موتي به سانول سان ملڻ لاءِ ڪانٽئي پهچي ويو هو. جنهنکي ڏسي انگريزن توڙي پنڊت نائومل جي ٽوهيندڙن جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. موتي جي ڪري، ٽوهيندڙ به طرفا ٿي ويا. جنهن جو فائدو اڻ سڌي طرح سانول کي ملي رهيو هو.

پنڊت نائومل به پنهنجا ٽوهيندڙ ڪانٽئي موڪلي چڪو هو. تنهن ڪري ڪانٽئي جي هر چرپر تي هڪ ٻه نه پر سوين اکيون کُتل هيون. موتي به سانول سان ملي نه سگهيو هو.هيڏي چرپر کي ڏسي موتي به احتياط ڪري ويهي رهيو هو. پنڊت نائومل جو هاڻي صبر لبريز ٿي چُڪو هو تنهنڪري هيل پنهنجن چيلن کي حُڪم ڏيئي ڇڏيو هئائين ته جتي به سانول کي ڏسو اُتي ماري ڇڏجو تنهنڪري پنڊت نائومل جا ٽوهيندڙ هر گهٽيءَ ۾ نوس نوس ڪندا وتندا هئا.
هوڏانهن انگريز سرڪار به پنهنجن جاسوسن ذريعي سانول توڙي ٻين ماڻهن تي ڪڙي نگراني ڪري رهي هئي. سانول ۽ موتي ڪانٽئي ۾ هوندي به ڌن الڳ جاين تي هُئا. انگريز سرڪار ۽ پنڊت نائومل جا ٽوهيندڙ به سانول کان وڌيڪ موتي تي ڪڙي نظر رکيو ويٺا هئا ته موتي ئي اهو ماڻهو آهي، جيڪو سانول سان ملائي سگهي ٿو. تنهنڪري ست سنگ لاءِ ٿيندڙ تيارين ڏانهن هنن جو گهڻو ڌيان نه هو. موتي کي جنهن جاءِ جو اطلاع هو اُتي سانول موجود ئي نه هو. چو ته عين وقت تي سانول وارن ان جاءِ کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو هو. موتي سانول کي ان جاءِ تي نه ڏسي سخت پريشان ٿي ويو هو. هن جي ذهن ۾ هڪدم جيڪو خيال آيو سو هو ته ڪٿي سانول، پنڊت نائومل جي چيلن جي ور ته ڪونه چڙهي ويو آهي. هُن پنهنجي پر ۾ پُڇا ڳاڇا ڪئي ته خبر پيس ته هتي ڪي مُسافر آيا ته ضرور هئا پر ڪالهه رات کان الائي ڪيڏانهن الوپ ٿي ويا آهن. وري اسان هُنن کي نه ڳُهمندي ڏٺو نه ڦرندي. موتي ان گس تي رهندڙ پنهنجن همراهن کان پُڇا ڪئي ته هُنن به اڻ ڄاڻائي ظاهر ڪئي. هنن موتيءَ کي محض انهيءَ ڪري ٻڌائڻ مناسب نه سمجهيو ته هنن ڪانٽئي ۾ ڪيترن نون ماڻهن کي ايندي ڏٺو پئي، ممڪن آهي ته موتي کي اصل ڏس ڏين ۽ موتي سانول سان ملڻ جي ڪوشش ڪري جنهن ڪري ڪو نقصان ٿئي، تنهنڪري جيترو به محتاط رهي سگهجي ٿو رهجي. سيني مقامي ماڻهن به سانول واري پاسي وڃڻ ڇڏي ڏنو هو. صلاح مصلحت جو جيڪو به ڪم هو سو زالن ۽ ٻارن کان پئي ورتو ويو.
ڪرنل ايونس جو سڀ ڪم مڪمل هو. سونهان به هن هٿ ڪري ڇڏيا هئا، بس، هُن کي جيڪڏهن انتظار هو ته مٿئين انتظاميا کان اجازت نامي جو. عام ماڻهن کي ڄاڻ هئي ته فوج جيترو به وقت برهمڻ آباد ۾ رهندي، اوترو هنن جي زندگي ڪنهن عذاب کان گهٽ ڪين نه گُذرندي. هر ماڻهو اهو چاهيو ٿي ته فوج پنهنجو ڪم ڪري هلي وڃي نه ته فوج کي هتان ڀڄائي ڪڍجي. ڀهريون سبب فوج جي مرضي تي هو ۽ ٻيو سبب عام ماڻهو جي وس ۾ ئي ڪونه هو.
جيوت رام وارن کي به انگريز فوج جي اچڻ جي خبر پئجي چُڪي هئي. سو هو به هاڻ ڪنهن به هڪ جاءِ تي مسلسل نه پئي رهيا. انهن هر ٻئين ٽئين ڏينهن پنهنجو ٺڪاڻو تبديل ٿي ڪيو. اهو عمل تمام گهڻو ڏکيو هو پر هنن وٽ ٻئي ڪا واٽ ڪانه هئي. نه ته ڪنهن به وقت گهيري ۾ اچي، اڳين بغاوتن جيان ختم ٿي ٿي سگهيا. هنن پنهنجي سوچ ۽ سمجهه آهر پنهنجون رٿابنديون ٿي

ڪيون پر هنن جي اندر ويٺل هڪ ماڻهو هنن جي هر حرڪت ۽ چرپر جي خبر انگريز سرڪار کي پهچائي رهيو هو جنهن جو هنن کي ذرو به شڪ نه هو.

راڌا ۽ موهن وٽ موتي واپس پهچي سڄو سارو حال احوال ڏنو راڌا ۽ موهن به سانول جي نه ملڻ ڪري سخت پريشان ٿي ويا هئا. راڌا، ان اڻ ڄاتي خوف سبب روئڻ لڳي ته سانول کي پڪ پنڊت نائومل وارن ماري لاش گُم ڪري ڇڏيو آهي. موهن به مٿو جهلي ويهي رهيو هو ته هي ڇا ٿي ويو. ايڏو پڪو اطلاع هوندي سانول اُتي ڇو نه پهتو اتي نه پهتو ته پوءِ ڪيڏانهن گُم ٿي ويو؟

موتي ڪاڪي موهن جي پير ۾ ايندي چيو

”ڪاڪا! ائين ويهي رهڻ سان ته مسئلو حل ته ڪونه ٿيندو. ڪُجھ نه ڪُجھ ته ڪرڻو پوندو.“

ڪاڪي موهن، موتي ڏانهن نهاريندي چيو

”ڇا ڪريون؟ گس گس ۾ ڇپي ڇپي تي پنهنجا ماڻهو ويٺل آهن ۽ هر پل جي پاڻ کي خبر پيئي پئي، اُن هوندي به سانول پاڻ کان گُم ٿي ويو...............!“

موهن ائين چئي اٿي راڌا ڏانهن آيو ۽ راڌا جي مٿي تي هٿ رکي چيائين

”امڙ، مونکي معاف ڪجئين، آئون سانول کي بچائي نه سگهيس. هي مذهبن جا ٺلها ٺارا هاٿي، اڳ مون کان مُنهنجي ٻچڙيءَ زينب کي بيدردي سان کسي ڇڏيو ۽ اڄ هنن مذهبي هاٿين سانول کي به ماري ڇڏيو ۽ آئون سانول لاءِ ڪجھ ڪين نه ڪري سگهيس. ا هي ٺلها مذهبي هاٿي اسان جن اصولن، آدرش، جذبن ۽ نفيس نازڪ خيالن کي بيدردي سان لتاڙيندا ٿا وتن. مُنهنجي ڏيئڙي، اسين بي وس آهيون اسين بي وس آهيون....“

۽ روئڻ ۾ اچي ڇُٽڪيو. موتي ويتر پريشان ٿي ويو. ڪاڪي موهن جي حالت ڏسي، راڌا کي پنهنجو روئڻ وسري ويو ۽ ڪاڪي موهن کي سنڀالڻ ۾ لڳي ويئي.

راڌا، ڪاڪي موهن کي چيو

” ڪاڪا، سانول مليو نه آهي ته خير آهي. ممڪن آهي ته ڪاڪا هو اڃان ڪانٺئي پهتو ئي نه هجي. پاڻ کي غلط اطلاع مليو هجي. پڪوان نه ڪري، ڪا ٻي ڳالھ هُجي ها ته به ان جو ڪو ڪُرُ پيرَ جي ٿوري گهڻي سُڌڪ پوي ها. ٻيو ته ٺهيو پر ڪاڪا، موتي کي ڪٺي سانول جي خبر نه هُجي پر ڪانٺئي جي ڪنهن ته ماڻهو کي خبر ضرور هجي ها ته سانول ڪانٺئي ۾ آيل آهي. ڪانٺئي ۾ پنهنجا به ته ماڻهو آهن..“

راڌا، سمجهائيندي رهي پر ڪاڪو موهن مسلسل روئندو ئي رهيو ڇڻ هُن راڌا جي ڳالھ ٻڌي اڻ ٻُڌي ٿي ڪري ڇڏي موتي ۽ راڌا اڃان موهن کي سنڀالڻ ۾ پورا هئا ته تيسين اوچتو سي آءِ ڊي وارا ۽ ڪُجھ انگريز فوجي دستي جا ماڻهو گهر اندر گهڙي آيا ۽ آنن فانن موتي کي ڪنيي ڪٺي روانا ٿي ويا.

موهن ۽ راڌا کان روئڻ وسري ويو دروازي ڏانهن ڀڳا پر سي آءِ ڊي ۽ فوجين وارا وهٽ، هنن جي اکين اڳيان گُم ٿي ويا.

پنڊت نائومل کي مخبرن سانول جي گُم ٿيڻ جي خبر ٻڌائي ته هيڪر ته پنڊت نائومل جون واڇون ٽڙي پيون پر ٻئي لمحي منهن مان پريشاني بکڻ لڳس.

”جيڪڏهن هو مونکي هٿ ڪونه آيو ته هو انگريزن کي به ته هٿ ڪونه آيو آهي. ڪٿي هو جيوت رام وارن جي ور تي ڪونه چڙهيو آهي. جي اُتي وڃي ها ته به خبر ڪڙڪو ضرور پوي ها. ڪٿي نه ڪٿي کُر پير ضرور لڳن ها. پوءِ سانول ڪيڏانهن وڃي سگهي ٿو..............“

پنڊت نائومل جي ذهن ۾ اهڙيون کوڙ ساريون ڳالهيون گردش ڪرڻ لڳيون هيون. هن پنهنجن ٽوهيندڙن کي ڪانٽئي ۾ ئي رهڻ جي هدايت ڪئي. هُن کي اها ته پڪ هئي ته سانول ڪانٽئي يا اُن جي آسي پاسي جي ڳوٺن ۾ ڪٿي لڪل آهي. رڳو ٽوهيندڙن کي گمراهه ڪرڻ لاءِ ڪٿي ٽمب ماري ويهي رهيو آهي.

هاڻي موتي جهلاڻو آهي، ضرور ڪٿان نه ڪٿان ڪن ڪاپڙي نظر ايندي. تنهنڪري نظراندازي اڳ کان وڌيڪ ڪرڻ گهُرجي. پنڊت نائومل پنهنجن ٽوهيندڙن کي وڌيڪ محتاط ۽ چوڪسي واري نظرداري جون هدايتون ڏيئي واپس ڪانٽئي موڪليو هو ۽ پاڻ به سپ ڪم ڪار هڪ پاسي ڪري، برهمڻ آباد ڏانهن روانو ٿيو. جيئن برهمڻ آباد واري مندر تي سانول جي مرڻ جي خبر ٻڌڻ سان قبضو ڪري وڃهي.

جيوت رام جي موڪليل ڇاپا مار ٽولين، ٿر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ڦرڦوت وجهي ڇڏي هئي ۽ ڪيترائي ٻيا عام ماڻهو به حب الوطني جي جذبي هيٺ، انهن ٽولين جا غير مشروط حمايتي بڻجي ويا هئا.

ان ڪامياب ڇاپامار ڪارروائين ۾ انهن محب وطنن جو ڪردار هو جن سر جو سانگو لاهي، انهي ڇاپا مار جدوجهد ۾ حصو ورتو پئي ته انگريز سرڪار جي ڪيتري ئي سرڪاري مشينري کي ڪافي ڪاپاري ڌڪ رسيو پئي . عام ماڻهن کي ائين ٿو لڳو ته ڄڻ هنن جي فتح هاڻ ويجهي آهي. انگريز هتي مٿو ڪپائڻ بجاءِ ٻئي طرف ڀڄي ويندا. پر انهن جوڌن، سورهيائن ۽ سرفروشن وچ ۾ هڪڙو اهڙو ڪوڙو ڪانئر به موجود هو جيڪو انهيءَ شاندار جدوجهد کي ڪاپاري ڌڪ رسائڻ وارو هو. جنهن جي ڪنهنکي به خبر ڪانه هئي ته هو جيڪو هنن لاءِ ڏاڍو معتبر، قابل احترام ۽ قابل اعتماد هو. جنهن تي شڪ ڪرڻ ته هو پاڻ کي پاپي تصور ڪندا آهن. موتي به انهن جي چوڻ تي گرفتار ٿيو هو.

موتيءَ جي گرفتاري پوري ٿر ۾ ڪنهن ويا جيان پکڙجي وئي. تنهن ڪري ٿر جي ڪافي ننڍين وڏن شهرن ۾ احتجاجن واپارين واپار بند رکيو هو. جيوت رام کي به موتي جي گرفتاري جو پتو پئجي چڪو هو. تنهنڪري سمنگ سنگهه موقعي جي مناسبت سان ڳالهه چوريندي چيو

”جيوت، هاڻي پنهنجي ويڙهه جو وقت اچي ويو آهي. سمجهو ته وطن خاطر، موت کي ڳلي لڳائڻ لاءِ تياري ونجي نه ته موتي هڪ هڪ ڳالهه انگريز سرڪار کي ٻُڌائي ڇڏيندو.“

جيوت رام، غور سان سمنگ سنگهہ جي اکين ۾ نهاري چيو
”سمنگ، ممڪن آهي تہ موتي ائين ڪري، پر انهيءَ ڪان اڳ گورن ڪي اسان جي ٽڪاڻن جي خبر ڪنهن پئي ڏني آهي.“
سمنگ سنگهہ وراڻيو
” هوندو ڪو اسان مان، ممڪن آهي موتي ئي هُجي. جنهن پنهنجو پاڻ ڪي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ گرفتاريءَ جو اهو ڊونگ رچايو هُجي.“
جيوترام، پنهنجي بندوق جي نالي کي صاف ڪري ڦوڪَ ڏيندي چيو
”جي ائين آهي تہ پوءِ چندرما ٽولي جي هر حرڪت جي خبر، گورن وٽ ڪيئن پهتي ۽ هنن هر گس ۽ گهيڙ تي چندرما ٽولي کي بيدرديءَ سان ماريو هو. اها خبر تہ موتي کي ڪونہ هئي نہ سمنگ.“
سمنگ سنگهہ پنهنجي تلوار ڪلهي تان لاهي، ڪارونجهر جي ڪڙيل اوٽ وٽ رکي ۽ جبل جي ڇپر کي ٽيڪ ڏيئي وراڻيو
”پيو ڪير ٿو ٿي سگهي جيوت؟ “
” تون بہ ٿي سگهين ٿو................ آئون بہ ٿي سگهان ٿو.....سومار، حسين، پسايو جڳن بہ ٿي سگهن ٿا..... پنهنجي لڙائي جن دشمنن سان آهي. سو تيز، هوشيار ۽ انتهائي طاقتور آهي ۽ اهو اسان کي ڪمزور ڪرڻ، ٽوڙي پورا پورا ڪرڻ، اسان کي ڇڙ وڇڙ ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو، تنهنڪري سمنگ، ڪنهن تي بہ اعتبار نہ ٿو ڪري سگهجي.“
سمنگ سنگهہ خلا ۾ گهوريندي چيو
”جيوت، پوءِ ڇا اسين وطن جا ماروئڙا، هميشہ غلامي جي طوق کي پهري رهنداسين ۽ اسين ائين ئي مرندا ۽ ڳُسندا رهنداسين.“
جيوت رام، ٻئي هٿ سمنگ سنگهہ جي ٻنهي ڳُلهن تي رکي چيو
”ها اسين پنهنجي وطن ۽ پنهنجن لاءِ ائين ئي مرندا ۽ ڳُسبا رهنداسين. وطن جا غدار پنهنجو ڪم پيل ڪندا رهن ۽ اسين محب وطن پنهنجو ڪم ڪندا رهنداسين. ڏسون ڪير ٿو فتحياب ٿئي.“
سمنگ سنگهہ، سچو انداران ڏڪي ويو. هن جيوت رام جي اکين ۽ چهري تي جيڪو غصب جو جاهہ و جلال ڏٺو تہ سمنگ سنگہ جيوت رام جي اکين جي دهشت جا اُلائو نہ سهي سگهندين، اکيون هيٺ ڪري وراڻيو
”پر جيوت، پنهنجو بچاءَ تہ ڪرڻو آهي نہ!“
جيوت رام، جبل تان هيٺ هلندي چيو
” ها، هاڻ جبل ۾ رهڻ، جان کي جوکي ۾ وجهڻ برابر آهي. تنهنڪري اڄ رات جو سوچيان پيو تہ هتان نڪري، هيٺ گُجرات مان ٿي ڪلڪتي ڏانهن نڪري وڃڻ گهُرجي.“
سمنگ سنگهہ جا ڄڻ ڪن ڪڙا ٿي ويا پر ڏيکاءُ طور جيوت جي حمايت ڪندي چيائن

”صحيح ٿو چئين جيوت، پوءِ سيني ٽائين اها خبر پهچائي ڇڏيان.“
جيوت رام، اکين اڳيان هٿ ڏيئي جبل جي اوٽ ۾ هيٺ نهاريندي چيو
”نه، اڄ رات گڏپ ڪنداسين جنهن ڪانپوءِ ڪرم وير ۽ نيات مل وارن سان به صلاح ڪنداسين، اُن ڪانپوءِ ئي ڪو فيصلو ڪنداسين.“
سمنگ، جيوت جي ڪُلهي تي هٿ رکي چيو
”جيوت، توکي حالتن جي سڀ خبر آهي، پل پل جي ڪيڏي اهميت آهي. جيتري دير ٿيندي اوترو پاڻ تي گهيرو تنگ ٿيندو ويندو. وڌيڪ تُنهنجي مرضي.“
جيوت، سمنگ ڏانهن ڏسندي چيو
”ڇا مطلب، اسان پنهنجي وڏيرڪي هلائي، جيڏانهن چاهيون اوڏانهن وڃون. هي جي هيترا دوست، پنهنجا گهر گهاٽ، مٽيون مائٽيون ڇڏي اسان ساڻ ويڙهه جي ميدان ۾ آهن تن کي اڪيلو ڇڏي ڏيون.“
سمنگ سنگهه، جيوت کان ٿورو هيٺ جبل وٽان لنگهندي وراڻيو
”نه جيوت نه، منهنجو هرگز اهو مطلب ڪونهي. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته گورا ڪنهن به وقت اسان تي حملو ڪري سگهن ٿا. هنن فوج به گهُرائي ورتي آهي ۽ هو مڪمل تياري ۾ آهن.“
جيوت رام، غار ڏانهن ويندي چيو
”سمنگ، وطن جي جنگ ۾ جي ماريا وياسين ته به پنهنجي وطن جا سورما ٿي مرنداسين ۽ جيڪي هينئر غداري ڪندا، تن کي شايد ايندڙ نسل ڪڏهن به معاف نه ڪندي. هونئن چاهي ڪجهه به ٿئي فتح نيٺ حق ۽ سچ جي ٿيندي، سا جي اڄ نه ٿيندي ته سُياڻ ٿيندي.“
سمنگ سنگهه جيوت رام، کي غار ۾ ويندو ڏسي رهيو هو جيڪو مضبوط ۽ خود اعتمادي سان قدم کڻندو غار ۾ هليو ويو.
حيدرآباد مان نڪتل اجازت نامي وارو ماڻهو برهمڻ آباد ۾ ڪرنل ايونس وٽ پهچي چُڪو هو. ڪرنل ايونس اجازت نامي ملڻ شرط بنا ڪنهن دير جي پنهنجن خاص ماڻهن جي گڏجاڻي گهرائي ورتي هُئي.
ڪرنل ايونس چيو
”اصل ڳالهه اها آهي جنهن لاءِ اوهان کي هتي گهرايو ويو آهي ته جبل جا هزارين گس ۽ گهيڙ آهن. جن جي اوهان کي خبر نه آهي. انڪري ان مهم جوئي لاءِ جبل جي ڪيترن ئي سونهن جو بندوبست ڪيو ويو آهي. فوج کي ڇهن ٽولن ۾ ورهايو ويو آهي. جيئن چئني پاسن کان گهيراءُ ڪيو وڃي. هڪڙو دستو جيڪو ڇاپامار ڪارروائي جو تجربو رکي ٿو سو هر اول دستي جيان سڀ کان پهرئين جبل تي چڙهائي ڪندو ۽ هڪڙو دستو پويان جمع رهندو جيئن ضرورت پوڻ تي فورن اُن کي اتي

لاهي سگهجي. هر ٽولي سان ڇهه ڇهه سونهان گڏ هوندا يعني ڪو سونهون، غداري ڪري اُن کي فورن اُتي ماري ڇڏجو. اجان به ڪنهن کي ڪا وضاحت پڇڻ آهي ته پڇي وٺي.“

پر ڪوبه ڪين نه ڳُڇيو ته ڪرنل ايونس وراڻيو

”بس هاڻي اوهين الرٽ رهو جيئن ٿوهيندڙ اُنهن کي محفوظ جڳهه مان ٻاهر ڪڍي آڻيندو تيئن ئي حملو ڪيو ويندو.“

ائين چئي ڪرنل ايونس پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

نيٺ انهي ست سنگ واري تجويز کي عملي جامون پهرايو ويو. سانول ۽ ساٿين کي عورتن وارو روپ ڏنو ويو. ست سنگ شام ڏاري شروع ڪيو ويو ۽ مُنهن انڌاري، اهو ست سنگ والجي واري سماڌي ڏانهن روانو ٿيو. ڀڳت زور زور سان ڀڄن ڳائي رهيا هئا.

ڪرو هري ڪا ڀڄن پياري، عمريا بيت جاتي هئه

پورو شُپ ڪرم ڪر آيا، منش تن ڌرٽي ۾ پايا

ڦري وشيون ۾ پرمايا، موت نهين ياد آتي هئه

ڀڄن ڳائيندي روان دوان هئا. ست سنگ کي جبل تائين پهچڻ ۾ به ٽي ڪلاڪ لڳي ويا. والجي جي سماڌي تي ڏيئن جي جهرمر ۾ ست سنگ وارن لاءِ ڀوڄن(ڪاڌي) جي تياري هلندڙ هئي. طعام وغيره ڪاڻپوءِ اڌ رات جو سانول ۽ سندس ساٿين کي جبل ۾ روانو ڪري ڇڏيو ويو. سانول وارن کي جبل ۾ روانو ڪرڻ کان پوءِ به باقي سڄي رات ست سنگ جي محفل مچائي رکي وئي. جيئن سانول وارا جبل ۾ ڪافي اندر تائين نڪري ويڄن. سانول وارن به ڳچل پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ڪپڙا تبديل ڪيا ۽ پنهنجو سفر برهمڻ آباد ڏانهن چالو رکيائون. جبل ڏاڍو اڙانگو هو. ٻين جي لاءِ ته اها معمولي ڳالهه هئي پر ڪرمچند ڏاڍو مُشڪل ۾ ڦاسي پيو هو. ڪرمچند جي ڪري سڀ پريشان هئا.

سانول هڪ پٿر جي ڇپر کي جهلي مٿي چڙهندي چيو.

”خطرو اجان به پنهنجي مٿي ته لهرائي پيو. اجان به امڪان آهي ته ڳُجهه به ٿي سگهي ٿو.“

سوڍي وراڻيو

” ادا سانول، خطرو ته آهي پر اهو خطرو ته پنهنجي لاءِ اُتساهه جو ڪم ڏي ٿو اهو احساس ڏياري ٿو ته اسين پنهنجي وطن لاءِ سچي ۽ حقيقي ويڙهه جي رستي تي صحيح سمت ڏانهن وڃي رهيا آهيون. تڏهن ته دشمن اسان لاءِ نيون نيون ڪوڙڪيون ۽ سازشون ڪندا وتن.“

سانول، سوڍي جي ڳالهه ٻڌي چيو

”برابر سوڍا! تون صحيح ٿو چئين، پر اسان جي ويڙهه جو اهو مقصد نه هئڻ گھُرجي. اسين هرو ڀرو شهادت جو جام پيئي. پنهنجي وطن ۽ پورهيت عوام جي جنگ ڇڙوڇڙ ڪري وڃون. تنهنڪري اسانکي ۽ اسان جي عوام کي جنگ ڪنهن هڪ محاذ تي وڙهڻي ڪونهي. هتي مذهبي ڪٽرپڻي، هزارن سالن جي پيدا ڪيل غلامانه ذهنيت، قبيلائي تفرقا، پيداواري سرشتي جي اڻ ڄاڻائي ڏارين

جي يلغار ۾ ڦُرلٽ ڪيترائي محاذ آهن جن لاءِ اسان کي وڙهڻو آهي پر پنهنجي عوام کي وقت بوقت هوشيار ۽ خبردار بہ رکڻو آهي ۽ پنهنجو بچاءُ بہ ڪرڻو آهي. تنهنڪري سوڍا، اهو ضروري آهي تہ اسان کي مرڻ کان وڌيڪ جيئڻ کي اهميت ڏيڻ گهُرجي."

ڪرمچند، جيڪو پنهنجن هٿن کي پٽيون ٻڌي رهيو هو، جيڪو جبل جي اڙانگي سفر ڪرڻ ڪري ڦٽجي پيا هئا سو وراڻيو

"سانول، بلڪل درست پيو چئين"

سوڍو وراڻيو

"پر ادا، اسين انهن انتهائي طاقتور ۽ وڏي عرصي کان عوام جي استحصال ڪرڻ جو تجربو رکندڙ قوتن سان ڪئين مهاڏو اٽڪائي سگهنداسين ڇا اسان کي ائين بنا ڪنهن ويڙهہ ۽ رڪاوٽن ڏيڻ جي، اهي طاقتون اسان کي اڳيان وڌڻ ڏينديون."

ڪرمچند پٽين واري ڪم مان واندو ٿي وراڻيو

"نہ هو اسان لاءِ هر جڳهہ ۽ هر محاذ تي، ڪئين رڪاوٽون پيدا ڪندا. اصل جدوجهد تہ آهي ئي اها تہ انهن رڪاوٽن کي انهن جي ئي ناهيل اصولن ۽ قاعدن سان ٽوڙي پار پوڻ ۽ دُشمن کي ايترو تہ مجبور ڪرڻ، جو هو جنگ ڪرڻ لاءِ سنيري اچي ۽ تيستائين اسان کي گهرجي تہ اسين عوامي حمايت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چُڪا هجون ۽ عوام جي اڳواٽي ڪرڻ جي پوري طرح صلاحيت پنهنجو پاڻ ۾ پيدا ڪري چُڪا هُجون."

سانول، جيڪو ڪارونجهر جي رسندڙ هڪ چشمي مان بہ ڍڪ پاڻي جا پي وراڻيو

"اها ڳالهہ پاڻ، پنهنجن اُستان کان سکي آيا آهيون تہ اسان جي جدوجهد، پاڻي جي جل ڦوٽي جيان نہ آهي ۽ نہ ئي وري سڪڻن نعرن ۽ خوابن جي دنيا آهي. هي جدوجهد ڊگهي ۽ صبر آزما جدوجهد آهي. هتي جيڪو بہ نعرو ڏبو سو بہ عوام جي دل جي ترجماني ڪندڙ ۽ ڪنهن خاص مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ئي هوندو. تنهن ڪري دشمن اسان کي سماجي، معاشي، ذهني، تعليمي، جاني يعني هر ممڪن طرح سان مارڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو ۽ اسان پنهنجي عوام کي جيئڻ ۽ وڙهڻ جو اُتساهہ ڏيندا رهنداسين."

سمنگ سنگهہ کي بہ انگريز سرڪار جو نياپو ملي چڪو هو تہ جيوت رام وارن کي جبل جي محفوظ ٺڪاڻن مان ڪڍي اچي. تنهنڪري سمنگ سنگهہ چاهيو تہ ڪنهن بہ صورت ۾ جيوت وارا هي محفوظ ٺڪاڻو ڇڏي اڳيان وڌن، جڏهن جيوت رام ڪلڪتي، وڃڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ سمنگ سنگهہ جون تہ خوشي وچان واڇون ٽڙي پيون هيون. پر رات جو گڏپ واري ڳالهہ هُن کي ڏاڍي ڏُکي لڳي هئي. اهو سور جو ڍُڪ مات مُني ۾ پيئي ويو ڪا بہ اُبهرائپ ڪري ڪم خراب ڪرڻ نہ ٿي چاهيائين.

شام ڪان ٺي غار ۾ ڇُر پُر هئي. سيني سوچيو پئي تہ اج وري ڪي اهم فيصلا متوقع آهن. ممڪن آهي تہ وڏيڪ ڇاپا مار ٽُوليوُن ٺهن.
شام ڏاري سڀ اچي گڏ ٿيا، جيوت ڳالهائڻ شروع ڪيو.
” اسان پنهنجي وطن ۽ پنهنجن معصوم مارون جي ناحق وهيل رت جو بدلو وٺڻ لاءِ ساهہ جي آخري تند تائين ويڙهہ جي ميدان ۾ نبرد آزما رهنداسين. انگريز اسان کي غلام بنائڻ ۾ پنهنجي پاران ڪا بہ ڪسر ڪونہ ڇڏيندو. اُن ڪري اسان جو ڪنهن هڪ جڳهہ تي رهڻ انتهائي خطرناڪ آهي. ظاهر آهي تہ پاڻ سڀ حالتِ جنگ ۾ آهيون جيئن پاڻ پنهنجي بچاءَ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪريون ٿا. تيئن انگريز بہ اسانکي ناڪام ڪرڻ ۽ مارڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندڙ هوندو. ان جا ٽوهيندڙ هر جڳهہ موجود هوندا. ممڪن آهي. هتي پنهنجي وچ ۾ هنن جو ڪو ٽوهيندڙ موجود هجي جنهن جي پاڻ کي خبر نہ هُجي. ممڪن آهي هنن جو ڪو ٽوهيندڙ هتي نہ هجي پر پاڻ کي هر گهڙي احتياط ڪرڻ گهرجي. تنهنڪري مُنهنجو خيال آهي، هتان نڪري هيٺ پنهنجن دوستن ڏانهن ڪلڪتي نڪري وڃجي.“
لعل محمد وراڻيو
”جيوت، ويڙهہ اسان جو مقصد آهي ۽ مختلف علائقن ۾ اسان جون ڇاپا مار ٽوليون پنهنجن عملن ۾ سرگرم آهن ۽ پاڻ هتان ڪان وبهي، صحيح نموني ڪم ڪري پيا سگهون. تنهن ڪري هتان ڪان هينئر وڃڻ قطعي نامناسب ۽ بي مهل ٿو لڳي. ها البت ائين ڪري سگهجي ٿو تہ جبل ۾ مختلف جڳهن تي نڪاڻا ٺاهڻ گهُرجن ۽ اسان سڀ چار پنج حصن ۾ تقسيم ٿي، انهن نڪاڻن کي سنڀاليون، جيئن انگريز هڪ ئي وقت ۾ اسان کي ماري نہ سگهي.“
هريش جذباتي ٿيندي وراڻيو
” اسان سيني کي خبر آهي، هن راهہ ۾ اسان جا ڪيترائي دوست، ڌرتي مٿان قربان ٿي ويا آهن ۽ هنن کي خبر هئي تہ هو جنهن جنگ تي وڃن پيا. تنهن ۾ جيئڻ جو ڪو بہ آسرو ڪونهي تہ بہ اُهي انهيءَ جنگ ۾ ويا. هنن تہ اسان جيان ويهي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ هيئن ٻارن جيان هونگڙيون ڪونہ هنيون هيون ۽ اهو ڪهڙو ۽ ڪير ضمانت ڏيندو تہ انگريز اسان کي ڪلڪتي ۾ ڪجهہ ڪونہ ڪندو ۽ چوندو پل منهنجي خلاف هي ٻارڻ جاري رکو. تنهن ڪري اسان وٽ صرف هڪڙو ئي گس آهي ويڙهہ بس.!“
سلطان، هريش جي ڳالهہ جي تائيد ڪندي چيو........
” هريش صحيح ٿو چئي تہ اسان وٽ ويڙهہ سوا ٻي ڪا واهہ ڪونهي بچي. انگريز ڪنهن بہ حالت ۾ صورت ۾ اسان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. تنهنڪري هو اسان کي ٽڪائڻ ۽ پڄڻ لاءِ مجبور ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو. پاڻ مان سيني کي خبر آهي تہ هن جابلو سلسلي ۾ سيني

کان محفوظ جڳهه هي آهي. جتي ويهي پنهنجو بچاءُ به ڪري سگهجي ٿو ۽ انگريز سان وڙهي............“

سمنگ سنگهه ڏنو ته ٺهيل ٺُڪيل ڳالهه هٿن مان نڪرندي پئي وڃي، تنهنڪري سُلطان جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي وراڻيو

”.......................... يعني اسين هتي آسانيءَ سان انگريز جي گهيري هيٺ اچي وڃون. اسان جي رسد جا گس بند ٿي وڃن ۽ اسان بُک وگهي. هڪ هڪ ٿي مرندا وڃون ۽ اسان جون جيڪي ڇاپامار ٽوليون ڪم پيون ڪن. تن وٽ ڪابه هدايت نه پهچي سگهي ۽ هو به ويڙهه جي ميدان ۾ ڇڙ وڇڙ ٿي ماريا وڃن. دوستن کي ڳالهائڻ کان اڳ ۾ پنهنجي چوطرف نهارڻ به گهُرجي، جيوت بلڪل صحيح رخ ۾ سوچي پيو ۽ اسان کي انهي تجويز تي عمل ڪرڻ ۾ دير نه ڪرڻ گهُرجي.“

هيري مل، سمنگ جي ڳالهه ٻُڌي چيو

” دوست سمنگ ائين پيو ڳالهه ڪري، ته جڻ اسان وٽ تيز رفتار وهٽ هُجن. جيڪي هتان نڪرڻ کانپوءِ اسان کي اک پور ۾ ڪلڪتي پهچائي ڇڏيندا ۽ اسان کي سڄي گس ۾ اسان جو دشمن اکيون پوريو وينو هوندو ته هي پل وڃي آرام سان ڪنهن محفوظ نڪاڻي تي پهچن، پوءِ هنن کي ويهي ماربو. اسان وڏين قربانين ۽ محنتن کانپوءِ هيترو هٿيار گڏ ڪيو آهي. ان کي ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ تمام وڏو مسئلو آهي. تنهنڪري اسانکي هتان نڪري ٻي ڪنهن هنڌ منتقل ٿيڻ لاءِ ڪافي وقت درڪار هوندو ۽ ڪلڪتو هتان کان هزارين ميل پري آهي. اُتي پهچڻ لاءِ مهينن جا مهينا لڳي پوندا. تنهنڪري حال في الحال اسين ڪيڏانهن ۽ ڪٿي به نڪرڻ جي حالت ۾ نه آهيون.“

هيري مل جي ڳالهه سمنگ سنگهه کي جڻ چيڙائي وڌو. هو وڏي مشڪل سان پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول ڪندي وراڻيو

”........ ته پوءِ هتي ويهي، ڇا انگريز سرڪار سان مقابلو ڪرڻ ڪا عقلمندي چئبي. هو اسان کان ڏهوڻو طاقتور آهي تنهن ڪري هو اسان کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪا ويرم نه ڪندو. تنهنڪري گهيري ۾ اچي هڪ هنڌ ماريا وڃون. بهتر ائين ٿيندو ته نڪرڻ جي تياري ڪريون. جيڪڏهن اسان ننڍين ننڍين ٽولين جي صورت ۾ هتان نڪرڻ شروع ڪريون ته اسان جو ڪم ۽ سامان به ورهائجي هلڪو ٿي ويندو ۽ اهو هزارن ميلن وارو سفر به سون ميلن ۾ ٿي پوندو. ڪيئن جيوت؟“

سمنگ سنگهه جيوت ڏانهن پنهنجي ڳالهه اُڇلائيندي، جيوت ڏانهن پنهنجي حمايت لاءِ ڏسڻ لڳو. جيوت سمنگ سنگهه جي ڳالهه جو جواب ڏئي ئي ڏي، تيستائين هيري مل وراڻيو

”مونکي اها ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه ٿي اچي ته سمنگ ائين ڇوٿو چاهي ته اسان جي گڏيل طاقت ٽولين جي صورت ۾ ڇڙوڇڙ ٿئي. اسين هن وقت جيڪي به چند دوست آهيون. اهي هڪ ٻئي جي آڌار تي ٽڪيل آهيون. جيڪڏهن اسان ورهائجي ٽولين ۾ ٿي پياسين ته پوءِ اسان جي سگهاري قوت به ورهائجي ويندي ۽ پوءِ اسين آسان شڪار هونداسين پنهنجي دُشمن جا. جي ايترو ئي خطرو

محسوس ڪيو پيو وڃي تہ پوءِ بهتر آهي تہ پنهنجن ڇاپامار ٽولين کي هدايتون موڪلجن تہ هو فورن پنهنجون ڪارروائيون پهرين جي نسبت ٻيڻيون ٽيڻيون ڪري ڇڏين. جئين دشمن جو ڌيان ورهائجي وڃي.“

سُلطان، هيري جي ڳالهہ جي تائيد ڪندي چيو

” ائين ڪرڻ سان اسان دشمن کي مُنجهائي، پنهنجي قوت ۾ ويتر اضافو ڪرڻ جي ڪوشش بہ تيز ڪري سگهنداسين ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ وڏيڪ جوڳا انتظام ڪرڻ جي حالت ۾ بہ اچي ويندا سين.“

جيوت، پنهنجي حتمي راءِ ڏيندي وراڻيو

”بهرحال انهي سڄي صورتحال ۾ واقعي اسان جو هتان نڪرڻ، ڪنهن خطري کان خالي نہ هوندو. تنهنڪري مُنهنجي خيال ۾ ڪرم وير ۽ نيات مل وارن ٽولن کان بہ صلاح مصلحت ڪرڻ گهرجي. جيستائين انهن جي ڪا راءِ نہ ٿي اچي تيستائين پاڻ هتي ئي رهنداسين.“

سمنگ سنگهہ اها ڳالهہ ٻڌي تہ سندس منهن جو پنو ئي لهي ويو. جيوت رام پنهنجي مخصوص ٽڪاٽي ڏانهن هليو آيو. سمنگ بہ جيوت پويان پويان هليو آيو

سمنگ سنگهہ جيوت کي چيو

”پوءِ.......................!؟“

جيوت، ڪجهہ توقف کان پوءِ وراڻيو

” تون، ڪرم وير ۽ نيات مل وارن ڏانهن نياپو اُماڻي ڇڏ ۽ منهنجي خيال ۾ سياڻڪي رات تائين هُنن جي راءِ معلوم ٿي ويندي. پوءِ ئي پاڻ ڪو فيصلو ڪري سگهڻ جي حالت ۾ هونداسين. پنهنجن ڇاپا مار ٽولين جي خبرچار وٺڻ لاءِ سبحان، هرچند، منوءِ سائينداد کي روانو ڪر. جيئن وقت سر ڪنهن کي بہ فيصلي کان آگاهہ ڪري سگهجي.“

سمنگ سنگهہ، هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي ٻاهر نڪري ويو

”هاڻ تہ تون مڃين ٿو نہ تہ تون جيوت وارن لاءِ ڪم ڪرين ٿو“

مُڇر لاپ سنگهہ پنهنجي مخصوص انداز ۾ موتي جي وارن کي پنهنجي چنبي ۾ جهلي، موتي جو مُنهن مٿي ڪندي چيو. موتي تي ايترو تہ تشدد ٿيل هو جو هو ڳالهائڻ جي حالت ۾ نہ هو. منهن سُڄي چڪو هئس. بہ ٽي ڏند ڀڃي چُڪا هئس. چپن مان رت پئي وهيو. جسم ۾ بہ ڪا خاص طاقت نہ هئس. اها حالت ڏسي مُڇر لاپ سنگهہ، موتيءَ جي نڪ کي زور سان جهٽڪو ڏئي پنهنجي ماتحت کي چيائين

”خدو! هن کي پاڻي پيارينس ۽ سامت ۾ آڻينس“

۽ ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

ڪمرو ڇا هو هڪ ننڍڙي دري، ٿوري کُلي پئي هئي. مٿان ننڍو گول واءَ لاءِ ڄڻ گس ڇڏيل هو. البت پٽين تي هڪ بہ سنگهرون ٽنگيل هيون. جن جي ڇيڙي تي هٿ ڪڙا ٺهيل هئا. لڳو ائين پيئي تہ اهو

ڪمرو خاص تشدد ڪرڻ لاءِ ئي جوڙيو ويو هُجي. لاپ سنگهه ٻاهر اچي سگريٽ دُکائي ويهي رهيو هو جڻ موتيءَ تي نئين سر تشدد ڪرڻ لاءِ پنهنجي طاقت گڏ ڪري رهيو هو. ڪمري جي سامهون اڻ ڪٽندڙ پٿن جو سلسلو هو. پاسي ۾ هڪ مٽيري پٽ تي ننڍي فوجي ڇانوڻي ٺهيل هئي. جنهن ۾ هڪ بيرڪ ۽ پنج ست پڪيون جائيون هيون.

لاپ سنگهه کي پنجاب مان خاص باغين کان سچيون ڪرائڻ لاءِ گهرائي هتي مقرر ڪيو ويو هو. هو ايذي تہ بيدردي سان جسماني ۽ ذهني تشدد ڪندو هو جو ڪافي پيرا قيدي مري بہ چُڪا هئا پر انگريز سرڪار کي انهن ديسي پيادي سان ايترو پيار هو جو سندس ديسين تي ڪيل هر گناهہ معاف ڪيو ويندو هو. ڪلاڪ ڏيڍ جي وقفي کان پوءِ خدابخش لاپ سنگهه کي اطلاع ڏنو تہ

”صاحب، هاڻي هوش ۾ آهي.“

لاپ سنگهه جنهن انهي ڪلاڪ ڏيڍ ۾ سگريٽن جو پورو پاڪيٽ پي ڇڏيو هو تنهن خدا بخش کي اڇاتري نظر سان ڏٺو ۽ بئي لمحي ٽپ ڏيئي اُٿيو ۽ اچي موتيءَ جي مٿان بيٺو.

” تون مڃين ٿو نہ، تہ تون جيوت رام وارن لاءِ ڪم ڪرين ٿو. “

موتي جيڪو مس مس مڙئي سامت ۾ آيو هو تنهن لاپ سنگهه جي اکين ۾ اکيون ملائيندي چيو

” آئون جيوت کي ڪونہ سڃاڻان پر تون ائين ڪٿي سمجهه تہ آئون هر اُن انسان سان ڪم ڪرڻ پسند ڪريان ٿو جيڪو پنهنجي ڌرتي سان محبت ڪري ٿو ۽ پنهنجي وطن ۽ قوم کي آزاد ڏسڻ چاهي ٿو.“

لاپ سنگهه هڪ وڏو ٽهڪ ڏيندي وراڻيو

”چريو ٿيو آهين، انگريز سرڪار سڄي هندستان تي قابض ٿي چُڪي آهي. وڏن وڏن لشڪرن ان جو ڪجهه ڪونہ ڪيو تہ اوهان جهڙا جيتامڙا ڇا ڪندا، اوهان جهڙن بيوقوف باغين جي قبرن ۽ سماڌين تي هاڻي ڇپرا ويٺا دانهون ڪن.“

موتي، نفرت سان لاپ سنگهه ڏانهن نهاريندي۔

”هي ڌاريا ڇا ڪن ها هن ڌرتي کي، اوهان جهڙا پاڻ ڏس ڏيو پنهنجي ڌرتي ۽ قوم کي مارائين ٿا.“

لاپ سنگهه ڪاوڙ وچان، موتي جي ٽنگن تي زوردار ٺڏو هڻندي وراڻيو

” اسين واءُ جو رخ ڏسي، ان طرف هلون ٿا. اسان کي سائين گرونانڪ صاحب عقل ۽ سمجهه ڏني آهي. اوهان جيان بيوقوف ڪونہ آهيون.“

موتي، ٺڏي لڳڻ ڪري ڪجهه دير پيڙا ۽ تڪليف ۾ ٻڏي ويو پر ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪييائين، ڪجهه دير ڪانپوءِ جڏهن سامت ۾ آيو تڏهن چيائين.

” توکي خبر آهي تہ اڄ نہ تہ سڀاڻ، هنن کي اسانجي ڌرتي خالي ڪرڻي پوندي، ڇو تہ هو ڌاريا آهن ۽ ڌارئي کي ڌرتي ماتا ئي قبول ڪونہ ٿي ڪري تہ اسين هنن کي ڪيئن قبول ڪريون. هڪ نہ هڪ ڏينهن پڄي ويندا. اهو اسان جو عقيدو ۽ اوهان..................“

لاپ سنگهہ موتي جي منهن تي زوردار ٿپڙ هڻندي وراڻيو
” اهي ديش ڀڳتي جون نصيحتون پاڻ وٽ رک، تون ٻڌائي جيوت سان گڏ ٻيو ڪير ڪير آهي. “
موتي جي منهن مان رت وهڻ لڳو۽ سور جي شدت کان نستو ٿي پيو سور کي برداشت ڪرڻ لاءِ موتي هٿ جون منيون ڀڪوڙي ورتيون ۽ وات مان هلڪي رڙ نڪري ويس. لاپ سنگهہ ڪاوڙ وچان، موتي کي ٻہ چار لتون، ٻيون بہ زور سان وهائي ڪڍيون ۽ ڪاوڙ مان ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

برهمڻ آباد ۾ موهن ۽ راڌا لاءِ ڄڻ قيامت برپا ٿي وئي هئي. پهرين سانول جو ڪو اتو پتو ڪونہ مليو، مٿان وري هنن جي اکين سامهون سي آءِ ڊي وارا موتيءَ کي کڻي روانا ٿي ويا. موهن ۽ راڌا، ايڏا لاچار اڳ ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيا هئا. جهڙا هيل هو ويٺا هئا. هنن کي ڪا ڳالهہ نہ پئي سجهي تہ هو وڃن تہ ڪيڏانهن وڃن؟ ڪنهن وٽ وڃن؟
راڌا، ڪاڪي موهن کي التجا واري انداز ۾ چيو
”ڪاڪا، توهان قلعي ڏانهن وڃو ۽ گلاب سان ملي ڪري موتيءَ جو ڪو ڏس پتو حاصل ڪريو. ادي گلاب، اڳ بہ سانول جي سلسلي ۾ پنهنجي مدد ڪئي هئي. ڪاڪو آهين نہ!“
موهن، راڌا ڏانهن نماڻائي وارين نگاهن سان نهاريندي چيو
”امان، گلاب چند يا شيام ڇا ڪندا؟ هنن ويچارن جي هٿ ۾ ڇا آهي؟ امڙ، پاڻ سڀ بيوس آهيون، لاچار آهيون. هي، هي انسانيت جا قاتل، دولت جا پوڄاري، پاڻ جهڙن کي زنده رهڻ ٿورئي ڏيندا.“
راڌا، روڻهارڪي لهجي ۾ چيو
”پر ڪاڪا، ڪوشش ڪرڻ ۾ ڇا آهي؟ من ڪو گس ڪا واهہ نڪري پوي. هو هرويرو پاڻ کي ڇو ماريندا ڪاڪا، پاڻ.. پاڻ هُنن جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟“
ڪاڪي موهن، راڌا جي مٿي تي هٿ رکي چيو
”امان، اسان جو ڏوهہ اهو آهي تہ اسين انسانيت جا علمبردار آهيون، پنهنجي وطن سان محبت ڪندڙ آهيون. ويڙهہ، زور زبردستي، جبر ۽ ظلم جي خلاف آهيون. اسين، اسين تہ امان، هنن جا وڏا ڏوهاري آهيون. بس امڙ، آسرو ڪونہ اٿم، تہ ڪا واهر ٿيندم پر تون چئين ٿي تہ وڃان ٿو.“
ائين چئي ڪاڪو موهن، وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو ڪجهہ ضروري سامان کڻندي راڌا کي چوندو بہ ويو.

”امڙ تون اڪيلي نہ رهجين، پنهنجي پارو ڪاڪي ۽ ادي جمنا ٻائي کي پاڻ وٽ گهرائي وٺجان، ڏينهن جو هونئن پاٺ شالا جي نانڪڙين جي اچ وڃ لڳي رهندي آهي. رات جو ڪاڪي پارو ۽ ادا جمنا واريون تو وٽ ستيون رهنديون ۽ ها، ٻاهر ڪنهن ڪم لاءِ، هرويرو وڃڻ جو ڪو لاچار ڪونهي. مندر لاءِ بہ ڪاڪي پارو کي ساڻ وٺي ويندي ڪجان..........“
راڌا، ڪاڪي موهن جي ڳالهين جو جواب ”هوُن“ ها ۾ ڏيندي بہ رهي ۽ ڪاڪي موهن کي سامان کڻڻ جي يادگيري بہ ڏياريندي رهي.

موهن گهران نڪري، سڌو پرتاب ڏانهن هليو آيو ۽ پرتاب کي ٻانهن مان جهلي، شهر کان ٿورو پرڀرو، ڪونيٽ پٽ ڏانهن وٺي آيو.

موهن، پرتاب کي سمجهائڻ واري انداز ۾ چوڻ لڳو.

”موتيءَ جي گرفتاري جي پاڻ سيني کي خبر آهي. پر موتي کي گرفتار ڪري ڪٿي رکيو اٿن، اها خبر پاڻ مان ڪنهن کي به ڪانهي. ممڪن آهي ته ڪٿي وشني هَئي ۽ هميرو هوٽار جيان، هن کي به ماري نه ڇڏين. تنهنڪري جيترو به جلدي ٿي سگهي ته پاڻ کي موتيءَ جو اتو پتو معلوم ڪرڻو پوندو، سو انهيءَ سلسلي ۾ منهنجو خيال آهي ته پاڻ ٻنهي کي نئين ڪوٽ قلعي ۾ گلاب چند سان ملڻ لاءِ هلڻ گهرجي.“

پرتاب خاموشيءَ سان ڪاڪي موهن جي ڳالهه ٻڌندو رهيو جڏهن ڪاڪي موهن، پنهنجي ڳالهه پوري ڪئي ته پرتاب وراڻيو

”ڪاڪا اوهين صحيح ٿا چئو ته جيترو به جلد ٿي سگهي همراه جي واهر ڪجي ۽ مون به پنهنجي هڪ دوست ڪامل کي اڳ ۾ ئي ادي موتي جي خبر چار لاءِ لڳائي ڇڏيو آهي. هو هڪ ميجر وٽ بورچي آهي اميد اٿم ته هڪ ٻن ڏينهن ۾ ڪا نه ڪا چڱي خبر ملي پوندي. اوهان جي ڳالهه به وزنائتي آهي ته گلاب چند سان به ان سلسلي ۾ ملڻ گهرجي پر اوهان کي عمر ۽ طبيعت ايڏي سفر جي اجازت نه ٿا ڏين. تنهنڪري منهنجي خيال ۾ اوهان گلاب چند لاءِ مونکي چٺي لکي ڏيو. باقي حال احوال روبرو وجي ڪندس. اوهين ادي راڌا وٽ ئي رهو ۽ پنهنجي هتي جي ساٿين سان لهه وچڙ ۾ رهو. جيئن پاڻ ۾ پنهنجو ڪم به ڪندا رهون ۽ ادي موتي جي بچاءَ لاءِ به تدبيرون ڪندا رهون.“

ڪاڪو موهن، پرتاب جي ڳالهه ٻڌي ڪجهه دير خاموش رهيو جڻ پرتاب جي ڳالهه ٻڌي، ڪنهن فيصلي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي، ڪجهه لمحن کان پوءِ وراڻيو

”نه پاڻ ٻئي گڏجي هلنداسين. تي سگهي گلاب چند تنهنجي اڳيان ايترو کُلي نه ڳالهائي سگهي ۽ هونئن به هاڻ هن جان ۾ رهيو ئي ڇا آهي. جنهن جو بچاءُ ڪريان. هي ڪنهن سٺي ڪارج ۾ ڪم اچي وڃي اها وڏي ڳالهه آهي.“

پرتاب، موهن جو جذبو ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيو. وراڻيائين

” ڪاڪا جسم ڪونه ڏسبا آهن، روح ، ضمير، ذهن ۽ سوچ جي ڳالهه آهي. اوهان جي اسان کي هر گهڙي، هرپل جي ضرورت آهي ۽ رهندي آئنده اسان جي اڳيان اهڙي ڳالهه نه ڪجو.“

ڪاڪو موهن، ڪونيٽ جي وڻ وٽان اُٿندي

”پرتاب، اسان کي دير نه ڪرڻ گهرجي. توکي جيڪو ضروري سامان ڪٽڻو هجي، سو ڪڻ، پوءِ پاڻ قلعي ڏانهن نڪري هلون.“

ٻئي گڏجي برهمڻ آباد ڏانهن نڪري آيا.

سانول وارا، ڪارونجهر جي ننڍي چوٽي جي چپر وٽ ڏينهن جو آرام ڪري، هاڻ اڳتي نڪرڻ جي تياري ۾ هئا پر ڪالهه ڪان سخت گرمي اڄ پنهنجا رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيا هئا. ائين پئي لڳو ڪي بارش اچڻ جا سانيا پئي ڪري ، ڪڪرن جون لامون، جبل مٿان محو رقصان هيون. جڻ تہ اڄ ڪڪر ڪارونجهر تي مهربان ٿيڻ وارا هئا. سڄ جي سڄي ڏينهن جي تپش، ڪڪرن جي اچڻ ڪري، ختم ٿي چڪي هئي. سانول موسم جو بدلجندڙ رنگ ڏسي وراڻيو.

”منهنجي خيال ۾ بارش اڌ ڪلاڪ ۾ اچي ويندي، بارش ۾ جبل تي هلي نہ سگهبو. چو نہ مينهن پئجي وڃڻ کان پوءِ نڪرجي.“

سوڍو جيڪو هينئر پسار ڪري اُٿيو هو. تنهن سانول جي ڳالهہ جي مخالفت ڪندي چيو

”نہ بارش هرويرو پاڻ کي تڪليف نہ ڏيندي اهو بہ لازمي ڪونهي ڪو تہ بارش تہ ڪا گهٽي پئي. تنهنڪري مُنهنجي خيال ۾ پاڻ کي پنهنجو سفر جاري رکڻ گهُرجي ۽ پاڻ سيني کي خبر آهي تہ حالتون ڳنڀيرتا واريون آهن ۽ برهمڻ آباد ۽ آس پاس جي سنگت بہ پاڻ لاءِ پريشان هوندي، دير جو فائدو پنڊت نائومل وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪري، هو پنهنجن چيلن چپاٽن سان گڏجي، موهن ڪاڪي ۽ ادي راڌا کي ڪو نقصان نہ پهچائي، تنهن ڪري موسم جون سختيون ڏسي پروگرام ملتوي نہ ڪرڻ گهرجي.“

ڀڳڙي مل بہ سوڍي جي ڳالهہ جي تائيد ڪندي چيو

”سانول ادا! اها ڳالهہ ادا سوڍي جي صحيح آهي. اسان کي هلڻ گهرجي، جيتري بہ ويرم ڪنداسين اوترو پنهنجوئي نقصان آهي.“

ڪرمچند جيڪو هيتري دير خاموشي سان دوستن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو تنهن چيو

”جيڪڏهن سفر جاري رکي سگهجي ٿو ۽ ڪا وڏي دقت ۽ تڪليف ناهي تہ پوءِ پِل هلڻ گهرجي، جيئن منزل کي ويجهو پهچي سگهون.“

سانول، سيني جي راءِ ٻڌي، خاموش ٿي ويو. تيسين هلڪي هلڪي بوندار بہ شروع ٿي ويئي آهي. هيٺ اُپرندي پاسي کنوڻ جا تجلا هئا ۽ گوڙ جو ڪنهن ڪنهن وقت دبيل آواز ٿي آيو. جبل ۾ بوندار پوڻ ڪري مٽي جي هلڪي سُڳنڌ سڄي فضا کي معطر ڪري ڇڏيو هو. بوندار پوڻ ڪري موسم مان حبس بہ ختم ٿي چڪو هو. موسم ڏاڍي خوشگوار ٿي وئي هئي. ڪرمچند، بادلن جو جبل کي ائين ڇُهي گذري وڃڻ جو نظارو زندگي ۾ پهريون ڀيرو ڏسي رهيو هو. پنهنجي ڌرتي جا اهڙا خوبصورت نظارا ڏسي ڪرمچند جي دل خوشي وچان ٻهڪي پئي هُئي.

سانول وارا، پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿيا جيئن هي اڳتي وڌندا ويا. تيئن تيئن بارش بہ پنهنجو زور وٺندي ويئي. اڳتي هلي بارش پنهنجي پوري جوبن تي اچي ويئي. بارش جي زور، هوائن جي تيز

جهڪڙن ۽ نئين جي زوردار پاڻي، هنن کي بيهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ڪرمچند زوردار بارش کي ڏسندي وراڻيو

”سانول، ڳالهه سچي ڪئي هئي، اهڙي بارش ۾ هلڻ تہ مشڪل ٿيو. پر ناممڪن آهي.“

آسو مل وراڻيو

” لڳي ٿو اڄ رات، هن بارش ۾ ئي پسندا رهنداسون بارش جو نمونو اهڙو آهي جو اڄ نہ ڪو بيهي.“

تيسين پڳڙي مل چيو

”ڇو نہ تيسين ڪو گيت ٿي وڃي. سانول جو آواز بہ مٺو آهي ۽ ڪافي گيت بہ ياد اٿس. سانول، ٿي وڃي گيت......“

جهيڙن جهڳڙن کان ڪونہ ڊڄون. اسين وطن جا سپاهي آهيون

خوف خطرن کان ڪونہ لڪون، اسين وطن جا سپاهي آهيون.

اسان جا قدم وڃن ٿا وڌندا، اسان جون منزلون اڃا بہ اڳتي

ڪٿي اسين ٿا ٿڪ پچون، اسين وطن جا سپاهي آهيون

لُڪن ۽ لَڪن جا تہ ڏاڍا، جوان اسان جا ڪونڌر ۽ ڪوپا،

هر پل ڌرتيءَ لاءِ وڙهون، اسين وطن جا سپاهي آهيون.

محبتن جا سفير بڻجي، گلاب وکيرڻ نڪتا آهيون

ڌرتي تي تہ امن ٿا چاهيون. اسين وطن جا سپاهي آهيون

سانول جو گيت ٻڌي، ڄڻ سيني ۾ نئون روح پئجي ويو. بارش بہ پنهنجا رنگ مچائي ڇڏيا هئا. کنوڻ جي تجلي پوڻ ڪري، جبل ڄڻ هنن کي اک پچي رهيو هجي. گوڙ جو آواز جبل ۾ پڙاڏو بڻجي وڏيڪ زوردار ٿي لڳو. بارش جي ڦڙين جي مالهائن، جبل تي ڪرڻ شرط، سارنگ جي ردم جو آواز پيدا ڪري، فضا ۾ ترنم ٿي پکيڙي ڇڏيو. مينهن ڦڙين تي کنوڻ جا چلڪاٽ پوڻ سان، ائين ٿي محسوس ٿيو تہ ڄڻ آسمان تان هيرن جون ڪٽيون، زمين تي ڪري زمين کي مالا مال ڪري رهيون هُجن. سانول وارا بارش جي رُڪجڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. ڪلاڪ ڏيڍ بارش پنهنجو خوب جوش ڏيکاريو. پوءِ آهستي آهستي بارش جو دم ٽٽڻ لڳو. جبل جي مختلف چوٽين مان زبردست چشما وهڻ شروع ٿيا هئا سي بہ هاڻي ننڍين ننڍين نئين جي صورت ۾ جبل جي وڏي چشمي ساڙڌري ۾ ٻين چشمن ڏانهن وهڻ شروع ٿي ويا هئا. سانول وارن بہ بارش جو دم ٽٽندو ڏسي پنهنجي سفر کي جاري رکڻ لاءِ اڳتي روانا ٿيا. هاڻ سفر پهرين جي نسبت آهستي ۽ احتياط وارو اختيار ڪيو هُئن. هنن ڪانٽئي مان جيڪو کائڻ پيئڻ جو سامان کنيو هو سو بہ پورو ٿيڻ تي هو. پڳڙي مل، جبل تي پنڌ جو اندازو لڳائيندي چيو

”پاڻ هينئر تقريبن تقريبن وچ جبل وٽ پهچي چڪا آهيون، هاڻي چند ڪوهن تي هن جي بالي چوٽِي آهي. بالي جي چوٽي کان برهمڻ آباد تقريبن ٻن ڏينهن ۽ ٽن راتين جي فاصلي تي ٿيندو.“

ڪرمچند معلومات خاطر پڳڙي مل کان پڇيو
”ڪانٽئي کان پاڻ ڪيترو پنڌ ڪري آيا هونداسين؟“
پڳڙي مل ورائيو
”ڪانٽيو اجا هي بينو آهي. اها ته پلي ڳالهه تي آهي ته اجان ته پاڻ کي پوري سفر ۾ جبل جي ڪنهن جانور سان واسطو نه پيو آهي نه ته ونڻ جا ڏيٽا پئجي وڃن ها.“
سانول، آسو کي هٿ ڏيئي مٿي چڪيندي چيو
”اجان ته ادا پڳڙا، جبل پيو آهي. اجان ته ڪٿي نه ڪٿي. جبل جي جانور سان مُنهن مقابل ٿي سگهون ٿا. تنهن ڪري ٿوري غفلت ڪنهن وڏي تڪليف ۾ نه وجهي ڇڏي. اڳ به ننڍي ڪوتاهي جي ڪري، مورڳو آسن مل کي ذري گهٽ وڃايو هيوسين.“
ڪرمچند کي پڳڙي مل، هيٺ ويهي پنهنجن ڪُلهن تي پير رکائي مٿي ڪندي چيو
” اها ڳالهه صحيح آهي ته ڪنهن به دشمن کي گهٽ سمجهڻ نه گهُرجي، ٿوري غفلت وڏي تباهي آڻي ٿي.“
ڪرمچند جيڪو سانول وارن وٽ پهچي چڪو هو تنهن چيو.
”بيشڪ ڪوتاهي، وڏو نقصان رسائي ٿي. بظاهر اها ڪيڏي به ننڍڙي ۽ خسيس ڇو نه هُجي، پر اُن جي اُن وقت ڪا اهميت نه هُجي پر هو پنهنجا نتيجا ضرور ڏيکاري ٿي. جنهن کي پُر ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ٿيو پوي.“
تيسين ڪنهن پٿر جي ڪرڻ ۽ ڪنهن جي هلڻ جي آواز سان سيني کي ڇرڪ پئجي ويو. سيني پنهنجي پر ۾ پنهنجن هٿيارن کي سوگهو ڪيو. رات جو وقت، مينهوڳي جي موسم، اونداهي ڪاري ٻاٽ، ڪنهن ڪنهن وقت، پري ڪٿي ڪنوڻ جو چلڪاٽ ٿئي. جنهن جي روشني ۾ چئني ڄڻن، انهي اڻ ڄاڻ حملا آور کي ڏسڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ٿي.
پڳڙي مل سرٻاٽ ۾ ورائيو
” لڳي ٿو پٽيرو آهي..............“
سانول، حملا آور کي جانچڻ لاءِ ٻه قدم اڳيان وڌيو مس ته پڳڙي مل ٻانهن مان ڇڪي ورتس ۽ چپن تي آڱر رکي چپ رهڻ جو اشارو ڪيائين. چارئي ڄڻا، ساهه سُڪ ڪيو چئني طرفن ڏانهن نهارڻ لڳا ته ڪٿان ٿو پٽيرو حملو ڪري، هڪ منٽ، ٻه منٽ، ٽي منٽ، پندرنهن منٽ، اڌ ڪلاڪ، پر وري ڪو آواز ڪونه آيو. سانول اٿي بينو ته وري به پڳڙي مل ڇڪي ويهاري ڇڏيس. آهستي چيائين.
” شايد، پٽيري پاڻ کي ڏسي ورتو آهي. هو پنهنجين حرڪتن تي نظر رکيو وينو آهي. ڪنهن به ڇرپر تي هو ڪنهن به وقت اوچتو حملو ڪري سگهي ٿو. غفلت نه ڪريو بس هوشيار رهو.“
اجان ڪجهه دير ڪو به ڪڙڪو ڪونه ٿيو. اچانڪ هڪ عجيب آواز آيو جڻ ڪنهن جابلو جيت جو هُجي. سانول وارن عجب مان هڪ ٻئي ڏي نهاريو. ڪجهه وقفي ڪانپوءِ وري ساڳيو آواز آيو. ڪُجهه

پريان موٽ ۾ اهڙي آواز سان جواب آيو. هي چارئي پريشان ٿي ويا. هنن جي مٿان کهڙي شيءِ آهي تيسين کڙڪي سان بہ ٽي ماڻهو بارودي بندوقون کنيون هنن جي مٿان اچي بيٺا. منهن ٽوال سان ڍڪيل هُئن. ڪپڙن ۽ رنگ ۾ پنهنجي ئي مُلڪ جا ماڻهو پئي لڳا.
انهي اوچتي حملي، هنن چئني کي واڱڙو ڪري ڇڏيو سانول ۽ پگڙي مل جي ذهن ۾ جيڪو پهريون خيال آيو تہ پنڊت نائومل جي ماڻهن جي هٿ چڙهي ويا. هاڻ ڇا ٿيندو؟؟
ڪجهہ دير ۾ چار پنج ٻيا همراهہ. هُنن هٿياربند ساٿين سان اچي ڪٺي ٿي هنن کي اڳيان ڪري پاڻ پويان هلڻ لڳا. هنن مان ڳالهايو ڪنهن بہ ڪونہ ٿي، جي ڪا ڳالهہ هڪ ٻئي ڪان پڇيائون ٿي تہ ڪن مخصوص اشارن سان پڇيائون ٿي.
موتي بدستور ساڳئي ڪوٺيءَ ۾ قيد هو. تشدد هٽي هيٺو ڪري ڇڏيو هئس. هو جيڪڏهن زنده هو تہ صرف پنهنجي حب الوطنيءَ جي جذبي جي ڪري نہ تہ هيستائين ڪڏهو ڪو مري ڪپي چُڪو هجي ها.
”خدا بيگ، هن کي صاحب واري ڪمري جي لاڪپ ۾ وٺي اچ، صاحب جو حڪم آهي.“
ڏيري پٽيوالي صاحب جو حڪم ٻڌي سپاهي خدابخش کي پهچائيندي چيو. خدابخش بہ شايد ڪو انهي حڪم جو منتظر هو. سو پٽيوالي کي ورندي ڏيندي بغير، ڪوٺي جو در کولي، اچي موتيءَ کي کوليائين. جيڪو تقريبن نيم بيهوشي جي حالت ۾ هو. تنهن پڪ سمجهيو تہ شهادت جو وقت اچي ويو هو. تشدد جي ڪري موتي هلڻ ۾ سخت تڪليف پئي محسوس ڪئي پر دشمن اڳيان پنهنجو پاڻ کي ڪمزور ظاهر ٿيڻ نہ ٿي ڏنائين تنهنڪري رڙهندو رڙهندو. لاپ سنگهہ واري ڪوٺي واري لاڪپ ۾ پهتو. جنهن ۾ ماحول پهرين کوليءَ کان ڪجهہ بهتر ماحول هو.
موتي، بيهي ڪو نہ پئي سگهيو تنهنڪري پٽ کي ٽيڪ ڏيئي هيٺ فرش تي ويهي رهيو. تشدد سان ٿيل زخم، مينهوڳي جي موسم ڪري ويتر خراب ٿي پيا هُئس. جن ۾ رت سان گڏ پُون ۽ گند بہ وهي رهيو هو. مکين جي بچاءَ لاءِ پنهنجي قميص جو داون ڦاڙي، ڦٽن تي ٻڌو هئائين پر ڪي اهڙا ڦٽ هئس جتي هن جو هٿ پهچي نہ سگهيو هو. اتي مکين کيس ڏاڍو تنگ ٿي ڪيو.
”............نہ نہ هي ماڻهو انهن مان ڪونهي. نہ تہ هي ڪالهوڪو ڇوڪرو هڪ بہ ڏک سان سچي ڪري وجهي ها. هي هيترو موچڙو هاٿي کي نمائي ڇڏي ها. سر منهنجو تجربو ٻڌائي ٿو هي جيوت رام وارن کي سڃاڻي ئي ڪونہ. باقي جواني جي جوش ۾ ديش ڀڳتي جو اجايو جن سوار اٿس.....“
لاپ سنگهہ جو آواز موتي سڃاڻي ورتو هو. جيڪو پٽ جي ٻي پاسي ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هو.
” ائين ٿي ئي نہ ٿو سگهي تہ سمنگ جي ڏنل رپورٽ غلط هُجي.“
هڪ اڻ جاڻ آواز سان گڏ سمنگ سنگهہ جي نالي ٻڌڻ سان موتي جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. هاڻي پهرين کان وڌيڪ غور سان ڪن لڳائي، پٽ جي ٻي پاران ايندڙ ڳالهيون ٻُڌڻ لڳو.
لاپ سنگهہ جو ڳالهائڻ ..............................

”ممڪن آهي تہ ماڻهو ٻيو ڪو هُجي ۽ هن ڀُل مان اهو نالو ڏنو هجي. سمنگ سنگهہ جي اطلاع ڪري ئي تہ هن چوري کي سچي ڪرائڻ لاءِ ايترو ماريو اٿم پر پوءِ مون محسوس ڪيو تہ چوري کي ذري ڪا بہ خبر هُجي ها تہ ٻڙڪ ضرور ٻاهر ڪڍي، آخر سچو هندستان پيرن هيٺيان ڪڍيو اٿم، وڏن وڏن ديش ڀڳتن کان سچيون ڪرايون اٿم، ايترو آئون بہ سمجهان ٿو سر لارنس.“

”اڇا تہ ٻيو همراهہ انگريز آهي.“ موتي پنهنجي منهن ڀڻڪيو. ڪجهہ دير پٺ جي ٻئي پاسان خاموشي رهي ٿوري دير کان پوءِ ساڳي عملدار لارنس جو آواز آيو.

”پوءِ سمنگ سنگهہ جي انهي اطلاع جي بہ چند ڇاڻ ڪرڻي پوندي تہ هو جيوت وارن کي جبل مان ڪيڻ ۾ ڪيترو ڪامياب ٿي سگهيو آهي. جمعي جي ڏينهن ۾ بہ باقي بہ ڏينهن آڏا آهن. جمعي واري ڏينهن چڙهائي بہ پاڻ کي نقصان نہ ڏي.........................“

لارنس جي ڳالهہ ٻڌي، موتي جو تہ هانءُ ئي ڌڙي پيو

هاڻ ڇا ٿيندو؟ آئون جيل ۾، هوڏانهن هو ڪارو نانگ سمنگ، اسان کي مارائڻ جا سڀ بندوبست پيو ڪري، موتي پنهنجي منهن آهستي ۾ چيائين. ”غدار... لعنتي.“ هو ٻيو ڪجهہ ڪري نہ پئي سگهيو. پنهنجي مُنهن ڀڻڪي پنهنجي نفرت جو اظهار ڪيو.

لاپ سنگهہ جو آواز

”جي اوهان سمجهو ٿا تہ ڀل چند ڇاڻ ڪريو. پر سمنگ، انگريز سرڪار جو اهو وفادار ماڻهو آهي. جنهن پنهنجو پاڻ کي هنن وحشي ۽ جهنگلي ماڻهن جي وچ ۾ ويهي، تمام ڪارائتيون خبرون پهچايون آهن نہ تہ هيل تائين پاڻ تمام گهڻو نقصان ڪائي چڪا هجون ها تنهنڪري سر لارنس صاحب، اهڙن ڪمن ۾ ڪڏهن بہ تڪڙ ناهي ڪبي. هو ضرور ڪوشش ڪندو هوندو، هن جي نئين اطلاع اچڻ تائين ڪا بہ اڳرائي نہ ڪرڻ گهُرجي.“

لارنس جو آواز

” تون ٺيڪ پيو چئين لاپ سنگهہ، اها تجويز ڪرنل تائين پهچڻ گهُرجي.“

لاپ سنگهہ جو آواز

”نائيڪ، نانڪ کي هينئر ئي برهمڻ آباد ڏانهن اُماڻي ڇڏيون“

ڪجهہ دير پٺ جي ٻئي پاسي وري بہ خاموشي

لارنس جو آواز ٿورو پري ٿيندي ٿيندي پئي آيو

” آئون پاڻ برهمڻ آباد لاءِ نڪران ٿو. هتي جي نظرداري تنهنجي حوالي آهي. منهنجو خود جو اُتي وڃڻ ضروري آهي.“

لاپ سنگهہ جو ٿورو ڏاڍيان آواز

”هن چوري جو ڇا ڪريون؟“

پريان کان لارنس جو آواز آيو پر موتي لارنس جي ڳالھ سمجھي نہ سگھيو. موتي ٿوروپٽ کان اوريان بيهوشي وانگر ليٽي پيو. لاپ سنگھ، موتي واري ڪولي واري ڪوني ۾ آيو ۽ ڪجھ ڪاغذي ڪارروائي ڪرڻ ۾ لڳي ويو ۽ گڏوگڏ موتي تي بہ اڃاتري نظر اڇلائيندي ويو
اڌ ڪلاڪ کان پوءِ لاپ سنگھ جو آواز موتي ٻڌو
"نانڪ"
"جيءُ سائين"
"هتان آچو کي برهمڻ آباد موڪلي، موهن کي گهُرائي وٺ"
"جيءُ سائين"
نائيڪ نانڪ. وفاداري جو سليوٽ ماري، ٻاهر نڪري ويو
موتي، موهن کي گهُرائڻ واري ڳالھ ٻڌي، سخت پريشان ٿي ويو. هاڻ وري الائي ڪهڙي هچا، هي مُچر اسان لاءِ گهڙي پيو.
پنڊت نائومل، پنهنجن پنهنجن چيلن سان گڏ، اڇي برهمڻ آباد ۾ ٽاڪ ٽاهيا، پنڊت نائومل پاڻ تہ سيٺ شرنارٿي جي عاليشان اوطاق ۾ رهيل هو. باقي سندس چيلا، مندر جي آس پاس واري علائقن ۾ اچي وينا هئا. پنڊت نائومل ۽ ان جي چيلن جو اچڻ ڏسي ڪاڪي موهن ۽ سانول جا ساٿاري بہ مندر جي حفاظت لاءِ پهچي ويا هئا. موهن ۽ پرتاب جيڪي برهمڻ آباد ڇڏڻ جي تياري ۾ هئا. سي ان نئين صورتحال کي ڏسي پريشان ٿي ويا هئا. هاڻي هنن کان اهو فيصلو نہ پئي ٿيو تہ هو قلعي ڏانهن وڃي گُلاب چند سان ملن يا ان نئين صورتحال ۾ برهمڻ آباد ۾ ئي رهي پون.
پرتاب، ان نئين پيدا ٿيل صورتحال کي نظر ۾ رکندي، اِن متعلق، ڪاڪي موهن کان راءِ پُڇندي چيو
"ڪاڪا، هاڻي ڇا ڪجي؟ هيءَ نئين مصيبت اچي پهتي آهي، هاڻي توهان جي ڇا راءِ آهي تہ قلعي ڏانهن هلون يا هن نئين مصيبت کي مُنهن ڏيون."
موهن پاڻ بہ سخت پريشان هو، سو وراڻيو
"پرتاب، ڳالھ مُنهنجي سمجھ کان بہ ٻاهر آهي، هاڻي تہ پاڻ سان ڪاٽي گدري وارو ڪم آهي، ڪجي تہ ڇا ڪجي؟"
پرتاب بہ چونئري ۾ پيل کٽ تي ويهندي وراڻيو
"هنن جي مندر ۾ ياترين سان کٽ پٽ ۽ کينچل تہ مونکي پوءِ ۾ وجهي ڇڏيو آهي، هي ڪٽي سرڳواسي مهراج همنيت جيان راڏا کي ڪو نقصان نہ پهچائين."
موهن، پريشاني جي عالم ۾ چونئري ۾ اچ وڃ ڪندي وراڻيو
"شُپ، شُپ! ڳالهائي، ڀڳوان ڪندو تہ دشمن ناڪام ويندو. بس مونکي ڪُجھ سوچڻ ڏي."
تيسين پرتاب کي ڪنهن سڏ ڪيو
پرتاب ٻاهر ويندي پنهنجي مُنهن وراڻيو

”ڀڳوان ڪري خير هُجي.“
ڪُجھ ئي دير ۾ وري واپس آيو. ڇهري تي مرڪ ۽ رونق موٽي آئي هئس سو خوشي منجهان وڇان ڪاڪي موهن جا ٻئي هٿ جهليندي چيائين
”ڪاڪا، موٽي بي قصور ثابت ٿيو آهي. انگريز سرڪار هن کي آزاد ڪرڻ واري آهي.“
اها خبر ڪاڪي موهن لاءِ ڪنهن وڏي زلزلي جي جهٽڪي کان گهٽ نہ هئي. ڪاڪي موهن خوشي ۽ حيرت گاڏڙ لهجي ۾ رڙ ڪئي
”هان..............................!! واقعي.....................!!؟“
پرتاب آيل همراھ واري سڄي ڳالھ ٻڌائي. ڳالھ ٻڌي موهن جي ڇهري تي اطمينان جون ريکائون رقص ڪرڻ لڳيون ۽ فورن چيائين.
”هاڻي آئون انهي پنڊت کي بہ ڏسان ٿو. آيو آهي مندر تي قبضي ڪرڻ جا خيال ڪٽي.“
پرتاب جي نرڙ تي چُمي ڏئي، موهن پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو.
لارنس بہ برهمڻ آباد ۾ ڪرنل ايونس وٽ پهچي چڪو هو. ديسي لشڪر بہ جبل تي چڙهائي جي تيارين ۾ مشغول هو ڇاڪاڻ تہ سپاٽي جمعي جو ڏينهن هو.
لارنس، ايونس سان ملي، سڄي نئين صورتحال سامهون رکي. ڪرنل ايونس سڄي ڳالھ ٻڌي وراڻيو
” لارنس! مونکي اڳيئي شڪ هو تہ انهي ماڻهو جو جيوت واري ٽولي سان ڪو تعلق ڪونهي پر سمنگ جي رپورٽ بہ رد نہ پئي ڪري سگهيس. ايتري تہ مونکي بہ ڄاڻ هئي تہ هن جو واسطو ساڌو سانول وارن سان آهي. جيڪي پنڊتن، مُلائن ۽ مذهبي انتهاپسندي جي خلاف آهن. هي ڪي ڇاپا مار ڪونهن. خير هيڙن پيچيده ڪمن ۾ ڪڏهن ڪڏهن غلطي ٿيو وڃي.“
لارنس، ڪرنل جي ڳالھ ٻڌي وراڻيو
” ائين تہ ڪرنل صاحب برابر آهي. پر اِن سان اها ڳالھ ثابت ڪانہ ٿي ٿئي تہ جيوت جي پڪڙ، پنهنجن ماڻهن تي انتهائي مضبوط آهي. جو هُن جي انهي پڪڙ سمنگ سنگھ جهڙي شاطر ماڻهو کي بہ مُنجهائي وڌو آهي.“
ڪرنل ايونس، حيرت مان لارنس ڏانهن ڏسندي چيو
”ها واقعي! انهي ڳالھ ڏانهن تہ منهنجو ڌيان ئي ڪو نہ ويو. پوءِ تہ هن جي حملي ڪرڻ واري اطلاع تي بہ وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.“
لارنس، ڪرُسي ڇڪي، ٽيبل جي پر ۾ ويهندي چيو
”ڇا سمنگ سنگھ، اوهان کي جمعي جي ڏينهن تي حملي ڪرڻ جو پڪو اطلاع ڏنو آهي؟“
ڪرنل ايونس بہ پنهنجي ڪُرسي تي ويهندي چيو

”نہ پڪو اطلاع تہ ڪونہ ڏنو هئائين، ها! پر ايترو ضرور چيائين تہ هو ٻن ڏينهن اندر، جيوت وارن کي جبل جي محفوظ ٺڪاڻن مان ڪڍي ٻاهر ايندو، انهي ڪري حملي جي رٿابندي چئن ڏينهن ڪانپوءِ ڪرڻ جي ڪئي هُئي.“

لارنس، ٽيبل تي ٻانهون رکي، رازداري واري انداز ۾ ورانڻيو

” انهي اطلاع ڪانپوءِ وري ڪو سمنگ جو نياپو مليو آهي؟ “

ڪرنل ايونس مختصرن چيو

”نہ“

لارنس ٿڌو ساهہ ڀري، ڪُرسي کي ٽيڪ ڏيندي چيو

”....تہ پوءِ اُن جي ٻئي اطلاع جو انتظار ڪيو ۽ پوءِ ئي حملو ڪريو.“

ڪرنل ايونس بي چين ٿيندي چيو

” لارنس، ائين تہ پوءِ دير ٿي ويندي، انهي دير ڪري، اڳيئي پاڻ تمام گهڻو نقصان ڪائي چُڪا آهيون. پاڻ ان حالت ۾ آهيون جو سمنگ سنگهہ جي ٻئي اطلاع ڪانسواءِ بہ حملو ڪري سگهون ٿا.“

لارنس ڪرسي تان اُٿندي چيو

” تہ پوءِ ڪرنل، انهي ڳالهہ تي ضرور ويچار ڪر تہ هوءِ بچاءُ واري حالت ۾ آهن. اسين ٻاهر ۽ هو جبل جي حفاظتي آڏ ۾ آهن. انهن ۾ سمنگ ڦوٽ وجهڻ ۾ بہ ناڪام ويو آهي. هي تر ، علائقا ۽ ان جا رهواسي بہ انهن جا پنهنجا آهن. هو جبل جي سيني انگن ۽ آرن کان واقف آهن. ائين نہ ٿئي جو پاڻ ٿورڙي نفعي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن وڏي نقصان ۾ نہ پئجي وڃون.“

لارنس جي ڳالهہ ٻڌي، هيڪر تہ ايونس سوچ ۾ ٻُڏي ويو، پر ڪجهہ دير ڪانپوءِ ورانڻيو

”حملو سپاٽي ئي ڪنهن وقت ڪبو باقي اڄ رات جو سمنگ سان رابطي جي ڪوشش ڪندس.“

لارنس، ڪمري کان ٻاهر ويندي ورانڻيو

”جيئن تنهنجي مرضي ڪرنل.“

سڄ اُلهي چڪو هو ايونس، لارنس جون ڳالهيون ٻڌي پريشان ٿي ويو هو، ان ڪري سمنگ سنگهہ سان رابطي رکڻ واري ماٿهو کي گهُرائي ورتو.

”سمنگ سان رات جو ئي ملڻو آهي.“

ڪرنل ايونس، ٽيڪچند کي گهرائڻ جو سبب ٻڌايو.

ٽيڪچند فورن چيو

”سر، اهو ممڪن ڪونهي. اسين ان سان ڪو بہ رابطو نٿا ڪري سگهون. هو ئي اسان سان رابطو ڪري سگهي ٿو. “

ڪرنل ايونس پنهنجي ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلندي پنهنجي منهن چيو

” اڄ هُن کي اسان سان رابطو ڪرڻ گهرجي ها..................!“

وري ٽيڪچند ڏانهن مخاطب ٿيندي چيائين
”اُن سان ملڻ جا ڪا تدبير؟“
” سر! ڪا ٻہ نہ “
ڪرنل ايونس وڌيڪ پريشان ٿيندي وراڻيو
”پوءِ.....؟“
ٽيڪچند ڪجهہ دير سوچيندي وراڻيو
”ها سر هڪ ڪم ٿي سگهي ٿو اسان ٻنهي جي رابطي رکڻ واري ماڻهو سان ملي سگهجي ٿو.“
ڪرنل ايونس جيڪو ڪُجهہ دير اڳ مايوس ٿي چُڪو هو سو اها ڳالهہ ٻڌي فورن ٻاهر نڪري گهوڙي جي لغام ۾ هٿ وجهندي چيو
”هل، اُن سان هلي ملون.“
ٽيڪچند ڪجهہ ڳالهائي ئي ڳالهائي، ڪرنل ايونس گهوڙي کي پيچائي اڳيان نڪري ويو. ٽيڪچند کي مجبورن گهوڙي تي چڙهي ڪرنل جي پويان وڃڻو پيو. ڪرنل ڪافي اڳيان نڪري ويو هو. ٽيڪچند گهوڙو ڊوڙائي ڊوڙائي مس وڃي ڪرنل ايونس وٽ پهتو. پهچڻ شرط چيائين
” پر، سر اوهان اُن سان ملي ڪونہ سگهندؤ جي هن اوهان کي مونسان گڏ ڏسي ورتو تہ پوءِ هو اسان ٻنهي ۾ پُل وارو ڪم ڪونہ ڪندو.“
ڪرنل ايونس وڏي اعتماد سان چيو
”ٺيڪ آهي. آئون ان سان ڪو نہ ملندس. آئون ڪنهن مناسب جڳهہ تي بيهي رهندس. تون حال احوال وٺي اچجان.“
رات پنهنجا پر مڪمل طرح پکيڙي چُڪي هئي. تازي تازي بارش پئجي وڃڻ ڪري، مٽي جي هٻڪار فضا ۾ پکڙيل هئي. موسم بدستور جهڙالي هُئي. جنهن ڪري رات جي اونداهي ويتر وڌيڪ هئي. جبل جي قدرتي ٿهيل جامن ۾ بارش جو صاف پاڻي بيٺل هو. ڪرنل ايونس ۽ ٽيڪچند جبل جو پاسو وٺي، جبل جي وڏي وَر کان مُڙيا تہ ٽيڪچند ڪرنل ايونس کي اُتي بيهڻ جو اشارو ڪري، پاڻ سرپٽ گهوڙو ڊوڙائيندي اڳتي نڪري ويو ۽ پنجن ڪلاڪن ڪانپوءِ واپس وريو تہ ڪرنل ايونس جو گهوڙو اُتي ئي بيٺو هو ۽ ٿورو پريرو جبل جي هڪ وڏي پٿر وٽ ڪرنل ايونس، اونڌي مُنهن ڪِريو پيو هو. ٽيڪچند ڊوڙي وڃي، ڪرنل ايونس وٽ پهتو، ڏٺائين تہ هو مري چُڪو هو.
سانول وارا قيدي ٻڌجي، الائي ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا. اها سانول وارن مان ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي، هنن کي هاڻي پنهنجو موت بلڪل سامهون نظر اچي رهيو هو.
”مذهبي عفريت نيٺ ڪٽي ويئي. نيٺ عوام جو استحصال ڪندڙ قوتون، پنهنجي پر ۾ ڪامياب ٿي ويون، پر اسان جيڪو ٻج انسانن جي ذهنن ۾ ڇٽي آيا آهيون. انهن مان ڪي سِلا ڦُٽي نيٺ تہ وڻ ٿيندا ۽ نيٺ تہ عوامي راڄ ايندو.“

سانول جي ذهن ۾ اهڙي قسم جون ڳالهيون گردش ڪرڻ لڳيون هيون. هُن ذهني طور ڄڻ پنهنجو پاڻ کي موت لاءِ تيار ڪيو پئي. هلندي هلندي، هڪ جڳهه تي، هٿيار بند بيهي رهيا ۽ ڪجهه عجيب قسم جي جانور جيان آواز ڪڍيائون. لالٽين جي انهي هلڪي روشني ۾ هڪ پيرو سانول هنن جا چهرا ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پئي پر هُنن جا چهرا راجستاني اجرڪ سان ويڙهيل هئا. هنن وري به ساڳيو آواز تي پيرا ڪڍيو ته مٿان جبل جي هڪ وڏي پٿر وٽان به ٽي همراهه ظاهر ٿيا ۽ آواز ڏيندڙ همراهه هنن کي ڏسي، سانول وارن کي ساڻ ڪري، هنن وٽ پهچي ويا. هنن مان هڪ همراهه بندوق جي نالي سان، هنن جا چهرا مٿي ڪندو ڏسندو ويو. جيڪي ڊگهي سفر ڪري، ٿڪل ۽ ڪمزور لڳي رهيا هئا. انهي همراهه، هنن کي هٿ جي اشاري سان هيٺ ويهڻ جو چئي پاڻ وري جبل ڏانهن نڪري ويو. عجب ته اهو هو جو هڪٻئي سان ڳالهائي ڪين نه رهيا هئا. ٻن ڪلاڪن جي موتمار خاموشي کان پوءِ ڪنهن جي هلڻ ۽ ڳالهائڻ جو آواز اچڻ لڳو. چند گهڙين ڪانپوءِ اهي همراهه هنن جي سامهون هئا.

”اڙي.........................سانول تون......!“

جيوت، سانول کي سامهون بيٺل ڏسي، حيرت ۽ خوشيءَ گاڏڙ لهجي ۾ چيو ۽ ڀاڪر پاتائين. جيڪي همراهه هنن کي جهلي آيا هئا سي به جيوت ۽ سانول کي حيرت مان ڏسي رهيا هئا. جيوت، سمنگ، هريش ۽ لعل محمّد وارا سانول وارن کي پنهنجي نڪاڻي تي وٺي آيا.

”موتي غدار ٿي نٿو سگهي. انهي ڳالهه تي جيوت آئون يقين نٿو ڪري سگهان. اهو ممڪن ئي ڪونهي.“

جيوت وارن سان حال احوال اورڻ کان پوءِ سانول جو اهو موتي واري ڳالهه تي ڀڙيون ردعمل هو.

سمنگ سنگهه سانول جي ڳالهه ٻڌي وراڻيو

”اسان پاڻ به اجان تائين يقين نه پيا ڪري سگهون ته موتي ائين ڪري سگهي ٿو پر اسان جي هر حرڪت ۽ چُر پُر جي انگريز کي ڪو ته خبرچار پهچائيندو رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته اسان جي ۽ اسان جي ڇاپا مار ٽولين جي گهڻي تڻي معلومات موتيءَ کي معلوم هئي ۽ اسان سمجهون ٿا ته انگريز سرڪار کي اها معلومات موتي ئي پهچائيندو رهيو آهي. هاڻي ته اهو به خوف ورائي ويو آهي ته اسان جي هن خفيه نڪاڻي جي خبر به انگريز سرڪار کي هوندي. انهي ڪري اسين پاڻ انهي ڇڪتاڻ ۾ آهيون ته هتان ڪان نڪري ڪهڙي پاسي وڃون؟“

ڀڳڙي مل، سمنگ جي ڳالهه ٻڌي وراڻيو

”ٿي سگهي ٿو ادا، ماڻهو ۽ مُند ڪرئي جي سُڌ ڪونه ٿي پوي.“

جيوت وراڻيو

”سانول، آئون سمنگ جي ڳالهہ سان متفق ڪونہ آهيان ڇو تہ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جن جي خبر صرف اسان چند ماڻهن کي ئي آهي پر اهي ڳالهيون انگريز سرڪار تائين پهچي ويون. انهي ڪري ئي منهنجو شڪ موتي ۾ پُختو ڪونہ ٿو ٿيي.“
ڪرمچند، جيڪو هنن جون ڳالهيون ڪافي دير کان ٻڌي رهيو هو، تنهن چيو
” ادا جيوت، جي اها ڳالهہ وزنائتي ۽ غور طلب آهي تہ ڪو اهڙو ماڻهو اوهان جي ٽولي ۾ آهي، جيڪو اوهان جي هر ڳالهہ تي نظر رکندو پيو اچي پر اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻ گهُرجي تہ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون آهن، جن جي خبر، چند ماڻهن ڪانسواءِ ٽولي جي ٻين ماڻهن کي نہ هوندي، انهيءَ مان اندازو ائين ئي وڃي ٿيي ٿو تہ اهو مخبر ماڻهو بہ انهن چند ماڻهن مان ڪو هڪ هوندو.“
سمنگ سنگهہ ڦڪي مُرڪ مُرڪندي وراڻيو
”بلڪل، پر اها خبر ڪيئن پوي تہ اهو اسان مان ڪهڙو آهي؟“
ڪرمچند وراڻيو
” آسان آهي.................“
تنهن تي سانول ڪرمچند جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو تہ
”ائين بہ ڪونهي، جيئن ڪرمچند چئي ٿو اسان وٽ هر دوست ۽ ٽولي جو خاص ماڻهو آهي. تنهنڪري ڪي ڳالهيون پل اسان چند ماڻهو پاڻ ڪري، ڪو فيصلو لاهيون پر ان ڳالهہ لاءِ اسان صفا رازداريءَ ڪو نہ ٿا اپنايون. تنهن ڪري اسان وٽ هر دوست ٿوري يا گهڻي دير لاءِ ايندو ويندو رهي ٿو. تنهنڪري اسان ڪنهن تي بہ ڪو شڪ نٿو ڪري سگهون.“
جيوت اُٿندي چيو
” سانول، بلڪل ٺيڪ پيو چئي پر قسم هن پاڪ امڙ ڌرتيءَ جو تہ جي اهو غدار مونکي ملي ٿو وڃي تہ آئون ان جي ٻوٽي ٻوٽي ڪري، ڪانگن ۽ ڇبن کي کارائي ڇڏيندس. تُوهہ ۾ آئون بہ لڳو پيو آهيان ۽ اوهان بہ اچي ويا آهيو. هاڻي گڏجي ڪو بندوبست ڪنداسين.“
اهو چئي هو ٻاهر نڪري ويو. تيسين سانول وارن جي ماني پهچي ويئي. ماني ڪائي سانول وارا، آرام سان ليٽي پيا، ٿڪل هئا تنهن ڪري هنن کي ننڊ ورائي وئي.

موهن، پرتاب کان نڪري، سڌو راڌا وٽ پهتو. موتي جي بي قصور هُجڻ ۽ آزاديءَ واري اچي خوشخبري سُڻايائين تہ راڌا بہ خوشيءَ وچان ٻهڪي اٿي. اجان پائيتي ۽ ڪاڪو خوشي ملهائن ۾ پورا هئا تہ ٻاهران سڏ ٿيو موهن ٻاهر نڪتو تہ سامهون برهمڻ آباد ٿاڻي جو سپاهي رائيمل بيٺو هو. رائيمل، ڪاڪي موهن کي ڏسندي ئي وراڻيو.
”ڪاڪا، اوهان کي وڏي صاحب، ٿاڻي تي سڏايو آهي“
”مونکي “
رائيمل وراڻيو

”ها ڪاڪا، مونکي تہ اوھان کي سڏڻ لاءِ ئي موڪليو اٿن“
موھن، رائيمل جي ڳالھہ ٻُڌي پريشان ٿي ويو۽ وراڻيو
” سڀ خير تہ آھي نہ !؟“
رائيمل، پنھنجي بندوق ڪُلھي تي سڌي ڪندي، اڻ ڄاڻائي ظاھر ڪندي وراڻيو
” الائي..........!“
موھن يڪدم وراڻيو
”الائي مان ڇا مطلب آھي؟!“
رائيمل پنھنجي ڳالھہ جي وضاحت ڪندي وراڻيو
”ڪاڪا، مطلب تہ مونکي ڪا بہ خبر ڪونھي، صاحب مونکي حُڪم ڏنو تہ اوھان کي ٿاڻي تي وٺي اچان.“
موھن پريشاني ۽ فڪرمنديءَ واري حالت ۾ وراڻيو
” ترس، آئون ڇوڪريءَ کي ٻڌائي اچان.“
۽ اندر اچي راڌا سان ڳالھائي ئي ڳالھائي، اُن کان اڳ ۾ ئي راڌا وراڻي
”نہ ڪاڪا، ڪو ضرور ڪونھي ٿاڻي تي وڃڻ جو“
”ڇو گھرايو اٿن ٿاڻي تي ؟“
راڌا، ڪاڪي موھن جي سامھون ايندي چيو
”اوھان کي بہ جھلي ٿاڻي تي ويھارڻ لاءِ، جيئن پنڊت نائومل آرام سان ويھي مندر سان مستيون ڪري.“
موھن اھا ڳالھہ ٻڌي ويتر پريشان ٿي ويو وراڻيو
”پوءِ....................!؟“
راڌا، فيصلا ڪن لھجي ۾ چيو
”پوءِ ڇا؟ ٿاڻي تي وڃڻ جو ڪو ضرور ڪونھي، جيستائين ٿاڻي تي گھرائڻ جو سبب نٿا ٻڌائين.“
موھن، راڌا کي وراڻيو
”پر ھن کي تہ خبر ڪونھي.“
راڌا وراڻي
”ڪاڪا، چئوس، پنھنجي صاحب کان ٿاڻي گھرائڻ جو سبب پُڇي اچي.“
موھن، راڌا کي چتائي ڏسندي چيو
”مڃيندؤ!؟“
راڌا، شينھڻ جيئن وراڻي
”نہ مڃيندؤ تہ اوھان بہ ٿاڻي وڃڻ کان نابري واريو.“

موهن ۾ جڻ نئون اُتساهه پئجي ويو موهن جيئن چونري کان ٻاهر نڪتو ته رائيمل چيو
”هلون ڪاڪا“
موهن هٿ جي اشاري سان هُن کي روڪيندي وراڻيو
”ابا، ائين بنا ڪنهن سبب جي آئون ٺاٺي تي ڪين هلندس، تون، صاحب کان پڇي اچ ته مونکي ٺاٺي تي ڇو گهُرايو آهي؟ “
رائيمل نماڻائي مان وراڻيو
”جيئن اوهان جي مرضي.“
۽ خالي واپس ٺاٺي ڏانهن روانو ٿي ويو
موهن ۽ راڏا هڪ ٻيرو وري ٻيهر پريشان ٿي ويا هئا ته موهن کي ٺاٺي تي ڇو گهُرايو اٿن؟ ڪجهه پل اڳ ۾ موتي جي خوشي، هينئر وري فڪرمندي ۾ تبديل ٿي وئي هئي. هنن جي ذهن ۾ بار بار جيڪو نالو تري ٿي آيو سو پنڊت نائومل جو هو. ڪٿي پنڊت نائومل کا نئين سٽ ته ڪو نه پيو سٽي. چوندا ڪونه آهن ته نانگ جو کاڌل، نوڙي کان به ڏڄي، سو موهن ۽ راڏا سان به اها ئي ڪار هُئي. هنن سان اوچتا اڳ ئي ويل وهيل هئا جو هُنن کي هاڻي پنهنجي پاڇي کان به پئو ٿي ٿيو.
موهن راڏا کي راءِ ڏيندي چيو
”امڙ، پاڻ ڇو نه سالڪ ۽ پرتاب وارن کي پاڻ وٽ سڏائي وٺون.“
راڏا، جيڪا صبح وارا ٺانءَ ڌوئي رکي چُڪي هئي ۽ گئو ماتا وارو کير، ڪاڙهڻ لاءِ چُلهه تي رکندي وراڻي
”نه ڪاڪا، هرو ڀرو هو پريشان ٿيندا. پاڻ پهرين اهو ڏسون ته ٺاٺي وارا، پاڻ کي چون ڇا ٿا؟!!“
موهن انديشو ظاهر ڪندي چيو
” تي سگهي ٿو هاڻي هوا ٺ ڏهه ڄڻا سپاهي اچن ۽ مونکي ڪنيي ڪٽي روانا ٿين ته پوءِ..............؟!“
راڏا، ٻوهه جي ڪاٺين کي چُلهه ۾ سوريندي وراڻي
” نه ڪاڪا، ائين هو ڪو نه ڪندا. جي انهن کي ائين ڪرڻو هجي ها ته هو ماڻهو موڪلي، خبردار ڪرڻ وارو ڪم ڪونه ڪن ها. ڪا ته ڳالهه آهي ڪاڪا، بس ڏسون ته سپاهي واپس جواب ڪٺي اچي ٿو يا نه.!“
تيسين وري به ٻاهران سڏ ٿيو موهن پنهنجو پوتڙو ڪٺي نڪري آيو هينئر رائيمل سان گڏ ٻيو به سپاهي موجود هو هٿ جي اشاري سان موهن جو تعارف ڪرائيندي چيو
” آچو........... اهو ئي ڪاڪو موهن اٿئي...“
خير و عافيت کان پوءِ آچو وراڻيو
” اوهان کي، سر لاپ سنگهه راڻي واري چوڪي تي گهُرايو آهي، جتي شايد اوهان جو ڇوڪرو موتي قيد آهي. شايد اُن متعلق اوهان سان ڪُجهه ڳالهائڻو اٿس.“

موهن جڏهن موتي جي ڳالهه ٻڌي تہ بنا ڪنهن دير جي هنن سان هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو. صرف اندران وڃي پنهنجي لٽ ڪنيائين ۽ راڌا کي وڃڻ جو ٻڌايائين. آچو ۽ رائيمل سان گڏجي ٽاٽي تي آيا. جتان آيل خط تي آڱوٺو هڻي، آچو سان گڏ گهوڙي تي چڙهي، راتي واري چوڪي تي پهتا، موهن جي اچڻ جو اطلاع لاپ سنگهہ کي ڏنو ويو. جيڪو پنهنجي ڪوارٽر ۾ ويٺل هو موهن کي ٻاهر، وڻ جي هيٺيان ويهڻو پيو. بہ اڍائي ڪلاڪ جي صبر آزما انتظار ڪانپوءِ لاپ سنگهہ ڏند ڪوٽيندو ڪوٽيندو پنهنجي ڪوارٽر مان آيو ۽ موهن کي هيٺيان ڪان متي تائين نهارڻ لڳو. جيئن ڪو ڪاسائي، ڪنهن ڍور کي حلال ڪرڻ کان اڳ ۾ اُن ڍور جي اکين ئي اکين ۾ تور ڪندو آهي.

”اڇا تہ تون آهين موهن؟“

موهن، لاپ سنگهہ پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي، احترام مان اُٿي بيٺو هو تنهن چيو

”ها سائين. آئون ئي آهيان موهن.“

هن پنهنجن مُڇن کي تاءُ ڏيندي چيو

”ڇورو تُنهنجو ڇا ٿئي؟“

موهن، ساڳئي ڌيرج سان وراڻيو

”منهنجو پٽ آهي“

لاپ سنگهہ انهي بئيچ کي زوردار لت هئين. جيڪا اُن وراندي ۾ پيل هئي ۽ رڙ ڪري چيائين

”ڪوڙ ٿو ڳالهائين! “

لاپ سنگهہ جي انهي اوچتي رويي موهن کي ڇرڪائي وڌو

” تون ڪوڙ پيو ڳالهائين خبيث پوڙها. تنهنجو هن سان ڪو بہ خوني رشتو ڪونهي.“

لاپ سنگهہ خوني بگهڙ جيان ڏاڙهيو

موهن پنهنجي اندر جي ڊپ تي قابو پائيندي وراڻيو

”بيشڪ منهنجو هُن سان ڪو خوني رشتو ڪونهي پر اُن سان منهنجا انساني ۽ رُوحاني ڪوڙ رشتا آهن.“

اهو جواب ٻڌي، لاپ سنگهہ موهن کي حقارت ڀريل نگاهن سان نهارڻ لڳو موهن. لاپ سنگهہ جي نفرت ڀريل نگاهن جو تاب نہ جهلي سگهيو سو اکيون جهُڪائي ڇڏيائين.

لاپ سنگهہ، ٽُڪ ٻاهر اُچلائيندي ڪمري ۾ هليو آيو ۽ آچو کي، موهن کي اندر وٺي اچڻ جو اشارو بہ ڪندي آيو. آچو موهن کي ڪمري ۾ وٺي آيو. موهن کي ڪمري ۾ داخل ٿيندي پهريون جيڪو منظر ڏٺو اهو هن لاءِ ڪنهن ڀيانڪ حادثي کان گهٽ ڪو نہ هو. موتي زخمي حالت ۾ ڪولي ۾ اونڌي مُنهن پيو هو. موهن اڃان موتي واري انهي ڏڇڪي مان اڃان نڪتو ئي ڪونہ هو جو لاپ سنگهہ فائل اڳيان وڌائيندي چيو

”هن تي آڱوٺو هڻ“

موهن ڇرڪ ڀري وراڻيو

”هان..................هي ڇا آهي.........؟؟“

موهن جو ايترو چوڻ، لاپ سنگهه جي چماٽ، موهن جي منهن تي زناٽ ڪري اچي لڳي، لاپ سنگهه ڪنهن وحشي جانور جيان ڇيلهه سان ٻڌل، ٽونٽ جيڏو ڏگهو تيز رام پوري ڇرو ڪڍي، موهن جو هٿ جهلي، اهو ڇرو موهن جي آڱوٺي جي پاڙوٽ رکي، ڪاوڙ ۾ سهڪندي وراڻيو

” منٿ ڪريان......... اصل منٿ ڪريان.... هتان وڍي........مس ۾ ٻوڙي فائل تي آڱوٺو هڻي، پوءِ ڪارن ڪُتن اڳيان اُڇلائي ڇڏيان..“

۽ وري ڇُرو ميز تي اڇلائيندي موهن جو آڱوٺو زور سان پڪڙي فائيل جي پني تي هڻندي وراڻيو

”هن پني جي قسم نامي مطابق تون ۽ تنهنجو حرامي ڇورو، ڀڳوان ڪرشن ۽ شو جو قسم کڻي، اقرار ٿا ڪريو تہ توهان هئي انگريز سرڪار سان وفادار رهندا. نہ پاڻ ڪو انگريز سرڪار خلاف ڪم ڪندا ۽ نہ ئي انگريز سرڪار خلاف ڪم ڪندڙ ماڻهو جي ڪا اخلاقي، سماجي ۽ معاشي مدد ڪندا ۽ اهڙو ڪو ڪم ڪندي، انگريز سرڪار کي علم ۾ آيو تہ اوهان ٻنهي کي اُتي جو اُتي گولي مارڻ جو حُڪم هوندو.!“

موهن، پنهنجو آڱوٺو پنهنجي مٿي جي وارن سان صاف ڪرڻ لڳو. هن لاپ سنگهه جي انهي تقرير جو جواب ڏيڻ بجاءِ صرف ايترو چيو

”سائين ڇوڪرو مونکي ڏيو ٿا يا نہ!؟“

لاپ سنگهه حقارت سان موتي ڏانهن نهاريندي، پنهنجي سپاهي کي حُڪم ڏنائين تہ

”نانڪ، هن سوئر جي ڦر کي ٻاهر ڪڍ......“

نانڪ چاٻيون کڻي، موتي واري ڪولي جي تالي کي کولڻ ۾ لڳي ويو

”....... ۽ ها پوڙها، پنهنجا افعال درست ڪريو. اڄ ڇڏيانوَ ٿو باقي آئيندي گولي..............................مان مٿائي ڇڏيندو مانوَ..“

موهن، لاپ سنگهه جي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي وڃي موتي کي سهارو ڏنو ۽ آهستي آهستي ڪري ٻاهر وٺي آيو. موهن پاڻ بہ جهونو ۽ ڪمزور، سو هھڙي جانني جوان کي ڪيتري تائين گهلي. سو بہ فرلانگ مس هلي تہ سهڪي پوي ۽ ساهي پٽڻ لاءِ ويهي رهي، ائين هن کي راتي جي چوڪي جي پرواري ڳوٺ تائين پهچندي پهچندي، پوري رات مٿي ويئي. انهي ڳوٺ ۾ پهچڻ ڪانپوءِ ئي ڪنهن سواري جو بندوبست ٿي سگهيو انهي ڏينهن شام ڌاري، موهن، موتي کي وٺي برهمڻ آباد پهچي ويو. رڌا، موتي جي حالت ڏسي اچي روئڻ ۾ ڇُتڪي.

موهن راڌا جي مٿي تي هٿ رکندي وراڻيو

”امڙ، اها بہ ايشور جي ڪرپا آهي تہ موتي صحيح سلامت پاڻ کي مليو آهي. مونکي تہ انهن زناورن وٽان رحم جي ٽڪي جي بہ اُميد ڪونہ هُئي.“
موتي، راڌا جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليندي وراڻيو
”ديدي! ادا جيوت وارن جي زندگي خطري ۾ آهي. مونکي ادي پرتاب کي گهُرائي ڏيو تہ نياپو ڏيانس تہ جيوت وارن وٽ پهچائي.“
راڌا، پنهنجي ساڙهي جي پلؤ سان پنهنجا ڳوڙها اُگهيندي وراڻي
”ادا، پهرين اوهين تہ نيڪ ٺيو تہ پوءِ ادا پرتاب کي سڏي وٺنداسين.“
موتي، ضد ڪندي وراڻيو
”نہ نہ ديدي! پوءِ دير ٿي ويندي. ادا جيوت وارن جي زندگي خطري ۾ آهي. جيستائين اهو نياپو ادا جيوت وارن تائين نہ پهچائينداسين تيستائين ادي مونکي چين نہ ايندو.“
راڌا، شايد ڳالهہ جي ڳنڀيرتا کي سمجهي ويئي. تنهنڪري ڪاڪي روپا جي ننڍڙي نينگر کي پرتاب کي سڏڻ لاءِ موڪليو موتي جي اچڻ جي خبر برهمڻ آباد ۾ باهہ جيان پکڙجي وئي هئي. برهمڻ آباد جا مارو ماڻهو موهن واري چوئنري اڳيان گڏ ٿيڻ شروع ٿي ويا هئا. تيسين پرتاب بہ اچي، موتي وٽ پهتو. موتي ڪاڪي موهن، پرتاب ۽ راڌا کي جيڪو هن سان وهيو واپريو سو تفصيل سان ٻڌايائين. آخر جو پرتاب کي تاڪيد ڪندي چيائين
”ادا وارن جي زندگي پرتاب هاڻي پنهنجن هٿن ۾ آهي، ٿوري دير ۽ ڪوتاهي، اسان جي خيالن، جذبن ۽ امنگن کي ناس ڪري ڇڏيندي. تنهنڪري تنهنجو هتي ويهڻ نٿو جڳائي.“
پرتاب جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا، پرتاب، موتيءَ جو هٿ چُمندي وراڻيو
”سلام آهي توکي موتي، هي ڌرتي تو جهڙن جوان مرد ۽ سورهيہ پٽن تي هميشہ فخر ڪندي.“
۽ پوءِ ٻاهر نڪري ويو. ٻاهر ماڻهن جو وڏو مجموعو گڏ ٿي ويو هو ۽ پوءِ سڀ واري واري سان موتي جي خير و عافيت پُڇڻ لاءِ ايندا ويا.
ايونس جي اوچتي موت، سيني ٽيندڙ ڪمن کي روڪي ڇڏيو هڻ ڪڻ بلا، ايونس کي جبل جي پٿر کان لهڻ جي بہ مهلت ڪا نہ ڏني. سڄو بدن زهر جي ڪري نيرو ٿي چڪو هئس. لاش حيدرآباد بہ نيڻ جهڙو ڪونہ رهيو هو. تنهنڪري انگريز عملدارن پنهنجون مسيح رسمون ادا ڪري، اتي ئي دفنائي ڇڏيو. ايونس جي انهي ناگهاني موت سبب عملدارن هڪدم پنهنجي گڏجاڻي گهُرائي ورتي هئي.
لارنس، جيڪو راڻي جي چوڪي کان آيل هو، تنهن چيو ”هن اوچتي موت، اسان کان اسان جو عظيم سپہ سالار ڦري ورتو آهي. پر اسان جون اهي قربانيون، عظيم سلطنت برطانيا جي بنيادن کي ويتر مضبوط ۽ پائيدار ڪرڻ ۾ مدد ڪنديون. تنهنڪري اسان جو مشن رُڪجڻ نہ گهُرجي. جبل تي

چڙهائي واري حُڪم تي عمل ٿيڻ گهُرجي پر مخبرن جي آيل خبرن مطابق ئي حملي جي رٿابندي ڪرڻ گهرجي.”

سيمن، جيڪو ڪرنل ايونس جو اسسٽنٽ به هو ته ايونس جي ڪيڏانهن وڃڻ کان پوءِ سڄي فوجي اسڪواڊ ۽ ڇانوڻي ڪي پڻ سنڀاليندو هو. تنهن چيو

”اسان سيني کي خبر آهي ته اڄان تائين، اسان جي پڪڙ هن علائقي ۾ پختي ۽ سگهاري نه آهي. هنن گوريلن کان سواءِ، ڏاڙيلن جون ٽوليون، جيڪي رڻ کان وٺي ڪڇ جي مٿئين ڪارين ٽڪرين تائين پکڙيل آهن. جن جي ڪري اسان کي جاني توڙي مالي نقصان رهڻ جو انديشو هر گهڙي رهي ٿو. هتي جون مقامي حڪومتون بظاهر ته برطانيا سرڪار جي حمايت جو دم ڀرين ٿيون پر اندروني طرح هو انهن ڏاڙيلن ۽ گوريلن کي مالي توڙي افرادي مدد فراهم ڪنديون رهن ٿيون. انهي ڪري انهن ٽولن جي سرزنش ڪرڻ تمام گهڻي ضروري آهي نه ته هي مقامي حڪومتون به اسان لاءِ ڪو نه ڪو ڏچو يا مصيبت پيدا ڪنديون رهنديون. تنهن ڪري بنا ڪنهن دير ۽ خبر جي جبل تي چڙهائي جو عمل هڪ به ڏينهن ۾ شروع ٿي وڃڻ گهُرجي.“

اسٽيفل، جيڪو انهيءَ اسڪواڊ جو ميجر هو جيڪو جبل تي حملي ڪرڻ لاءِ تياري ڪري رهيو هو. تنهن سيمن جي ڳالهه جي ڀرپور تائيد ڪندي وراڻيو

”بلڪل سر، سيمن صحيح ٿو چئي. ڇاڪاڻ ته هن علائقي جو مضبوط ۽ مشهور ويڙهاڪ ٽولو آهي ته اهو جيوت وارن جو ٽولو آهي. تنهنڪري اُن تي جيترو به جلد حملو ڪري سگهجي ٿو ته ڪجي. انهي ٽولي جي عبرتناڪ شڪست کي ڏسي، پوءِ گهڻن جو گهمنڊ ٽٽي پوندو.“

سينال، جيڪو هڪ جهونو فوجي ماهر هو ۽ آفريڪا جي مختلف علائقن تي حملي ۾ پنهنجين فوجي حڪمت عملين سبب شاندار ڪاميابيون ماڻي چڪو هو. تنهن لارنس واري ڳالهه جي حمايت ڪندي چيو ته

”اهو صحيح آهي ته اسان جو مقصد هنن بدمعاش ٽولن کي ناس ڪري، هن علائقي ۾ پنهنجا پير پختا ڪرڻ آهي. پر اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، اسان کي پنهنجي طاقت ڪنهن صحيح رخ ۾ لڳائڻ گهرجي. ائين نه ٿئي جو اها ڪنهن غلط سمت تي لڳي وڃي ۽ نفعي جي بجاءِ ڪنهن وڏي نقصان ۾ نه پئجي وڃون. تنهنڪري فوجي حڪمت عملي ته اهو ئي چئي ٿي ته دشمن ۽ دشمن جي چرپر جو صحيح تجزيو ۽ معلومات کان پوءِ ئي حملي لاءِ اڳتي وڌجي، تنهنڪري اهو ضروري آهي ته اسان کي پنهنجن مخبرن جي ڏنل معلومات جي آڌار تي پنهنجون حڪمتِ عمليون جوڙڻ گهُرجن.“

سيمن، سينال جي ڳالهه ٻڌي وراڻيو

”سر سينال، جي ڳالهه بلڪل صحيح آهي ۽ ان کان ڪو به فوجي ڪمانڊر انڪار نٿو ڪري سگهي پر ڪڏهن ۽ ڪِن ڪِن حالتن ۾ اهڙا اڳرا قدم کڻڻ، هڪ مجبوري هوندي آهي. هتي به ڪجهه اهڙيون حالتون آهن، جن لاءِ مجبورن اسان کي اهي اڳرا قدم کڻڻ گهُرجن.“

لارنس وراڻيو
”هڪڙي ڳالهه طئه آهي تہ جبل تي چڙهائي ڪنهن بہ حالت ۾ ڪرڻي آهي. آئون سر سيمن ڪي گُذارش ڪندس تہ بہ چار ڏينهن مخبر جي خبر جو انتظار ڪرڻ گهُرجي. جي مخبر طرفان ڪا خبر نہ پهچي تہ پوءِ خطري جي گهنٽِي آهي ۽ پوءِ تُرت حملو ڪري ڏجي.“
ڪجھ ڪلاڪن تائين انگريز عملدارن جو بحث هلندو رهيو نيٺ ان ڳالھ تي بحث ڪٿو تہ ڪجھ ڏينهن تائين صبر ڪجي، جي مخبر پاران خبر انهن چند ڏينهن ۾ نہ اچي تہ پوءِ حملو ڪري ڇڏبو.

جيئن ئي ٻاهران سُڪديو پرتاب واري ڳالهہ جيوت کي ٻڌائي هئي، تيئن جيوت، پنهنجي غار ۾ اڪيلو ويٺو هو بہ تي پيرا سمنگ، جيوت سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر جيوت جي ڳاڙهين لال غضبناڪ اکين ۾ دهشت پريي ڇهري کي ڏسي سندس لفظ ئي نڙي ۾ اٽڪي بيهي رهيا هئا. سمنگ سنگھہ هڪڙي ڪروڌ ۾ دهشت اڳ ڪڏهن بہ جيوت جي ڇهري تي ڪانہ ڏٺي هئي. سمنگ سنگهہ کي تہ اهو ڇهرو ۽ اکين ۾ نفرت جا اُلا ڏسي اندران ئي اندران ڏڪڻي وٺي ويئي هئي. سندس ڇهين حِس بار بار خبردار ڪري رهي هئي تہ اجهو ڪجھ ٿيڻ وارو آهي. اها ٻن ٽن ڪلاڪن واري جيوت جي خاموشي، ڄڻ ڪنهن طوفان اچڻ جي پيشنگوئي هئي. ڪنهن کي جرئت نہ ٿئي جو جيوت سان ڳالهائي، نيٺ سانول، جيوت ڏانهن هليو آيو جيوت، سانول کي ڏسي ڄڻ روئي پيو. هن جي اکين جي ڪنڊ مان خاموش ڳوڙها وهڻ لڳا هئا.
سانول، جيوت جي ويجهو ايندي، تمام ڌيرج ۽ آهستگيءَ سان پڇيو
”جيوت! خير تہ آهي“
جيوت، بي وسي مان سانول ڏانهن نهاريندي وراڻيو
”سانول، پاڻ مارجي وياسين.“
سانول، جيوت جا هٿ مضبوطيءَ سان جهليندي وراڻيو
” ائين ٿي نہ ٿو سگهي. جيڪڏهن جيوت پاڻ جسماني طرح مارجي بہ وڃون تہ بہ روحاني طرح روپلي جيان ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهنداسين. تنهن ڪري پاڻ کي زندگيءَ جي آخري حد تائين وڙهڻو آهي. جيوت، ويڙهہ سواءِ پاڻ وٽ ڪا ٻي واهہ ڪانهي.“
جيوت، سانول جي ڳالهہ ٻڌي، ڪنڌ هيٺ ڪندي وراڻيو
”ڪنهن سان وڙهون سانول، جتي پنهنجا ئي پنهنجن جا دُشمن هُجن تہ اُتي پوءِ ڏارين تي ڪهڙي ميار؟“
سانول، جيوت جي ڳالهہ جو مطلب سمجهي نہ سگهيو سو وضاحت طلب ڪندي پُڇيائين.
”ڇا مطلب؟!“
جيوت، سانول جي اکين ۾ اکيون وجهي وراڻيو

”سمنگ سنگهه غدار آهي“

اها ڳالهه ٻڌي، سانول ڇرڪ ڀري اُپو ٿي ببه رهيو. ڄڻ ڪنهن وڇونءَ هٿ تي ڏنگي وڌو هُجيس. جيوت، سانول کي ٻانهن مان جهلي هيٺ ويهاريندي چيو

”هاڻ تون ٻڌائي ته ڪنهن تي يقين ڪريان، ڪنهن تي نه ڪريان.“

سانول جي نڙي خشڪ ٿي وئي هئي. وڏي ڳيٽ ڏيندي وراڻيو

” توکي ڪنهن ٻڌايو؟ “

جيوت، سُکديو واري سڄي ڳالهه رازداريءَ واري انداز ۾ سانول کي سربستي ڪري ٻڌائي، سانول کي ڄڻ چڪر اچي ويو. اها ڳالهه ٻڌي، ٻئي هٿ مٿي تي رکي ويهي رهيو. سمنگ ۽ غدار! اهو ته هنن ڪڏهن تصور ئي نه ڪيو هو. سمنگ ته اهو ماڻهو هو جنهن تي انگريز سرڪار سڀ کان وڌيڪ ظلم ڪيو هو. جيڪو وطن پرستي جي ڪري هميشه گهر کان دربدر رهيو. جيڪو جيوت جو ننڍي هوندي کان پڳ مٽ يار هو. جيڪو ان وطن پرستي جي ڪري ڪيترائي ڀيرا موت جي منهن ۾ وڃي چڪو هو سو غدار!! هنن لاءِ ڄڻ سڄي ڪائنات ۾ اونداهه ٿي ويئي هُئي.

ٻئي ڪيتري وقت تائين خاموش رهيا. ڄڻ ڪنهن جي مرتئي تي آيا هُجن. اچانڪ جيوت اُٿي بيٺو. سانول کي ٻانهن مان جهلي اٿاريندي چيائين

” اُٿ ٻاهر هلون.“

سانول، حيرت مان ڪُجهه پُڇي ئي پُڇي..... جيوت، هن کي گهلي ٻاهر اچي ويو. جيوت کي ٻاهر ايندي ڏسي ڪافي دوست مڙي آيا. سمنگ جيوت جو حال پُڇندي وراڻيو

”جيوت هاڻ طبيعت ڪيئن آهي؟“

جيوت، سمنگ ڏانهن نهاريو ڪونه. هن پنهنجي اندر جي ڪروڌ کي مس مس قابو پاتو هو. صرف ايترو چئي ڏنائين

”بهتر“

سانول به، جيوت جي انهي اوچتي رويي کي سمجهي ڪين نه سگهيو هو. جيوت سڀني ساٿين کي حُڪم ڏيندي چيو

”سڀئي ساٿي، اڄ رات جو هلڻ جي تياري ڪن. هتي ڪُجهه دوست رهندا. باقي هتان کان نڪري ڪاري ٽڪري پهچن.“

هيري مل، انهي اوچتي فيصلي ڪرڻ جو سبب پُڇندي وراڻيو

”اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي، جيڪا اسان ساٿين کان لڪائي، هيئن هلڻ جو حُڪم ڀيو ڏنو وڃي؟“

جيوت، هيري ڏانهن ڏسندي وراڻيو

”ٿا ڪريون، هتي رهون ٿا تہ مرون ٿا. تنهن ڪري بچاءَ لاءِ ڪوشش ڪريون ٿا. هتان نڪري ڪاري ٽڪري ۾ هلي پناهہ وٺون جيڪا گهٽ ۾ گهٽ برهمڻ آباد کان تہ پري آهي پر ان لاءِ هيرا پهرين پاڻ کي اڳيان نڪري رستي جي چونڊ ۽ وقت جو تعين ڪرڻ لاءِ نڪرڻو پوندو.“

سمنگ سنگهہ هلڻ جي جا خبر ٻُڌي تہ اندر ئي اندر ۾ گد گد ٿيڻ لڳو تہ هاڻ اجهو ٿو انگريز سرڪار جي اڳيان سُرخرو ٿيان.

هيري مل سختي سان چيو

”نہ آئون ڪونہ هلندس، اوهان مان جنهن کي وڻي ٿو آهي سو پيلي وڃي.“

سمنگ سنگهہ پنهنجي قابليت ڏيکارڻ لاءِ هڪدم هيري مل جي پير ۾ اچي ويهندي وراڻيو

” ادا هيرا، بيشڪ تون صحيح آهين پر حالتون تہ پنهنجي وس ۾ ڪونهن نہ.. تنهنڪري حالتن کي نظر ۾ رکندي پوءِ ئي فيصلن ۾ ردو بدل ڪرڻو پوندو آهي. هتان پاڻ کي خوشيءَ سان ٿوري ٿا هلون پر حالتون پاڻ کي هلڻ لاءِ مجبور پيون ڪن.“

هيرمل، سمنگ کي حقارت مان ڏسي، منهن ڦيري ڇڏيو. جيوت پاڻ سان گڏ، سمنگ، سانول، سوڍو، هريش ۽ هيري مل کي ساڻ ڪنيو. هو جبل ڏانهن نڪري ويا. پنيان کي حيرت وچان تہ کي ڏُک منجهان تہ کي بيزاريءَ سببان سچو سامان سهيڙڻ ۾ جنبي ويا. هي ست ئي ڄڻا صبح نڪتل منجهند ڌاري جبل وچ ۾ قدرتي ٺهيل ننڍڙي ڍنڍ رام وتي وٽ پهتا تہ جيوت، پنهنجي بندوق سمنگ سنگهہ جي سيني تي سڌي رکي، جيوت جي اکين ۾ رت لهي آيو هو سانول جيوت جو ارادو ڏسي، جيوت جي بندوق ۾ هٿ وجهي، بندوق ڦُري ورتي تہ جيوت ڄڻ ميرجي پيو ۽ رڙ ڪري چيائين.

”بندوق ڏي سانول! منهنجين اکين ۾ رت لٿل آهي. دل ۾ ڪروڌ ۽ دماغ ۾ اُلا آهن. آئون سڙي راک ٿي ويندس.“

سانول، جيوت کي پاڪر پائي پري ڪندي، هيري وارن کي رڙ ڪري چيو

”غدار سمنگ سنگهہ کي قابو ڪريو“

سانول جو ايترو چوڻ، چار ئي ڄڻن سمنگ سنگهہ کي جهلي قابو ڪيو. سمنگ کي پهرين ئي جيوت واري اوچتي حملي ديڇاري وڌو هو. سمنگ پنهنجي ڇاتي تي بندوق جي ٿڌي نالي محسوس ڪندي، خوف وچان سچو ٿڌو ٿي ويو هو. جيستائين هو پنهنجو پاڻ کي سنڀالي ئي سنڀالي تيستائين هيري وارن ٻڌي قابو ڪري وڌو هئن.

جيوت، سانول کان پنهنجو پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو

”ڇڏ سانول! اڄ هن غدار کي ٻوٽي ٻوٽي ڪري وجهان، ويساهہ گهاتي، اسان جي اندر ۾ لڪيل ڪارا نانگ، غدارِ وطن، ٿُوءِ............................... تنهنجي مُنهن ۾...............لعنت تنهنجي ڄمڻ تي........ڇڏ سانول، مونکي ڇڏ...........................“

سانول، جيوت کي وٺي ڀئي پاسي ڪندي وراڻيو

”عقل ڪر جيوت، هي هڪ ته ڪونه هوندو پنهنجي ٽولي ۾ هن جا ٻيا به ساٿاري هوندا. جي هنڪي ماري ڇڏيندا سين ته به پنهنجو مسئلو ته حل ڪونه ٿيندو. هن کان سڀ سچيون ڪرايون پوءِ هن جو فيصلو ڪندا سين.“

جيوت، سمنگ واري پاسي کان منهن ڦيريندي چيو

”پوءِ هن کي منهنجي نظرن کان ڏور ڪر نه ته آئون پنهنجو پاڻ تي قابو پائي نه سگهندس.“

سانول، جيوت کي سمجهائيندي چيو

”جيوت تون لال محمد سان گڏجي واپس نڪاڻي وڃ ۽ اُتي وڃي ماحول کي سنڀال، متان هن غدار جا ڪميڻا ساٿي خبردار نه ٿي پون.“

جيوت ۽ لال محمد انهي وقت نڪاڻي ڏانهن روانا ٿي ويا. نڪاڻي تي پهچڻ کان پوءِ جيوت جو سُک چين ڦٽي ويو هو. هُن اڇڻ شرط نڪاڻي جي ساٿين کي اهو چئي ته ”ٻيا ساٿي جيئن رستي جو تعين ڪري پهچندا، پاڻ سڀ هتان نڪري هلنداسين.“ مطمئن ته ڪري ڇڏيو هو پر پاڻ اها شام ۽ سڄي رات نفرت جي اُلن ۾ لُڇندو رهيو. جڻ ڌرتي، ٽانڊن جيان ٽامڻي هٽي ويئي هُجي. ٻئي ڏينهن صبح جو هيرو ظاهر ٿيو ۽ جيوت کي سڄو حال احوال ڏنائين جيوت، ٻين سٽن جڻن کي هلڻ لاءِ چيو. جنهن ۾ پنج ته سمنگ جا ساٿي هئا، جن جا نالا هيري جيوت کي ٻُڌايا هئا. انهن کي ڪاڏي پيتي جي شين جو ڪٽي هلڻ جو چيائين. ڪاڏي پيتي جو سامان ڪٽي، جيوت وارا ساڳئي رام وتي ڍنڍ وٽ پهتا. جتي سانول وارا ويٺا هئا. سانول وارن کي جڻ انهن گهُربل پنجن ماڻهن جو انتظار هو. هنن جو رام وتي ڍنڍ وٽ پهچڻ تي سانول وارن گهيرو ڪري ورتو. ولو ڏنو. پيشم، پرتي ۽ ٻيجل کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو هو پنج ئي ڄڻا واڻڙا ٿي ويا ته هي ڇا پيا ڪن؟

سانول، جيوت جي پير ۾ ايندي، هيري مل کي رڙ ڪري چيو

”وٺي اچ، انهي غدارِ وطن کي ته اچي پنهنجن ساٿين سان ملي.“

هيرو مل، ٿُڏا ۽ ٿڦڙون هڻندو، سمنگ کي وٺي آيو. جنهن جي مڇن جا اڌ وار پٽيل هئا. منهن ڏکن سان سُڄيل هو. هنڌان هنڌان ڪپڙا ڦاٽل، هڪ ٽنگ پگل، جيڪا گوڏي کان هيٺيان لڙڪي پئي هئي هو نيم بيهوشي جي حالت ۾ هو. هيري گهلي انهن پنجن جي وچ ۾ اُڇليو. سمنگ سنگهه جي اها حالت ڏسي، ٻين جي سڄي جسم ۾ ڪنڀي وٺي ويئي، هو سانول ۽ جيوت وارن جي پيرن تي ڪِري ايلازون ڪرڻ لڳا پر سانول، جيوت کي بندوق ڏيندي وراڻيو

”جيوت، هاڻي اجازت اٿئي وڃي پنهنجو هاڻ نار ۽ هن پاڪ پويتر ڌرتيءَ کي هنن ناپاڪن کان صاف ڪر.“

پر جيوت کي ته جڻ ڪا باهه وڪوڙي ويئي هُجي. هن هنن جي منٿن ايلازن کي رد ڪندي، هنن ڇهن جڻن کي گولين سان پُڄي ڇڏيو. انهيءَ ڪم فارغ ٿي. هو واپس پنهنجي نڪاڻي تي آيا ۽

سڪون سان ويهي سڄي ڳالهه پنهنجن ساٿين کي ٻڌائي. سڀني کي ڏاڍي حيرت ٿي ۽ پنهنجن اڳواڻن تي فخر به ٿين ته هو اسان لاءِ ۽ وطن لاءِ ڪيڏو پتوڙين ٿا.

سانول، جيوت کان اڳتي جي لائحہ عمل جو پڇندي وراڻيو

”هاڻ جيوت، ڇا ڪرڻ گهُرجي. هتي ئي رهجي يا ٻي ڪنهن پاسي؟!“

جيوت ڪا وراڻي ڏي، تيسين هيري مل چيو

” ڪٿي ڪو نہ هلبو، پاڻ هتي ويهي انگريز فوج جو مقابلو ڪري سگهون ٿا. بس ڪوشش اها هجي ته ڪاڏي پيتي ۽ هٿيارن جو جيترو به گهڻو ذخيرو ٿي سگهي اوترو گهڻو جمع ڪري وٺجي.“

جيوت به هيري جي ڳالهه جي حمايت ڪئي

ڪرمچند ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي وراڻيو

”اها ڳالهه صحيح آهي ته پنهنجي بچاءَ لاءِ جوڳو بندوبست ڪرڻ گهُرجي پرجي پاڻ حملي ڪرڻ جي حالت ۾ اچي وڃون ته پوءِ پاڻ ئي فيصلا ڪن ٻڌجي ويندا سين.“

هيري مل جي جڙ ڪرمچند، دل جي ڳالهه ڪري وڌي هئي، تنهن خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو.

”واهه.. جي ائين ٿي سگهي ته وڌيڪ بهتر آهي. ساٿي اوهان جي ذهن ۾ ڪا اهڙي تجويز هُجي ته اُن تي غور ڪري سگهجي ٿو.“

ڪرمچند وراڻيو

” پهرين ڳالهه، پاڻ سڀني کي اها ڳالهه سمجهڻ گهُرجي ته دشمن، اسان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪا به ڪسر ڪا نہ ڇڏي هئي ۽ هو انهيءَ چال ۾ ڪامياب به ٿي ويجي ها پر اها هن جي بدقسمتي هئي جو انهن جو اهو راز پاڻ وٽ فاش ٿي ويو. پر پاڻ به هتي ويهي ڪيتري عرصي تائين پنهنجو بچاءُ ڪري سگهندا سين. تنهنڪري بچاءَ واري حالت ۾ اچڻ تي سوچڻ بجاءِ ان ڳالهه تي سوچجي ته حملي ڪرڻ واري حالت ۾ ڪيئن پهچون. منهنجي ذهن ۾ به تي خيال گردش ڪري رهيا آهن. هڪ ته پنهنجون جيڪي به ڇاپا مار ٽوليون ٻين جڳهين تي ڪارروايون ڪرڻ ۾ مشغول آهن، تن کي هڪدم برهمڻ آباد ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن تي پنهنجن ڪارروائين جو مرڪز بڻائڻ گهرجي. ٻيو برهمڻ آباد ۽ آس پاس جي پنهنجن ماڻهن کي بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار رکڻ گهُرجي ۽ ٽيون ته پوءِ پاڻ به مختلف ڇانوڻين تي حملا ڪري فتح حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون جي ڪامياب ٿياسين ته اها پنهنجي ۽ پنهنجن مارو ئڙن جي شاندار فتح هوندي جي ناڪام به موٽياسين ته به دشمن کي ڪمزور ۽ نبل ڪري وڃهنداسين.“

ڪرمچند جي اها ڳالهه ٻڌي، جيوت، سانول ڏانهن ڏٺو ۽ سانول، جيوت ڏانهن ڏٺو. جيوت، سانول کان راءِ پڇي چيو

”ڇا خيال آهي سانول؟“

سانول، ڪرمچند ڏانهن نهاريندي چيو

” توکي ڪرمچند اندازو آهي تہ تون ڇا پيو چوين، پاڻ هيڏي وڏي فوجي مشينري سان اڪيلي سر وڙهي سگهنداسين.“

ڪرمچند مُرڪندي وراڻيو

”ادا انقلاب! ڪا مٺائي ڪونهي جو پاڻ کي ائين ٿالهي ۾ سجائي، پاڻ اڳيان اچي رکندا. انقلاب تہ ادا نالو آهي اُن جو تہ مٿئين طبقي کان اقتدار زوريءَ ڦُري، هيٺئين طبقي کي ڏيڻ . انقلاب تہ رت جي آبياري چاهي ٿو ۽ ٻي ڳالهہ تہ اسين ٿورا، ٿوري کي آهيون. پاڻ جيڪي ٿورا آهيون سي صرف اڳواٽي ڪنداسين. باقي ڪم خود عوام ڪندو ۽ مونکي پُختو يقين آهي تہ جي پاڻ سُٺي ۽ مضبوط حڪمت عملي سان وڙهياسين تہ فتح اوس پنهنجي ئي ٿيندي.“

هيري مل، وڏي واڪي، ڪرمچند جي ڳالهہ جي حمايت ڪندي چيو

”ساٿيءَ جي تجويز زبردست بہ آهي تہ قابل عمل بہ. جي اسان هڪ ئي وقت تي، دُشمن کي گهڻن محاذن تي اُلجهائڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين تہ دُشمن جي طاقت بہ ڇڙوڇڙ ٿي ويندي ۽ هو ڪمزور بہ ٿي ويندو ۽ انهيءَ جو اسان کي ڀرپور فائدو ملندو.“

لارنس وارا، سمنگ سنگهہ جي نياپي جي انتظار ۾ هئا ۽ هوڏانهن جيوت وارن، بولي ڏراڙ ڏانهن سمنگ سنگهہ جو نياپو پهچايو هو. اهو ئي نياپو ٽيڪچند کي مليو هو ۽ ٽيڪچند اهو نياپو لارنس وارن کي ڏنو تہ سياڻي جيوت وارا، جبل جي اُترئين پاسي کان رڻ پٽ جو وچ وٺي، جيوت وارا اڳيان روانا ٿيندا. تنهن ڪري سياڻي حملو ڪري سگهجي ٿو. بس نياپي ملڻ جي دير هئي فورن جنگي تياريون شروع ٿي ويون، ٻئي پاسي برهمڻ آباد شهر ۾ ٻين ڏينهن جي بنسبت اڄ ماڻهن جي رش ۽ چرپر وڌيڪ هئي. موهن، اڄ پيرو جي تڙ هو ۽ پيرو جي تڙ جا ماڻهو ٻين ڳوٺن ۾ هئا ۽ ٻين ڳوٺن وارا، اجان بہ ٻين ڳوٺن ۾ هئا. ائين پرتاب بہ ٻين ڳوٺن ۾ هو ۽ اهو ساڳيو عمل ٻين ڳوٺن تائين هلي رهيو هو. اڄ ڇڻ ڪو خاص ڏڻ هجي، ڇڻ ماڻهن ۾ ڪا ٻي چيني هجي، پنڊت نائومل بہ هھڙي غيرمعمولي چُرپُر ۽ حرڪت ڏسي سخت پريشان ٿي پيو هو تہ هي ڪهڙي ماجرا آهي جو هڪ طرف انگريز فوج جي تياري پئي هلي تہ ٻئي طرف، برهمڻ آباد جي ماڻهن جي هي غير معمولي چرپر هلي پئي. ويجهڙائي ۾ ڪو ميلو بہ ڪو نہ پيو سُجهي. پنڊت نائومل جهڙي ماهہ شاطر جو دماغ بہ اڄ چڪرائجي ويو. راڌا بہ موتيءَ ۽ ڳوٺ جي ڪافي عورتن کي مندر وٺي ويئي هُئي.

انگريز فوج، جبل ڏانهن رواني ٿي چُڪي هئي. انگريز فوج جيئن جبل جو اڳيون پاسو ڪراس ڪري رڻ واري ور ڏانهن مُڙيا تہ پُنيان کان اوچتي حملي انگريز فوج جا هوش ئي اڏائي ڇڏيا. هو اجان انهي حملي جي ڏڪ کي پچائي ڪونہ سگهيا هئا تہ وري اڳيان کان ٻيو زوردار حملو ٿيو ۽ انگريزن جي لڪل دستن کي بہ گهيري ۾ آڻي ماريو ويو عين اُن وقت برهمڻ آباد ۾ بہ باغين ويڙهہ شروع ڪري ڏني. ٿاڻا باغين جي قبضي ۾ اچي ويا هئا. انگريز سرڪار جي حامين کي ماريو

ويو هو يا جهليو ويو. انهيءَ ساڳئي ئي وقت تي ڇاپا مار ٽولين، آس پاس جي سڄي علائقي تي ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو هو. پنڊت نائومل جا ڪي چيلا تہ وڙهندي مارجي ويا تہ ڪي جهلجي پيا. سيٺ شرنارٿي باغين کان بچڻ لاءِ وچي پنهنجن گُدامن ۾ لڪو هو پر باغين ڇڻ اڄ ڪنهن زردار کي بخش نہ ڪرڻ جو قسم کنيو هو. سو سيٺ شرنارٿي توڙي اُن جو خاندان بہ انهن کان ڪين بچي سگهيو. پنڊت نائومل بہ باغين وٽ قيد تي چُڪو هو. شورش ايڏي تہ زوردار ۽ منظم نموني ٿي هئي جو انگريز سرڪار ۽ انهن جا حامي، پنهنجو ڪو بہ بچاءُ نہ ڪري سگهيا. ٻن ڏينهن اندر برهمڻ آباد ۽ اُن جي آس پاس وارو سڄو علائقو جيوت ۽ سانول وارن جي قبضي هيٺ هو پر جيوت ۽ سانول لاءِ اهو هڪ نئون تجربو هو تہ هو پنهنجي علائقي جو بچاءُ  ڪيئن ڪن ۽ سڄي علائقي جو ڪار وهنوار ڪيئن هلائين. تنهن ڪري چئن پنجن جي باهمي صلاح مصلحت ڪانپوءِ هنن سيني علائقن مان پنهنجا خاص ساٿي، برهمڻ آباد گهُرائي ورتا. هڪ مرڪزي ڪائونسل جوڙي ويئي ۽ ٻيون ننڍيون ننڍيون ڳوٺ ڪاميٽيون جوڙيون ويون. جيڪي پنهنجن علائقن ۾ ماڻهن جي سارسنڀال لهڻ ۽ نوان ويڙهاڪ ڀرتي ڪري، نوان فوجي دستا ٺاهڻ جو فورن ڪم ڪنديون. جيڪي سرڪاري عمارتون ۽ سيٺين جا گهر ۽ گودامن کي اسڪولن ۽ ڳوٺ ڪميٽين جي آفيسن لاءِ مقرر ڪيو ويو. هن اقتدار جو ڏٺي پورهيت آهي. جو نعرو عوام کي ڏنو. ڪارونجهر جي ننڍين ننڍين ڍنڍين کي گڏي هڪ وڏي ڍنڍ ٺاهڻ جي رٿابندي عوام سامهون رکيل هئي. جنهن لاءِ ڪيترن رضاڪارانہ ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجا نالا لکرايا هئا ۽ جيڪو اناج ۽ ٻيو مال، سيٺين جي گودامن مان هٿ آيو هو سو سڄي عوام ۾ برابر تقسيم ڪيو ويو. مال بہ ڪائونسل پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو هو. هنن پندرهن ڏينهن ۾ پورهيت عوام ۾ ڇڻ نئون اُتساهہ پئجي ويو هُجي. هنن محسوس ٿي ڪيو تہ هنن مٿان ڪو بہ ڪونهي هو پاڻ ئي پنهنجا مالڪ آهن. سڀ پنهنجين ٻنين، دُڪانن ۽ ڳوٺ جي ترقي جي ڪمن ۾ جُنبي ويا هئا. ڇڻ اڄ تہ هُنن کي پنهنجي زندهہ هجڻ ۽ پنهنجي اهميت جو احساس ٿيو هُجي. اڄ ئي هنن کي خبر پئي هُئي تہ حُڪم، صرف حاڪم ۽ امير نٿا هلائي سگهن پر هي بہ پنهنجي راڄ، ڳوٺ ۽ ماڻهن جا مسئلا حل ڪري سگهن ٿا. سانول، خود بہ انهن پندرهن ڏينهن ۾ ايترو تہ مصروف رهيو جو ڪاڪي موهن، راڌا ۽ موتيءَ سان بہ ڪين نہ ملي سگهيو. هو مختلف ڳوناٽين ڪاميٽين وٽ جيڪي بہ قيد تي آيا هئا انهن جا فيصلا انهن جي اڳئين ڪم ۽ ڏوهن آڌار تي ڪري رهيو هو. پنڊت نائومل کي بہ برهمڻ آباد جي ڳوناٽي ڪميٽيءَ آڏو پيش ڪيو ۽ ڪيس پورهيت عوام کي منجهائي، انگريز سرڪار ۽ مٿئين طبقي جي پيرن ۾ اڇلائڻ، مذهب کي غلط رنگ ڏيئي پورهيت عوام کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ ۽ همنيت مهاراج کي قتل ڪرڻ جي الزام ۾ عمر قيد جي سزا ٻڌائي.

سانول، اڄ واندو ٿي جيوت ۽ ڪرمچند وارن ڪان موڪل وٺي، مندر پهتو هو. جيڪو هاڻ مندر گهٽ ۽ اسڪول گهڻو لڳندو هو. سانول جو پهريون آڌر ڀاءُ ڪندڙ ڪاڪو موهن هو. جنهن سانول کي ڀاڪر پائي، نرڙ تي چُمي ڏيندي چيو.

”سانول پُٽ! اڄ منهنجي من کي سڪون مليو آهي. مون پنهنجي ڌيءَ زينب ۽ ڀاءُ احمد جو بدلو هنن لٽيرن ڪان وٺي ورتو آهي ۽ سانول پٽ، تنهنجي عقلمنديءَ ۽ ڏاهپ ڪري، اڄ اسان جو پورهيت آزاد آهي. خود مختيار آهي ۽ اقتدار ڏٺي آهي.“

سانول، ڪاڪي موهن ڏانهن نهاريندي چيو

”ڪاڪا! مُنهنجي ڪري نہ پر اسان سيني جي ڪري، سيني پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم نهايت ايمانداريءَ سان ڪيو آهي ۽ ڪاڪا سلام آهي انهن نوجوانن کي، جن پنهنجي وطن ۽ ماروئڙن لاءِ پنهنجين جانين جا نذرانا پيش ڪيا. ڪاڪا ائين ڪٺي سمجهو تہ اڄ جنهن وڻ جو ڦُل پيا کائون، تنهن وڻ جي آبياري، هنن نوجوانن پنهنجي رت سان ڪئي آهي.“

موهن، برهمڻ آباد ڏانهن منهن ڪري وراڻيو

”بيشڪ ابا!“

سانول، راڌا کي نہ ڏسي ڪاڪي موهن کان راڌا جي باري ۾ پڇيائين.

”ڪاڪا راڌا ڪٿي آهي؟!“

موهن، سانول جو سوال ٻُڌي مُرڪي پيو ۽ سانول کي وٺي، اُن هال ۾ آيو جتي اڳ ايشور جا پنڊت ۽ مهاراج اڇي ترسندا هئا. راڌا، اُتي ننڍن ٻارڙن، ٻارڙين ۽ عورتن کي پڙهائي ۽ سمجهائي رهي هئي. سانول ڏٺو تہ ان کي خيال آيو تہ سرگواسي همنيت مهاراج جيڪو خواب پنهنجي ڌيءَ جي لاءِ ڏٺو هو سو اڄ ساپيان ٿي ويو هو. سانول، راڌا جي ڪم ۾ دخل نہ ڏيندي، موهن سان گڏ موتيءَ وٽ هليو آيو. جيڪو پڻ هيترن ڏينهن جي اوجاڳن کان پوءِ گهري ننڊ ۾ سُتل هو ۽ اڳ کان ڪافي نوبنو هو. سانول هڪ نظر موتي تي وجهي، ڪارونجهر جي اُن ٽڪري وٽ هليو آيو. جتي هو زخمي حالت ۾ راڌا وارن کي مليو هو. اتي ويهي، سامهون جبل تي پريان پورهيت، بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي جبل ۾ قدرتي ٺهيل ننڍن ننڍن تلائن کي ملائي هڪ وڏو تلاءُ ٺاهڻ واري ڪم ۾ جُنبيل هئا. سامهون سڄ جبلن جي چوٽين ۾ اُڀري رهيو هو. واهوندي جي هلڪي واءُ، سمنڊ تي گهميل پاڻي جو احساس ڏياري رهي هئي تيسين ڪاڪو موهن. راڌا کي بہ اُتي وٺي آيو. جتي سانول پنهنجن خيالن ۾ ٻيٺل هو. راڌا بہ اچي سانول جي پر ۾ ويهي رهي. سانول کي راڌا جي اچڻ جو احساس ٿي ويو هو. تنهن راڌا کي ڏٺي بغير، مسلسل ڪم ڪندڙ مزدورن ڏانهن نهاريندي وراڻيو

”راڌا، هي جڻ پنهنجون اُتي ويهي هلڻ لاءِ، پهريون وکون آهن. ڏس! ڌرتيءَ جا ڏٺي، جڏهن واقعي ڏٺي ٻڌجن ٿا تہ وڏا ۽ ڏکيا ڪم بہ آسان ٿي پوندا آهن. هو پنهنجي حقيقي مالڪي تي ڪيڏا نہ خوش

آهن. ممڪن آهي تہ پاڻ سڀ ايترو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهون. ڇو جو اسان جو دشمن، اسان کان ڏهوڻو طاقتور آهي. هوءَ پاڻ کي هيئن آسانيءَ سان جيئڻ ڪونہ ڏيندو. پر هي پهرين وِڙهي ڪير جي آهي. هي اُن پورهيت راج لاءِ جڻ ٻج پيو ڇٽجي ۽ ٻج ڪڏهن نہ ڪڏهن هڪ ڀرپور فصل ٿيندو ۽ هن پوري ڪائنات تي پورهيت راج قائم ٿيندو.“

سانول ۽ راڌا هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو ۽ مُرڪيا، هٿ، هٿن ۾ ڏيئي، آزاد فضا ۾ هڪ ڊگهو ساهہ کنيائون.........